# تذڪره مشاهير سنڌ

ڀاڱو پهريون

تاليف

مولانا دين محمد وفائي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# تذڪره مشاهير سنڌ

[جلد پهريون]

تاليف

**مولانا دين محمد وفائي مرحوم**

مقدمو ۽ حاشيا

**سيد حسام الدين راشدي**


**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو سنڌ

2005ع

[هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1974ع | تعداد 1000 |
| ڇاپو ٻيو | سال 1985ع | تعداد 2000 |
| ڇاپو ٽيون | مارچ 2005ع | تعداد 1000 |

قيمت: هڪ سؤ پنجويهه رپيا

[Price: Rs. 125-00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد

(فون نمبر 633679-0221)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

هيءَ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري ۾ سيد سڪندر علي شاهه مئنيجر پرنٽنگ پريس ڇپيو ۽ جناب انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، اُن کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

گُذريل ڪجهہ صدين جي سنڌ ۽ موجوده دؤر جي سنڌ ۾ مختلف روين ۽ ڪيفيتن جون انتهائون آهن. هڪڙي سنڌ علم دوست، مهمان نواز، اخلاقي ۽ روحاني طور بلند ڪردار، سُکي ستابي ۽ اجتماعي ڀلائي چاهيندڙ آهي، جڏهن تہ ٻي (هاڻوڪي) سنڌ جي حالتن جي اُپٽار ڪرڻ لفظن جي ايذائيندڙ ورجاءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪُجهہ بہ ناهي. هن دؤر ۾ ساهہ کڻندي اسان سڀ پنهنجين ثابت اکين سان پسي سگهون ٿا، تہ انتشار، حسد ۽ انفرادي مُفاد پرستيءَ جي موهہ ۾ قاتل اچوڪي سنڌ صوفين، عالمن، شاعرن ۽ خُداترس انسانن واري ماضيءَ جي سنڌ سان ڪيتري قدر ٻَرُميچي سگهي ٿي.

ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ جن اُتم انسانن انهيءَ تفاوت کي چڱي طرح سمجهندي قومي سطح تي ٿيندڙ اُن نقصان جو ازالو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تن ۾ مولانا دين محمد وفائيءَ جو نالو سرفهرست ڳڻائي سگهجي ٿو. مولانا صاحب نہ رڳو حقيقي طرح وطن دوست ۽ سنڌ جي اعليٰ روايتن جو امين انسان هُئو، پر صاحبِ قلم هُجڻ سان گڏ "صاحبِ راءِ" بہ هُئو. اسان کي سُڌ هوندي تہ اهو مرتبو انهن شخصيتن کي حاصل هوندو آهي، جيڪي هر قسم جي حالتن جو ادراڪ رکندي، منجهائُن برين ۽ ناهڪاري حالتن کي تبديل ڪرڻ جو ساهس بہ ساري سگهنديون آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ مولانا دين محمد وفائيءَ جي ذات ۾ هڪ درويش، هڪ عالم ۽ هڪ سپاهيءَ جو روح موجود هُئو. هن جي روزانہ زندگيءَ جون ضرورتون ڪنهن فقير جي ضرورتن جيتريون مختصر هُيون، سندس ذهني روش ڪنهن مدُبر ۽ ڏاهي جهڙي هُئي، جڏهن تہ سندس هٿ ۾ جهليل قلم تلوار ۽ نشتر جو ڪم پئي ڏنو. اهوئي سبب آهي جو مولانا صاحب صحافت، ادب ۽ انشاء پردازيءَ کي فقط "ذهني تفريح" جو ذريعو بنائڻ بدران، جدوجهد جو وسيع

ميدان بہ سمجهيو- اها جدوجهد رڳو ”ڏاهڻ“ تائين محدود نہ پر ”ناهڻ“ جي جذبي سان هٿيار بند بہ هُئي.

”تذکره مشاهيرِ سنڌ“ دراصل نئين، مُهذب ۽ معقول سنڌ اڏڻ جي سلسلي ۾ هڪ اهڙو دستاويز آهي، جيڪو سنڌ جي اعليٰ ۽ اُتم انسانن جي پورهئين ۽ قربانين جي ياد ڏياري، سنڌ ۾ راهنما ڪردار (Role Models) پيدا ڪرڻ ۽ اوسارڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي اوليائن، عالمن، درويشن، فقيرن، صوفين، شاعرن ۽ سماجي خادمن جو احوال ڏيندي، مولانا صاحب هن ديس جي ماضيءَ تي فخر ڪرڻ جو سبق سيکاريندي ٻُڌايو آهي، تہ جنهن قوم جا بُزرگ فرشتا صفت ٿي سگهن ٿا، تنهن قوم جو اولاد سُخن شناس ۽ انسان دوست ڇو نہ ٿو ٿي سگهي؟

سنڌ جي مشاهيرن کي ويسر جي دَزَ منجهان ٻاهر ڪڍي، مولانا صاحب کين نئين دور جي دل تي اُڪاري، سچ پچ تہ سنڌ جي تاريخ سان وڏو وڙُ ڪيو آهي. سندس محنتن تي سائين حسام الدين راشديءَ جي ذهن تصديق جي مُهر هڻي انهن کي وڏيڪ معتبر ۽ مڃتا نهون بڻائي، هن ڪتاب کي هڪ اهم تاريخي ماخذ جي حيثيت ڏيئي ڇڏي آهي. جيتوڻيڪ ”تذکره مشاهير سنڌ“ جو هيءُ ڇاپو ڏهن سالن کانپوءِ پڌرو ٿي رهيو آهي، پر اُميد اٿئون تہ اُهو پراڻن ۽ نون پڙهندڙن لاءِ روشني ۽ راهبريءَ جو سبب بڻبو.

**چام شورو، سنڌ**
**14 شوال 1425هجري**
**بمطابق**
**27-نومبر 2004ع**

**انعام الله شيخ**
**سيڪريٽري**
**سنڌي ادبي بورڊ**

# فهرست

مهاڳ [7 _ 16] سيد حسام الدين راشدي

الف


| | |
|---|---|
| 1- ابراهيم بکري، سيد | 33 |
| 2- ابراهيم ٺٽوي، قاضي | 98 |
| 3- ابراهيم بن عمر سنڌي، شيخ | 54 |
| 4- ابراهيم ڪلهوڙو سنڌي، شيخ | 54 |
| 5- ابراهيم سنڌي (شطاري) قاري | 55 |
| 6- ابواسحاق ابراهيم سنڌي موصلي | 16 |
| 7- ابوبڪر سنڌي | 50 |
| 8- ابوبڪر هالائي، مخدوم | 83 |
| 9- ابوحنيف بکري، قاضي | 18 |
| 10- ابوعبدالمالڪ محدث سنڌي | 15 |
| 11- ابوعلي سنڌي | 15 |
| 12- ابومحمد سالم سنڌي، حافظ | 14 |
| 13- ابومعشر سنڌي | 9 |
| 14- ابونصر بن عبدالله سنڌي | 56 |
| 15- ابوالبقا بکري، مير | 53 |
| 16- ابوالبقا ٺٽوي، ملا | 83 |
| 17- ابوالبقا امير خان ٺٽوي، مير | 99 |
| 18- ابوالبقا مظهرالدين، پير | 179 |
| 19- ابوالحسن ٺٽوي، مخدوم | 89 |
| 20- ابوالحسن ڏاهري، مخدوم | 86 |
| 21- ابوالعطا سنڌي | 57 |
| 22- ابوالفتح ٺٽوي | 93 |

| | |
|---|---|
| 23- ابوالفضل بن طاهر ٺٽوي | 82 |
| 24- ابوالقاسم ٺٽوي، مخدوم | 94 |
| 25- ابوالقاسم خان زمان ٺٽوي، مير | 106 |
| 26- ابوالقاسم سلطان ٺٽوي، مير | 109 |
| 27- ابوالقاسم شڪرالاهي ٺٽوي، سيد | 90 |
| 28- ابوالقاسم نمڪين هروي بکري، مير | 103 |
| 29- ابوالمڪارم شهود ٺٽوي، مير | 95 |
| 30- احمد بخاري بکري، سيد | 18 |
| 31- احمد بکري، بابا | 49 |
| 32- احمد ٺٽوي، ملا | 81 |
| 33- احمد ڪتابي ٺٽوي، مخدوم | 82 |
| 34- احمد ملوي، حاجي | 128 |
| 35- احمد هالائي، مخدوم | 52 |
| 36- اسد الله بکري، مير | 84 |
| 37- اسحاق بکري، ملا | 102 |
| 38- اسحاق سنڌي قلندر پاڻائي | 76 |
| 39- اسماعيل سومرو، مخدوم | 51 |
| 40- امام اوزاعي | 12 |
| 41- امام الدين راشدي، حاجي | 126 |
| 42- امام الدين مجددي شڪارپوري، خواجه | 121 |
| 43- امين الدين خان حسين ٺٽوي، مير | 92 |
| 44- امين محمد ثاني هالائي، مخدوم | 125 |
| 45- آدم شاهه بکري، ميان | 77 |

ب

| | |
|---|---|
| 46- بلال باغباني، مخدوم | 46 |
| 47- بلبل، شمس الدين | 141 |

| | |
|---|---|
| 48- برهان الدين بکري، مولانا | 20 |
| 49- بيکس، روهڙائي، محمد محسن | 173 |

ج

| | |
|---|---|
| 50- جلال الدين ٺٽوي، مولانا | 26 |
| 51- جمال خاتون، بي بي | 45 |

ح

| | |
|---|---|
| 52- حسن حيدرآبادي، مولوي | 177 |
| 53- حسن الله پاٽائي، صديقي، مخدوم | 135 |
| 54- حسين، اصفهاني شهيد، سيد | 1 |
| 55- حسين علي خان ٽالپر، مير | 129 |
| 56- حزب الله شاهه راشدي | 131 |
| 57- حميد درٻيلي، شيخ | 61 |

خ

| | |
|---|---|
| 58- خضر سيوستاني، شيخ | 44 |

د

| | |
|---|---|
| 59- درويش بابو سنڌي | 48 |
| 60- دين محمد صديقي سيوستاني، مخدوم | 62 |

ڏ

| | |
|---|---|
| 61- ڏيان سنڌي | 61 |

ر

| | |
|---|---|
| 62- رحمت الله درٻيلي، شيخ | 59 |
| 63- روح الله بکري، مخدوم | 63 |
| 64- رستم علي بکري رامپوري، مولوي سيد | 137 |

س

| | |
|---|---|
| 65- ساهڙ لنجار انڙپوري، مخدوم | 30 |

ش

66- شهاب الدين سهروردي پاتائي 25

67- شهاب الدين واصل سنڌي، مخدوم 43

ص

68- صاحبڏنو شڪارپوري، آخوند 144

69- صوبدار خان ٽالپر، مير 139

70- صدرالدين بکري 20

ط

71- طاهر بن يوسف پاتائي، محدث 73

72- طيب ٺٽوي، شيخ 66

73- طيب سنڌي پاتائي، شيخ 66

ظ

74- ظهيرالدين بکري، مولانا 23

ع

75- عبدالله بنگلديرائي، مولوي 207

76- عبدالله ٽپٽائي، مولوي 204

77- عبدالله بن قاضي ابراهيم، دربيلي 72

78- عبدالله متقي دربيلي، محدث 73

79- عبدالرحمان سکري، مولوي 163

80- عبدالرحمان سنڌي، سيد 157

81- عبدالرحمان نبي آبادي، مولوي 161

82- عبدالرحيم مجددي، آغا 164

83- عبدالغفور همايوني، مولانا 166

84- عبدالواحد (قاضي محمد احسان) سيوستاني 147

85- عبدالواحد ڪبير پاتائي مفتي 112

86- عبدالوهاب بوبڪائي، مولوي 203

| | |
|---|---|
| 87- عثمان بوبڪائي، حڪيم | 41 |
| 88- عثمان لاڙڪاڻائي، فقير | 156 |
| 89- عثمان متعلوي، مخدوم | 145 |
| 90- علي بن محمد بکري، سيد | 21 |
| 91- علي محمد فقير، قاضي | 161 |
| ف | |
| 92- فصيح الدين لاهري، قاضي | 22 |
| 93- فريد بکري، شيخ | 69 |
| ق | |
| 94- قاسم سنڌي پاٽائي، شيخ | 67 |
| 95- قائم شڪارپوري، حاجي | 113 |
| 96- قليچ بيگ، مرزا | 171 |
| م | |
| 97- مبارڪ پاٽائي، شيخ | 29 |
| 98- محمد اشرف ڪامارو، پير | 4 |
| 99- محمد ٺٽوي، علامي | 32 |
| 100- محمد چشتي بکري، خواجہ، سيد | 41 |
| 101- محمد رضائي سنڌي | 78 |
| 102- محمد سنڌي، تاج العاشقين | 40 |
| 103- محمد سيوستاني، مخدوم | 182 |
| 104- محمد شريف راڻيپوري | 118 |
| 105- محمد صديق سيتائي، مولوي | 203 |
| 106- محمد عارف سيوستاني، مخدوم | 154 |
| 107- محمد عارف شڪارپوري | 154 |
| 108- محمد فاضل سنڌي | 113 |
| 109- محمد قاسم ڳڙهي ياسيني، مو | 205 |

| | |
|---|---|
| 110- محمد معين ٺٽوي، علامه | 113 |
| 111- محمد، ميان مير، سيوستاني | 34 |
| 112- محمد هالائي، مولوي الحاج | 195 |
| 113- محمد هاشم ڳڙهي ياسيني، مولوي | 198 |
| 114- محمد ياسين راشدي، پير جهنڊي وارو | 193 |
| 115- محمد يعقوب همايوني، خليفو | 190 |
| 116- مصري شاهه نصرپوري | 180 |
| 117- موسيٰ اهدائي، شيخ | 20 |
| 118- ميران محمد شاهه تڪڙائي، سيد | 174 |
| ن | |
| 119- نظام الدين مجددي شڪارپوري، خواجه | 186 |
| 120- نصيرالدين نوشهرائي | 200 |
| و | |
| 121- وجيهه سنڌي، ميان | 27 |
| 122- وهيو چانيه، مخدوم | 27 |
| هه | |
| 123- هدايت الله شاهه راشدي، ٺلائي، پير | 205 |
| ي | |
| 124- يوسف نانڪ | 202 |
| انڊيڪس | |
| نالن جي فهرست | 210 |
| قبيلن جي فهرست | 232 |
| ڪتابن جي فهرست | 233 |
| شهر ۽ ڳوٺ | 241 |
| مدرسا ۽ ادارا | 246 |
| مصادر | 247 |

★

# مهاڳ

مولانا دين محمد وفائي زندگيءَ جي پوين سالن ۾ ٽي ڪتاب لکڻ شروع ڪيا هئا:

1) لطف اللطيف

2) شاهہ جو مطالعو

3) تذڪره مشاهير سنڌ

پهريون ڪتاب لکي پورو ڪيائين، پوءِ آخري مرحلن ۾ هو جو پاڻ زندگيءَ کي وداع چئي راهہ رباني ورتائين. ٽيون ڪتاب، جو سندس نظر ۾ نهايت اهم ۽ سنڌ جي سلسلي ۾ هڪ علمي ڪارنامو شمار ٿيڻ وارو هو، سو "تذڪره مشاهير سنڌ" هو، جنهن کي فيبروري 1946ع کان لکڻ شروع ڪيو هئائين، ۽ زندگيءَ جي پوئين ڏينهن تائين مواد گڏ ڪندو ۽ لکندو ٿي رهيو. انهيءَ ڪتاب جا پنج نوٽ بوڪ پورا ڪري چڪو هو، جو اوچتو ڪيس هي جهان ڇڏڻو پيو ۽ ڪتاب سندس اميد ۽ پروگرام مطابق پورو ٿي نہ سگهيو، مسودو جيئن جو تيئن رهجي ويو.

مولوي صاحب مرحوم انهيءَ تذڪري جي سلسلي ۾ وقت بوقت "توحيد" ۽ "آزاد" جي ذريعي سنڌ جي علم دوستن کي مواد لاءِ اپيلون ڪندو رهيو، جن مان پهرين اپيل هيءَ آهي:

1) **تذڪره مشاهير**: "توحيد" ۾ ٿڌي جو ذڪر هونئن تہ وقت بوقت ايندو رهندو آهي. مگر اڄ ٿڌي کي هن لاءِ توحيد ۾ ياد ڪيو ويو آهي جو مون کي ارادو آهي، تہ سنڌ جي صوفين، عارفن، عالمن، شاعرن، حاڪمن ۽ ٻين مشهور ماڻهن جا احوال هڪ ڪتابي صورت ۾ جمع ڪريان، پوءِ اُهي وڏا ۽ مشهور ماڻهو سنڌ ۾ دفن ٿيل هجن يا سنڌ کان ٻاهر هجن، پر بنيادي طرح سنڌي هجن. ان سلسلي ۾ ٿٽو هڪ وڏو مردم خيز شهر نظر اچي رهيو آهي. جنهن ۾ سوين عالم، عارف، شاعر ۽ صوفي ٿي گذريا آهن. هن وقت اگرچہ ٿٽي ۾ ڪو بہ اهڙو علم وارو ماڻهو ڪونہ آهي جو منهنجي هن ڪم ۾ پوري پوري امداد ڪري، تاهم الله تعاليٰ تي توڪل ڪري ڪم شروع ڪري ڏنو اٿم. مون کي هن ڪم ۾ هينئين شهرن جي علم دوست ماڻهن جي امداد جي ضرورت آهي. ٿٽو،

سيوهڻ، روهڙي (يعني اُجڙيل بکر) ، کهڙا تعلقو گنبت، شهدادڪوٽ وارن بزرگن جا جانشين، ڪوٽ عالمو، شڪارپور، پاٽ تعلقو دادو، مورو، ڳچيرو، بوبڪ، دربيلو، تکڙ، وغيره وغيره. ڪوبه علم دوست بزرگ پنهنجن وڏن بزرگن کي جيڪڏهن زنده جاويد رکڻ گهري ٿو ته هو احسان فرمائي هينئين ترتيب موجب پنهنجن وڏن ۽ بزرگن جو احوال لکي موڪلي ته نهايت خوشي سان تذڪره ۾ قبول ڪيو ويندو.

ولادت جو سال، وفات جو سال، ڪٿي علم حاصل ڪيائين، نظم ۽ نثر ۾ ڇا لکيائين، جيڪڏهن صوفي عارف هو ته ڪنهن جو مريد هو ۽ سندس به ڪي مريد هئا ڇا؟ شاعر هو ته سندس ڪلام جو مختصر نمونو، مصنف هو ته سندس ڪتابن جي فهرست. اُميد ته هن گذارش تي توجه فرمائي اسان جي امداد ڪئي ويندي.

(دين محمد وفائي- توحيد مارچ 1945ع)

مٿين لکت مان ظاهر ٿو ٿئي، ته مولانا صاحب مرحوم کي تذڪري لکڻ جو خيال ته اڳ کان هو، پر پهرين اپيل هن مارچ 1945ع ۾ مواد موڪلڻ لاءِ پنهنجي شخصي رسالي توحيد ۾ ڪئي. لکڻ لاءِ جيڪي اُهڃاڻ ڏنا ويا آهن سي نيٺ علمي آهن. ڪانين ۽ ڪرامتن تي نه مولانا جو اعتقاد هو نه پنهنجي ڪتاب ۾ انهيءَ خرافات کي جاءِ ڏيڻ تي گهريائين.

ٻي اپيل هن توحيد جي ٻئي مهيني يعني اپريل واري پرچي ۾ هن ريت ڪئي:

2) **تذڪره مشاهير سنڌ:** مون کي مدت کان وني ارادو ٿيل آهي، ته سنڌ جي مشهور بزرگن جون حياتيون ۽ تذڪرا ڪتاب جي صورت ۾ جمع ڪيا وڃن. ڪجهه سال ٿيا ته ڪيترن بزرگن جا تذڪرا جمع ڪيا ويا، مگر افسوس جو اُهي ڪنهن صورت ۾ گم ٿي ويا آهن، گهڻي تلاش کان پوءِ به دستياب نه ٿيا. جنهن جو افسوس دل ئي دل ۾ رهجي ويو آهي.

هن سال گذريل جنوري 1945ع کان انهيءَ ڪم کي دوباره شروع ڪيو ويو آهي. هڪ طرف تاريخ جي ڪتابن مان مدد ورتي وڃي ٿي ته ٻئي طرف سنڌ جي علمي خاندانن جي قلمي ڪتاب خانن جي به تلاش جاري آهي. ازان سواءِ سنڌ جي علمائن ۽ بزرگن جي اولاد کان به سندن سلف صالحين جي سوانح حيات جي هٿ ڪرڻ ۾ امدادون حاصل ڪيون وڃن ٿيون. هن سلسلي ۾ ٺٽي ۽ مٽياري، سيوهڻ ۽ روهڙي جا سفر به ڪيا ويا آهن، جنهن جا نتيجا خاطرخواه نڪري رهيا آهن. هن ڪم جي هيءَ بلڪل ابتدا آهي ۽ هي ڪم تمام وڏو ۽ اهم آهي. حقيقت ۾ هن ڪم لاءِ هڪ

پوري جماعت جو هجڻ گهرجي، جا پوري تندهيءَ سان ڪم ڪي لڳي رهي مگر الله جي توڪل ڪري سنڌ جي تاريخ جي ئي هن ضروري باب جو ڪم شروع ڪري ڏنو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ سؤ ڪان وڌيڪ سنڌ جي بزرگن جون حياتيون قلمبند ڪري چڪو آهيان ۽ اٽڪل پنج سؤ بزرگن جون سوانح عمريون ذهن ۾ موجود آهن، جن مان ڪي قلمي ڪتابن ۾، ڪي جدا جدا ورقن تي، ڪي قديم بياضن ۾، ڪي سنڌي بزرگن جي تصنيفات ۾ منتشر طريقي تي موجود آهن، جن ڪي جمع ڪرڻ ۽ آڻڻ جو ڪم آهستي آهستي جاري آهي.

هن ڪم شروع ڪرڻ ڪان پوءِ ڪم جي ڏکيائي ۽ وسعت جو هيٺين ڳالهين مان اندازو ڪري سگهجي ٿو:

1) ڪتابن جي فراهمي ۽ خريداري،

2) اُڌارا ڪتاب هٿ ڪرڻ،

3) سنڌ جي علمي خاندانن سان خط و ڪتابت ڪرڻ،

4) قلمي مضامين کي ترتيب ڏيڻ ۽ ڪاغذ جي صفحي تي آڻڻ،

5) قلمي ڪتبخانن جي مطالعي لاءِ سفر ڪرڻ وغيره.

ان سيني ڪمن کي پوريءَ طرح نباهڻ لاءِ هڪ جماعت جي گهرج آهي ۽ خرچ لاءِ امداد جي ضرورت. مگر مان هن وقت تائين نه ڪنهن ڪان پنسن جي گهُر ڪئي آهي ۽ نه ئي وري ڪي ماٿهو جماعت جي صورت ۾ منهنجي مدد ڪري رهيا آهن. الله تعاليٰ تي توڪل ڪري ڪم شروع ڪيو ويو آهي، اهوئي حقيقي مالڪ توفيق بخشيندو ۽ هن ڪم کي پڄاڙيءَ تائين پهچائيندو. ان وچ ۾ جيڪڏهن از خود ڪن علمي ذوق وارن احبابن امداد ڪئي ته الله تعاليٰ جي مهرباني ۽ فضل شمار ڪيو ويندو.

منهنجي فقط هيءَ گذارش آهي ته سنڌ جا اهل علم پنهنجن وڏن بزرگن جون حياتيون قلمبند فرمائي موڪلڻ جي عنايت ڪن ته هن ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ" ۾ درج ڪيون وڃن. والسلام وَما توفيق الا بالله.

(دين محمد وفائي ايڊيٽر روزانه آزاد و توحيد ڪراچي) [1]

هن مضمون مان ظاهر آهي ته مولانا ڪجهه ورهيه اڳ ڪم جي ابتدا ڪري چڪو هو، ليڪن اهو مسودو وٽانئس گم ٿي ويو ۽ دوباره مسودي جو آغاز جنوري 1945ع ڪان ڪيو ويو. سندس هيٺين مضمون مان معلوم ٿئي ٿو ته جيڪو بياض گم ٿي ويو سو دراصل حضرت پير سائين محمد رشدالله قدس سره جهنڊي وارن جو عطا ڪيل هو ۽ خاص

[1] ماهوار رسالو "توحيد" اپريل 1945ع ربيع الثاني 1364هه صفحو 31 تا 32.

انهيءَ ڪم لاءِ مولانا کي عطا ڪيو هو، جنهن جي ڳم ٿيڻ تي مولانا ڏک ۽ تاءُ سڦ جو اظهار ڪيو آهي. هيٺ انهيءَ سلسلي جو آخري مضمون ڏجي ٿو جيڪو تذڪري جي اسڪيم تي نسبتاً زياده روشني وجهي ٿو.

3) **تذڪره مشاهير سنڌ:** ورهن کان وٺي مون کي خيال هو ته سنڌ جي مشهور ولين، عالمن، شاعرن ۽ حاڪمن جون حياتيون گڏ ڪريان. اُن سلسلي ۾ ڪجهه قدر تذڪره ۽ سوانح عمريون ڪن بزرگن جون قلمبند به ڪيون هيم. مگر گذريل سال ڪراچي وارن ڪتابن سان ڪو نامراد ماٺهو انهيءَ تذڪرن جو مجموعو يا مسوده چورائي هليو ويو ۽ منهنجي ڪيل محنت برباد ٿي ويئي هئي ۽ ان جو ڏاڍو افسوس رهيو. وڌيڪ افسوس هن ڪري به ٿيو جو جنهن بياض تي مسودو لکي رهيو هوس، سو ڪتاب مون کي حضرت عارف باالله پير سائين محمد رشدالله قدس سره جهنڊي وارن جو عطا ٿيل هو ۽ خاص اُنهيءَ ڪم لاءِ عطا ڪيو هئائون، مگر ڳم ٿيل شيءِ جو آخر ڪيترو افسوس ڪري سگهجي ٿو، مجبوراً ماٺ ڪري ويٺس.

ان کان پوءِ گذريل سال جي جنوري 1945ع ۾ هن ڪم ڏانهن دوباره توجهه ڪيو ويو ۽ پوري پڪي ارادي سان الله تعاليٰ تي توڪل ڪري ڪم شروع ڪيو ويو ۽ الله تعاليٰ ان سلسلي ۾ اسباب به پيدا ڪندو ويو. برابر ڇهن مهينن جي لڳو لڳ ڪم جاري رکڻ کان پوءِ وري رنڊڪون پيون ۽ گذريل سال جو ڪجهه حصو ڏاڍو پريشان حالي ۾ گذريو. الله تعاليٰ جي باجهه ۽ رحمت ڪانسواءِ ٻيو ڪو به حيلو وسيلو ڪونه هو، تنهنڪري رات ڏينهن دعائون گهرندي مس مس مشڪلات جو خاتمو ٿيو ڪجهه طبع کي قرار مليو آهي ته وري ٻين علمي ۽ دنيائي ڪمن سان گڏ هن ڪم کي به شروع ڪيو ويو آهي.

## مولانا سنڌي رحه جو ارشاد

هڪ دفعي حضرت مولانا عبيدالله سنڌي قدس سره سان علامه محمد معين ٺٽوي جي تصنيفات جو ذڪر نڪتو ته پاڻ فرمايائون ته: ”ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو سنڌ جي عالمن جون حياتيون جمع ڪيون وڃن؟“ عرض ڪيم ته: اهو پڪو ارادو آهي! پاڻ فرمايائون ته: ”ڏاڍو نيڪ ارادو آهي ۽ انهيءَ ڪم کي پوري همت سان جاري رکيو وڃي.“ انهيءَ زماني ۾ سيد رستم علي بکري رامپوري جو احوال رسالي توحيد ۾ پڙهو ٿيو ته پاڻ پڙهي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ فرمايائون ته: ”سنڌ وارن جو لاڳاپو حضرت شاهه

ولي الله سان ثابت ٿئي ٿو."

حضرت مولانا جي وفات کانپوءِ باربار سندن اهو ارشاد دل ۾ چُڀندو رهيو، جنهنڪري وڏيڪ پڪي ارادي سان الله تعاليٰ ڏي رجوع ڪري هي ڪم شروع ڪيو ويو آهي. وباالله التوفيق.

هن وقت تائين اٽڪل 150 بزرگن جا اوائل اسلام کان وٺي اڄ تائين تذڪرا جمع ڪيا ويا آهن، جن جو مسودو مرتب ٿي چڪو آهي ۽ ان کانسواءِ اٽڪل ٽن سون صوفين ۽ عالمن ۽ شاعرن جي حياتين جي احوال جو مواد سامهون رکيل آهي ۽ وڌيڪ تلاش به جاري آهي، ڪم ڏاڍو ڏکو ۽ گهڻو ڪٺن آهي، اڪيلي سر الله تي توڪل ڪري جاري رکيو ويو آهي.

## حضرت مولانا ابوالڪلام سان مشورو

تازو 4- فيبروري 1946ع [1] جي جڏهن مولانا سيد احمد ابوالڪلام دهلوي ڪراچي ۾ تشريف فرمايو ٿيو تڏهن سندس خدمت ۾ مشاهير سنڌ جي تذڪري لکڻ جو ذڪر ڪيو ويو، مشورو ورتو ويو ته اوائل اسلام جي بزرگن جا احوال ڪٿان جمع ڪيا وڃن؟ پاڻ فرمايائون ته: "عربي ڪتابن ۾ سنڌين جا نالا گهٽا ئي اچن ٿا. خصوصاً حديث جي اسماء رجال جي ڪتابن مان مدد ورتي ويندي ته سنڌي گهڻا ئي ملندا. ان باري ۾ تذڪره علامه ذهبي مفيد ڪتاب آهي ۽ آثار البلاد قزويني ۾ به ڪي سنڌي شاعر آهن." وڌيڪ فرمايائون ته: "آءٌ ڪلڪتي پهچان ته پوءِ خط لکي يادگيري ڏيارجو ته اوهان کي ڪتابن جا حوالا نوٽ ڪرائي موڪليا ويندا."

علامه معين ٺٽوي بابت فرمايائون ته: "هو شاهه ولي الله جو شاگرد هو ۽ سندس هڪ ڪتاب "دارسات اللبيت" ڇپجي پڌرو به ٿيو آهي." وڌيڪ فرمايائون ته: "پراڻي زماني جا ماڻهو هٿ نه اچن ته پوءِ اُنهن تي اڪتفا ڪئي وڃي جيڪي پوئين زماني ۾ ملي سگهن." مولانا فرمايو ته: "سنڌ اسلام جو دروازو آهي، ان جي رهاڪن کي وسارڻ نه گهرجي."

هن سلسلي ۾ مون کي ڪتابن جي ڏاڍي گهرج پوي ٿي. ڪراچي ۾ علامه دائود پوٽي جي لئبريري ۽ عزيزم پير سيد حسام الدين راشديءَ

[1] حضرت مولانا مرحوم جن انهيءَ زماني ۾ الله بخش شهيد ۽ جي.ايم. سيد جي درميان ناهه ڪرائڻ آيا هئا، پاڻ شاردا مندر ۾ (جيڪو هن وقت انجمن ترقي اردوءَ جي قبضي ۾ آهي) وچينءَ ماڙيءَ ۾ لٿل هئا. آءٌ ۽ ٽن مولوي صاحب سان گڏجي ويس ۽ مولانا محمد صادق، مولانا وفائي ۽ هن احقر مولانا جي پٺيان سانجهيءَ جي نماز پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

جي لئبريري ڏاڍيون ڪارآمد آهن. مگر ان ڪانسواءِ سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ جو ڪيترا علمي خاندان آهن تن جي امداد جي سخت ضرورت آهي. سنڌ ۾ ڪيترا قلمي ڪتبخانا به پيا آهن جن مان به هن ڪم لاءِ ڪيتروئي مواد ۽ مدد ملي سگهي ٿي، مگر افسوس جو ڪتبخانن جا مالڪ يا گذريل صالحن ۽ عالمن جا اولاد هن ڪم ڏانهن توجهه نه ٿا فرمائين.

منهنجي گذارش آهي ته جيڪڏهن سنڌ جا علمي خاندان هن ڪم ۾ منهنجي فقط هيتري امداد ڪن جو پنهنجن بزرگن جا احوال قلمبند ڪري موڪلين ته هڪ حد تائين هن ڪم ۾ مون کي وڏي امداد ملي وجي ۽ ڪم سولائيءَ سان اڳتي وڌندو رهي، باقي ڪتاب جي ڇپائي ۽ ڪن جاين ۽ ڪن دستاويزن جا فوٽا ڪيڍائڻ ۽ انهن جا بلاڪ ٺهرائڻ هڪ وڏو تڪليف ۽ خرچ طلب ڪم آهي، تنهن لاءِ ڪو اهل دل دولتمند ماڻهو گهرجي يا ڪا جماعت هجي جو انهيءَ ڪم کي منهن ڏئي! باقي مان اڪيلي ماڻهو جي حوصلي کان اهو ڪم ٻاهر آهي. ممڪن آهي ته الله تعاليٰ ڪنهن انهيءَ قسم جي علمي ذوق واري انسان کي اڳتي وڌائي ۽ هو هن ڪارخير جي امداد لاءِ نڪري نروار ٿئي ۽ خاطر خواهه طريقي تي هن ڪم جي سرانجامي ۾ دلچسپي وٺي.

هن سلسلي ۾ خط و ڪتابت سڌي طرح منهنجي نالي تي هيٺينءَ ايڊريس تي ڪرڻ گهرجي. (مولوي دين محمد وفائي، ايڊيٽر روزانه "آزاد" ڪراچي).

هن نوشتي مان ظاهر ٿئي ٿو ته مولوي صاحب حضرت پير سائين جهنڊي وارن کان پوءِ مولانا سنڌيءَ ۽ حضرت مولانا ابوالڪلام آزاد سان پڻ مشورو ڪيو ۽ انهن بزرگن جي تائيد حاصل ڪئي.

مٿينءَ لکت مان اهو به معلوم ٿئي ٿو، ته مولوي صاحب جي ذهن ۾ ڇپائي ۽ ترتيب جو ڪهڙو نه عمدو نقشو موجود هو.

مولانا صاحب جنهن وقت اهو ڪم شروع ڪيو ان وقت واقعي ڪم ڦهاڙ جيڏو معلوم ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ وقت سنڌ جي تاريخ جا اصلي مصادر ۽ ماخذ ڇپيا ڪونه هئا، بلڪ انهن لاءِ اها ڄاڻ به ڪانه هئي ته ڪٿي ڪٿي آهن، موجود به آهن يا مورڳوئي زماني جي گرد شن جو نذرانو ٿي ويا؟ بهرحال جن ڪتابن تي مولانا جو هٿ پهچو انهن مان مواد گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين، جهڙيءَ طرح ايندڙ صفحن منجهان معلوم ٿيندو ته ڪيترا مشاهير هن جلد ۾ اهڙا آهن، جن جو احوال تحفة الڪرام، مقالات الشعرا ۽ بيگلارنامه جهڙن ڪتابن تان ورتل آهي، ڇپيل ڪتابن ۾ نزهة الخواطر جا ان وقت تائين ٽي جلد ڇپجي چڪا هئا، جن مان ڪم ورتو ويو آهي، اهڙيءَ ريت غوثي

جي گلزار ابرار تان سنڌي بزرگن جون سوانحون ورتيون ويون آهن، ڪي مجمل ۽ ڪي مڪمل.

مولانا وقت بوقت سنڌ جو سير ڪندو هو، عالمن ۽ سنڌ جي قديم علمي خاندانن سان سندس گهڻي ڏيٺ ويٺ ۽ اچڻ وڃڻ هو، مولانا صاحب اهڙي گهراڻن جي خطي بياضن ۽ ڪتابن منجهان جيڪي سوانحون ورتيون يا مرتب ڪيون آهن، سي ئي درحقيقت هن تذڪري جو قيمتي ۽ اهم ترين حصو آهن. ممڪن آهي ته اهي بياض يا خطي ڪتاب برباد به ٿي چڪا هجن. انهيءَ نموني جو ڪي قدر مواد ايندڙ صفحن ۾ ملندو، ليڪن باقي جلدن ۾ وڏيڪ قيمتي سوانح حيات موجود آهن. درحقيقت اهوئي مولانا جو ڪارنامو ۽ سنڌ مٿان سندس اڻ وسرندڙ احسان آهي.

خدا بخشيس- مرحائت جنهن وقت اهو تذڪرو لکي رهيو هو، ان وقت آءٌ به ساڳي قسم جي تذڪري لاءِ هڪ لمبي فهرست تيار ڪري رهيو هئس ۽ مون کي پڻ مواد جي جاکوڙ هئي، مولوي صاحب مون وٽان ڪتاب ڪٺي ويندو هو، ليڪن ڪيترن آزين ۽ نيزارين بعد به پنهنجو مسودو مون کي ڏسڻ نه ڏيندو هو، جڏهن ملندو ه ر تڏهن مون کي ڪجائڻ ۽ هرڪائڻ لاءِ هميشه پنهنجي تذڪري ۽ پنهنجي مواد لاءِ وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري پاڻ لطف حاصل ڪندو هو. مولانا ۽ منهنجي وچ ۾ اها علمي "ونجهه وٽي" سندس زندگيءَ جي آخريءَ گهڙيءَ تائين قائم رهي. جنهن شام جو اسان ٻنهي، سائين شيخ عبدالمجيد صاحب جي گهر ۾ آخري ملاقات ڪئي ۽ مولوي صاحب رات جو سکر اُسهيو ها، بلڪ موت جي سفر تي وڃي رهيو هو، انهيءَ شام جو مون سان پڪو واعدو ڪيائين ته موٽي اچڻ تي مسودو به ڏيکاريندو ۽ صلاح مشورو به گڏجي ڪندا سون. ليڪن الله پاڪ کي هن دنيا ۾ ٻيهر اسان جو ميلاپ ڪرائڻو ئي ڪونه هو.

سندس وفات کان پوءِ مولوي صاحب جي ڪتبخاني جا چند خطي ڪتاب ۽ مسودا منهنجي تحريڪ تي سندس لائق فرزند علي نواز وفائي صاحب کان سنڌي ادبي بورڊ خريد ڪيا. پلا ياڳ جو انهيءَ ذخيري ۾ "مقالات الشعراء" جو اهو نسخو پڻ نڪري آيو، جيڪو مصنف جي پنهنجي هٿ اکرين هو، جنهن تان مولوي صاحب جي حياتيءَ ۾ مون پنهنجي لاءِ نقل ڪرايو هو، اهڙيءَ طرح انهيءَ قيمتي ذخيري ۾ "تذڪره مشاهير سنڌ" جي مسودي جا پنج نوٽ بڪ به موجود هئا.

مقالات الشعراء انهيءَ ذخيري جو پهريون ڪتاب هو، جيڪو مون 1957ع ۾ شايع ڪيو، اهڙيءَ ريت ساڳي ذخيري جو هي "تذڪره مشاهير سنڌ" ٻيو ڪتاب آهي جنهن جو پهريون جلد منهنجي ذريعي ڇپجي رهيو آهي. افسوس آهي جو مولوي صاحب سکر اُسهڻ وقت جيڪو مون سان واعدو ڪيو هو، سو انهيءَ صادق القول هن فاني جهان ڇڏڻ کان پوءِ مون سان وفا ڪيو، نه ڇڙو ايترو بلڪ قدرت جي طرفان انهيءَ مسودي کي

ڇپڻ جو ڪم بہ راقم جي حوالي ٿيو. قدرت جا ڪم آهن! جنهن وقت مولانا مرحوم مسودي ڏيڪارڻ لاءِ مون کي پيو هِڇائي مزا وٺندو هو ان وقت ڪنهن ٿي جاتو، تہ سندس زندگيءَ بعد انهيءَ جو هڪ هڪ ورق منهنجي وس ۽ هٿ پڇنديءَ ۾ هوندو!

مرحوم مولانا صاحب تذڪري ۾ متداول ڪتابن تان يا انهن ڪتابن مان جيڪي انهيءَ وقت تائين شايع ٿيل ڪونہ هئا، احوال ورتو آهي. ظاهر آهي تہ سنڌ جي تاريخ يا بزرگن ۽ عالمن جي حياتي متعلق هن وقت اسين هزارين قدم اڳتي وڌي چڪا آهيون، ۽ اينتري تحقيقات ٿي چڪي آهي جو خود انهن بزرگن متعلق نئون ۽ وافر مواد موجود ٿي ويو آهي، مثلاً:

1) برهانپور جي سنڌي بزرگن متعلق "برهان پور کے سندهي اولياء" ۾ ڪامل سوانحي مواد گڏ ٿي ويو آهي.

2) ابوالقاسم نمڪين ۽ ان جي خاندان متعلق "تذڪره اميرخاني" هڪ مڪمل ڪتاب آهي.

3) ابوالقاسم خان زمان ۽ سندس خاندان لاءِ "چنيسر" نامہ جو مقدمو ڪتبن ۽ تاريخ جي لحاظ سان مڪمل مواد جو حامل آهي.

4) ارغونن ۽ ترخانن ۽ مغل حاڪمن لاءِ "تحفة الڪرام" جي راقم الحروف واري ايڊيشن، "مڪلي نامون" - "روضة السلاطين" - "ميرزا غازي ترخان اور اس کي بزم ادب" وغيره ڪتابن ۾ مڪمل ترين معلومات موجود آهي.

5) اهڙيءَ طرح سنڌي ادبي بورڊ بيا جيڪي عربي ڪتاب، فارسي ديوان ۽ تذڪرا شايع ڪيا آهن، انهن جا مقدما ۽ متن تحقيق، تفصيل ۽ تاريخي لحاظ کان ڪافي ۽ شافي آهن.

گويا مولانا صاحب جن جيڪو سوانحي اجمال جمع ڪيو، مٿين ڪتابن ۾ اُنهن جا تفصيل موجود آهن.

تذڪري کي جڏهن مون ڇاپڻ لاءِ هٿ ۾ ڪنيو تہ ڪيئي ڏينهن سوچڻ ۾ لڳي ويا، ڪتاب ۾ حاشين جي صورت ۾ اضافا ڪجن يا نہ؟ جيڪڏهن ڪجن تہ اهي ڪيتريءَ حد تائين تفصيلي هجن؟ نيٺ پنهنجي وقت ۽ سيڙپ کي نظر ۾ رکندي مون فيصلو ڪيو تہ:

1) ڪتاب جي ترتيب اهائي رکجي جيڪا مسودي ۾ آهي.

2) تمام مختصر ۽ ضروري حاشيا لکجن احوال ۾ اضافا نہ ڪجن.

3) عبارت جي تصحيح نہ ڪجي، مولوي صاحب مرحوم هڪ ئي شخص لاءِ ڪٿي جمع ۽ ڪٿي واحد جو صيغو استعمال فرمايو آهي، ۽ نثر ۾ پڻ ائين پيو لڳي گويا مرتب نہ آهي، جنهن مان صاف ظاهر آهي تہ مولوي صاحب اهي نوٽ بڪ فقط يادداشت طور لکيا هئا ۽ سموري مواد گڏ ڪرڻ بعد نئين سر

ترتيب ڏئي پنهنجي اصلوڪي انداز تحرير ۾ انهيءَ مسودي کي ڪتابي صورت ۾ آڻين ها.

مون عبارت کي سواءِ چند جاين جي جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو آهي.

4) مولانا صاحب گهڻو ڪري فارسي لفظن کي اصلوڪي صورت ۾ آندو آهي. انهيءَ دور جو دستور به اهوئي هو، مثلاً: مسوده، تذکره، مرتبه، ٺٽه، مدينه، مکه، همسايه، مصرعه، ڪوڪه، هن دور ۾ اهو انداز متروڪ ٿي چڪو آهي.

5) معلوم ٿئي ٿو ته مولانا صاحب ترتيب ڏيڻ وقت "نزهة الخواطر" جي نموني تي صدين هيٺ سوانحي مواد مرتب فرمائي ها. سندن فهرست ۾ پڻ اهڃاڻن مان اهوئي ظاهر آهي.

ليڪن مون اصلي صورت قائم رکندي ترتيب اهائي قائم رکي جيڪا نوٽ بڪن ۾ موجود آهي. شروع ۾ حروف تهجي جي تحت نالن جي فهرست ڏني وئي آهي جيئن سوانح ڳولڻ ۾ مشڪل درپيش نه اچي.

افسوس ۽ ارمان آهي جو مولانا وفائيءَ سان سندس زندگيءَ بيوفائي ڪئي. جڏهن علمي لحاظ ۽ وسيلن جي لحاظ کان زمانو مايوس ڪندڙ ۽ اوندا هو هو، تڏهن مولانا صاحب مسلسل علمي جهاد ڪندو رهيو ۽ انهيءَ تاريڪيءَ جي سمي ۾ تحقيق ۽ تلاش جو ڏيو ٻاريندو آيو ۽ جڏهن علم ۽ تحقيق جي ميدانن ۾ آسانيون عنقريب پيدا ٿيڻ واريون هيون، ۽ سندس محنتن جي بار آور ٿيڻ جو زمانو ويجهو اچي رهيو هو، عين انهيءَ وقت اجل جي بي رحم هٿ ڪيس جهٽ اسان کان جدا ڪري ڇڏيو. جيڪو حقيقت ۾ سنڌ جي علمي دنيا لاءِ ايڏوئي وڏو سانحو آهي جهڙو سياسي ميدان ۾ دولهه درياخان جي شهادت يا مولوي صاحب جي زماني ۾ الهه بخش شهيد جو سنڌ کان جدا ٿي وڃڻ.

سائين جي. ايم. سيد پنهنجي دور ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" جنهن مراد سان ناهيو هو، انهيءَ جڏهن تحقيقي معيار تي ڪم شروع ڪيو ان وقت مولانا هن دنيا ۾ موجود نه هو، ورنه ڄمار ٿئيس ها ته اڄ تائين سنڌ کي پاڻ به گهڻو ڪجهه ڏئي سگهي ها ۽ تحقيق ۽ تاريخ جي سلسلي ۾ سنڌ جيڪي اڳتي قدم وڌايا آهن، پنهنجي تاريخ کي روايتي ڏن چڪر کان ڪڍي نئون موڙ ڏنو آهي، يا مواد جي جيڪا فراهمي ٿي آهي، سا ڏسي هوند سرهو ٿئي ها ته سندس آرزو- جنهن لاءِ هن سموري زندگي پاڻ پتوڙيو هو- هاڻ پوري ٿي رهي آهي ۽ جيڪو سلو سنڌ جي تاريخ ۽ تحقيق جو پوکيو هيائين سو اڄ ڦولار تي آهي ۽ سنڌ پاڪستان جي سيني صوبن بلڪ خود پاڪستان کي علمي ميدان ۾ پنهنجي شاندار ماضيءَ کي اجارڻ ۾ گهڻو بلڪ تمام گهڻو پنتي ڇڏي چڪي آهي. الحمدلله علي ذالک!

---

[1] جلد 2 - 92 ج - 88
ج 3 - 78 ج - 90

(جملو 348)

هنن صفحن ۾ مسودي جي پهرئين ڪاپي پهرئين جلد جي ٿالي سان شايع ڪئي وجي ٿي. اجا چار ڪاپيون باقي آهن جن ۾ 348[1] سوانح موجود آهن. اها خبر فقط خاوند کي آهي تہ انهيءَ رهيل مواد جي شايع ڪرڻ جي سعادت منهنجي زندگي منهنجو نصيب ڪندي يا نہ! بهرحال جيئن رب ڪريم گهريو تيئن ئي ٿيندو.

آخر ۾ آءٌ عزيزم علي نواز وفائيءَ جو ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجي ئي پريس ۾ پنهنجي والد جو هيءَ ڪتاب ڇاپيو ۽ ادبي بورڊ وارن کي جس آهي جو هنن ڪتاب جي ڇاپي جي منظوري ڏني. پڇاڙيءَ ۾ شڪايت نہ پر حڪايت طور فقط هيترو عرض ڪندس تہ جيڪڏهن وفائي صاحب پنهنجي روايتي رفتار سان هي ڪم ڪري ها تہ اڄ تائين سمورو تذڪرو ڇپجي وڃي ها، پر پنهنجن سان ڪهڙا ليکا ڪبا.

حسام الدين راشدي

ڪراچي
11-آگسٽ 1974ع

# تذکرہ مشاہیر سندھ

# 1- سيد حسين اصفهاني شهيد

سيد حسين اصفهاني 'خالص' تخلص هڪ وڏو شاعر ۽ حج جي ارادي سان پنهنجي وطن مان نڪري واپسيءَ ۾ هندستان اچي پهتو. اهو زمانو محي الدين اورنگزيب عالمگير جي قدرشناسي ۽ علم نوازيءَ جو هو. سيد صاحب سنڌ مان لنگهي باد شاهه جي خدمت ۾ دکن وڃي پهتو. باد شاهه سندس قابليت ۽ علمي لياقت تي موهجي پيو، شروع ۾ دربار ۾ ملازم مقرر ٿيو مگر پوءِ سنت تي پاٽنا جو ڪمشنر [1] مقرر ڪيو ويو ۽ 'امتياز خان' جي لقب سان دربار شاهيءَ مان سرفراز ٿيو. شاهه صاحب پاٽنا ۾ ملازمت ڪندي تمام گهڻي دولت ۽ مال جمع ڪيو ۽ گهرو ساز و سامان بيشمار گڏ ڪيائين.

باد شاهه جي وفات کان پوءِ هو هندستان کان دل بردا شته ٿي پيو ۽ اورنگزيب جي فرزند شاهه عالم جي ايام حڪومت ۾ ايران ڏانهن واپس ٿيڻ جي ارادي سان اسان جي سنڌڙي واري بکر ۾ اچي منزل ڪيائين جتي علامه مير عبدالجليل بلگرامي، جو پنهنجي وقت جو وڏي ۾ وڏو عالم، شاعر ۽ فاضل (هو) صوبي بکر جي انتظام لاءِ سرڪاري طرح واقعات نويسي جي وڏي عهدي تي ممتاز هو. سيد صاحب جون علامه سان ملاقاتيون ٿيون ۽ ڪيترا ڏينهن گڏجي گهاريائون.

سنڌ جي هيٺئين پاڱي ۾ ميان نورمحمد [2] عرف خدايار خان ڪلهوڙي جو راڄ هو، جو دهليءَ وارن کي ڪجهه ڍل ادا ڪري آرام سان وقت گذاري رهيو هو. هن کي ڪن جاسوسن ٻڌايو، ته بکر ۾ هڪ سيد مسافر پهتو آهي، جو ايران جي ارادي سان سنڌ مان لنگهي وڃي ٿو. وٽس لکين روڪ رپيا ۽ لکن جو سون ۽ بي نظير جواهر ۽ ڪيمخواب جا ڪپڙا ۽ ٻيو بيشمار مال آهي. زر ۽ جواهرات جو اهو احوال ٻڌي ميان نورمحمد (؟) جو وات پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳو، ڏاڍي لالچ پيدا ٿيس ۽ لوچ اچي لڳس، ته ڪيئن به ڪري اهو خزانو ۽ مال اسباب هٿ ڪجي! ميان صاحب انهن رٿن ۾ هو ته ڪن ماڻهن اهو سمورو احوال وڃي علامه عبدالجليل کي ٻڌايو. علامه مرحوم سيد حسين اصفهاني کي اڳتي وڌڻ کان منع ڪئي ۽ مٿس زور آندو، ته اتان يا ته واپس وڃي يا وري ٻئي رستي کان وطن

---

[1] عظيم آباد (پٽنا) جو ديوان. ڏسو شمع انجمن ص 141.

[2] ميان يار محمد (متوفي 1130هه) حاڪم هو.

چون امام پاک حضرت سيد شهداء حسين،
بين کرم ابش، که چون بر قتل اعداء دست يافت،
اي خوشا پسر (جوان) کوشد شهيد بيگنه،
اي خوشا منصب پدر کو بر رضا مشکور ماند،
جستم از دل ما بيت سال شهادت وی که چونست؟

کشته شد آن بيگنه از دست ظلم ظالمان
عفو کرد از بهر حق خون ذبيح بی گمان
شد بشهدا در رياض جنت رحمان چمان
در اجر اعلی عفو اصلح بدست آورد آن(؟)
گفت هاتف: کای شهيد کربلا مقتول دان[1]

1254ھ

انهي حادثي تي صبر کندي هن بزرگ هيٺئين ڪلام ۾ پنهنجو حال اوريو آهي جنهن مان سندس صبر ۽ تحمّل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

1) مچ عاشق تون برسر جيڪا رب جي رضا،
ٿي شاڪر ڪر شڪر، جا بٽي سا بٽي،
سا سپوئي حق، جا واحد ڪي وٽي،
رهه سدائين خوش تر ماڻ صبر جا مزا.

2) جا تيٽي سا تيندي جي ڪلين جي روئين،
محبوبن کي معلوم، چا چيو تو چوين،
ڪير تيري ڪنهنيس جا قادر جي قضا.

3) انگ اصل کان لکيو پارڻ پوءِ پيو،
ڪوهه ڪجين تو، ڪيرين ڏيه ڏوهه ڏيو،
درد گهٽ دل اندر سڪ جي لهندوَن سزا.

4) اشرف روز ازل کان تيو جف القلم،
ٿي رضا تي راضي قابو ڪوڙي قدم،
آگو پاڻ اپر ڏيندئي خير جزا.

هن ڪلام ۾ رضا تي راضي رهڻ ۽ پاڻ کي دلجاءِ ڏيڻ جو جيڪو فلسفو بيان ڪيو ويو آهي، ان کان وڌيڪ بيان ڪري نٿو سگهجي. سنڌي زبان ۾ جنهن خوبي ۽ جنهن فصاحت سان رضا بقضا جو مختصر لفظن ۾ بيان ٿيل آهي سو هڪ ذوق سليم وارو ماڻهوئي سمجهي سگهي ٿو. سڀ کان وڌيڪ هن ڳالهه تي روشني پوي ٿي ته سنڌ ۾ هڪ سو ورهيه اڳ ڪهڙي سنڌي ڳالهائي ۽ نظم ۾ آندي ويندي هئي؟

پير محمد اشرف صاحب هڪ چڱو شاعر هو. سندس رسالو 1914ع ۾ جناب حضرت حاجي پير خان محمد صاحب قريشي خانقاهه ڪامارو شريف جي اهتمام سان ڇپجي چڪو آهي. توحيد جي مدير، اصل قلمي نسخو پير صاحب مرحوم جي دستخط (وارو) به نظر مان ڪڍيو آهي. ڪلام سنڌي ۽ سرائڪي زبان ۾ آهي. ڏوهيڙا، مولود، ڪافيون ۽ مداحون ۽ ٻين قسمن جو ڪلام آهي. يعني ته جيئن سنڌ ۾ جهوني زماني ۾

[1] سال 1234 نڪري ٿو.

شاعري، جو رواج هو ان جون سموريون صنفون پير صاحب جي ڪلام ۾ موجود آهن. گهڻن جاين تي پنهنجي وانگي وحدت الوجود جو ذڪر آيل آهي ۽ ان سان گڏ غير خدا کي ندا ڪرڻ جي مضمون جا به شعر آهن جن جي تاويل اسان وٽ اصل ڪانه آهي. انهن حقيقتن کان چشم پوشي ڪندي هن اقرار کان رهي نٿو سگهجي، ته پير صاحب جو ڪلام سنڌي زبان جو خزانو آهي ۽ سنڌيءَ جي ساخت جنهن سنگ بنياد تي رکي وئي آهي تنهن ۾ پير صاحب جي ڪلام کي حصيدار چئجي، ته ان ۾ ڪو مبالغو ڪونه ٿيندو. سندس ڪلام درگاهه جي سون مريدن کي ياد آهي، جو خصوصاً سندس عرس جي موقعي تي بنا سرود جي سريلي آواز سان ڳايو ويندو آهي ۽ اهل ذوق اُن مان روماني لطف ۽ لذت حاصل ڪندا آهن.

هي بزرگ ذڪر اذڪار ۽ شرعيت جي پابندي جي تلقين ڪندي 14 ربيع الاول آچر رات سومهڻي جي وقت سن 1277هه ۾ وفات فرمائي دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو. سندس مقبري واري گنبذ تي هيٺيون قطعه تاريخ ڪاشيءَ جي سِرن تي منقش آهي:

| | |
|---|---|
| فغان از وفات ولیء خدا | که مثلش نبوده درین شش جهات |
| محمد علم اشرف اش شد خطاب | چو اسم و خطابش برابر صفات |
| نباید به تحریر وصفش اگر | شود خامه اشجار و دریا دوات |
| خلف ماند زو در جهان نام نیک | که نیکی ز نیکان بود باقیات |
| کلامش بود عارفان را چو قوت | بیانش بود طالبان را برات |
| دلم گفت سال وصالش بحق | محمد بود اشرف کاینات[1] |

1277هه

پير صاحب مرحوم پونئتان هڪ دختر يادگار ڇڏي ويو هو، جنهن جي شادي پنهنجي هڪ ويجهي عزيز پير جان محمد صاحب سان پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪرڻ فرمائي هئائين، جو سندس وفات کان پوءِ اهو بزرگ ئي درگاهه جو متولي ٿيو ۽ درگاهه جي موجوده مسجد جي تعمير (جي) از سرنو مرمت انهيءَ بزرگ جي ڪرايل آهي. اها مسجد سَي کان پهريان 1263هجري ۾ مرحوم پير محمد اشرف صاحب تعمير ڪرائي جنهن جي تاريخ تعمير هيٺئين مصرع مان نڪري ٿي:

قبه پر نور ہدی مسجد اشرف گفته[2]

1264هه

---

[1] سال 1276هه نڪري ٿو.

[2] مولوي صاحب مرحوم متن ۾ پهريون 1263هه لکيو آهي ۽ تاريخ هيٺان 1264هه درج ڪئي وئي آهي پر مصرع مان سال 1273هه نڪري ٿو.

ان ڪانپوءِ مسجد ڪي ڪاشي ۽ نقاشي جي ڪم سان مزين ڪرڻ ۽ هڪ هال وڌائڻ جو ڪم پير حاجي جان محمد مرحوم ڪرايو جو 1324 هجري ۾ ختم ٿيو. مسجد تي ڪاشيءَ جو ايڏو بينظير ڪم ٿيل آهي جو يقين سان چئي سگهجي ٿو، ته سموري سنڌ ۾ ان جو مثال ڪونه ملندو.

مسجد هڪ تمام وڏي صحن تي اڏيل آهي ۽ ڏهه در، ڏهه حوض وضوءَ ڪرڻ لاءِ موجود آهن ۽ گهڻو ڪري پورن وقتن تي نماز باجماعت ٿيندي رهي ٿي، جنهن نعمت کان عموماً پيون درگاهون محروم آهن. هي درگاهه صوفيانه بدعات ۽ پيرن واري رسومات کان بلڪل پاڪ آهي. هاڻوڪو پير صاحب جناب حاجي خان محمد پيري مريدي کان گهڻو ڪري بالاتر رهي پنهنجي دست بازو جي پورهئي تي قناعت ڪري سنڌ جي پيرن لاءِ هڪ قابل عمل مثال قائم ڪيو آهي. الله تعاليٰ سندس عمر ۾ برڪت ڪري ۽ سندس اولاد کي صلاحيت بخشي. حقيقت ۾ اهڙن ماڻهن جو وجود سنڌ ۾ هڪ غنيمت آهي.

## 3- ابومعشر سنڌي

ابومعشر نجيح بن عبدالرحمان ٻي صدي هجريءَ جي مشهور حديث جي راوين مان آهي، پنهنجي وطن سنڌ جي نسبت ڪري 'السندي' ۽ جاءِ قيام جي ڪري 'مدني' سڏجي ٿو، ڪنهن جنگ ۾ گرفتار ٿي حجاز آيو هو ۽ اتي وڪيو ويو. ڪيس اُم موسيٰ بنت منصور خريد ڪيو ۽ پوءِ بنو هاشم جي ميراث ۾ آيو، جنهن کان پوءِ ڪجهه عرصو گذرڻ بعد نيم آزاد ٿيو ۽ بنو مخزوم جو شرطي آزاد ٻڌيو، جنهن کان پوءِ مقرر رقم ادا ڪري آزاد ٿيو

ابومعشر جنهن به خاندان ۾ رهيو اتي علم جي تحصيل ڪندو رهيو، سندس آقائن به ڪيس علم پرائڻ ۾ مدد ڏني ايستائين جو آخر هو ممتاز عالمن ۾ ڳڻجڻ لڳو ۽ ايترو علمي مرتبو حاصل ڪيائين جو ماڻهن کي مٿس عرب هجڻ جو ڏوکو ٿيڻ لڳو ۽ خود سندس حياتيءَ ۾ ئي انهي ڳالهه تي بحث هليو. چنانچه ڪن ته هن کي يمني ٺهرايو، جنهن تي پاڻ اهي ڳالهيون ٻڌي ترديد ۾ چيائين:

'بنو هاشم جي غلامن مان هجڻ منهنجي لاءِ زياده محبوب ۽ (لائق فخر) آهي ان کان جو منهنجو نسب بنو حنظله (تميمن) مان هجي!'

ان کانپوءِ خطيب بغدادي سندس صاحبزادي محمد [1] بن ابي معشر جو هي قول نقل ڪيو آهي:

---

[1] ڏسو حوالا ۽ احوال: رجال السند و الهند از اطهر مبارڪپوري ۽ هي ڪتاب نمبر 6.

'ابو نعيم چيو تہ: اسان کي فضل بن هيمون بغداديءَ چيو تہ مان محمد بن ابي معشر کان ٻڌو، تہ هو چوندو هو منهنجو پيءُ سنڌي هو.

ابومعشر سنڌي، علم حديث، مغازي ۽ فقہ ۾ خاص درڪ رکندو هو. سندس حديث جي استادن ۾ محمد بن ڪعب قرظي، سعيد بن ابي سعيد مقبري، ابوبرده ابن ابي موسيٰ، هشام بن عروة، موسيٰ بن بشار، نافع مولي ابن عمر، محمد بن منڪدر ۽ محمد بن قيس وغيره هئا. 'جامع ترمذي' ۾ سندس روايتن موجود آهن ۽ انهن روايتن ۾ سندس شيخ جو نالو سعيد آيو آهي، گمان هو، تہ اهو سعيد بن مسّيب آهي، چنانچہ ابن حجر 'تهذيب التهذيب' ۾ انهي جاءِ تي سعيد بن مسّيب کي بہ سندس حديث جي شيخن ۾ شمار ڪيو آهي. پر ذهبيءَ 'تذڪرة الحفاظ' ۾ ان ـ ـي سعيد بن مسّيب کان روايت ڪرڻ جي ترديد ڪئي آهي ۽ 'جامع ترمذي' ۾ ان جي شيخ جو جيڪو نالو آيو آهي ان کي سعيد مقبري لکيو آٿائين.

سندس شاگردن ۾ بہ جليل القدر علمائن ۽ امامن جا نالا اچن ٿا. چنانچہ محمد بن ابي معشر، عبدالرزاق، ابونعيم، محمد بن بڪار، منصور بن ابي مزاهم، ليث بن سعد، عبدالله بن ادريس، هشيم، ابن مهدي، ابونصر هاشم بن قاسم، وڪيع، ابن منصور، عاصم بن علي، ابوربيع زهراني ۽ فن حديث ۽ فقہ جي مشهور امام سفيان ثوري سميت سندس شاگردن مان هئا.

ائمہ فن سندس علمي مرتبي جو اعتراف ڪيو آهي، اگرچ حافظي جي ڪجھہ قدر ڪمزوريءَ ڪري محتاط محدثن سندس روايتن وٺڻ ۾ احتياط ڪيو آهي، مگر اهو بہ چيو ويو آهي، تہ اها حالت ڪيس پڇاڙي عمر ۾ ٿي هئي. علامہ ذهبي ان لاءِ چوي ٿو:

'هو پنهنجي حافظي جي ڪمزوريءَ هوندي بہ علم جو مخزن هو.'

امام احمد بن حنبل فرمائي ٿو:

'فن مغازي ۾ بصيرت رکندو هو، سچو هو، پر سلسلہ اسناد (سندن جو سلسلو) ياد رکي نہ سگهندو هو.'

خطيب بغداديءَ جو چوڻ آهي:

'فن مغازيءَ جي وڏن واقفڪارن مان هو.'

ابومعشر سنڌيءَ جو ايتري علم فضل هوندي بہ تلفظ درست نہ ٿيو هو ۽ ان جي تلفظ مان سندن قديم وطن جي ياد تازي ٿيندي هئي.

ابونعيم چوي ٿو:

'ابومعشر سنڌي هو ۽ ان جي عربي لفظن جو تلفظ صحيح نہ هو، جيئن تہ

هو 'حدثنا محمد قعب' چوندو هو، تہ قعب مان مراد ڪعب ٿيندي هئي.'

اهو جليل القدر نو مسلم سنڌي عالم پنهنجي حافظي جي ڪمزوريءَ سبب جرح جو نشانو بڻيو، امام بخاري ۽ امام مسلم پنهنجي صحيحين ۾ انهيءَ ڪري سندس روايت ڪانہ ورتي آهي. ابودائود ۽ نسائي بہ سندس ضعف بيان ڪيو آهي پر بقول علامہ ذهبي: امام نسائي پنهنجي 'سنن' ۾ ان جي روايت سان حجت آندي آهي ۽ امام ترمذي تہ سندس حديثون بہ درج ڪيون آهن، پر ايتري تصريح ڪري ڇڏي اٿائين تہ بعضي اهل علم ان جي حافظي تي حرف آندو آهي. امام احمد بن حنبل بہ سندس حديثون ڪڏهن ڪڏهن لکندو هو مگر ضعف اسناد جي ڪري ان ڪان روايت نہ ڪندو هو. اهڙيءَ طرح يحيٰ بن معين ۽ ٻين ائمہ فن سندس حديثن کي ضعيف سڏيو آهي. سندس تڪذيب ۾ سواءِ هڪ غير معروف روايت جي ٻيو ڪو بہ قول موجود ڪونہ آهي. اها روايت بہ ابوجزءَ نصر بن طريف جي آهي، مگر ٻين اهل علم وري اها روايت بيان ڪري ان جي ترديد بہ ڪري ڇڏي آهي. اهوئي سبب آهي جو حديث جا امام ۽ ثقات، ان جي قوت حافظي جي ڪمزوريءَ هوندي بہ ان جون روايتون قبول ڪندا هئا، ڇاڪاڻ تہ کين يقين هو تہ سندس حافظہ حديث جي متن کي نقصان نٿو پهچائي ۽ فقط سندن سلسلي ۾ ڪانئس غلطيون ٿين ٿيون، مگر ان ۾ بہ هو ڄاڻي واڻي غلط بياني ڪونہ ڪندو هو، جيڪا روايت بيان ڪندو هو صحيح ۽ حق سمجهي بيان ڪندو هو. چنانچہ ابن عدي فرمائي ٿو تہ:

'ڪانئس ثقات روايت ڪن ٿا ۽ ان جي ضعيف هجڻ جي هوندي بہ سندس حديثون لکيون وينديون هيون.'

خليل جو چوڻ آهي تہ:

'ابومعشر کي علم دين ۽ تاريخ ۾ هڪجهڙو مرتبو حاصل هو، ائمہ فن سندس تاريخي روايتن کي قبول ڪري انهن سان حجت ورتي آهي ۽ حديث جي روايتن ۾ سندس تضعيف ڪئي آهي.'

علم حديث ڪانسواءِ، فن مغازي جو بہ امام مڃيو ويو آهي، سندس تصنيفات مان 'ڪتاب المغازي' مشهور آهي ۽ مختلف ماڻهن ان ڪان روايت ڪئي آهي. مولانا شبلي مرحوم مقدمہ سيرت ۾ هيٺين لفظن سان سندس ذڪر ڪري ٿو:

'ابومعشر نجيح المدني (170هہ) ۾ هشام بن عروه جو شاگرد هو. ثوري ۽ واقدي ان ڪان روايت ڪئي آهي. توڙي جو محدثين روايت حديث ۾ سندس تضعيف ڪئي آهي پر سيرت ۽ مغازيءَ ۾ سندس جلالت شان جو اعتراف ڪيو آهي. امام بن حنبل چوي ٿو تہ: هو هن فن ۾ صاحب

نظر آهي. ابن نديم سندس 'ڪتاب المغازي' جو ذڪر ڪيو آهي.
سيرت جي ڪتابن ۾ سندس عام جام ذڪر اچي ٿو.'

ابو معشر جو رنگ ڪڻڪ ونو (ڪڻڪائون) ۽ جسم موٽو هو، خليفو مهدي سندس علم ۽ فضل جو قدردان هو، مهديءَ جي سانئس محبت جو هڪ هيءُ بہ سبب هو جو ابومعشر، مهديءَ جي ماءُ جو غلام بہ رهي چڪو هو، جيڪا اُم موسيٰ بنت منصور جي نالي سان مشهور هئي. هن 160هہ ۾ ڪيس پاڻ سان مديني مان عراق آندو ۽ وري 161هہ ۾ بغداد آڻي پڙهايو ۽ آخر علم ۽ تعليم جي خدمت سندس سپرد ڪئي جنهن ڪان پوءِ هن مستقل قيام اُتي ئي اختيار ڪيو. وفات کان بہ سال اڳ سندس حواسن ۾ ڪجهہ فرق پيدا ٿي پيو هو، رمضان 170هہ وفات ڪيائين، خليفي هارون الرشيد سندس جنازهيجي نماز پڙهائي ۽ بغداد جي 'مقبره ڪبير' ۾ اهو سنڌ جو فخر دفن ٿيو [1].

# 4- امام اوزاعي

شيخ الاسلام عبدالرحمٰن بن عمرو امام اوزاعي، انهن ائمہ اسلام مان آهن جي فقہ جي هڪ مذهب جا باني آهن. شام ۽ اندلس ۾ عرصہ دراز تائين سندس پيروئن با مقلدن جو ڪثير تعداد رهيو. فقہ ۽ تاريخ ۾ اڄ تائين اهو مذهب معلوم ۽ مشهور آهي. امام اوزاعي [2] سنہ 88هہ ۾ پيدا ٿيو ۽ 156هہ ۾ وفات ڪري ويو، نسلاً سنڌي هو. علامہ ذهبي ۽ ابن حجر عسقلاني لکن ٿا تہ: ان جو خاندان سنڌ جي قيدين مان هو. امام اوزاعي دمشق جي ڪنهن ڳوٺ ۾ پيدا [3] ٿيو ۽ اخير عمر ۾ بيروت ۾ اچي رهيو. سندس شيخن ۽ شاگردن جي هڪ وڏي لسٽ آهي جن مان چند مشهور اڪابر هيٺ لکجن ٿا:

شيخن مان،

عطاء بن ابي رباح (مفتي مڪہ)، قتاده شداد، نافع موليٰ بن عمر، امام زهري ۽ محمد بن سيرين وغيره آهن [4].

---

[1] وڌيڪ ڏسو: ابن نديم تذڪرة الحفاظ 1:212 تهذيب التهذيب- ڪتاب الانساب ص 313- تاريخ خطيب 13:427-428- بهار نمبر ستاره سنڌ- سيرت النبي 1:22- معارف 1942 12: زبيد احمد ص 11 ص 35- معارف اسلاميہ لاهور جلد 2- نزهة الخواطر 1:45.

[2] الاوزاع ديهہ آهي دمشق جي نواح ۾ بمن کان لڏي انهيءَ ديهہ ۾ اچي ويٺل قبيلن (اوزاع) سببان اهو نالو پيو. (دائره معارف اسلاميہ 3:535).

[3] اوزاعي (بن عمرو بن محمد ابوزرعہ الاوزاعي) بعلبڪ (88هہ) ۾ پيدا ٿيو. وفات بيروت ۾ 157 (سبع و خميس و مائه) ۾ ڪيائين. (هدية العارفين 1:511).

[4] احنف بن قيس ۽ صعصعة بن صوحان کان بہ روايت ڪئي اٿائين. (ريحانة الادب 1:129)

شاگردن مان:

امام مالڪ، شعبہ، (سفيان) ثوري، ابن مبارڪ ۽ يحيٰ بن سعيد قطان وغيره آهن. وري سندس شيخن مان زهري يحيٰ بن ڪثير ۽ قتاده وغيره بہ ان کان روايتون ڪيون. سندس فضل ۽ علم جي بيان ۾ ائمہ فن جون وڏيون روايتون موجود آهن. ابن مهدي چوي ٿو:

'حديث جا چار امام آهن، اوزاعي، مالڪ، ثوري ۽ حماد بن زيد. شام ۾ سنت جي سمجهڻ وارو اوزاعي کان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ ڪونہ هو.'

امام احمد بن حنبل فرمائي ٿو:

'هڪ ڀيري سفيان ثوري ۽ اوزاعي، امام مالڪ وٽ ويا، جڏهن واپس وريا، تہ مالڪ چيو: انهن ٻنهي مان هرهڪ ڀنهنجي سنگتيءَ کان علم ۾ زياده آهي، پر انهن مان پهريون (يعني ثوري) علم ۽ مذهب جي امامت جي اهليت نٿو رکي ۽ ٻيو (يعني اوزاعي) امام بڻجڻ جي صلاحيت رکي ٿو.'

ابواسحاق فرازي لکي ٿو:

'مان انهن ٻنهي شخصن يعني اوزاعي ۽ ثوري کان زياده ڪنهن کي نہ ڏٺو. انهن مان اوزاعي شخصيت عامہ جو مالڪ آهي، جيڪڏهن مون کي چيو وڃي تہ مان امامت لاءِ ڪنهن کي چونڊيان تہ مان هوند ثوري ۽ اوزاعي کي منتخب ڪريان ها ۽ پوءِ وري ٻنهي مان اوزاعي کي چونڊيان ها.'

امام اوزاعي جي ساري زندگي علم ۽ دين جي خدمت ۾ گذري[1]. دنيوي جاه و جلال کان ڪيس نفرت رهندي هئي، قضا جو عهدي ڪيس پيش ڪيو ويو مگر انڪار ڪيائين. خليفي منصور، بنو اميه جي قتل عام تي ڪانئس راءِ پڇي، حق جي جيڪا

[1] آخر ۾ بيروت ۾ اچي ساڪن ٿيو ۽ باقي زندگي اُتي درس ڏيندي گذاريائين، ڪتاب السنن، ڪتاب المسائل (فقہ) ڪتاب التفسير ۽ حديث وغيره ۾ سندس تصنيفات آهن (ريحانة الادب 1: 129- هديہ العارفين 1: 511) اهي ڪتاب زماني جي گردش ضايع ڪري ڇڏيا. (دائره معارف اسلاميہ 3:535)، محاسن المساعي في مناقب الاوزاعي (قاهره 1352هہ) سندس سوانح ۾ آهي. مٿس مفصل مضمون انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام ۾ (1:772) ۽ ان جي اردو ترجمي دائره معارف اسلاميہ 3:535 ۾ پڙهڻ گهرجي.

سندس شاگردن مان الوليد بن مزيد (203هہ) کي مٿانهون درجو حاصل آهي. فقہ اسلاميءَ ۾ قديم شامي فقہ جو اسڪول اوزاعيءَ جي نالي سان منسوب ٿيو. شام، مغرب ۽ اندلس ۾ اهو سلسلو رائج هو ۽ ٽئين صدي هجريءَ ۾ ان جي جاءِ مالڪي مذهب ورتي.

ڳالهه هني سا مُنهن تي چئي ڏنائين. منصور بحث ڪيو، امام اوزاعي ڪيس جڏهن پنهنجي دليلن سان لاچار ڪري ڇڏيو تڏهن سندس اکيون ڪاوڙ کان سرخ ٿانڊن جهڙيون ٿي ويون ۽ يڪدم ڪيس مجلس مان نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنائين. درباري خلافت کان نڪري جڏهن ڪجهه پري آيو، تہ پٺيان هڪ سوار ڪيس پوءِ تان ڊوڙندو نظر آيو، سمجهيائين تہ سر ونڃ اچي تو، هو اتي ئي بيهي دوگانہ نفل پڙهڻ لڳو تاڪہ آخري وقت سجده شڪر ادا ڪندي گذري. جڏهن سلام ورايائين تڏهن شاهي سوار ڏينارن جي ٿيلهي سندس خدمت ۾ پيش ڪئي جنهن کي هن قبول ڪيو، مگر گهر پهچڻ کان اڳ ئي وراهي ڇڏيائين.

امام اوزاعي ۽ امام اعظم رحمة الله عليه ٻئي همعصر هئا، امام اعظم بہ سندس قدر ڪندو هو ۽ سندس علم جو معترف هو. امام اوزاعي جي وفات حمام ۾ اوچتو باهہ لڳڻ ڪري ٿي، وفات جي سن ۾ اختلاف آهي، مورخن عموماً سن 156هہ [1] لکيو آهي.

## 5- حافظ ابومحمد سالم سنڌي

ابومحمد خلف بن سالم، مخاطب بہ محمود سنڌي. حديث جي حافظن مان هو، ڪيس سنڌ مان عرب آندو ويو هو. آل مهلب جو غلام رهندو آيو، پوءِ علم جي تحصيل ڪيائين ۽ حديث ۾ نالو پيدا ڪيائين. بغداد جي محله مخزمي ۾ قيام هيس جنهنڪري 'مخزمي' جي نسبت سان مشهور ٿيو. خطيب لکي ٿو:

> 'ذهبيءَ' جو بيان آهي تہ: 'خلف بن سالم ابومحمد مخزمي مهالبہ جي موالين مان هو ۽ سنڌي هو. خلف بن سالم -حافظ محمود ابومحمد سنڌي، موالي آل مهلب بغداد جي وڏن حديث جي حافظن مان هو.

ابن حجر بہ ڪيس 'السندي البغدادي الحافظ' لکيو آهي.

سندس حديث جي شيخن ۾ هيٺيان محدث آهن، جن کان هن روايتون بيان ڪيون آهن: هشيم بن بشير، يحيٰ بن سعيد قطان، عبدالرحمٰن بن مهدي، اسماعيل بن عليه، سعد بن ابراهيم بن سعد، يعقوب بن ابراهيم، محسن بن عيسيٰ، ابونعيم فضل بن وڪيل، محمد بن جعفر غندر، يزيد بن هارون، وهب بن جرير، عبدالرزاق بن همام ۽ ابن نمير.

هيٺيان سندس شاگرد آهن: اسماعيل بن ابي حارث، حاتم بن ليث، يعقوب بن شيبة، احمد بن ابي خثيمه، جعفر طيالسي، عباس دوري، يعقوب بن يوسف مطوعي، حسن بن علي معمري، احمد بن حسن بن عبدالجبار صوفي، ابوالقاسم بغوي، احمد بن

[1] 107-108-109 (ريحانة الادب 1:129) سندس مقبرو قبلہ مسجد (ديهہ حنتوس) ۾ دروازه بيروت سان لڳ آهي. (ريحانة الادب 1:129)

علي آباءَ، عثمان دارمي، امام احمد بن حنبل، يحيٰ بن معين، حميدي، يعقوب بن شيبه ۽ حمزه ڪتاني سندس توثيق ڪئي آهي. امام نسائي پنهنجي سنن ۾ هڪ واسطي سان سندس روايت درج ڪئي آهي.

نهايت ساده دل هو ۽ مختلف علمن ۾ پوري مهارت رکندو هو، سومر ڏينهن 22-رمضان 231هه 69 سالن جي عمر ۾ بغداد ۾ وفات ڪيائين[1].

## 6- ابوعبدالملڪ محدث سنڌي

ابوعبدالملڪ محمد، ابومعشر سنڌيءَ[2] جو لائق فرزند هو ۽ پنهنجي زماني جي زبردست عالمن مان هڪ هو. خليفي مهدي انهي کي بہ مديني مان بغداد آندو. علم حديث مان پيءُ وانگر هي بہ بهره ور هو، بغداد ۾ ابن ابي ذئب، ابوبڪر هذلي سان سندس ملڻ ثابت آهي. پنهنجي والد جو 'ڪتاب المغازي' انهن ڪان روايت ڪيو اٿائين. سندس شاگردن مان سندس صاحبزادو دائود ۽ حسن ڪانئس روايت ڪن ٿا. ان ڪانسواءِ ابو حاتم محمد بن ادريس رازي، محمد بن ليث جوهري ۽ ابويعليٰ موصلي ڪانئس حديثون روايت ڪيون آهن ۽ ابو حاتم بہ ان جي تصديق ڪئي آهي. 99 سال جي عمر ۾ 244هه ۾ وفات ڪيائين. (رسالہ معارف) [3].

## 7- ابو علي سنڌي

شيخ روزبهان بقلي (9 محرم 606هه) شطحيات[4] ۾ آندو آهي تہ ابوعلي سنڌيءَ شيخ بايزيد بسطاميءَ جو استاد آهي، بايزيد فرمايو آهي، تہ مان ابوعلي کان توحيد ۾ فنا جو علم سکي رهيو هئس ۽ ابوعلي مون کان "الحمد ۽ قل هوالله" سکندو

---

[1] ڪتاب ڏسو: تاريخ خطيب 8:329- تذڪرة الحفاظ 5:25- تهذيب التهذيب 5: 152 زبيد احمد ص 1- ستاره سنڌ بهار نمبر وغيره.

[2] ڏسو هي ڪتاب سوانح نمبر 3.

[3] مولوي صاحب مرحوم معارف رسالي مان ورتو آهي. هن بزرگ جي حياتيءَ جو مفصل احوال 'رجال السند و الهند' ۾ (ص 238) ڏسڻ گهرجي ۽ حوالي جا ڪتاب بہ انهيءَ ۾ ڏسجن.

[4] شرح شطحيات پروفيسر هنري ڪربن جي تصحيح سان تهران مان 1966ع ۾ ڇپيو آهي. ان ۾ صفحي 13 تي ۽ صفحي 77 ڪان 78 تائين ابوعلي سنڌيءَ جو ذڪر آهي. راقم الحروف 6-مئي 1968ع جو شيخ ابومحمد روزبهان جي مزار جي زيارت ڪئي (الحمدالله) مزار هڪ هجري ۾ نهايت زبون حالت ۾ هئي ۽ درست ڪرائڻ جا سانباها ٿي رهيا هئا، هن وقت تائين مقبرو درست ٿي چڪو هوندو. مزار بالاڪفت محلي ۾ آهي جنهن کي هاڻي محله شيخ چيو وڃي ٿو. ڏسو: شيراز علي ساسي ص 191 شرح حال از صدرالدين محلاتي مجلہ دانشڪده ادبيات شيراز شماره 1 حجري ۾ 6 قبرون آهن. (شطاح فارس از غلام حسين نديمي ص 92).

شيخ جي سوانح ۾ تحفة العرفان في ذڪر الاقطب روزبهان نالي 700هه ۾ سندس پوٽنيرن مان شيخ الدين ابراهيم لکيو آهي.

شدالازار (243) ۾ شيخ جو احوال آهي. پاڻ 30 ڪتاب تصوف ۽ عرفان ۾ لکيا اٿس. (شدالازار ص 522).

رهيو تي (نفحات الانس جامي [1]) مولانا عبدالغفور لاري [2] (و- شعبان 912هه) عارف جامي جي شاگرد هن جي حاشيه تي لکيو آهي ته:

'علم فنا در توحيد ته هڪ وهبي علم آهي نه ڪسبي ۽ عبارت الفاظن جو علم آهي، اهو تڏهن تي سگهي ٿو، جڏهن پهرين علم يعني وهبي کي جيڪو هٿ ڪندو، ته پوءِ يعني اکرن وارو علم گر تي ويندس.'

حضرت استاذي مولانا عبيدالله سنڌي هڪ دفعي فقير جامع اوراق کي هن مقام تي خطاب ڪندي فرمايو، ته:

'شيخ ابوعلي سنڌي نومسلم ۽ ويدانيت فلاسفي جو وڏو عالم هو ۽ انهيءَ فلاسفي جو بنياد ئي توحيد ۾ فاني ٿيڻ ۾ آهي. شيخ بايزيد بسطامي هن نو مسلم ويدانتيءَ کان توحيد جا حقائق ۽ انهي علم جون باريڪيون دليلن سان سمجهندو هو، ۽ پاڻ نو مسلم هجڻ ڪري شيخ وٽان نماز جي ننڍين سورتن جي تعليم وٺندو هو. ڇاڪاڻ جو نو مسلم لاءِ نماز لاءِ ڇوٽيون سورتون سکڻ تمام ضروري آهن. هن مان ظاهر آهي ته اسلامي تصوف ۾ جو وحدت الوجود جي مسئلي جو ميلاپ ٿيو آهي. ان جو بنياد شروع سنڌ جي نومسلمن جي ذريعي پيو آهي ۽ ان کان پوءِ علم يا فلسفهءِ خدا شناسي سموري دنيا تي صوفياء ڪرام جي ذريعي حاوي ٿيو آهي.'

شيخ ابوعلي سنڌي جي تاريخ وفات معلوم نه ٿي سگهي آهي مگر ڏسجي ٿو، ته هو هجري 3 صديءَ جو بزرگ آهي، ڇاڪاڻ جو حضرت بايزيد بسطاميءَ جي وفات سن 261هه ۾ ٿي آهي ۽ ابوعلي سندس توحيد ۾ استاد آهي.

## 8- ابواسحاق ابراهيم سنڌي موصلي

ابراهيم ابواسحاق بن نصر بن عسڪر، ظهيرالدين شافعي مذهب جو سلامه شهر (علاقه موصل) جو قاضي هو. هو بنيادي طرح سنڌي آهي هن جا وڏا سنڌ مان عباسي خليفن جي راڄ ۾ بغداد پهتا، هو عربن جا مولي يعني دوست يا آزاد ٿيل ٻانها هئا. سن صاحب بغداد جي نظاميه ڪاليج ۾ تعليم ورتي ۽ ان کان پوءِ سرڪاري طرح سلامه جو قاضي مقرر ٿيو. هو هڪ وڏو شاعر هو، سندس شعر مان ڪجهه نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

---

[1] نفحات ص 60 نولڪشور 1915ع.

[2] مراصد الاطلاع ۾ آهي ته قيس ۽ سيراف جي وچ ۾ جزيرو آهي. ٻين جو چوڻ آهي ته جنوب غربي شيراز طرف فارس جو هڪ ڳوٺ آهي. (ريحانة الادب 3:405)

لا تنسبوني يا ثقاتي الى و بالمسرات التي ولت
غدر فليس الغدر من شميتي اني على عهد كم لم أحل
اقسمت بالذاهب من عيشنا و عقدة الميثاق ماحلت

(1) دوستو! مون کي بيوفائيءَ جي نسبت نہ ڏيو، ڇاڪاڻ جو بيوفائي منهنجي عادت ئي نہ آهي.

(2) جيڪي مون کي خوشيون حاصل ٿيون آهن، ان هوندي بہ آءٌ اوهان جي واعدي تي قائم آهيان.

(3) گذريل حياتيءَ جو قسم آهي، تہ ڪيل واعدي جي ڳنڍ ڪڏهن بہ کُلي نہ آهي.

هن ڪانسواءِ هن جا ٻيا بہ ڪيترائي شعر آهن جي عدم گنجائش ڪري هت درج نٿا ڪيا وڃن. سلامه جي لڳ هڪ ڳوٺ ۾ صوفين جي هڪ جماعت رهندي هئي، جن جي شيخ جو نالو مڪي هو. هو ذڪر ڪندا ۽ نچندا هئا، هي صاحب وقت جو قاضي هو جنهنڪري ڪيس اِهي حرڪتون نہ وڻنديون هيون. انهي صوفيءَ کي خطاب ڪندي لکي ٿو:

الاقل لمکی قول النصوح فحق النصيحة تستمع
ولو كان طاوی الحشا جائعاً لما دار من طرب واستمع
وما أسكر القوم الا القصع كذاک الحمير اذا اختصع
متی سمع الناس فی دينهم ويرقص فی الجمع حتی يقع
وقالو اسكر نا بحب الا له نيقزها ريها و الشبع

(1) مڪي صوفي سچو قول ٻڌوس ڇاڪاڻ جو نيڪي جو ڪم ٻُڌڻ جي لائق هوندو آهي.

(2) جيڪڏهن نچندڙ صوفي پيٽ خالي هجي تہ ڪڏهن بہ خوشي ۽ سماع ڪان ڦيريون پائي نہ سگهي.

(3) انهن ماڻهن کي پيٽ پرائي جا نشا آهن جيئن گڏهہ ڪوند کائڻ کان (پوءِ) پوزيون ڇڏيندو آهي.

(4) ڪنهن بہ ماڻهوءَ پنهنجي دين ۾ هي نہ ٻڌو هوندو تہ جماعت ۾ نچي نچي ڪِري پئجي.

(5) چون ٿا، تہ اسان کي خدائي محبت جو نشو چڙهيل آهي پر حقيقت ۾ پيٽ جو واءُ ۽ ڊؤ اٿن، باقي محبت اِلاهي تہ ڪانہ اٿن.

هن بزرگ خميس ڏينهن 3 ربيع الآخر سن 610هہ ۾ پنهنجي شهر سلامه ۾ وفات

ڪئي. سلامه موصل کان اُبرندي طرف هڪ ڏينهن جي پنڌ تي هڪ مشهور شهر هو، جو هن وقت ويران ٿي چڪو آهي ۽ ان جي پرسان هڪ نئون شهر آباد ڪري ان جو نالو سلامه رکيو ويو آهي. (وفات الاعيان از ابن خلقان) [1].

# 9- قاضي ابوحنيفه بکري

سنڌ ۾ حنفي مذهب جو قاضي، وڏو عالم، زمانې جو شيخ ۽ (انهيءَ دور جي) مشاهيرن مان هو. سلطان محمد تغلق دهليءَ جي زماني ۾ هن جي پاران بکر جو قاضي هو. جڏهن دنيا جو سياح محمد ابن بطوطه بکر ۾ (734هه) [2] ۾ پهتو تڏهن ساڻس ملاقات ڪيائين، جنهن جو ذڪر پنهنجي سفرنامي ۾ ڪيو اٿس. (نزهة الخواطر) [3].

# 10- سيد احمد بخاري بکري

بن جلال الدين حسين ڪبير بن علي بخاري اُچي. هو بکر ۾ ڄائو، سندس والده بي بي فاطمه بنت سيد بدرالدين بن سيد صدرالدين بکري، سنڌي آهي. علوم سمورا ۽ تصوف پنهنجي والد کان حاصل ڪيائين، صلاحيت ۽ فضيلت سان وڏي شهرت جو مالڪ ٿيو، ڪانئس سَون ماڻهن فيض ۽ هدايت ورتي، سترنئي بکر مان هجرت ڪري وڃي اُچ ۾ رهيو، (جو پڻ اڳ سنڌ ۾ بکر جي سرڪار ۾ داخل هو) اتي سيد مرتضيٰ اُچي جي نياڻي 'حُويده خاتون' سان نڪاح ٿيس، جنهن مان مشهور سيد حسين جلال الدين جهان گشت [4] ڄائو. ۽ حُويده خاتون جي وفات کانپوءِ سندس پيٽ بي بي خاتون سان شادي ڪيائين، جنهن مان اُچ جو مشهور پير مخدوم صدرالدين محمد ۽ هڪ ڌيءَ ڄائي. هي بزرگ هجري جي اٺين صدي جو آهي (جيئن 'نزهة الخواطر' ۾ ڄاڻايو اٿس[5]). سيد بدرالدين بن سيد صدرالدين محمد خطيب بن سيد محمد مڪي بکري خميس ڏينهن 25 شعبان سن 630هه ۾ بکر ۾ تولد ٿيو. تصوف ۽ ظاهري سمورا علم پنهنجي والد بزرگ کان حاصل ڪيائين. (نزهة).

---

[1] مولانا جي سامهون مطبوعہ قاهره (1310هه) وارو نسخو هو، جنهن جي صفحي 7 تي اها سوانح آهي. بيتن جي ترتيب غلط آهي. ڪتاب جو پيو ڇاپو النهضة قاهره جو (1948) آهي جنهن جي (17:1) تي اهو مضمون آهي. پنهي نسخن جي ترتيب مختلف آهي.

[2] فارسي ترجمي ۾ آهي: روهڙيءَ (بکر) ۾ امام صدرالدين حنفي شهر جي قاضي ابوحنيفه ۽ شيخ عابد زاهد شمس الدين محمد شرازي سان ملاقات ٿي. (ص 418) تهران 1337 هش.

[3] ڏسو ڪتاب مذڪور 5:2.

[4] نزهة الخواطر ۾ فقط حسين بن احمد لکيل آهي ۽ اهو احوال 'تذڪره سادات بخاري' تان ورتل آهي.

[5] اهو احوال ڪتاب مذڪور جي (5:2) تي آيل آهي.

مٿئين بزرگ جو احوال "ذخيرة الخوانين" ۾ مختصر طور آيل آهي جنهن ۾ لکي ٿو، تہ:

'مخدوم سيد بدر بکري همعصر مخدوم جلال الدين حسين ڪبير بخاري و صهره او بوده است و همراه او حج حرمين کردن.'

يعني: " مخدوم بدر بکر جو رهاڪو، مخدوم جلال الدين ڪبير جهان گشت جو صُهرو هو ۽ ان سان گڏجي حرمين جو حج بہ ڪيائين." وڌيڪ ڇاٽا يل آهي، تہ جڏهن پنهي ڌرين ڪي مراقبي جي ذريعي حضور رسول ڪريم ﷺ وٽان سيد هجڻ جي بشارت ملي تڏهن هڪ ٻئي جي مائٽي قبول ڪيائون. انهي واقعي کي 'تذڪره گلزار ابرار' ۾ هيٺئين ريت بيان ڪيو ويو آهي:

'سيد جلال الدين ڪبير بخارا مان سڌو بکر ۾ اچي رهيو ۽ اتي ڪجهہ مدت رهڻ کانپوءِ هڪ غيبي اشاري موجب سيد بدرالدين بکري جي نياڻيءَ جي گهر ڪيائين، سيد بدرالدين بہ الهامي اجازت جو انتظار ڪيو، جنهنڪري جواب ڏيڻ ۾ دير ڪيائين، جڏهن سيد بدرالدين کي بہ باطن ۾ ساڳيو مضمون آيو تڏهن نڪاح ڪرايو ويو ۽ هي صاحب پنهنجي صهري جي گهر ۾ رهڻ لڳو، خانہ ۽ خاندان ملي هڪ ٿي ويو. (اتي سيد احمد ڪبير بخاري خاندان جو وڏو ڏاڏو پيدا ٿيو). مگر پوءِ گهڻي مدت بعد ڀائرن يا عزيزن جي دلين ۾ حسد پيدا ٿيو، جنهنڪري سيد جلال الدين ڪبير بکر مان لڏي اچي اُچ ۾ رهيو' [1].

نزهة الخواطر ۾ لکي ٿو:

'سيد بدرالدين، سيد جلال الدين حسين کي هڪ ٻئي جي پوٽيان بہ نياڻيون، زهره ۽ فاطمه شادي ڪرايون.'

خزينة الاصفياء ۾ لکي ٿو تہ:

'سيد بدرالدين بکري سيد جلال الدين حسين بخاري کي پرديسي ۽ مسافر سمجهي ڪانئس سيد هجڻ جي سَنَد گهري جنهن کان پوءِ ساڳي خاندان جو هجڻ معلوم ٿين' [2].

حقيقت ۾ اُچ جا بخاري سادات ۽ بکر جي نقوي سادات جو نسل هڪ ڏاڏي مان آهي. جيئن تہ سيد جلال الدين حسين ڪبير بن سيد ابوموئد علي بن سيد احمد بن

[1] ڪتاب مذڪور ص 57 ۾ اهو احوال اخبار الاخيار جي حوالي سان خزينة الاصفيا (37:2) ۾ آهي. ڏسو اخبار الاخيار ص 61 ڇاپو مجتبائي 1332هہ.

[2] ڪتاب مذڪور 2: ص 35- ص 38.

عبدالله بن سيد علي اصغر بن سيد جعفر ثاني بن سيدامام محمد نقي. مٿئين علي اصغر کي ٻه پٽ هئا ، هڪ عبدالله ، جو بخاري سيدن جو ڏاڏو آهي ۽ ٻيو سيد اسماعيل جو بکري سيدن جو ڏاڏو آهي [1]. (گنج تاريخ صفحو 105)

سيد بدرالدين محمد هڪ وڏو عالم ۽ صوفي ۽ ونت بزرگ انسان هو. بکر ۾ سن 680هه ۾ وفات فرمايائين ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو. (نزهة الخواطر) [2].

## 11- مولانا برهان الدين بکري

شيخ ، فاضل علامه برهان الدين حنفي بکري سنڌي ، دنيا جي وڏن پهچ وارن عالمن مان هو ، هن کي فقه ، اصول فقه ۽ عربي علم ادب ۾ وڏو دسترس هو. سلطان علاؤالدين محمد شاهه خلجي جي زماني ۾ دهلي جي تختگاهه ۾ درس ڏيندو هو ، جنهن جو بيان برني [3] ڪيو آهي (نزهة الخواطر [4]). وفات جي تاريخ معلوم نه ٿي مگر نزهة الخواطر واري ڪيس انين صدي هجري جي علمائن ۾ آندو آهي ۽ علاؤ الدين خلجي جو زمانو به اهوئي آهي [5].

## 12- صدرالدين بکري

شيخ امام فقيه صدرالدين حنفي بکري سنڌي . فقه ۾ جيڪي علماء مجتهدانه درجو رکن ٿا ، تن مان هڪ هو ۽ سيني علمن جو ماهر هو. سال 734هجري ۾ سائس محمد ابن بطوطه مغربيءَ جي ملاقات ٿي ، جنهن جو پنهنجي سفرنامي ۾ ذڪر ڪيو اٿس [6]. (نزهة الخواطر [7]).

## 13- شيخ موسيٰ اهدائي

هن جون ڪرامتون مشهور آهن. هو وڏين فضيلتن ۽ ڪرامتن جو مالڪ هو ، شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتانيءَ [8] جي دوستن مان هو ، هنن جون پاڻ ۾ ڏگهيون ۽ گهٽيون

[1] هي شجرو خزينة الاصفيا (35:2) ۾ پڻ آهي.

[2] حديقة الاوليا جو مقدمو 36-45 تائين پڙهجي جنهن ۾ انهيءَ خاندان تي لکيل ڪتابن جو ذڪر آهي.

[3] ڏسو تاريخ فيروزشاهي برني مطبوعه ڪلڪته 1862ع.

[4] ڏسو ڪتاب مذڪور 15:2.

[5] از سال 695-715هه.

[6] ڏسو فارسي ترجمو ص 413.

[7] ڏسو صفحو 60:2.

[8] سال پيدائش 565هه- تاريخ وفات ۾ اختلاف آهي 656- (7 صفر) 661-666- 665هه . (بزم صوفيا ص 103).

صحبتون رهيون آهن. موسوي ولايت جو صاحب هو.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي، تہ: هو نئين مان ملتان وڃي رهيو هو، وٽ تي راوي نديءَ جي ڪناري تي، جڏهن پهتو تڏهن ملاح بيڙي هلائڻ ۾ دير ڪئي، شيخ موسيٰ چيا ڪيو جو درياءَ راوي جو پاڻي پنهنجي ڪوزي ۾ بند ڪري شيخ ملتاني ڏانهن ڪٽي ويو. (مقصد هو تہ آئنده درياءَ اتان هميشہ لاءِ منهن موڙي خشڪ ٿي وڃي) شيخ ملتاني فرمايو تہ درياءَ مان ماڻهن کي فائدو پهچي رهيو آهي تنهن کي پنهنجي جاءِ تي وهڻ ڏيو. شيخ موسيٰ عرض ڪيو، تہ هي پاڻي اوهان جي ديدار کان مشتاقن کي روڪي ٿو، تنهنڪري هن کي اتان ختم ڪرڻو آهي، هاڻي هن شرط تي اجازت ڏبي جو ملتان شهر کان تمام پاسي وڃي وهڪرو جاري رکي. آخر ائين ئي ٿيو جو، ان ڏينهن کان پوءِ راوي ندي ملتان کان پري وهڻ لڳي.

وفات جو سال معلوم نہ ٿيو آهي پر حضرت شيخ بهاؤالدين ستين صدي (هجريءَ) جو بزرگ ۽ شيخ موسيٰ جو ذڪر تذڪره 'گلزار' واري ستين صدي (هجريءَ) جي بزرگن ۾ آندو آهي، رحمة الله عليه.

طور ديدار باد ميقاتش

(تذڪره گلزار ابرار) [1]

## 14- سيد علي بن محمد بکري

سيد علي بن محمد بدرالدين بن محمد صدرالدين بن محمد [2] بن شجاع بن ابراهيم حسيني بکري. هي بزرگ بکر ۾ خميس ڏينهن 25 شعبان سال 630هہ ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي ئي مذهبي علم حاصل ڪيائين ۽ اتي ئي پرورش وٺي وڏو ٿيو. ٽيهن سالن جي ڄمار ۾ ملتان ڏانهن سفر ڪيائين جتي سيد شمس الدين حسيني عريفي ۽ شيخ ابوالفتح رڪن الدين ملتانيءَ کان تصّوف ۽ ٻيا علم حاصل ڪيائين ۽ تمام گهڻو وقت سندس صحبت ۾ رهيو. ملتان مان بهار ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ اتي شيخ منهاج الدين بهاريءَ جي صحبت ۾ پورا 12 سال رهي فيض حاصل ڪندو رهيو. ۽ اهو منهاج الدين بہ هڪ واسطي سان ابوالفتح رڪن الدين ملتانيءَ جو مريد هو. جڏهن سيد علي بکري خلافت جو خرقو ڍڪيو ۽ ڪماليت جو درجو حاصل ڪيو تڏهن شيخ منهاج الدين

---

[1] ڏسو ص 63 حديقة الاوليا جو مصنف لکي ٿو، تہ: اصل هندستاني هو سلطان علاءالدين خلجيءَ (695-715هہ) جي زماني ۾ سنڌ ۾ وارد ٿيو. سندس مزار ساڪري درياءَ جي ڪناري تي آهي (189-191هہ) ڏسو تحفة الڪرام سنڌي ص 392.

[2] هن محمد جو مقبرو پراڻي سکر جي لڳ ڪليڪٽري هيٺان سيد محمد مکي جي نالي مشهور آهي. (وفائي)

پهريان ڪيس شيخپور ۾ موڪليو جتي ٻه سال فيض هدايت ڏيندو رهيو. ان ڪان پوءِ پرياگ (الله آباد) رهڻ جو حڪم ٿيس، جتي جمنا-گنگا ندين جي ميلاپ واري هنڌ تي هڪ جهنگ ۾ اڪيلو وڃي رهيو. غير مسلم قومون ڪيس بزرگ سمجهي هن جي روحاني ڪشش تي گڏ ٿيڻ لڳيون، هن جي صحبت ۾ گهڻا (هندو) مسلمان ٿيا. ان ريت هن صوفيءَ خاموش نموني ۾ اسلام پکيڙڻ جو تمام وڏو ڪم ڪيو. هن سڳوري 3 ذوالحج 760هجري ۾ وفات فرمائي ۽ ڪيس جهانسي ۾ دفن ڪيو ويو، [1] پوئتان پنهنجي نالي وارو فرزند علي بن علي ڇڏي ويو، جو سيد تقي الدين [2] جي لقب سان هڪ مشهور شيخ طريقت ۽ سهروردي رستي جو پير ٿي گذريو. اهو بزرگ 720هجري ۾ جهانسي ۾ ڄائو، سمجهه جي سن کي پهچڻ ڪانپوءِ هن پنهنجي والد ڪان ظاهري ۽ باطني علم حاصل ڪيا. والد بزرگ جي وفات ڪانپوءِ شيخ علاؤالدين جيوري ڪان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيائين، پوءِ جهانسي ۾ رهي فيض هدايت ٿيندو رهيو ۽ خلق کي تمام گهڻو فائدو پهچايائين. انهي ني حالت ۾ 7 ذي الحج سال 775هه ۾ هن دنيا مان وفات فرمائي ويو [3].

## 15- قاضي فصيح الدين لاهري

هي بزرگ اصل هرات جو آهي. سلطان محمد تغلق [4] جي زماني ۾ بادشاهه پاران امير علاؤالملڪ جي لقب سان لاهري بندر [5] ۽ سندس لڳو لڳ پرڳڻي تي محصول جي وصولي لاءِ مقرر ڪيو ويو.

اسپين جو مشهور سياح ابن بطوطه جڏهن سنڌ ۾ آيو [6] تڏهن هن بزرگ سان ملاقات ٿيس، لکي ٿو ته:

'حنفي مذهب جو وڏو فقيه هو ۽ پهرين هرات جو قاضي ٻه رهيو ان ڪانپوءِ هندستان آيو.' [7].

---

[1] پڙهو ڪتاب منبع الانساب از مير معين جهونسوي، جيڪو انهيءَ خاندان مان آهي، هن پنهنجي خاندان ۽ ان جي مشائخن جو احوال جمع ڪيو آهي. (ڏسو مقدمو حديقة الاوليا ص 37).

[2] منبع الانساب جي صاحب جو شجرو هن طرح انهي بزرگ سان ملي ٿو. مير معين الحق جهونسوي بن سيد سلطان شهاب الحق بن سيد حضرت بندگي شاهه، محمد جعفر بن حضرت قطب الاقطاب مخدوم شاهه تقي الدين بن حضرت شعبان الملت سيد مرتضيٰ بن سيد بدر عالم بن سيد صديالدين بکري بن سيد محمد مکي بکري (متوفي 644هه).

[3] هن سلسلي جي ڪتاب لاءِ ڏسو مقدمو حديقة الاوليا – ص 36 تا ص 45.

[4] 725هه تا 752هه.

[5] هن وقت هن کي شاهه بندر سڏيو ويندو آهي. (وفائي)

[6] ابن بطوطه 1 محرم 734هه جو لاهري بندر تي پهتو (فارسي ترجمو ص 404).

[7] ڏسو فارسي ترجمو: قاضي هرات فصيح فاضل عادل علاء الملڪ خراساني معروف به فصيح الدين (ص 411).

وڌيڪ لکي ٿو تہ:

’لاهري، بندر سمنڊ جي ڪناري تي ڏاڍو خوبصورت شهر آهي جتي سنڌوندي اچي سمنڊ ۾ ڪِري ٿي ۽ ٻئي درياءَ هڪ ٿي وڃن ٿا. انهيءَ هنڌ هڪ وڏو بندرگاهہ آهي، يمن ۽ فارس جا ڪيترائي واپاري ٻيڙا پهچن ٿا.‘

قاضي فصيح الدين، ابن بطوطه کي ٻڌايو، تہ بندر جي سالانہ پيدائش 60 لک رپيا آهي [1]، جنهن مان امير يا ڪليڪٽر کي سموري اُپت جي ويهين پتي پگهار طور ملندي رهندي آهي. وفات جي تاريخ نظر مان ڪانہ گذري آهي مگر ’نزهة الخواطر‘ [2] ۾ هن جو اٺين صدي هجريءَ جي علمائن ۾ ذڪر ٿيل آهي.

## 16- مولانا ظهيرالدين بکري

شيخ فاضل علامہ ظهيرالدين بکري سنڌي، هڪ اهو عالم هو جنهن ڏانهن اشارا ڪيا ويندا هئا تہ اهوئي هن وقت شرعيت جي علم ۾ اعتماد جهڙو آهي. سندس زماني ۾ هن کان وڌيڪ نحو، فقهہ ۽ اصول فقهہ جو ٻيو ڪوبہ ڄاڻو ڪونہ هو. بکر مان روانو ٿي دهلي ۾ درس قائم ڪيائين، جتي هن کان تمام گهڻي خلق نفعو حاصل ڪيو ۽ سندس وڏن شاگردن مان مشهور صوفي ۽ علامہ شمس الدين يحيٰ اودي [3] (متوفي 747هہ) آهي، جنهن مولانا ظهيرالدين وٽ فقہ ۽ اصول پڙهيو. (نزهة الخواطر [4]).

علامہ شمس الدين طالب علمي جي زماني ۾ هڪ دفعي مولانا ظهيرالدين جي خدمت مان اُٿي سلطان نظام الدين اولياءَ (وفات 725هہ) جي خدمت ۾ ويو. سلطان الاولياءَ ڪانئس پڇيو تہ ڇا پڙهندو آهين؟ عرض ڪيائين: ’ڪشف الاسرار‘ [5] (اصول فقهہ جو مشهور مشڪل ڪتاب) ختم ٿيڻ تي آهي. انهي واري سبق ۾ هڪ اهڙو ٽڪرو پيش ٿيو هو، جو گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ بہ استاد ڪيس سمجهائي نہ سگهيو هو. هنَ سلطان الاولياءَ کي ادب سان اهو ٽڪرو ٻڌايو، سلطان الاولياءَ جهٽ پٽ اها مشڪل حل

---

[1] ترجمو فارسي ص 412.

[2] ڏسو نزهة الخواطر ص 2:107.

[3] شيخ شمس الدين محمد بن يحيٰ (خزينة الاصفيا ص 349، نزهة 1:64، برني ص 353).

[4] ڏسو نزهة 2:64 بحوالہ ضياء الدين برني- برني (ڪلڪتہ) ۾ ص 353 تي ڏسجي.

[5] ڪشف الاسرار (ڪشف بزدوي) عبدالعزيز (730هہ) بن احمد بن محمد علاء الدين البخاريءَ جو لکيل آهي (ڇاپو 1307هہ جملي صفحا 1521) اهو شرح آهي ’ڪنز الوصول اليٰ معرفة الاصول‘ اصول فقہ تي اهو عظيم ڪتاب امام فخرالاسلام علي بن محمد بن الحسين بزدويءَ (482هہ) جي تصنيف آهي. اهو ڪتاب آستانہ ۾ سال 1307هہ ۾ پهريون دفعو ڇپيو آهي (ڏسو معجم المطبوعات ص 537 ۽ 554).

ڪري ڇڏي. اتان موٽي اچي استاد سان ڳالهه ڪيائين، تہ: جو مسئلو مدرسي ۾ حل نہ ٿي سگهيو، سو سلطان الاولياءِ حل ڪري ڏنو. پٺي ڏينهن مولانا ظهير الدين ۽ سندس شاگرد رشيد نظام الدين الاولياءِ وٽ پهچي سندس بيعت ڪيائون، آخر شيخ شمس الدين خلافت حاصل ڪئي. شمس الدين [1] سان گڏ سندس ڀاءُ علامہ صدرالدين بہ مولانا ظهيرالدين بکريءَ جي شاگردن مان آهي، (تذکره اذکار ابرار). اهڙي طرح نظام الدين اولياءَ جي خليفن مان سندس جاءِ نشين خواجہ محمود چراغ دهلوي (متوفي 757هہ) مولانا ظهيرالدين جو هڪ واسطي سان شاگرد آهي، يعني هي صاحب شاگرد آهي شمس الدين يحيٰ اودي جو ۽ شمس الدين شاگرد آهي مولانا ظهيرالدين بکري جو.

هن جملي لکڻ جو اصل مقصد آهي، تہ سنڌ مان دهلي ۽ ٻيو هندستان، علمي فيض حاصل ڪندو رهيو ٿي.

'خزينة الاصفياء' مان معلوم ٿئي ٿو، تہ: مولانا ظهيرالدين، سلطان غياث الدين تغلق جو خاص درباري ۽ محرم راز هو. هو پهريائين پنهنجي بادشاهہ جي مرشد شيخ ابوالفتح رڪن الدين ملتاني (متوفي 735هہ) کان بيعت ٿيو هو ۽ ان کان پوءِ سلطان محمد تغلق جي زماني ۾ نظام الدين اولياءَ کان تلقين ورتائين، جنهن جو مٿي ذڪر گذري آيو.

'مجمع الاخبار' ۾ فرمائي ٿو، تہ: هڪ ڏينهن سلطان غياث الدين تغلق (720-725هہ) مولانا ظهيرالدين کان پڇيو، تہ: تو ڪڏهن شيخ رڪن الدين ملتانيءَ جي ڪرامت بہ ڏٺي آهي؟ چيائون تہ هائو! هڪ جمعي ڏينهن ڏٺم، تہ هزارين ماڻهو انبوه ڪيو شيخ رڪن الدين جي هٿ ملائڻ ۽ قدم بوسي لاءِ ٽُٽي رهيا هئا، دل ۾ چيم، تہ شيخ رڪن الدين ڪي شايد اسماءِ الاهي جي تسخير وارو ڪو وظيفو آهي، نہ تہ علم ۾ مان بہ هڪ وڏو عالم آهيان پر مون ڪي تہ ڪو ليکي بہ ڪونہ ٿو. ارادو ڪيم، تہ سڀاڻي وڃي شيخ کان مسئلو پڇندس، تہ وضوءَ ۾ نڪ ڪي پاڻي ڏيڻ ۽ گرڙين ڪرڻ جي سُنت هجڻ ۾، ڪهڙي حڪمت آهي. رات جو خواب ۾ ڏٺم تہ شيخ رڪن الدين منهنجي وات ڪي حلوي سان ڀري رهيو آهي، جاڳ ۾ ان جي مٺاس بہ معلوم ڪري رهيو هنس، دل ۾ چيم تہ بس ڪرامت اها آهي جو شيطان شيخ جي صورت بڻجي مون وٽ خواب ۾ پهچي ويو ۽ اهو شيطان آهي، جو شيخ جي روپ ۾ ماڻهن ڪي گُمراهہ ڪري رهيو آهي. جڏهن

[1] شيخ نصير چراغ دهلوي هي شعر سندس وصف ۾ چيو آهي:

سالت العلم من حياک حقا    فقال العلم شمس الدين يحيٰ

(خزينة الاصفيا ص 1: 349)

شيخ نصير لاءِ ڏسو خزينة الاصفيا 1: 353 ۽ گلزار ابرار ص 115.

صبح جو اُٿي شيخ رڪن الدين جي خدمت ۾ پهتس تڏهن فرمايائين، تہ: مولانا! ڀلي آيا، آءٌ اوهان جو انتظار ڪري رهيو هئس، تہ مولانا چاڻ آيو، تہ ڪيس مسئلي جو جواب ڏيان. هاڻي ٻڌو: پليدي ٻن قسمن جي آهي (1) دل جي (2) بدن جي. بدن تڏهن پليد ٿيندو آهي جڏهن زال (عورت) سان صحبت ڪبي آهي، ۽ دل تڏهن پليد ٿئي ٿي جڏهن نالائق ۽ نااهل ماڻهو جي سنگت ملندي آهي. پوءِ جيئن بدن پاڻيءَ سان پاڪ ٿيندو آهي تيئن دل اکين مان لڙڪن هارڻ ۽ ڳوڙهن ڳاڙڻ سان پاڪ ٿيندي آهي. وضوءَ ۾ گرڙيون ۽ نڪ کي پاڻي ڏيڻ نبي ﷺ جي سنت آهي، هن لاءِ تہ پاڻيءَ جو رنگ ۽ ذائقو معلوم ٿئي، ڇاڪاڻ جو پاڻي جي پاڪائي تڏهن قائم رهي ٿي جڏهن هن جو رنگ ۽ لذت بگڙيل نہ آهي، پاڪ پاڻيءَ سان ئي وضو وارا سمورا عضوا پاڪ ٿي سگهن ٿا!

مولانا! اوهان کي هي بہ معلوم هئڻ گهرجي تہ جيئن شيطان کي هيءَ طاقت ئي نہ آهي جو خواب ۾ رسول الله ﷺ جي صورت بڻائي اچي، تيئن هن کي هيءَ بہ توفيق نہ آهي، جو خدا وارن ۽ الله تعاليٰ جي دوستن جي صورت وٺي خواب ۾ ڏيکاري ڏي.

مولانا! اوهان وڏا عالم آهيو مگر هي فقير بہ حال کان خالي نہ آهي. بادشاهہ کي مولانا ظهيرالدين هي قصو بيان ڪري عرض ڪيو تہ: مون کي پنهنجي دل ۾ آيل سوالن جا جواب ملي ويا ۽ ان کانپوءِ شيخ رڪن الدين جو معتقد ٿي رهيس. ضياء برني جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو، تہ تغلق خاندان جي زماني ۾ سموري بادشاهت ۾ ظهيرالدين بکري ئي مولانا جي لقب سان مشهور هو ۽ ان زماني ۾ اهو لقب گهٽو ڪري علماء طبقي لاءِ استعمال ڪونہ ٿيندو هو[1].

مولانا جي وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي پر 'نزهة الخواطر' [2] هن کي اٺين صدي هجريءَ جي علماء ڪرام ۾ ڳڻيو آهي. هي بہ ظاهر آهي، تہ سندس معاصر جيئن تہ سلطان غياث الدين تغلق، محمد شاهہ تغلق، شيخ رڪن الدين ملتاني ۽ نظام الدين اولياء اهي سمورا بزرگ 8 صدي هجريءَ جا آهن. تنهنڪري علامه بہ انهيءَ صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي.

## 17- شهاب الدين سهروردي پاٽائي

ميان شهاب الدين سهروردي صديقي، هي بزرگ سنڌ جي صديقي خاندان سيوهڻ، پاٽ ۽ برهانپور وارن جو وڏو ڏاڏو آهي. هن ئي سڀ کان پهريان پاٽ جو شهر

[1] برنيءَ ۾ اها تخصيص ڪٿي نظر ۾ ڪانہ آئي بلڪ، ظهيرالدين سان گڏ ڪيترن بزرگن جي نالي سان مولانا لکيو ويو آهي. (ڏسو ص 353).

[2] ڏسو 2:64.

آباد ڪرايو جنهن کي 'قبة الاسلام' ڪري سڏيندا هئا، مگر هن وقت اهو شهر ڦٽي ويران ٿي ويو آهي ۽ ٻيو نئون شهر آباد ڪرايو ويو. پوئين پاڙ جو بنياد مفتي عبدالله ڪبير مخدوم عبدالواحد سيوستاني جي ڏاڏي جي زماني ۾ رکيو ويو.

هن شهاب الدين جو مفصل احوال معلوم نه ٿي سگهيو آهي. وفات سن 894هه ۾ ڪيائين، سندس اولاد سموري هندستان ۾ علم ۽ فضل جي زيور سان آراسته آهي.

(قلمي مسودات ميان حبيب الله سيوستاني)

## 18- مولانا جلال الدين ٺٽوي

هي بزرگ اصل ٺٽي جو رهاڪو هو، تمام گهڻي علم ۽ عقل جو مالڪ هو جنهنڪري پنهنجي علم ۽ عقل جي ذريعي باد شاهه همايون جي دربار تائين رسائي ٿيس، ۽ همايون وٽس ڪجهه وقت پڙهيو ۽ همايوني سلطنت جو قاضي القضاة مقرر ٿيو، هو سهروردي سلسلي جو پير به هو. همايون جو ٻيو ساٿي مولانا محمد فرغلي توراني نقشبندي پڻ هو، جو حضر سفر ۾ هميشه ساڻس گڏ رهندو هو. هي ٻئي صاحب استاد وقت ۽ علامه هئا. هڪ دفعي سن 946هه (۾) سلطان نصيرالدين همايون وقت جي وڏي عالم صوفي شيخ عبدالقدوس حنفي (متوفي 950هه) جي ملاقات لاءِ آيو ته ان وقت به مولانا جلال الدين ٺٽوي ۽ مولانا محمد فرغلي ساڻ هئس.

ٻئي دفعي سلطان همايون پنهنجي مرشد شيخ بهلول شطاري[1] جي زيارت لاءِ گواليار پهتو، ته هنن ٻنهي بزرگن هلڻ کان نتايو ڇاڪاڻ جو علامه ٺٽوي سهروردي هو ۽ فرغلي نقشبندي، تنهنڪري هڪ شطاري بزرگ وٽ هلڻ کان ڪيٻايائون ٿي، پر باد شاهه جي حڪم کان مجبور هئا جنهنڪري شيخ بهلول جي خدمت ۾ پهتا، اتي باد شاهه جي اشاري سان هنن ٻنهي بزرگن به شيخ بهلول شطاري جي بيعت ڪئي. 'تذڪره گلزار ابرار' جو مصنف لکي ٿو، ته: جڏهن شير شاهه سوري همايون کي آگري مان تڙي فتح حاصل ڪئي تڏهن مولانا جلال الدين، همايون کان ان پاڇڙ ۾ جدا ٿي ويو ۽ همايون هنن کان علحده ٿي ويو. ان کان پوءِ جلال الدين جو ڪو پتو ڪونه پيو. اهو واقعو سن 947هه ۾ ٿي گذريو.

---

[1] شيخ بهلول شطاري. شيخ محمد غوث گواليار جو ڀاءُ ۽ وقت جو رڏو عارف هو. همايون ڪيس وٺي اچي آگري ۾ رهايو هو. مگر همايون جڏهن بنگال تي چڙهائي ڪري روانو ٿي ويو تڏهن پوئتان همايون جي ڀاءُ مرزا هندال بغاوت تي سندرو ٻڌو ۽ سندس ماڻهن صلاح ڏنس، ته جيستائين باد شاهه جي مرشد بهلول کي نه ماريو ويندو تيستائين ڪم نه نهندو. جنهن تي شيخ بهلول کي آگري ۾ شهيد ڪرايو ويو ۽ سندس شيخ محمد غوث شطاريءَ کي مارائڻ لاءِ به ماڻهو موڪليا ويا پر هن کي پتو پئجي ويو ۽ هو بنگال ۾ همايون سان وڃي مليو ۽ بچي ويو.

## 19- مِيان وجيهه سنڌي

هن بزرگ جو بيان 'تذکره گلزار ابرار' ۾ آيل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو، ته هو ٺٽي جي لڳ هڪ ڳوٺ ۾ ڇانئو ۽ اتي ئي ياد خدا ۾ رهندو هو. ڏهين صدي هجري جي آخر ۾ جڏهن عبدالرحيم خانخانان سنڌ جي فتح لاءِ پهتو تڏهن هو پنهنجي عادت موجب هر هنڌ حڪم ڪندو آيو ٿي، ته: ڪٿي به ڪنهن فقير يا درويش جي ڳوٺ يا خانقاه کي ڪو به نقصان نه پهچايو وڃي! پر ميان وجيهه جي ڳوٺ جي ٻاهران جڏهن تنبوا چي ڪُتا تڏهن معاملو ئي ٻيو ٿي ويو، جنهن جو ذکر خانخانان شيخ عيسيٰ برهانپوريءَ سان هيٺئين ريت ڪيو:

مسيح زمان شيخ عيسيٰ فرمائي ٿو ته:

'سنڌ جي فتح کان پوءِ 1007هه ۾ جڏهن برهانپور ۾ هو موٽي آيو تڏهن پنهنجي تنبوءَ ۾ لهڻ کان اڳ ۾ سڌو سنئون پنهنجي سموري عملي سميت مون سان مسجد ۾ ملڻ آيو. سڀ کان پهريان هيءَ ڳالهه ڪيائين ته سنڌ ۾ ميان وجيهه جي ڳوٺ وٽ جڏهن منهنجي فوج جي منزل ٿي ته اگرچه منهنجي ميان صاحب سان ڏاڍي عقيدتمندي هئي مگر ننڍ جو اهڙو غلبو ٿيو جو اوجهراڪي اچي ويئي ان وچ ۾ فوج ميان وجيه جو ڳوٺ لٽي ڦري ڇڏيو، ان کان پوءِ منهنجي دل تي هڪ قسم جي مونجهه يا انقباض رهي ٿو، انهيءَ ڪري ئي مان پنهنجي تنبوءَ ۾ نه لٿو آهيان پر سڌو اوهان وٽ آيو آهيان، ته اوهان جي ديدار سان ڪجهه بار هلڪو ٿئي.'

خانخانان ميان وجيه جو بيان ڪندي ٻڌايو، ته: هو هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن جي دل هميشه طلب جي درد سان ڀرپور هئي ۽ اکيون پشيمانيءَ جي لڙڪن کان وهندڙ هيون ۽ زبان يادِ حق ۾ مشغول هئي.

چشم و زبان و دلش باد پر از معرفت

(تذکره گلزار ابرار) [1]

سال وفات جو يارهين صدي هجري معلوم ٿئي ٿو.

## 20- مخدوم وهيو چانيه رحه

هي بزرگ سيد رڪن الدين متعلوي جو خليفو ۽ اُهو مخدوم ساهڙ لنجار جو خليفو هو. هن جون ڪرامتون ۽ مڪا شفا ڏاڍا مشهور ۽ معروف آهن. 'حديقة الاوليا' [2] ۾ لکي ٿو، ته: "هو هميشه شرعيت ۽ سنت جي متابعت تي سخت ثابت

---

[1] ڏسو ڪتاب مذڪور ص 386.

[2] ڏسو ڪتاب مذڪور ص 141 تا 152 راقم الحروف جو ڇپايل.

قدم رهندو هو. شرعيت جي رواج ڏيارڻ ۽ بدعتن جي پاڙ پٽڻ سندس زندگيءَ جو اصلي مقصد هو. سنت جي خلاف هڪ وار جيتري به ڳالهه ٻڌڻ ۾ آيس ٿي، ته تيستائين آرام نه ڪندو هو، جيستائين ان جي اِصلاح يا سڌارو نه ڪندو هو. پوءِ اهو غير شرعي ڪم ٿورو هجي يا گهڻو هجي، بهرحال ان کي نه ڇڏيندو هو."

ان وقت جا مسلمان حاڪم به سندس انهن ڳالهين ۾ هر طرح موافقت ڪندا هئا، اَمر معروف ۽ نهي عن المنڪر جا ادب بجا آڻيندا هئا. ان بزرگ ۾ الله تعاليٰ ايڏي هيبت رکي هئي جو وڏا زبردست حاڪم به سندس اطاعت اڳيان گردنون جهڪائيندا هئا ۽ سندس شرعي حڪمن جي فرمانبرداري ڪندا هئا، جنهنڪري هن جي زماني ۾ ڪو به ڪم اسلامي احڪامن جي برخلاف ڪونه ٿي سگهيو ٿي، ظلم ۽ بدعت جو بنياد نڪري چڪو هو. هن جي زندگي وڏائي بزرگي ۽ پاڻ پائڻ کان بلڪل آزاد هئي. نڪو تڪّلف هوندو هو نه رياءُ، ۽ نه سجادگي جو ٺاٺ ۽ لوازما، بلڪ هو هميشه زمين تي ويهندو ۽ زمين تي سمهندو هو، سون ۽ روپي کي پنهنجي پاڪ دل ۾ ڪڏهن به جاءِ نه ڏنائين، سموري عمر توڪّل تي گذاريائين. جيڪي به وٽس ايندو هو سو بروقت محتاجن ۽ ضرورت وارن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندو هو.

هڪ دفعي نصرپور ۾ ساداتن جي مسجد ۾ تشريف فرما ٿيو، اتي سيد سڳورن سان گڏ هڪ واڍو، جو سيدن جي پاڙي ۾ رهندو هو پر نماز اصل نه پڙهندو هو، سو به سندس خدمت ۾ اچي وينو، اتي ڪنهن ماڻهوءَ واڍي کي چيو ته: افسوس جو تون سيدن جي پاڙي ۾ رهي پوءِ به نماز نٿو ادا ڪرين، سيدن جي نيڪيءَ جو به تو تي اثر ڪونه ٿيو ٿئي! واڍي بيوقوفيءَ کان جواب ڏنو ته: آءٌ سيدن جي پاڙي کي باهه ڏيان! جنهن تي مخدوم وهيي کي ڏاڍو جوش ۽ غصو آيو ۽ سيدن جي شان ۾ اها گستاخي برداشت ڪري نه سگهيو، ۽ زبان مان نڪري ويس، ته: هن گستاخ جي سزا آهي ته هيءُ جيئرو کوهه ۾ پورجي وڃي! چون ٿا، ته ٻئي ڏينهن هن واڍي کي هڪ کوهه ۾ چِڪ لاهڻ لاءِ سڏ ٿيو، ٻن رفيقن سان گڏجي کوهه ۾ گهڙيو ته اوچتو کوهه جي پٽ ڊهڻ لڳي جا واڍي کي پوريندي ۽ دفن ڪندي وئي، باقي ٻيا سندس ساٿي خدا جي قدرت سان سلامت ٻاهر نڪري آيا ۽ واڍو زنده درگور ٿي ويو جنهن کانپوءِ کوٽي سندس لاش ڪڍي دفن ڪني وئي [1].

مير علي شير قانع ڪتاب 'معيار السالڪين' ۾ لکي ٿو ته: مخدوم وهيو جي وقت هڪ ماڻهو ماراماري ۽ جهيڙي ۾ هڪ سيد جي هٿان قتل ٿي پيو جنهن تي علمائن قصاص جي فتويٰ ڏني، مگر اها فتويٰ جڏهن مخدوم صاحب وٽ آئي ته سيد جي ادب جو لحاظ رکي فتويٰ ۾ اهڙو شڪ پيدا ڪرايائين جو آخر قتل جو ڏوهه سيد تان معاف ٿي

[1] حديقةالاوليا ص 151 هن ڪتاب ۾ سندس احوال پڙهڻ گهرجي، نهايت دلچسپ آهي.

ريو. پنهنجي گهر ۾ هڪ يتيم سادات ڇوڪرو پاليو هئائين، جنهن کي پنهنجي نياڻي شادي ڪرائي حب اهل بيت جو ثبوت پيش ڪيائين. هو ساداتن جو ايڏو ادب ڪندو هو جو سيدن جي حويلين ڏانهن پير ڊگها ڪري به نه سمهندو هو ۽ وٽس ڪو سيد ايندو هو، ته ان کان هيٺ ويهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. 21-رجب سن 1001هه ۾ هن دارفاني مان لاڏاڻو ڪري دار جاوداني ۾ وڃي آراميو. ڪنهن شاعر سندس سال وفات جي تاريخ هيٺئين عربي فقري مان ڪڍي آهي: **ماتَ فِي عشقَ** ان جو فارسي ترجمو **در عشق جان بسپرد** [1] ڪيو

1001هه 1001هه

ويندو ته ساڳيو سال ۽ تاريخ حاصل ٿيندي [2].

(ڪواڪب السعادات ملخصاً)

## 21- شيخ مبارڪ پاٽائي

پاٽ جي شهر کي جن بزرگن اچي آباد ڪيو، سي شيخ مبارڪ جا ڏاڏا ۽ شيخ عيسيٰ پاٽائي برهانپوري جا وڏا هئا. شيخ مبارڪ مخدوم عباس (ابن جلال) محّدث پاٽائي جو شاگرد هو، جنهن وٽ سمورا ظاهري علم ختم ڪري ان کانپوءِ تقدير کيس احمدآباد (گجرات) ۾ پهچايو. احمدآباد جي ناصرالملڪ جي مشهور مسجد ۾ صدر مدرس مقرر ٿيو ۽ ڪيترا سال درس تدريس ڏيندو رهيو، ان کانپوءِ برهانپور اچي مقيم ٿيو، وقت جي حاڪم کيس قصبي جويره جو قاضي مقرر ڪيو. برهانپور رهڻ وقت هن جي ظاهري علم تي تصوف جو غلبو ٿيل هو، مگر حاڪم جو حڪم قبول ڪري پنهنجي باطني حالت کي، قضا قبول ڪرڻ سان لڪائي ڇڏيائين. ان زماني ۾ صوبي برار ۾ حاڪم وزيراعظم تفاول خان هو، جنهن جي عرض ڪرڻ تي وزير جي ملاقات لاءِ ايلچ پور پهتو ۽ وزيراعظم نهايت عزت ۽ احترام سان سندس پيش آيو، اتان وٺي قضا جي عهدي تي مقرر ڪيائينس.

برهانپور ۾ فقير لدو (لاڏجيو) سنڌي رهندو هو جو ڏاڍي مٺي سُر سان سنڌي ڪافيون ڳائيندو هو [3]. قاضي مبارڪ ان جي ڪافين ٻڌڻ جو ڏاڍو شائق رهندو هو ۽ حظ حاصل ڪندو هو، سندس اکيون هميشه آب سان پريون رهنديون هيون. آخر قضا جو عهدو ڇڏي محدث طاهر بن يوسف سنڌيءَ جي صحبت حاصل ڪرڻ لاءِ برهانپور ۾ اچي

[1] هي ڪَتبو سندس قبر تي موجود آهي.

[2] تورڪي جي قبرستان، جنهن ۾ بيگلار امير دفن، اتي سندس مقبرو موجود آهي. شاهه قاسم خان زمان سندس معتقد هو. ڏسو مقدمو چنيسر نامو راقم الحروف.

[3] ڏسو گلزار ابرار ص 443 وفات 1007هه ۾ ٿيس.

رهيو، جتي وٽس شيخ عيسيٰ جندالله ڪجھ ڪتاب پڙهيا ۽ پاڻ وري دنيا کي ترڪ ڪري شيخ لشڪر محمد عارف [1] جي بيعت ڪري سندس صحبت ۾ رهيو ۽ رسالو 'قيصريہ' [2] وٽس پڙهي توحيد جي مسئلي کي سمجهي ڇڏيائين. جمعي ڏينهن سن 978هہ ۾ هن دار فاني مان لاڏاڻو ڪري دار جاوداني ۾ وڃي آرام ڪيو. شيخ ابراهيم بن عمر سنڌيءَ جي گنبذ ۾ دفن ٿيو.

مبارڪ بر مبارڪ باد ديدار

(گلزار ابرار) [3].

## 22- مخدوم ساهڙ لنجار انڙپوري

بن مخدوم معزالدين. هي عالم رباني عارف لاثاني، حضرت مخدوم بلال قدس سرہ (شهادت 931هہ) جو وڏو خليفو هو. رات ڏينهن الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت ۾ قائم رهندو آيو ۽ هڪ پساهہ بہ پنهنجي پروردگار کان غافل نہ رهيو. هو اهڙي ماڻهوءَ کي تلقين ڏيندو ۽ ذڪر سيکاريندو هو، جنهن ۾ لياقت ۽ استعداد ڏسندو هو. هن جون ڪرامتون بي شمار آهن، هو مستجاب الدعوات درويش هو، هن جو ذڪر ڪتاب 'حديقة الاوليا' [4] ۾ مفصل آيل آهي.

هڪ دفعي فرمايائين، تہ: مان پنهنجي مرشد (مخدوم بلال رحہ) کان ٻڌو آهي، تہ جنهن ماڻهوءَ ۾ ٽي خصلتون هجن تنهن کان نفع وحاصل ڪريو:

1) جڏهن وٽس وڃو تہ خدا ياد اچي،

2) جيڪي چوي سو دل ۾ وهي،

3) سندس صحبت مان جدا ٿيڻ دل کي ڏکيو لڳي.

(تحفة الڪرام [5])

هو اهل بيت نبوي جو ايتريقدر ادب ڪندو هو، جو ساداتن جي گهر ڏانهن پير ڊگها ڪري نہ سمهندو هو. جيئن تہ هڪ دفعي متيارين جي شهر ۾ اچي رهيو، تہ آرام

---

[1] هي بزرگ برهانپور جو رهاڪو هڪ وڏو ولي ڪامل صاحب توحيد ۽ توڪل جو مالڪ هو. شيخ عيسيٰ جندالله ۽ پيا سوين ماڻهو سندس صحبتي ۽ مريد هئا. سال 993هہ ۾ وفات ڪيائين. ماده سال وفات سندس اسم 'لشڪر محمد عارف' مان نڪري ٿو. ڏسو گلزار ابرار 361 تا 369.

993هہ

[2] شرح قيصري جو مقدمو (گلزار 316).

[3] ڪتاب مذڪور 315 تا 316.

[4] ڏسو ڪتاب مذڪور ص 121 تا 125.

[5] جلد ٽيون ص 153 قديم فارسي ڇاپو.

ڪرڻ لاءِ بستري تي پير ڊگها ڪري نہ سُتو، ڪانئس سبب پڇيو ويو، تہ فرمايائين: "هن شهر ۾ چؤطرف ساداتن جون حويليون آهن، تنهنڪري ادب کان پير ڊگها ڪرڻ ڏکيا لڳن ٿا." هن بزرگ جو طريقہ ڪبروي همداني جي مير سيد علي همداني [1] جي سلسلي کان شيخ نجم الدين ڪبري [2] سان وڃي ملي ٿو. هن بزرگ مخدوم ساهڙ جي خليفن مان سيد رڪن الدين سخي متعلوي ۽ سيد حاجي متعلوي ۽ ٻيا گهڻا بزرگ آهن.

(مسودات مشتاق متعلوي)

پنهنجي مرشد مخدوم بلال جي شهادت کانپوءِ، هو حضرت مخدوم نوح هالائيءَ جي صحبت ۾ رهيو ۽ اتان گهڻو ڪجهہ فيض پرايائين. هڪ دفعي مخدوم ساهڙ پنهنجي ڪثرت عيال ۽ قلت مال جي حضرت مخدوم نوح کي دانهن ڏني، مخدوم صاحب فرمايس تہ: واپار ڪريو! چيائين تہ: سرمايو ڪونہ اٿم! فرمايائينس تہ: کيتي ڪريو! عرض ڪيائين تہ: ان جي طاقت ڪانهيم! مخدوم فرمايو تہ: نوڪري وڃي ڪر! عرض ڪيائين تہ: نوڪري تہ الله تعاليٰ جي ڪريان ٿو! آخر مخدوم نوح فرمايو تہ: ڪشادي گذران لاءِ ڊور ڊارڻ چڱا آهن! پوءِ مخدوم ساهڙ جي ڪشادگي رزق لاءِ دعا گهريائون. پنهنجي دوستن سان جڏهن پوئتي موٽيو تڏهن رستي ۾ ٽنگ پڳل مينهن جي وڇ ڏنارن، فقيرن کي پيش ڪري چيو تہ: هيءَ بيڪار آهي پلي کهي کائو. مخدوم ساهڙ چيو تہ: هن کي ڪهو نہ پر ساڻ ڪٽي هلوس، جو مخدوم معظم وٽان مال پالڻ جو ارشاد ٿيو آهي. آخر اها وڇ چڱي پلي ٿي، جنهن جي نسل مان تمام گهڻيون مينهون مخدوم ساهڙ وٽ موجود ٿي ويون.

(دليل الذاڪرين)

'دليل الذاڪرين' مان هي بہ معلوم ٿئي ٿو، تہ مخدوم ساهڙ لنجار سيد عبدالڪريم بلڙي واري جي معرفت جڏهن مخدوم نوح جي خدمت ۾ پهريون دفعو پهتو تڏهن مخدوم فرمايس: ڀلي آئين مخدوم ساهڙ! مخدوم ساهڙ عرض ڪيو تہ: منهنجي نالي جي اوهان کي ڪنهن خبر ڏني؟ مخدوم فرمايو تہ: نباني العليم الخبير - مون کي ڄاڻندڙ خبردار سڌ ڏني! ان وقت مشائخ هوتي لاکو بہ آيل هو ۽ هنن ٻنهي بزرگن ڪلمہءِ 'لا الٰہ الا الله' جي خاص نموني ۾ تلقين حاصل ڪئي.

هي ايڏو پرهيزگار هو، جو سندس عبادت واري حجري يا ڪوٺيءَ ۾ ڪنهن کي

---

[1] تاريخ وفات 786هہ.

[2] وفات: 10 جمادي الاول 618هہ ڏسو شيخ نجم الدين ڪبريٰ از منوچهر محسني ص 7 تهران ۽ ڏسو ريحانۃالادب ج 4 ص 172 حقيت ۽ منصور ڪبري مان اهو سال نڪري ٿو

داخل ٿيڻ جي اجازت ڪانہ هوندي هئي. هڪ دفعي سندس گهر واري عبادت خاني ۾ لنگهي وئي مگر جهٽ پٽ واپس ٿي، جنهن تي مخدوم صاحب فرمايو تہ: هي گهر ساڙڻ جي لائق آهي، جو ان ۾ عورت جو پير پيو آهي. (دليل الذاڪرين)

مخدوم صاحب جي وفات سن 980هہ [1] ۾ ٿي ۽ سندس مقبرو اُنڙ پور ۾ آهي.

## 23- علامي محمد ٺٽوي[2]

بن ملا يوسف ٺٽوي، جو هڪ درويش ڪامل هو، سو ٺٽي مان جهانگير جي اوائل حڪومت ۾ نواب نورجهان بيگم جي دربار ۾ پهتو ۽ نورجهان جي پيءُ نواب اعتماد الدوله آصف جاه [3] سندس شاگرد ۽ علامي ٺٽوي جي دعائن جي برڪات جو تربيت يافتہ ۽ ترقي وٺندڙ هو. شيخ فريد بکري لکي ٿو:

'در جميع علوم مهارتی کل داشت، ملا محمد را بمنزله امام محمد غزالی می توان گفت در علم جفر و تکثير و اعداد دستگاهی کمال داشت.' [4]

ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ:

'هفت سال بلا انفصال مابين ملا محمد تتوی و ملا مصطفیٰ علامی برهانپوری مباحثه علم رفت، از ملا مصطفیٰ علامی پرسيده شد که ملا محمد تتوی را در تحصيل علوم چه طور يافتند؟ مشار اليه گفت که در جميع علوم سر آمد وقت خود است امروز قرين او در هند موجود نيست الا در علم فقه که احضار ندارد و محتاج بمطالعه کتب است.'

(ذخيرة الخوانين). [5]

يعني: "علامي محمد ٺٽوي سڀني علمن ۾ ڪامل ماهر هو، هن کي امام محمد غزالي جو متبادل بجاءِ سڏي سگهجي ٿو، هو علم جفر، تڪثير ۽ اعداد ۾ وڏي پهچ وارو هو. ست سال هن ۽ مصطفيٰ علامي برهانپوري جي وچ ۾ علمي بحث هلندو رهيو، هڪ دفعي مصطفيٰ علاميءَ کان پڇيو ويو، تہ ملا محمد کي علمن ۾ ڪيئن ٿا پائيو؟ چيائون: "هو سمورن عالمن ۾ هن وقت جو سردار آهي ۽ هندستان ۾ هن جو ڪوبہ مَٽ

[1] حديقة الاوليا ص 125. ٻئي نسخي ۾ تاريخ 14 رجب لکيل آهي.

[2] تحفة الڪرام ۾ هن کي ملا محمد جهانگيري جي لقب سان ياد ڪيو ويو آهي.

[3] مرزا ابوالحسن آصف جاه چوٿون وفات 17 شعبان 1051هہ ڏسو شجرو مظهر شاهجهاني ۾.

[4] جلد ٻيو ص 374.

[5] جلد ٻيو ص 286 هن جو احوال ذخيري جي پهرين جلد ۾ ص 236 تي بہ آهي ۽ ٻئي جلد ۾ ص 9 ۽ 55 تي آهي. مقالات الشعرا ۾ 834- 835 ۾ آهي ۽ تحفة الڪرام طبع راقم جي صفحي 212 ۽ 391 تي پڻ ڏسجي.

ڪونہ آهي، مگر علم فقهہ برزبان ياد نہ آهيس، اِن ۾ ڪتابن جي ڏسڻ جي ضرورت پويس ٿي."

نواب آصف خان جي مهرباني ۽ وسيلي سان سموري مغليہ حڪومت جو صدر مقرر ٿيو ۽ صدارت (هاءِ ڪورٽ جي جج جي عهدي) واري زماني ۾ قرآن شريف بہ ياد ڪري ورتائين. جهانگير جي زماني ۾ ترخان گهراڻو مرزا غازي وقاري جي وفات ڪري ختم ٿي چڪو هو، اگرچہ ٺٽي ۾ گورنر، جهانگير پاران مقرر ٿي ايندا هئا، مگر ٺٽي جي مالڪ آصف خان (ابوالحسن) جي اشاري سان ملا محمد ۽ سندس پائرن ڪي بنايو ويو.

ارغون ۽ ترخان گهراڻي جا باغات، محلات ۽ املاڪ جا پروانا باد شاهہ ملا محمد جي نالي ڪري ڇڏيا هئا، ان ڪان پوءِ سندس پائرن کي مليا. ٺٽي جو قاضي، مير عدل، مفتي، محتسب، سمورا عهدا ملا محمد جي پائرن جي حوالي هئا، هي صاحب ٺٽي جو مالڪ بڻجي ويو مگر ان هوندي بہ هو نورجهان بيگم ۽ نواب آصف خان سان سفر حضر ۾ ساڻ رهندو هو، هو نورجهان بيگم جو استاد هو. (تحفة الڪرام)

افسوس جو ايڏي وڏي سنڌي عالم ۽ عامل نورجهان ۽ مهابت خان واري جهڳڙي ۾، جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو، مهابت خان قتل ڪرائي ڇڏيو.

هن جو چوڻ هو تہ نواب آصف خان جو هي ساٿي (ملا محمد ٺٽوي) هن فساد جي سلسلي جو محرڪ آهي تنهنڪري هن جو قتل ضروري آهي. آصف خان کي اِنهيءَ ڪري ايڏو غم پهتو جو راتين جون راتيون اوچتو روئي روئي پوندو هو، واهہ محمد آهہ!! واهہ محمد آهہ!! (ذخيرة الخوانين) [1].

سندس شهيد ڪرائڻ کان پوءِ وصيت موجب هن جو لاش ٺٽي ۾ پهچائي دفن ڪيو ويو. (تحفة الڪرام)

## 24- سيد ابراهيم بکري

تصّوف جي تلاش ۾ سنڌ ڇڏي شيخ جلال متو برهانپوري [2] جي خدمت ۾ وڃي رهيو. پنهنجي مرشد جي صحبت، دوستي ۽ مهربانيءَ ڪري هميشہ لاءِ وٽس رهي پيو ۽ ان جي وفات کان پوءِ سندس جاءِ نشين ٿيو. سيد صاحب وٽان ڪيترائي ماڻهو فيض هدايت حاصل ڪري عرفان جي شراب مان سيراب ٿيا.

مسيح القلوب شيخ عيسيٰ جندالله کان روايت آهي، تہ: هڪ دفعو آءٌ سيد جي خدمت ۾ وينو هنس، فرمايائين تہ: شيخ لشڪر محمد عارف (993هہ) کان مون ٻڌو آهي، تہ جو هڪ دفعو ايجابي مشاهدو (همہ اوست جو) ڪري، فرمائي رهيو هو تہ " اطاعتڪ العاصي في عصيانڪ و ذڪرڪ الناسي في نسيانڪ" يعني: گنهگار پنهنجي

[1] ج 2 ص 374 [2] ڏسو: برهانپور ڪے سنڌي اولياء ص 210.

مير چوڪري کي مخاطب ٿي فرمايو تہ: چئو بسم الله الرحمٰن الرحيم! چوڪري هڪدم بسم الله پڙهي ۽ ان کان پوءِ سيڪجهہ ڳالهائڻ لڳو. اهو ساڳيو چوڪرو ٿورن ڏينهن اندر قرآن جو حافظ ٿيو.

(3) مسلمانن جي فوج جو هڪ دفعي ڪانگڙي قلعي تي گهيرو هو. گهيري کي ٻہ سال گذري ويا پر قلعو فتح نہ ڪري سگهي ٿي. فوج جي افسرن ۾ هڪ امير ميان مير جو مريد هو، جنهن پنهنجي مرشد ڏي لکي موڪليو، تہ دعا گهرو تہ قلعو فتح ٿئي، انهي رقعہ جي پٺ تي جواب لکيائين تہ: انشاءَالله تعاليٰ قلعو تنهنجي هٿ تي فتح ٿيندو. خط پهچڻ کانپوءِ چوٿين ڏينهن قلعو فتح ٿي ويو.

(4) ميان مير جي مريدن مان هڪ محمد فاضل نالي شخص جو پٽ فوت ٿي ويو، ڏاڍو غمگين ٿيو، مرشد فرمايس، تہ ڏک نہ ڪر تنهنجي زال پيٽ سان آهي اميد تہ توکي پٽ ڄمندو، پوءِ جاچ ڪرائي ويئي تہ برابر سندس زال پيٽ واري هئي. آخر پورن مهينن کانپوءِ پٽ ڄائو، جنهن جو ميان مير افضل نالو رکيو ويو.

(5) هڪ دفعي جهانگير بادشاهہ ڪشمير ۾ هو. ڪن ماڻهن شيخ عبدالحق محدّث دهلوي (متوفي 1051هہ) ۽ مرزا حسام الدين، جو خواجہ باقي الله دهلوي[1] (متوفي 1012هہ) جو وڏو خليفو هو، بادشاهہ جا انهن بزرگن جي برخلاف وڃي ڪَن ڀريا. بادشاهہ حڪم ڪڍيو، تہ شيخ عبدالحق ۽ مرزا حسام الدين مون ڏانهن ڪشمير هليا اچن ۽ شيخ عبدالحق جو فرزند مولانا نورالحق (متوفي 1073هہ) ڪابل هليو وڃي. ان حڪم کان پوءِ شيخ عبدالحق محّدث دهلي مان روانو ٿي جڏهن لاهور پهتو تڏهن سڀ کان پهريان ميان مير جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين، تہ اسان لاءِ هي حڪم نڪري چڪو آهي! ميان مير شيخ کي دلجاءِ ڏيندي فرمايو تہ: پريشان نہ ٿي، نہ تون ڪشمير ويندين ۽ نہ تنهنجو پٽ ڪابل! ۽ مرزا حسام الدين بہ دهلي نہ ڇڏيندو، اوهان سڀ دهلي ۾ ئي خوش خرم رهندا! ان کانپوءِ چار ڏينهن مس گذريا، تہ لاهور ۾ بادشاهہ جهانگير جي وفات (1037هہ) [2] جي خبر پهتي، سندس لاش کي بہ لاهور آڻي دفن ڪيائون. هي ٽيئي بزرگ ان کانپوءِ دهلي روانا ٿي ويا.

ميان مير جون ٻيون بہ ڪيترين ئي فوق العادة ڪرامتون، جي 'خزينة

---

[1] تاريخ 25 جمادي الثاني (مفتاح التواريخ ص 207).

[2] تاريخ 8 صفر ڪشمير کان ايندي واٽ تي فوت ٿيو.

[3] ڏسو ج ص 154 کان ص 160.

الاصفياء' ۾ نقل ڪيل آهن ۽ ازانسواءِ سندس حياتيءَ تي جدا ڪتاب به لکيل آهن، [1] هت فقط متين معمولي واقعن تي اڪتفا ڪجي ٿي.

ميان مير جي قادري طريقي جو سلسلو هن ريت آهي:

ميان مير مريد شيخ خضر سيوستاني [2]، او مريد شيخ عابد ڪبير، او مريد شيخ ابوالقاسم، او مريد شيخ موسيٰ حلبي، او مريد شيخ ابوبڪر، او مريد شاهه دائود، او مريد شاهه سليمان، او مريد شيخ قريشي، او مريد شيخ عبدالرزاق بن شيخ عبدالقادر جيلاني. (خزينة الاصفياء ج 2)

ميان مير لاهور ۾ 60 سال رهي هزارن ماڻهن کي فيض پهچائي، نواز وزير خان مغل جي گورنري ۽ شاهجهان بادشاهه جي زماني ۾ اڱاري ڏينهن ظهر نماز کانپوءِ 7 ماهه ربيع الاول سنه 1045هه جو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو فرمايو.

سموري زندگي مجرد حصور رهيو، يعني شادي ڪانه ڪيائين، جنهن ڪري اولاد ڪانه ڇڏيائين. ڪيس چار ڀائر ۽ ٻه ڀينر هيون.

ڀائرن جا نالا هي آهن:

1) قاضي بولڻ،

2) قاضي عثمان،

3) قاضي طاهر،

4) قاضي محمد ۽

5) پاڻ ميان مير.

---

[1] ڏسو: 1) سڪينة الاولياء- ترجمه اردو ملڪ فضل الدين لاهور 1920ع ۽ ترجمو اردو از مقبول بيگ بدخشاني پيڪيجز لاهور 1972ع فارسي جلالي نائيني تهران.

2) سفينة الاولياء- فارسي نولڪشور 1872-1884-1900ع.
فارسي آگره 1953ع
فارسي تهران.

3) خزينة الاصفياء- مفتي غلام سرور.

4) سر اڪبر- جلالي نائيني تهران.

5) مقالات الشعرا- قانع ٺٽوي ڇاپ حسام الدين ص 500- ص 514.

6) تذڪره شعراء ڪشمير- حسام الدين ملا شاهه بدخشيءَ جي احوال ۾.

7) تحفة الڪرام- قانع 3-138 فارسي.

(ميان مير جي تصوير ڏسو: سر اڪبر تهران. مقالات الشعرا- سڪينة الاوليا طبع تهران- مقبري جي تصوير سڪينة الاوليا اردو طبع لاهور 1972ع.

[2] ڏسو احوال خزينة الاصفياء ج 1 ص 136 وفات بقول صاحب سيرالقادريه 994هه.

سنڌس پينر:

1) بي بي ٻائي [1]

2) بي بي جمال خاتون. اها بي بي وليہ عارفہ جنهن جو بيان هن ڪتاب جي باب الجيم [2] ۾ ڏسڻ گهرجي.

ميان مير وٽان هزارين ماڻهن فيض ورتو ۽ سندس طريقو سموري هندستان ۾ پکڙندو رهيو. مشهور خليفن مان، جن جا نالا تاريخ جي ڪتابن ۾ اچن ٿا سي هي آهن:

1) شيخ شاهہ محمد مشهور بہ ملا (شاهہ بدخشي) بدخشاني (متوفي 1069هہ) شهزادو محمد دارا شڪوه هن جو خليفو ۽ مريد هو [3].

2) حاجي مصطفيٰ سرهندي (متوفي 1039هہ) [4] مير عنايت الله مسڪين شاهہ (متوفي 1052هہ).

3) خواجہ بهاري (متوفي 1060هہ) [5].

4) نٿا شاهہ لاهوري (متوفي 1027هہ) هن بزرگ جي وفات ميان مير جي سامهون ٿي، هن جي وفات جي وقت فرمايائين: اسان جي گهر جي رونق فقير نٿا ڪٿي ويو. پچاڙيءَ ۾ ميان مير پنهنجن خادمن کي فرمايو هو، تہ ڪيس خليفي نٿا جي لڳ دفن ڪجو [6].

5) ملا حامد قادري (متوفي 1043هہ) [7].

6) شاهہ نعمت الله سرهندي (متوفي 1017هہ) [8] ۽ ٻيا.

محمد دارا شڪوه 'سڪينة الاولياء' ۾ سندس (ميان مير جي) وفات جو قطعہ

---

[1] نالي ۾ اختلاف آهي، مقالات (501) جامل مائي- سڪينة (فارسي، ص 27) بي بي بادي سنڌي4 ۾ اهو نالو مائي بادل ڏيندو.

[2] ڏسو نمبر 31.

[3] ڏسو تذڪره شعراي ڪشمير حسام الدين ج 1 ص 426- 459 وفات ۾ اختلاف آهي 1072هہ پڻ چئي وڃي ٿي. ڏسو تصويرون ساڳو تذڪرو جلد 4- تصوير نمبر 18 تا 24 ۽ سڪينة (اردو- پيڪيجز ص 179 تا ص 243.

[4] تاريخ 14 صفر سڪينة اردو (پيڪيجز) ص 167.

[5] سڪينة " " ص 244.

[6] سڪينة ص 120-159-160-161-163-165-166-178-185

[7] سڪينة ص 115.

[8] سڪينة ص 157.

تاريخ هيٺئين ريت درج ڪيو آهي:

**از علامه فتح الله قادري**

ميان مير سر دفتر عارفان — که خاک درش رشک اکسير شد
سفر جانب شهر جاويد کرد — چو زين محنت آباد دلگير کرد
خرد بهر سال وفاتش نوشت — بفردوس والا ميان مير شد [1]

1045ھ

**از مفتي غلام سرور لاهوري**

مير دنيا و دين ميان ميرست — واقف راز و محرم اسرار
هست مير بهشت توليدش — هم ميان مير چشمهء انوار

957ھ

باز فرمود شيخ والا جاه — عقل توليد او بصد تکرار

957ھ

بندهء مقتدا ميان مير است — سال توليد آن شه ابرار

957ھ

هادیء صدق مير اشرف خوان — وصل آن شان زبدة الاخيار

1045ھ

نيز فياض حق ولی آمد — هم ميان مير دستگير ای يار

1045ھ — 1045ھ

**ايضاً**

شه دوران زمان فضل الهی — ميان مير آن ولی اهل توقير
ز رهبر متقی پيداست سرور — کنی تاريخ توليدش چو تحرير

957ھ

بجو تاريخ وصل آن شهء دين — ز تاج الاصفيا عابد ميان مير

1045ھ

(خزينة الاصفياء) [2]

---

[1] سڪينة فارسي ص 97.

[2] ج 1 ص 159.

## 26- تاج العاشقين محمد سنڌي

سندس والد (عبدالله سنڌي) سنڌ مان هجرت ڪري برهانپور وڃي رهيو، شيخ لشڪر محمد عارف جو مريد ٿيو ۽ ننڍي هوندي حديث، تفسير ۽ فقه جا علوم شيخ طاهر يوسف سنڌيءَ وٽ حاصل ڪيائين، حڪمت، هيئت ۽ طب جو علم حڪيم عثمان بوبڪائي (برهانپوري) وٽ تحصيل ڪيائين. مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ برهانپوري سنڌيءَ جو ننڍپڻ ۾ هم درس ۽ هم سبق هو. ان کان تصّوف جا ڪتاب جيئن ته 'شرح منازل السائرين' 'نقد نصوص شرح فصوص' 'شرح گلشن راز' ۽ 'شرح موافق' مسيح الاولياء وٽ پڙهيائين. طالب علمي جي زماني کان وٺي هو سهڻي صورت ۽ سهڻي آواز جو فريفتو رهندو ايندو هو. سندس چوڻ آهي ته: مون کي حسن پرستيءَ وڏڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ مسيح الاولياءَ جي ثابت قدميءَ بي پايان علمن جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ اڳتي وڌندو رهيس.

جوانيءَ ۾ علمن جي تحصيل کانپوءِ هڪ خوبصورت مظهر تي عاشق ٿي پيو ۽ ان جي تصّور ۽ درد ۾ خاموش ٿي هڪ ڪنڊ ۾ چلو ڪڍڻ لڳو ۽ نالائق نفس سان مخالفت ڪرڻ لاءِ ڪمر همت جي ٻڌي ويهي رهيو. ائين ئي هڪ رات جو خواب ۾ حقيقي معشوق جو پسڻ ٿي ويس ۽ هميشه لاءِ مجازي عشق کان خيال ڪڇي ويس. تذڪره 'گلزار ابرار' وارو لکي ٿو ته: جنهن سال عرش آشياني بادشاهه اڪبر خانديش ۾ تشريف فرما ٿيو [1] ته خانديش جي اڳوڻي حاڪم تاج العاشقين تي بادشاهه جي طرفداريءَ جي تهمت لڳائي ڪٽي قيد ۾ وجهارايو. ڪن دوستن جي تدبير ۽ مشوري سان آخر ڪيس قيد مان مشڪل سان ڇوٽڪارو نصيب ٿيو، ان کانپوءِ هو سڌو دارالخلافه آگري روانو ٿي ويو. آگري ۾ بادشاهه جي اميرن ۾ قليچ خان نالي هڪ وڏو عالم، فاضل ۽ حڪيم امير هو، جنهن تاج العاشقين کي پنهنجي پرورش ۾ ورتو ۽ سندس سمورو خرچ پنهنجي ذمي ڪنيائين. ان کانپوءِ قليچ خان سنه 1011هه ۾ لاهور جو گورنر مقرر ٿي آيو، ته تاج العاشقين کي به پاڻ سان علمي صحبتن لاءِ پاڻ سان ورتيون آيو، جتي هي صوفي عاشق، زاهد ۽ عابد بزرگ ڪن بت پرست راجپوتن هٿان سن 1013 هجري [2] ۾ شهيد ٿي ويو [3].

---

[1] سن 1008هه.

[2] تاريخ غره جمادي الاول.

[3] گلزار ابرار ص 465.

## 27- خواجہ سيد محمد چشتي بکري

هي خواجہ بزرگ، مودود چشتي [1] جي اولاد مان آهي، قنڌار جي پرڳڻي مستونگ ۾ رهندو هو (اڄڪلهہ اهو مستونگ بلوچستان جي پرڳڻي ۾ آهي). چيو وڃي ٿو تہ شاهجهان جي زماني ۾ مغليہ گورنر قنڌار، بهادر خان [2]، شاهجهان جي برخلاف سازش ڪري ايران جي باد شاهہ کي قنڌار حوالي ڪرڻ گهريو ٿي ۽ سيد خواجہ محمد چشتي کان ان بابت امداد گهريائين، ڇاڪاڻ جو بلوچستان جا تمام گهڻا رهاڪو سندس مريد ۽ معتقد هئا، مگر خواجہ صاحب باد شاهہ شاهجهان سان وفاداري ڏيکاريندي انڪار ڪيو ۽ اتان سفر ڪندي گجرات ۾ اچي شاهجهان سان مليو ۽ سمورو احوال روبرو خدمت ۾ عرض رکيائين. باد شاهہ کيس گورنري قنڌار جو پروانو ڏيئي وري واپس روانو ڪيو، مگر هو جڏهن سنڌ ۾ پهتو تڏهن گورنري کان فقيريءَ کي وڌيڪ پسند ڪيائين، بکر ۾ مير محمد معصوم بکري جي [3] شادي ڪري اتي ئي رهجي پيو. 'ذخيرة الخوانين' جو مصنف لکي ٿو: بکر پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ صيت پور [4] ۾ سندس وفات ٿي. اهو يارهين صدي هجري جي پوئين اڌ جو واقعو آهي.

## 28- حڪيم عثمان بوبڪائي

پٽ شيخ عيسيٰ بن شيخ ابراهيم صديقي. بوبڪن ۾ ڄائو ۽ سنڌ جي جدا جدا استادن وٽ علوم حاصل ڪيائين. گهڻو وقت مخدوم عباس محدّث پاتائي جي خدمت ۾ معقول ۽ منقول جي تحصيل ڪيائين. ان کانپوءِ ان وقت جي مشهور استاد انام شيخ وجيہ الدين علوي احمد آبادي [5] جي خدمت ۾ پهچي ڪيترا علم حاصل ڪيائين، ازانسواءِ قاضي محمود موزمي ۽ شيخ حسيبي بغدادي کان بہ علمي فائدا ورتائين. مطلب تہ ڪوبہ علم ۽ ڪوبہ فن اهڙو پوئتي نہ ڇڏيو هئائين جنهن جو حڪيم صاحب جامع نہ هو. مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ کان روايت آهي تہ: حڪيم صاحب فرمائيندو هو تہ سنڌ جي رهڻ وارن ڏينهن ۾ آءٌ هڪ دفعو مخدوم نوح رحہ هالائي وٽ ويس، هن لاءِ تہ علمي

[1] وفات 527 نفحات الانس تهران ص 329.

[2] ڏسو احوال مائر الامرا 1-401 ۽ مظهر شاهجهاني ص 309 (1029هہ) ۾ قنڌار هو.

[3] مولوي صاحب مرحوم شايد غلطي ڪئي آهي، مير معصوم فوت ٿي چڪو هو، ٿي سگهي ٿو مير جي خاندان مان سندس شادي ٿي هجي.

[4] صيت پور هن وقت سنڌ کان ٻاهر ديري غازي خان ضلع ۾ آهي ۽ اڳ بکر سرڪار جي ماتحت هو. (وفائي)

[5] 911هہ ۾ جاپانير ۾ ڄائو ۽ 29 صفر يڪشنبہ 998هہ احمد آباد ۾ دفن ٿيو. تذڪره علماء هند ص 349.

ڪمالات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪانئس دعا گهران، مگر اجا ڪجهه زبان تي آندو ئي ڪو نه هو م ته فرمايائون ته: "اتقوا الله يعلمكم" يعني: "پرهيزگار ٿي رهو ته الله تعاليٰ اوهان کي علم نصيب ڪندو!" علومن جي حاصل ڪرڻ کان پوءِ سالن جا سال برهانپور جي محلي سنڌي پوره ۾ درس ڏيندو رهيو. مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ برهانپوري سنڌي، علامه قاضي عبدالسلام سنڌي، جنهن جو 'مختصر وقايه' تي شرح لکيل آهي ۽ هڪ هڪ جزي تي حديث جي روايت پيش ڪيل آهي، شيخ نصيرالدين پٽ شيخ سراج محمد بنبائي ۽ مولانا صالح سنڌي، جو پنهنجي استاد جو ناني پڻ هو، شيخ يوسف بنگالي جو داماد شيخ سڪهجي، سيد محمد غوثي مصنف 'تذڪره گلزار ابرار' اهي سمورا حڪيم صاحب جا شاگرد آهن، جن مان هرهڪ ماڻهو پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ صوفي هو.

حڪيم صاحب سنڌ مان پهريان سن 983هه جي شروع ۾ گجرات ۾ پهتو. اهو محمد شاهه [1] بن مبارڪ شاهه (فاروقي) خانديش جي واليءَ جو زمانو هو، پوءِ گجرات مان برهانپور پهتو. برهانپور جي حاڪم سندس تشريف آوريءَ کي هڪ برڪت جو ڪارڻ سمجهي سندس ڏاڍي تعظيم ۽ عزت ڪئي، برهانپور جي قضا ۽ فتويٰ جو عهدو سندس سپرد ڪيائين، برابر 27 سال فتويٰ سان گڏ مختلف علومن جو درس به ڏيندو رهيو. سرڪار پاران هن لاءِ خانديش جي سرحد وٽ هڪ جاگير هئي. سال 1008هه ۾ هي پنهنجي اهل عيال سميت جاگير تي هليو ويو ۽ اجا اتي مس پهتو ته بادشاهه اڪبر اعظم جي فوج جي انهيءَ علائقي ۾ آمد جو اطلاع ٻڌائين. حڪيم صاحب خير هن ڳالهه ۾ سمجهيو، ته وري برهانپور واپس هليو وڃجي. ڪجهه وقت جهنگ ۾ رهڻ جو ارادو ڪري پوءِ اڳتي هلڻ جو خيال هنس ته اوچتو چورن جو ٽولو اچي مٿان ڪڙڪيو. حڪيم صاحب ۽ 17 ٻيا عزيز قريب جي نسب ۽ علم سان آراسته هئا تن سيني کي چور شهيد ڪري مال کنيو هليا ويا. اهو واقعو شعبان سن 1008هه ۾ ٿي گذريو.

وقت جي وڏي مرشد شيخ لشڪر محمد عارف برهانپوري جو فرمان آهي ته: "مون کي ته بس حڪيم ئي حڪيم نظر اچي ٿو!" حڪيم صاحب وري فرمائيندو هو ته: "منهنجو استاد قاضي موريي شيخ جو مريد آهي تنهنڪري مان به سندس عاشق آهيان!"

مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ فرمائيندو هو، ته منهنجو چاچو سڳورو شيخ طاهر يوسف فرمائيندو هو، ته نوڙت، عاجزي، گمنامي، وري خرش زندگي جهڙي حڪيم

[1] ميران محمد ثاني بن ميران مبارڪ ثاني 974-984.

صاحب ۾ آهي اهڙي ٻني ڪنهن به ايڏي عالم ۾ مان ڪانه ڏني. علم مدهوشي ۽ وڏائي جو هڪ زبردست امتحان آهي، ان ۾ دل جي هوشياري گهٽ نصيب ٿيندي آهي پر حڪيم صاحب ۾ قلب جي هوشياري ڪافي موجود هئي. 'تذڪره گلزار' وارو لکي ٿو، ته: 40 سالن تائين هن بزرگ ڪنهن ڪان به ڪجهه گهري نه ڪاڌو، نهايت پرهيزگاريءَ سان حياتي گذاريائين. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، جن مان 'تفسير بيضاوي جو حاشيو' ۽ 'صحيح بخاري جي شرح' نهايت مشهور ۽ مشڪل جاين جو حل پيش ڪندڙ آهن[1].

## 29- مخدوم شهاب الدين واصل سنڌي

عمل وارو عالم ۽ حضور دل وارو ڪامل هو. سنڌ جي ٻهراڙي ۾ جتي رهندو هو ان کي سندس نالي تي 'شهاب الدين جو ڳوٺ' ڪري سڏيندا هئا. هن بزرگ وٽ شيخ طيب، طاهر ۽ سندن والد مخدوم يوسف پاتائي تيئي ڄڻا پڙهڻ آيا، 'منهاج العابدين[2]' (مصنف امام غزالي)[3] وٽس پڙهي هنائون (جنهن جو تفصيل شيخ طاهر جي احوال ۾ ڏسي سگهجي ٿو) تصوف جي علم کان سواءِ پيو به گهڻو ڪجهه هن بزرگ وٽان هنن ٽنهي ڄڻن حاصل ڪيو.

مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ پنهنجي چاچي شيخ طاهر محدّث کان نقل ڪيو ته: هڪ ڏينهن آءٌ پنهنجي استاد شيخ شهاب الدين سان دسترخوان تي ڪاڌو کائي رهيو هنس پر ڪجهه پريرو هنس، دل ۾ آيو ته کهڙو نه چڱو ٿئي جيڪڏهن پنهنجي استاد سان سندس ٿانوَ ۾ شريڪ ٿي وڃان. جهٽ پٽ ان وقت منهنجي ارادي جو عڪس هن جي آئينهءِ دل تي پيو، مون کي سڏائي پنهنجي برابر گڏي وهاريائون. وري دل ۾ آيم، ته استاد صاحب پنهنجي هٿ سان هڪ لقمو منهنجي وات ۾ وجهي، پاڻ ائين ڪيائين ۽ ٿورو مرڪيا به. هن بزرگ جون ان قسم جون ڪيتريون ئي روايتون سنڌ ۽ گجرات جي ماڻهن کي ياد آهن[4].

وڏيڪ تذڪره وارو صاحب لکي ٿو، ته: سندس اولاد به بزرگيءَ جي لحاظ کان پنهنجن وڏن جي خانقاه کي آباد رکندي اچي ٿي، خدا ڪري آباد رهي.

مخدوم شهاب الدين جي وفات ڏهين صدي هجريءَ ۾ ٿي ۽ سندس اولاد ۽ خانقاه يارهين صدي هجريءَ تائين 'تذڪره گلزار ابرار' جي لکندڙ جي زماني تائين موجود هئا.

---

[1] تذڪره گلزار ابرار ص 445.

[2] منهاج العابدين الي الجنة (تصوف) مطبوعه سال 1288-1305-1322هه.

(معجم المطبوعات سرڪيس ص 1415)

[3] ابو حامد محمد حجة الاسلام (451هه- 505هه)

[4] گلزار ابرار ص 400.

تذڪره سن 1036هہ ۾ ختم ٿيو آهي. تنهن وقت هي خاندان سنڌ ۾ موجود رهيو آهي. مگر هن زماني ۾ به ان جو ڪو پتو ڪونہ پوي ٿو تہ اهو بزرگ ڪٿي هو ۽ سندس خاندان ۾ ڪير آهي.

## 30- شيخ خضر سيوستاني

قادري طريقي جو وڏو پير ۽ پرهيزگار، تارڪ الدنيا مرد هو، سندس زهد ۽ اتقاء هن حد کي پهتل هو، جو سموري حياتيءَ ۾ ڪجهہ بہ پاڻ وٽ نہ رکيائين ۽ نہ ڪجهہ مال ميڙيائين. پهريائين گهٽو ڪري قبرستان ۾ رهندو هو پوءِ سيوهڻ جي پهاڙ ۾ وڃي رهيو ۽ اتي وٽن جا ساوا پن کائي حياتيءَ جو بچاءُ ڪري الله تعاليٰ جي يادگيريءَ ۾ گذاريندو رهيو. پهاڙيءَ ۾ هڪ تنور جوڙايو هئائين مگر ان ۾ ڪڏهن بہ ماني پچائي ڪانہ ڪاڏي هئائين گرميءَ ۽ سرديءَ ۾ سندس پوشاڪ فقط گوڏ هوندي هئي، جا ڏُن ڪان وني گوڏن تائين سندس اوگهڙ ڍڪيندي هئي. سرديءَ ۾ تنور ۾ ويهي عبادت الـهي ۾ مشغول رهندو هو ۽ گرميءَ ۾ تنور جي مٿان هڪ پٿر ٽڪرو رکندو هو جنهن تي ويهي عبادت ڪندو هو، مگر اهو پٿر سج جي گرمي ڪان ڪڏهن نہ تپندو هو. سيوهڻ ۾ گهٽو ڪري ڪونہ ايندو هو، مهيني ٻن ڪان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن شهر مان اچي لنگهي ويندو هو، الله تعاليٰ ڪان سواءِ ڪنهن سان بہ سندس دوستي ڪانہ هوندي هئي، جهنگلي جانور ساڻس گڏجي اُٿڻ ويهڻ وارا ساٿي هوندا هئا.

محمد دارا شڪوه 'سفينة الاولياء' ۾ آندو آهي، تہ: هڪ ڏينهن سيوهڻ جي حاڪم [1] زيارت لاءِ شيخ خضر جي خدمت ۾ آيو، ڏٺائين تہ شيخ سخت ڪاڙهي ۾ گرم پٿر تي مراقبو ڪيو وينو آهي. حاڪم ويجهو وڃي اهڙيءَ طرح بيٺو جو پاڇو شيخ تي پوڻ لڳو. شيخ معلوم ڪري مٿو مٿي ڪري پڇيو تہ: ڪير آهين؟ هن ويراني ۾ ڇو آيو آهين؟ ۽ تنهنجي اچڻ جو مقصد ڇا آهي؟ چيائين تہ: اوهان جي زيارت لاءِ آيو آهيان! منهنجو مطلب آهي تہ مون تي ڪو ڪم رکو تہ ان جي پوري ڪرڻ سان سعادت حاصل ڪريان! شيخ فرمايو، تہ مون کي ڪو بہ اهڙو ڪم ڪونہ آهي جو اوهان سان لاڳاپو رکندو هجي! حاڪم ان تي ڏاڍي عاجزيءَ سان دوباره عرض ڪيو. شيخ چيو: چڱو، جيڪڏهن تون منظور ڪرين تہ ڪم چوان ٿو! چيائين تہ: حاضر آهيان منظور آهي! شيخ چيو تہ: ٻُڌ! پهريون ڪم هي آهي تہ پنهنجو پاڇو مون تان هٽاءِ يعني پري ٿي بيهہ ڇاڪاڻ، تہ جو ماٺهو الله تعاليٰ جي پاڇي ۾ گذاري رهيو آهي تنهن تي ٻي ڪنهن بہ پاڇي جي گهرج نہ آهي پيو تہ جتان آيو آهين اوڏانهن هليو وڃ! حاڪم اتان هٽي پري ٿي بيٺو ۽ فقير تان

[1] سفينہ ۾ آهي: يکي از وزرا بخدمت ايشان عرض کرد (ص 71). سڪينة الاولياء ۾ آهي: روزي حاڪم ولايت سيوستان... (28 تهران). (ڏسو اردو ترجمو ص 3937 پيڊڪيجز).

پاڇو لهي ويو. پوءِ عرض ڪيائين تہ: اوهان جڏهن الله تعاليٰ جي يادگيريءَ ۾ مشغول ٿيو تڏهن منهنجي لاءِ دعا گهرندا ڪريو! شيخ چيو تہ: الله تعاليٰ اهڙو وقت ئي شال مون کي نصيب نہ ڪري جو الله تعاليٰ جي ياد وقت غير خدا بہ دل ۾ اچي ۽ توکي بہ ان وقت ياد ڪريان! شيخ خضر جي مشهور خليفن مان شيخ محمد مير سيوهاڻي[1] مشهور ميان مير بالا پير جنهن جو مقبرو لاهور ۾ آهي.

ڪتاب 'سيرة القادريہ' ۾ لکي ٿو، تہ: شيخ خضر سيوستاني سن 994هہ ۾ وفات فرمائي. مفتي غلام سرور لاهوري قطعہ تاريخ هيٺين ريت لکيو آهي:

خضر چون آن رهنمائی دو جهان | مقتدائی دیـن ولـی متقی
کرد چـون رحلت ازین دارالفنا | سال وصـل آن ولـیء جنتی
آفتاب عـارفـان حـق- بـگو: | نیز- سالک متقی نور الولی
994هہ | 994هہ

(خزينة الاصفياء) [2]

## 31- بي بي جمال خاتون سيوستاني

دنيا جي مشهور عارف ميان مير لاهوري جي ڀيڻ، عورتن ۾ وڏي عارفہ ۽ زاهده ٿي گذري آهي. ترڪ ۽ توڪل ۾ رابعہ بصري جي برابر هئي. هن تصوف ۽ تجريد جي راه رسم پنهنجي والده کان سکي ۽ پنهنجي ڀاءُ کان بہ گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو، ڪرامتون هن کان تمام گهڻيون ظاهر ٿينديون رهيون. محمد دارا شڪوه 'سفينة الاولياء' [3] ۾ لکي ٿو، تہ: هڪ دفعو بہ مڻ ڪڻڪ جا پنهنجن هٿن مبارڪن سان هڪ ٿانوَ ۾ وجهي رکيائين ۽ روزانو ان مان ڪڻڪ ڪيري مهمانن ۽ فقيرن کي کارائيندي رهندي هئي. برابر هڪ سال تائين ٻن مڻن پورت ڪئي.

هڪ دفعي هڪ مڇي شڪار ڪري بي بي صاحبہ وٽ آندائون، ان وقت بي بي ڏاڍي موج ۾ ويٺل هئي، مڇي کي ڏسي فرمايائين، تہ: هن کي پاڻ وٽ سانڍي رکو جو هن ۾ وڏي برڪت رکيل آهي! بي بي جي خادمن مڇي پاڻ وٽ رکي ڇڏي، جا خشڪ ٿي وئي ۽ ڪيترو وقت رکيل هئي، انڪري وڏيون برڪتون ڏسڻ ۾ آيون ٿي. بي بي جمال خاتون سن 1409هہ ۾ وفات فرمائي وئي.

[1] سفينة الاوليا ص 70 (فارسي).

[2] ص 137.

[3] ڪتاب مذڪور فارسي ص 215 سڪينة الاولياءَ اردو ص 153 (پيڪيجز) فارسي 189 (تهران).

قطعه تاريخ از غلام سرور لاهوري

عارفه خاتون دين بي بي جمال ذات او آمــد سعيده اعـظمه
ارتحال او چــو جستم از خـــرد شد ندا از دل وحيده اعظمه [1]

1049ھ

## 32- مخدوم بلال باغباني رحه

عـالم، عـارف، محدّث، مفسّر، صـوفي، سلطان العـارفين، زبدة الڪاملين، مخدوم بلال بن مخدوم حسن بن مخدوم ادريس سمو، ڄام نظام الدين سمي جو سڳو ڀاءُ(؟) اصل ننڍي جو رهاڪو، مگر هن صاحب حڪومت جي بجاءِ درويشي اختيار ڪري باغبان[2] لڳ سيوهڻ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. (نقل از دستخط قاضي مشتاق متعلوي) [3].

زندگيءَ جو وڏو حصو خلق جي خدمت، نصيحت، واعظ ۽ ارشاد ۾ گذاريندو هو. زهد ۽ تقويٰ جي معاملي ۾ سندس ڪوبہ مَٽ ڪونہ هو، علم حديث ۽ تفسير جو وڏو ماهر هو، سڳورن مقامن جو مالڪ هو. (معصومي) [4].

سيد محمد غوثي برهانپوري لکي ٿو تہ: مون سان شيخ هدايت سنڌي برهانپور ۾ ڳالهہ ڪئي، تہ هڪ ڏينهن مخدوم پنهنجي خلوت خاني ۾ مشاهدي ۽ مطالعي الـهي ۾ مشغول هو، تہ مٿس اُڄ جو غلبو ٿيو جنهن ڪري ٻاهر اچڻو پيس. ٻاهر اچي تہ خضر عليه السلام موجود هو، پوءِ هن وٽان جيڪي ملڻو هئس سو مليس جيڪي وٺڻو هئس سو ورتائين[5].

پاڻيءَ جو هڪ وڏو ڪونر پري راتين جون راتيون ان ۾ ويهي ذڪر ڪندو هو، ذڪر جي غلبي ۽ حال جي جوش ڪان انهي پاڻيءَ ۾ چڪر پيدا ٿيندو هو جو جنڊ وانگي پيو ڦرندو هو، جڏهن صبح ٿيندو هو، تہ پاڻي ۾ زوردار چڪر ساڳي ريت قائم رهندو هو، جيستائين پاڻي کي درياء ۾ وجي نہ هاريندا هئا تيستائين بس نہ ڪندو هو. (تحفة الڪرام) [6].

---

[1] ڏسو ص 428.

[2] معصومي ۾ قريہ تلتي لکيل آهي. ص 198. هن وقت اهو شهر 'مخدوم صاحب' جي نالي مشهور ۽ زيارت گاهہ آهي. حديقة الاولياء مان معلوم ٿئي ٿو تہ تلتي ۽ باغبان هڪ ئي شهر جو نالو آهي.

[3] مشتاق مرحوم لکي ٿو تہ: نقل از ڪتاب منبع قديم، در منقول عنہ جنين نوشته بود - منه. (وفائي)

[4] ڏسو ڪتاب مذڪور ص 198.

[5] گلزار ابرار ص 375.

[6] طبع اول ص 141.

هڪ دفعي درياءَ جي رستي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي سيوهڻ وڃي رهيو هو. ٻيڙيءَ وارو مهاڻو پنهنجي عادت موجب گارگند بڪي رهيو هو. ڪنهن جي چوڻ تي چپ نه ٿي ڪيائين. آخر مخدوم صاحب پنهنجي ٽوپي ڪٽي سندس مٿي ۾ پارائي جنهن ڪان پوءِ گارين ڪان خاموش رهجي قال الله ۽ قال رسول ۾ مشغول ٿي ويو. جيستائين ٽوپي مٿي تي هئس، ته واعظ ۽ نصيحت ۾ لڳل هو. ٻيڙيءَ مان لهڻ بعد جڏهن ٽوپي سندس سر تان لاهي ورتائون، ساڳو مهاڻو وري جهڙو هو تهڙو ٿيو ۽ بڇي گارين ۽ بڪ شڪ ۾ لڳي ويو. (مقالات الشعرا [1] ۽ تحفة الڪرام).

مخدوم بلال جو طريقو ڪبروي آهي، جو شيخ نجم الدين ڪبري خوارزمي [2] سان وڃي ملي ٿو. سندس پيريءَ جو سلسلو هن ريت آهي:

مخدوم بلاول مريد شيخ دوست علي سيستاني، او مريد سيد شمس الدين علي همداني (متوفي سن 786هه)، او مريد شيخ شمس الدين مزوقاني قدس سره (متوفي 766هه)، او مريد ابوالمڪارم علاؤالدين سمناني (متوفي 22 رجب سن 736هه)، او مريد نورالدين عبدالرحمان اسفرائني (متوفي 14 جمادي الاول سن 695هه)، او مريد جمال الدين احمد جوزقاني (متوفي 669هه)، او مريد رضي الدين علي لالا غزنوي (متوفي 3 ربيع الاول سن 642هه)، او مريد شيخ مجدالدّين بغدادي (متوفي 617هه)، او مريد شيخ نجم الدين احمد بن عمر ڪبري خوارزمي (جو تاتارين جي جنگ ۾ 10 جمادي الاول سن 616هه ۾ شهيد ٿيو). اهو سلسلو اڳتي هلندي وڃي شيخ جنيد بغدادي سيد الطائف سان ملي ٿو. (نقل از بياض مشتاق متعلوي)

ڄام فيروز جي زماني ۾ جڏهن شاهه بيگ ارغون سنڌ تي ڪاهه ڪئي ۽ باغبان وٽان اچي لنگهيو تڏهن قومي غيرت ڪري مخدوم بلال جي مريدن ۽ جماعت زبردست مقابلو ڪيو، پر شاهه بيگ ڪاميابيءَ سان وڌندو وڃي ٺٽي پهتو. ٺٽي ۾ مرزا شاهه بيگ ڄام فيروز سان معاهدو ڪري اڌ ملڪ سندس حوالي ۽ اڌ پنهنجي قبضي ۾ رکي جڏهن دوباره سيوهڻ جي رستي ڪان موٽيو، تڏهن ٽلٽي ۾ منزل انداز ٿي انهيءَ علائقي جي زميندارن ۽ معزز ماڻهن کي گهرايائين، مگر ڪيس ٻڌايو ويو ته: هتي جا ماڻهو اوهان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري لاءِ تيار آهن مگر مخدوم بلال- جو هن حد جو وڏو عالم ۽ شيخ آهي، سو ماڻهن کي روڪي رهيو آهي، بلڪ هو جنگ ۽ مقابلي لاءِ ماڻهن کي تيار.

[1] ڏسو ڪتاب ص 91.

[2] ولادت 540هه شهر خيوه ۾ ۽ شهادت 10 جمادي الاول سن 618هه جو شهر اورگنج (جرجانيه) ۾. (نجم الدين ڪبريٰ از منوچهر محسني ص 4 ص 7).

ڪري رهيو آهي! هي بنيادي سبب آهي جو شاهه بيگ مخدوم کان وير وٺڻ جو ارادو ڪيو. (معصومي[1]).

آخر جڏهن سنڌ پوري طرح ارغون خاندان جي هٿ ۾ اچي وئي تڏهن مخدوم بلال کي پهرين محرم سن 935ھ يا سن 929ھ [2] جي شام تي سندس شهر باغبان ۾ وقتي سياست سبب مرزا شاهه حسن بيگ ارغون جي حڪم سان شهيد ڪرايو ويو ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو.

مشتاق متعلوي سندس وفات تي هيٺيون مرثيو لکيو آهي:

شهنشه باغبان مخدوم مشفق — غريق بحر عرفان پاى تا فرق
بلال ابن الحسن سلطان سمه — بتائيدات سبحانى موفق
چوبهره اش ز، ما اوذيت، موهوب — نموده اش قتل قوم چغده ناحق
شده چغده چو چغدان چغد ويران — و هو حى مع الشهداء يرزق
بغره ماه عاشورا مكرم — شهادت شد نصيبش قدرت حق
چو پرسيدم ز هاتف وصف سالش — جوابم داد خوش دان خاصهٔ حق
اگر جوىٔ تو تاريخ وصالش — بجو از لفظ [3] خوش آن خاصهٔ حق
ازان منظوم شد تاريخ مذكور — كه آرد ذكر صالح رحمت حق

مخدوم صاحب[4] جي شاگردن ۽ خليفن مان سيد حيدر سنائي، قاضي ڏتو سيوستاني ۽ مخدوم رڪن الدين ٺٽوي ۽ مخدوم ساهڙ لنجار مشهور آهن.

## 33- درويش بابو سنڌي

سنڌ جي ڪهڙي شهر جو رهاڪو آهي ان جو پتو نه پئجي سگهيو. شيخ عيسيٰ سنڌي برهانپوري جي زماني ۾ جڏهن برهانپور ۾ 'سنڌي محلو' قائم ڪيو ويو تڏهن جيڪي سنڌي پنهنجي وطن مان تصّوف ۽ عرفان جي ڳولا لاءِ برهانپور ويندا هئا، تن مان هي به هڪ بزرگ هو.

---

[1] ڏسو ص 117 ڪتاب مذڪور.

[2] معصومي سن 929ھ ص 199 حديقة الاولياء ۾ وفات جو سال 30 ماه صفر سال 931ھ لکيل آهي. ص 79.

[3] لفظ خوش جا جمل جي حساب موجب عدد 906ھ ٿين ٿا، جنهن مان مخدوم صاحب جي تاريخ وفات حاصل نٿي ٿئي، شايد ان ۾ ڪجهه تعميه ٿيل هجي. (وفائي)

[4] سيرالعارفين جو مصنف جمالي دهلوي ايران جي سفر کان موٽندي مخدوم بلال سان ملاقي ٿيو ۽ سائنس صحبتون ڪيائين. مخدوم بلال 'عوارف' جا چند مقامات کانئنس پڙهيا. (اردو ادب علي ڳڙهه 14: 1 ص 22، سيرالعارفين مطبوعه دهلي).

محبت ۽ حيرت جي ميدانن جو ماهر، فنا ۽ بقا جي واٽن جو ڄاڻو، شيخ لشڪر محمد عارف برهانپوري شطاريءَ جو بهترين مريد هو. 'تذڪره گلزار ابرار' جو مصنّف لکي ٿو، تہ: برهانپور جي سنڌي محلي ۾ هڪ حجري ۾ عبادت ڪندو رهندو هو، اتفاق سان ان حجري جي ڀر پاسن ڪان ديوار لٿي ڪِري پئي، درويش ڪي ارادو ٿيو تہ حجري جي ديوار جي مرمت ڪرائي ۽ ان باري ۾ مون سان (گلزار جي مصنف سان) مشوري طور ڪجھ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ گهريائين تہ اوچتو ئي اوچتو ڪيس خيال آيو تہ سڀ ڪان پهريان ان ڪم لاءِ استخاره ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ جو درويشن لاءِ استخاره ڪان سواءِ ڪم ڪرڻ بهتر نہ آهي. شيخ فريدالدّين عطار جي مثنوي 'منطق الطير' هٿ ۾ هئس ان ڪي فال يا استخاره وٺڻ لاءِ ڪوليائين تہ هي بيت نڪتا:

گلخن ست از جملهٔ دنیای دون — قصر تو چندست ازین گلخن کنون

قصر تو گر خلد جنت آمد ست — با اجل زندان محنت آمد ست

گر نبودی مرگ را بر خلق دست — لائق افتادی درین منزل نشست

هنن شعرن جو حاصل مطلب آهي، تہ هيءُ دنيا مٽيءَ جو ٺاهہ نوهہ آهي ان ۾ تون ڪهڙيون ماڙيون ٿو ويهي اڏائين، جيڪڏهن توکي بهشت ۾ ماڙي ملڻ واري آهي، تہ پوءِ اَجل تائين هن قيد ۾ محنت سان گذارڻو آهي، جيڪڏهن موت نہ هجي ها، تہ پوءِ هن دنيا ۾ ماڙيون ٺاهي ويهڻ نيڪ هجي ها.

تذڪره گلزار وارو لکي ٿو، تہ: ان فال نڪرڻ ڪان پوءِ حجري جي ديوارين ٺهرائڻ ڪان صاف انڪار ڪيائين. اسان ان لاءِ ڪيس گهڻيون ئي منٿون ڪيون مگر ڪجھ بہ نہ ٻڌائين. اهو واقعو 1003هہ جو آهي ۽ تان جو جيستائين ڪيس قبر جي عمارت (سن 1015هہ) ۾ دفن ڪيو ويو تيستائين انهيءَ ڪليل ويران حجري ۾ عمر گذاريندو رهيو.

در این خانه بی لوح ست، غوثی از خرد نبود

پئی پاس متاعش رخنهٔ دیوار بربتن [1]

## 34- بابا احمد بکري

سيد نظام الدين اولياء دهلوي جو خليفو عارف ۽ تارڪ بڪر مان روانو ٿي دهلي ۾ ڪماليت جو ڪسب ڪري احمدآباد ۾ اچي رهيو، جتي بابا احمد بکري نعلبند جي لقب سان مشهور ٿيو. اگرچ هن سموري زندگيءَ ۾ نعلبنديءَ جو ڪڏهن بہ ڪم ڪونہ ڪيو هو مگر احمدآباد جي هڪ مشهور نعل بند جي پاڙي ۾ رهندو هو، جتي نعلبندن جون ٽوليون رهنديون هيون ۽ سندس معتقد بہ اهي ئي هئا.

[1] ڏسو ڪتاب مذڪور ص 592.

هن بزرگ احمد آباد ۾ 19 ذوالقعد مهيني جو نائين صدي هجريءَ جي اوائل ۾ وفات فرمائي ۽ اتي ئي دفن ٿيو. مٿئين تاريخ تي سندس پارهو ڪيو ويندو آهي. احمدآباد جي شهر جو، جن احمد [1] نالي چئن وڏن معزز ماڻهن بنياد وڌو، تن سان 12 صوفي به شريڪ هئا، جن جي نالي جي اول ۾ بابا [2] لقب ڳنڍيل هو، انهن ٻارهن مان هڪ بابا احمد بکري به آهي.

# 35- ابوبڪر سنڌي

هن بزرگ جو مفصل احوال ڪنهن به ڪتاب ۾ نظر مان ڪونه گذريو آهي، فقط سندس هڪ تصنيف 'انيس الواعظين' فارسي مان معلوم ڪري سگهجي ٿو، ته هو سنڌ جو رهاڪو بزرگ آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ پنهنجو سمورو نالو هيٺئين ريت لکي ٿو:

ابوبڪر احمد بن محمد بن علي قريشي ملقب به بدر.

ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

"چون در مسجد جمعه بيائى در حال دو رکعت پيش از سنت ادا بکن، در هر رکعت بعد فاتحه سوره اخلاص پنجاه بار بخوان. رسول الله ﷺ گفت: هر که اين نماز بگذارد نميرد تا جاءِ خود در بهشت نه بيند و يا کسى اورا بيند. اى مؤمن مؤلف اين مجالس ابوبکر سندى غفرالله له ولو الديه اين نماز ثواب بسيار گفته و ايشان گذارده اند و جاءِ خود در بهشت ديده، پس بايد که از دست نگذارى."

هن عبارت جو حاصل مطلب آهي ته: "جڏهن جمعي جي ڏينهن مسجد ۾ داخل ٿجي تڏهن سنت کان اڳ ۾ به رڪعتون پڙهيون وڃن ۽ هر هڪ رڪعت ۾ الحمد کان پوءِ پنجاهه دفعا قل هو الله احد پڙهجي، رسول الله ﷺ جو ارشاد آهي، ته جيڪو ماڻهو اها نماز پڙهندو، ته مرڻ کان اڳ پنهنجي جاءِ بهشت ۾ ڏسندو. هن مجلسن (ڪتاب) جو گڏ ڪندڙ ابوبڪر سنڌي چوي ٿو، ته مان اها نماز پڙهي آهي ۽ بهشت ۾ پنهنجي جاءِ به ڏٺي اٿم."

انيس الواعظين بمبئي ۾ ڪيترا دفعا ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، هن ۾ ڪيتريون

---

[1] احمد آباد جا باني چار احمد هي آهن: (1) سيد احمد کٽو (متوفي 840هه) (2) سلطان احمد (متوفي 855هه) (3) وزير احمد (4) قاضي احمد.

[2] 12 بابا هي آهن: (1) بابا خوجو (2) بابا لاڏو (3) بابا ڪرامت (4) بابا علي شير (5) بابا محمود (6) بابا توڪل (7) بابا ابو محمد لواري (8) بابا احمد بکري سنڌي (9) بابا لڌو (10) بابا دهوڪل (11) بابا سماح (12) بابا ڪمال مالوي. (تاريخ احمد آباد). (وفائي)

موضوع يا هٿرادو حديثون به آيل آهن جنهنڪري مولوي فقيرالله لاهوري هن تي 'تنبيه الواعظين' نالي هڪ تنقيد به لکي آهي جنهن ۾ ڪوڙين حديثن روايت ڪرڻ کان منع ڪيل آهي. بهرحال واعظ لاءِ هي ڪتاب عام خلق ۾ ڏاڍو قبول پيل آهي جو ڪيترا دفعا ڇپجي هٿوَن هٿ کڄي رهيو آهي[1].

مؤلف ڪهڙي زماني جو هو ۽ ڪڏهن وفات ڪري ويو؟ ان جو پتو ڪونه پوي ٿو. 'انيس الواعظين' جي ورق گرداني مان هيترو پتو ضرور پوي ٿو، ته هو 8 صدي هجريءَ کان پوءِ جو آهي.

# 36- مخدوم اسماعيل سومرو

پنهنجي وقت جو عارف ڪامل، وليِ اهلِ دل، سنڌ جي وڏن عارفن مان گذريو آهي. هن وٽان هزارين ماڻهو ظاهري ۽ باطني علومن جو فيض پرائيندا رهيا، هن جون حضور پر نور سيّدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جي روح پاڪ سان خطيرة القدس ۾ ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. هن هڪ رات خواب ۾ حضور رسول ڪريم ﷺ جن جي اشاري سان پنهنجي ننڍي نياڻيءَ جو نڪاح متيارين جي هڪ نوجوان سيد سان ڪرايو، جنهن جو اولاد اڄ تائين متيارين ۾ موجود آهي. ۽ سندس بي هڪ نياڻي عارفه ڪامله وليه ۽ الله تعاليٰ جي معرفت جي مقامن جي ڄاڻو ۽ سندس ئي فيض يافته ۽ خليفه هئي. انهيءَ بيبيءَ لاءِ به ساداتن جي هڪ نينگري جي ادب رکڻ سبب حضور ﷺ جن جي روحانيت جي ذريعي، مخدوم صاحب کي بشارت ملي هئي، جنهن کان پوءِ هن کي اهي ڪمالات حاصل ٿيا. (ڪواڪب السعادات)

هن بزرگ جو احوال 'حديقة الاولياء' [2] ۽ ٻين ڪتابن[3] ۾ موجود آهي. 'تذڪره گلزار ابرار' [4] ۾ لکي ٿو ته:

> مخدوم اسماعيل سومرو پنهنجي ملڪ جي نامور مشائخن مان آهي، سندس خانقاه هڪ زاهدستان هو، ڪيترا هزار مڻ اناج جا پوڪائيندو هو ان مان جيڪا به پيدائش ٿيندي هئي، اها سموري خانقاه جي فقيرن کي ڪارائي ڇڏيندو هو ۽ هڪ داڻو به پاڻ نه رکندو هو. هن جي طريقي جو بنياد

---

[1] هي ڪتاب 1886ع- 1302هه جو بمبئي مان ڇپيو، جنهن جي آخر ۾ 'رساله مفيدهٔ تنبيه الغافلين' جنهن جو ذڪر مٿي آيل آهي، سو پڻ ضميمه طور ڇپيل آهي. 28 صفحا ۽ ليٿو ۾ آهي.

[2] ڏسو ص 153.

[3] مثلاً تحفة الڪرام قديم ڇاپو ص 162.

[4] ڏسو ص 389.

ٿي هن ڳالهہ تي رڪيل هو، تہ جيڪي بہ پيدا ٿيندو، سو سمورو الله جي مخلوق ڪي ڏيئي ڇڏيندو ۽ رات ڏينهن خدمتِ خلق ۾ گذاريندو هو. خدمتگذاري ڪندي سال 998هہ ۾ الله تعاليٰ جي رحمت کي وڃي پهتو."

باد دلش غنچهٔ باغ صفا

اگهمر ڪوٽ ۾ دفن ڪيو ويو، جتي سندس مزار مشهور آهي.

## 37- مخدوم احمد هالائي

احمد بن مخدوم اسحاق بن مخدوم عمر بن مخدوم اسماعيل بن عبدالله نو مسلم، جنهن جو اصل نالو راجڪمار ارجن بن وريو هو. هو حضرت شيخ الاسلام بهاء الدين زڪريا ملتانيءَ جي هٿ تي مسلمان ٿيو ۽ سندس اولاد مان مخدوم اسحاق هالائي پيدا ٿيو، جيڪو پنهنجي دور جو هڪ وڏو ولي ۽ فضائل جو مالڪ هو ۽ هن جون ڪرامتون ڳاڻاٽي کان گهڻيون آهن. هالن جا بزرگ پٽي انهيءَ بزرگ جي اولاد مان آهن. مخدوم احمد هميشہ خاموش اڪيلائيءَ ۾ گذاريندو هو ۽ سهروردي طريقي موجب ڪڏهن ڪڏهن سماع ۽ ذڪر جي جماعت ۾ شريڪ ٿيندر هو. سماع واري حالت ۾ هن تي اهڙي ڪيفيت طاري ٿيندي هئي، جنهن جو بيان نٿو ڪري سگهجي.

'تحفة الڪرام' ۾ سندس هڪ ڪرامت جو بيان آهي تہ: "هن بزرگ کي هڪ رئيس اهل عيال سميت دعوت ڪئي، هوڏانهن هن جو پٽ ساڳي ڏينهن گذاري ويو هو ۽ مخدوم صاحب جي ڪرامت سان جڏهن ڇوڪرو زندهہ ٿيو، تڏهن هن ڪاڏو ڪاڏو. ڇيو وڃي ٿو، تہ آخر ڄمار ۾ هو نيرون ڪوٽ ۾ آيل هو، جتي هڪ سوناري ڇوڪري سماع جي مجلس ۾ نهايت سوزگذار سان هڪ بيت پڙهيو، جنهنڪري مخدوم صاحب تي اهڙي حالت وارد ٿي، جو سندس روح هن خاڪي پڃري مان پرواز ڪري هليو ويو ۽ سندس لاش کي هالا آندو ويو. چون ٿا، تہ هن جي جنازي مان "لا الہ الاالله" جو ذڪر سموري راهہ ۾ آهستي آهستي ٻڌڻ ۾ آيو ٿي."

مخدوم احمد ظاهري علمن جو بہ وڏو عالم هو، جن جي تحصيل مخدوم عبدالرشيد هالائيءَ وٽ ڪئي هنائين ۽ ڪجهہ سير سلوڪ جون منزلون بہ وٽس طيءِ ڪيون هنائين. سندس وفات سن 936هہ ۾ ٿي آهي [1].

هن بزرگ جي اولاد مان ميان محمد صالح پٽيءَ هالن مان هڪ قطعہ تاريخ موڪليو آهي، اُن مان سن وفات 934هہ [2] نڪري ٿو، ڪهڙي صحيح آهي ان بابت چئي نٿو سگهجي؟

---

[1] ڏسو قديم ڇاپو ص 148 حديقة الاولياء ۾ مفصل ذڪر آيل آهي ص 87 کان 100.

[2] حديقة الاولياء ۾ پڻ سال وفات 934هہ ڏنل آهي ڏسو ص 100.

**قطعه تاريخ**

قدوهء ارباب عـــرفـــان و يقين — مقبل حـــق، منبع اهـــــل ڪمال
آن ولـــي ايـــزدي، ابـــن عمر — شيخ احمد صاحب رشـــد و جلال
بر ڪشيده رخـت هستـي ناگهان — خوش ز شوق وصل زيـن دار ملال
داد حـق انـدر جـوار شـاهـدين — منزل و ماواش شـد شاد از وصال
خاص حق مي بود زان روح القدس — خاص درگاه احد- خوش گفت سال

934هه

## 38- مير ابوالبقا بڪري

بکر جي ساداتن ۾ هڪ وڏو شريف ۽ صوفي بزرگ هو، پنهنجي فقيرانه خاص حالت سان گذاريندو هو. جڏهن نصيرالدين همايون بادشاهه شير شاهه جي ڪاهه کان پوءِ سنڌ ۾ آيو، بکر جي ٻاهران وجي خيما کوڙيائين. همايون کي هميشه درويشن جي ڳولا رهندي هئي. جنهنڪري مير ابوالبقا جي زيارت لاءِ وٽس آيو ۽ سندس جهوپڙيءَ ۾ ويهي صوفيانه انداز جي صحبت ڪيائين. جڏهن بادشاهه همايون مير صاحب وٽان موٽي ريو تڏهن جاسوسن انهيءَ واقعي کان شاهه حسن ارغون واليءِ سنڌ کي اطلاع ڏنو، جنهن تي هن صوفي درويش سادات کي تير و سانگي رستي ۾ شهيد ڪيو ويو. همايون بادشاهه کي ان واقعي ڪري ڏاڍو ڏک ۽ غم پهتو (تحفة الڪرام ڪجهه اضافي سان) اهو واقعو سن 947هه ۽ 948هه جي وچ ۾ تي گذريو، ڇاڪاڻ جو سلطان همايون بادشاهه اهي ٻه سال برابر سنڌ ۾ امداد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ لڳل هو [1].

---

[1] تاريخ معصوميءَ ۾ انهيءَ بزرگ جو ذڪر آهي، لاهور ۾ ني همايون سان گڏ هو (ص166). مير معصوم لکي ٿو ته: ٻپرلوءِ ۾ بادشاهه جي منزل هئي، جتي ميرزا هندال باغي ٿي ڪانئس ڇڇي قنڌار هليو ويو ۽ يادگار ناصر ميرزا به اوڏانهن وڃڻ لڳو ان وقت همايون بروز سه شنبه بتاريخ 18 جمادي الاول 948هه جو مير ابوالبقا جي گهر ويو ۽ کيس يادگار ناصر ميرزا ڏانهن سمجهائڻ لاءِ موڪليائين. مير چهار شنبه 19 تاريخ ميرزا وٽ ويو ۽ کيس سمجهائڻ لاءِ درياءُ اُڪري رهيو هو جو بکر جي قلعه دارن کي (جيڪو ان وقت محمود بکري جي حوالي هو) معلوم ٿي ويو ۽ هنن تير و سانڱ شروع ڪيا، هڪ تير مير کي لڳو ۽ زخمي ٿيو ٻئي ڏينهن فوت ٿي ويو. بادشاهه کي سخت افسوس ٿيو (معصومي ص 171- 172) تذڪره 'مذڪر احباب' ۾ سندس مفصل احوال آهي (ص 171-174). عنوان ۾ "افتخار السادات والعلماء امير نظام الدين" (ابوالبقا) لکيو ويو آهي. اصل سمرقند جو هو انان رنج ٿي نڪتو ۽ هند ۾ همايون وٽ آيو. شهادت بعد سندس لاش بکر مان ڪڍي خواجه عبيدالله احرار جي خانقاهه ۾ دفن ڪيو ويو. شعر به چوندو هو.

## 39- شيخ ابراهيم بن عمر سنڌي

سنڌ مان نقل ڪري برهانپور وڃي رهيو. سيد محمد مهدي جونپوري جڏهن سنڌ ۾ جام فيروز [1] جي زماني (914-927هه) ۾ مهدويت جي دعويٰ سان آيو تڏهن سنڌ مان جيڪي بزرگ ۽ فاضل ماڻهو سندس مريد ٿيا، تن ۾ شيخ ابراهيم سنڌي به هو. ابراهيم جون قاضي قاضن مشهور عالم ۽ صوفي سان ملاقاتيون رهيون. شيخ ابراهيم برهانپور ۾ وفات ڪئي ۽ شهر جي اُترڪان سندس مشهور مقبرو آهي (گلزار ابرار) [2].

## 40- شيخ ابراهيم ڪلهوڙو سنڌي بکري

'تذڪره گلزار ابرار' جي لکڻ موجب هو همايون بادشاهه جي زماني ۾ برهانپور وڃي رهيو. چيو وڃي ٿو، ته اصل بکر جي آسپاس جو باشندو هو. گجرات جي مشهور مجذوب شاهه منصور سان سندس ملاقاتيون رهيون. روزانه پنج سو مظفري رپيا (سلطان مظفر گجراتي جو سڪو) غيب مان (فَفِي السَّمَاءِ رِزْقُكُمْ) کيس حاصلْ ٿيندا هئا ۽ روزانو فقيرن ۽ محتاجن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. هڪ ڏينهن برهانپور جي حاڪم ميران شاهه مبارڪ شيخ ابراهيم [3] جي خدمت ۾ تمام گهڻو نذرانو موڪليو پر پاڻ قبول نه فرمايائين، چيائين ته: هي مال مغلن جي ملڪيت ۾ ايندو. اسان جو ان ۾ حصو ڪونه آهي. اهي لفظ پيشگوئي طور هئا، جو تمام ٿورن ڏينهن اندر جنت آشيان همايون جون فوجون خانديش ۾ اچي پهتيون ۽ گجراتي حاڪمن جو سمورو مال اسباب اچي هٿ ڪيائون.

'تذڪره گلزار ابرار' [4] جو مصنّف لکي ٿو، ته: "هڪ دفعو ماڻهن وٽس شڪايت ڪئي، ته اڳ اهڙا بزرگ هوندا هئا جو ڪجهه چوندا هئا، سو ٿي پوندو هو! جنهن تي شيخ فرمايو، ته جيڪڏهن اڳيان بزرگ پٿر کي چوندا هئا سون ٿي پؤ ته انهي زماني ۾ ٿي پوندو هو باقي..... اجا ڳالهه پوري نه ڪيائين، ته سامهون جيڪو پٿر پيل هو، سو سون ٿيڻ لڳو. پاڻ مشڪي فرمايائين ته پٿر! آءٌ توکي ته ڪونه چئي رهيو آهيان، ته سون ٿي پَوُ. مان ته ڳالهه ڪندي دوستن سان گفتگو ڪندي ائين چيو آهي!"

سن 941 هجري ۾ وفات ڪيائين. هيٺين مصرع مان سندس تاريخ وفات ملي ٿي:

- بادا ڪشاده بر وي درهاي آسماني؟

---

[1] جام نظام الدين جي دور ۾ سيد محمد مهدي جونپوري ٺٽي ۾ آيو.

[2] ڏسو ص 236.

[3] ميران مبارڪ ثاني 942-974هه.

[4] ڏسو صفحو 272.

# 41- قاري ابراهيم سنڌي (شطاري)

هي بزرگ بہ قسمت سانگهي سنڌ مان برهانپور وڃي نڪتو ۽ شيخ لشڪر محمد عارف[1] جو مريد ٿي، اُتي وڃي رهيو، علم قراءت جو اهڙو ڄاڻو هو، جو ڪيس جبرائيلي لهجي جو مالڪ سڏيندا هئا. سندس ڪمال هن حد کي پهتل هو، جو سندس مرشد ۽ مسيح القلوب شيخ عيسيٰ جندالله پاٽائي برهانپوري بہ وٽس علم قراءت سکيو. پنهنجي مرشد جو ايڏو گرويده ۽ عاشق هو، جو هڪ دفعي ڪجھ وقت سندس مرشد شيخ لشڪر محمد عارف نذر و نياز وٺڻ پاڻ تي حرام ڪري ڇڏيو هو، تہ قاري ابراهيم جهنگ مان ڪاٺيون ڪٽي وڪڻي پنهنجي مرشد جي کاڌي پيتي جو بندوبست ڪندو هو. هڪ دفعي پنهنجي مرشد سان گڏجي احمدآباد ۾ غوث الاولياء شيخ محمد غوث گواليارِي (متوفي 970هہ) جي خدمت ۾ پهتو تڏهن شيخ محمد غوث سندس قراءت ٻڌي قاري ابراهيم کي پنهنجو پيش امام بنايو. ان کانپوءِ برابر ٻارهن سالن تائين شيخ محمد غوث قدس سره جو پيش امام ٿي رهيو. 'مرغ لاهوتي' جو غوث وٽان لقب حاصل ڪيائين. قاري صاحب راتين جون راتيون مراقبي ۽ ذڪر فڪر ۾ گذاريندو هو. سموري زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ ماڻهو کان نہ سوال ڪيائين ۽ نہ ڪنهن جو محتاج ٿيو.

'تذڪره گلزار ابرار' وارو لکي ٿو: "هڪ ڏينهن حافظ صدر سنڌي برهانپور قاري صاحب کي عرض ڪيو، تہ اسان جي پرڳڻي جي حاڪم محمد شاه فاروقيءَ [2] کي پنهنجي پرديدار عورتن جي سيکارڻ لاءِ هڪ اهڙي قاريءَ جي ضرورت آهي، جو تمام پوڙهو ۽ علم قراءت جا اصول ڄاڻندڙ هجي. گهڻي ڳولا کان پوءِ تو کان وڌيڪ ٻيو ڪو بہ ماڻهو نظر ڪو نہ اچي ٿو، جيڪڏهن اجازت ڏيو، تہ حاڪم جي سامهون اها تجويز رکي وڃي. قاري صاحب جواب ۾ فرمايو، تہ مان اگرچہ ٻُڍو ٿي ويو آهيان پر اڃا تائين نظر باز آهيان. مون کي نوجوان ماڻهن تي نظر ڪرڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ جو منهنجون اکيون ۽ منهنجي دل اڃا تائين جوان آهن، تنهنڪري بهتر آهي، تہ مون کي معاف ڪيو وڃي، تہ ڪنهن مصيبت ۾ نہ وڃي ڦاسان!؟"

بر ظاهر من نگه، روا نيست گاهی کف پا و گہ غداريم

بگمار نظر، اگر توانی بر باطن ماکه، حسن ساريم

ان ريت هن صاحب حاڪم جي نوڪريءَ کان جند ڇڏائي ۽ پنهنجي فقيرانہ (۽) متوڪلانہ (زندگيءَ) کي هرگز نہ بدلايو.

---

[1] وفات سنہ 913هہ.

[2] ميران محمد شاه اول 926-942هہ. پرڳڻي جو حاڪم نہ هو بلڪ برهانپور ۽ آسير جو بادشاه هو.

لباس تمام فقيراڻو ۽ سادو پهريندو هو. سبيل يا اڻ سبيل، جهڙو به ڪپڙو هٿ ايندو هئس ان سان اگهاڙ ڍڪي ڇڏيندو هو. هڪ دفعي ڪنهن ماڻهو چيو، ته ڪاڏي ڪاڻ وقت روزي ڏيندڙ جو نالو وٺي پوءِ ڪاڏو ڪائجي، قاري صاحب ان تي فرمايو: ابراهيم جي خيال ۾ صوفي اهو آهي، جو حقيقي رازق جي ديدار کان سواءِ ڪاڏي ڏي هٿ ئي نه ڊگهو ڪري.

ايترين وصفن واري عارف درويش جي زندگيءَ جو صبح سنه 991هه ۾ لاڏاڻي جي شام سان بدلجي ويو، مقبرو برهانپور ۾ آهيس[1].

## 42- ابونصر بن عبدالله سنڌي

ابونصر فتح بن عبدالله سنڌي آل حڪم جي غلامن مان هو، جن بعد ۾ کيس آزاد ڪري ڇڏيو. هن مختلف علمن، فقه، ڪلام وغيره ۾ مهارت حاصل ڪئي. فقه جي تحصيل ابوعلي ثقفيءَ کان ڪيائين ۽ حديث جي روايت حسن بن سفيان وغيره کان ڪيائين ۽ 'فقيه ۽ متڪلم' جو لقب پاتائين. ديني علمي مرتبو اهڙو حاصل ڪيائين، جو شاگردن ۽ معتقدن جو گروهه هر وقت سندس چوڌاري رهندو هو.

کيس پنهنجي 'سنڌي مسلمان' هجڻ تي فخر هو. حافظ عبدالله سندس هڪ واقعو بيان ڪيو آهي، جنهن کي سمعاني[2] ۽ مقدسي[3]، مسلسل روايت سان نقل ڪيو آهي. چون ٿا ته: مان هڪ دفعي شيخ ابونصر سنڌيءَ سان وچي رهيو هئس، سندس معتقدن ۽ شاگردن جو هڪ گروهه سندس پٺيان هو، واٽ تي هڪ علوي عرب نشي ۾ چور زمين تي پيل ڏسڻ ۾ آيو، ابونصر کي انهيءَ شان سان ويندي ڏسي، هن بدمستيءَ ۾ ڪجهه اٿوٺندڙ لفظن ۾ چيو ته: "اي غلام! مون کي ڏس مان زمين تي پيو آهيان ۽ تون معتقدن ۽ شاگردن جو گروهه وٺي شان ۽ عظمت سان وچي رهيو آهين؟" شيخ ابونصر کيس هڪدم چيو: "اي شريف زادا! سمجهين ٿو، ته ائين ڇو ٿيو آهي؟ ڳالهه هن ريت آهي، ته اسان تنهنجي وڏن جي نقش قدم تي هلي رهيا آهيون ۽ تون منهنجي ابن ڏاڏن جي پٺيان هلين ٿو!" [4].

---

[1] گلزار ابرار ص 359.

[2] ابوسعيد عبدالڪريم السمعاني المروزي (506-562) صاحب 'النساب العرب' ڏسو ابن خلڪان 1:378- معجم سرڪيس 1048.

[3] انساب المحدثين ابوالفضل محمد المقدسي (حاجي خليفو استنبول ج 1 ص 179).

[4] هيءَ سوانح، سيد رياست علي ندويءَ پنهنجي مضمون "اسلام جي اوائلي صدين جا سنڌي محدث ۽ فاضل" تان آندي آهي. اهو مضمون "ستاره سنڌ" جي بهار نمبر ۾، ۽ پوءِ "الوحيد" جي سنڌ آزاد نمبر ۾ ڇپيو. سوانح نزهة الخواطر ج 1 ص 69 ۾ پڻ آيل آهي.

## 43- ابوالعطا سنڌي

ابوالعطا جو نالو هرهڪ عربي دان پڌو هوندو، هن عربي ادب ۾ اهڙو ڪمال پيدا ڪيو، جو قادر الڪلام عربن جي پهرين صف ۾ شامل ٿيو. ابو تمام پنهنجي مشهور ڪتاب 'الحماسه' ۾ ڪيس جاءِ ڏني آهي.

ابو عطا سنڌي جو نالو افلح ۽ سندس پيءُ جو نالو يسار هو. يسار پنهنجي پٽ سميت غلام بنجي عراق ۾ آيو ۽ بنواُميه جو غلام رهيو، ڪوفه ۾ قيام هئس. افلح جي ابتدائي نشوونما ڪوفي ۾ ٿي ان ڪان پوءِ عنتره بن سماڪ بن حيص اسديءَ جو غلام بڻيو.

جڏهن افلح جي طبع جا جوهر کليا ۽ شعر شاعري ڪرڻ لڳو ته سندس آقا عنتره بن سماڪ سندس ذوق ادب جو قدر ڪري ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو، مگر رفته رفته ملڪ ۾ سندس قدرداني ٿي ۽ صاحب ثروت ۽ صاحب ذوق ڪيس شعر جو صلو ڏيڻ لڳا ۽ معاش جي حيثيت ۾ ڪيس خاص ترقي ٿي، تڏهن وري سندس پراڻي آقا عنتره بن سماڪ کي لالچ پيدا ٿي ۽ نئين سر غلام هجڻ جي هن دعويٰ ڪئي، مشڪل هي هو، ته ڪابه اهڙي ثابتي موجود نه هئي، جنهن مان هن جي آزاد ٿيڻ جو ثبوت ملي، ۽ اهو واقعو اهل ادب ۽ شعر کي ناگوار لڳو ۽ هنن افلح جي مدد ڪرڻ شروع ڪئي. معاملو هن طرح طئي ڪيائون، ته هن کي چئن هزار دينارن جي معاوضي تي مڪاتب بڻايو وڃي، يعني جڏهن هو چار هزار دينار ڏي ته ڪيس آزاد ڪيو وڃي. عنتره اهو شرط منظور ڪيو.

ان ڪانپوءِ افلح هڪ ممتاز رئيس حر بن عبدالله قريشيءَ وٽ پهتو ۽ قصيدي ۾ اها حالت بيان ڪيائين، هن ادب نوازيءَ جو ثبوت ڏنو ۽ ڪيس چار هزار دينار ڏنائين تاڪه هو وڃي پنهنجي جند آزاد ڪرائي. چنانچه هن رقم ڏئي پاڻ کي آزاد ڪرايو. آزاديءَ جي بعد عنتره جي ئي حق ۾ اهڙي بڇڙي هجو لکيائين، جو ڪيس حرص جو پورو مزو اچي ويو.

افلح جو پيءُ آخري عمر تائين عربي زبان نه سکي سگهيو، صرف چند پڳل ٽٽل اکر چئي پنهنجو مطلب پيو سڌو ڪندو رهيو. باقي افلح کي سو ننڍي کان ئي عربي سکڻ جو موقعو ملي ويو هو، سو اڳتي هلي اهڙو قادرالڪلام شاعر بڻيو، جو سندس اڳيان زبان دان به ڪنڌ نمائڻ لڳا، تنهن هوندي به سندس لب و لهجي ۽ تلفظ ۾ سنڌيت موجود رهندي آئي. مؤرخن جو چوڻ آهي ته: هو 'جيم' جو اُچار 'زي' ڪندو هو ۽ 'شين' جو 'سين'. مثلاً هڪ دفعي هن چيو 'ويلڪ ما مدهت انما هزوت' يعني 'ويلڪ ما مدحت انما هجوت'.

اشعار پڙهڻ ۽ قصيدن پڌائڻ ۾ ڪيس سخت ڏکيائي ٿيندي هئي. انهيءَ زماني ۾ اهو دستور هو، ته وڏا ۽ ممتاز شاعر پاڻ سان هڪ شاگرد رکندا هئا، جو مجلس ۾ شاعر

طرفان سنڌس شعر يا قصيدو بيهي پڙهندو هو. هڪ دفعي افلح، سليمان بن سليم جي دربار جو رخ ڪيو ۽ سنڌس شان ۾ هڪ طويل قصيدو چيائين، جنهن ۾ پنهنجي عجمي هجڻ ۽ تلفظ جي صحيح نہ هجڻ جو عذر ڪندي ڪانئس هڪ ماڻهوءَ جي گهر ڪيائين.

سليمان بن سليم، سنڌس درخواست منظور ڪئي ۽ ڪيس هڪ زبان دان بربري غلام عطا ڪيائين، جو بهترين لهجي ۾ قصيدا پڙهي ٻڌائيندو هو. افلح ان جو نالو 'عطا' رکيو ۽ انهيءَ جي نالي تي پنهنجي ڪنيت 'ابوعطا' اختيار ڪيائين. ڪيس پنهنجو متبني (پُٽيلو) بڻايائين. ان ڪانپوءِ هو ابو عطاالسنديءَ جي نالي سان مشهور ٿيو.

نوجوان عطا جنهن مجلس ۾ قصيدو پڙهندو هو، سو اهڙي جوش خروش سان جو ساري مجلس وجد ۾ اچي ويندي هئي.

ابو عطا محضرمي شاعرن ۾ ڳڻيو ويندو آهي، توڙي جو هن عشقيہ قصيدا بہ لکيا آهن تاهم سنڌس موضوع خاص بهادري هو. بنواُميہ جو ثنا خوان هو ۽ انهن جون ڳالهيون ۽ جنگي ڪارناما قصيدن ۾ بيان ڪندو هو، تنهنڪري هو بنواُميہ جي خاص شاعرن ۾ ڳڻيو ويندو آهي. هو بنو عباس ۽ بنو اُميہ جي لڙاين ۾ بہ شريڪ ٿيو، انهن مان هڪ ۾ سنڌس شاگرد يا پٽيلو عطا ماريو ويو.

بنو اُميہ جي خاتمي تي هن هڪ وڏو پُر درد مرثيو لکيو جنهنڪري خليفو ابوجعفر منصور ڪانئس سڙندو هو. مگر انهي هوندي بہ وقت جي باد شاهہ جي اطاعت مٿس فرض هئي، سو دربار ۾ قصيدي پڙهڻ لاءِ اچي حاضر ٿيو. ابوجعفر ڪيس ڏسي سخت ڪاوڙيو ۽ ڪيس سختيءَ سان چيائين تہ: تون ئي دشمن خدا، فاجر ۽ فاسق نصر بن يسار (اُموي) جو مرثيو لکيو آهي؟ ۽ پوءِ مرثيہ جا اشعار پڙهي چيائين: خدا جو قسم تو سان مان ڪو بہ سلوڪ ڪري نٿو سگهان! ابوعطا دربار مان هليو آيو ۽ اچي چند مرثيہ چيائين، جن ۾ بنو اُميہ جا احسان بيان ڪيائين. ۽ انهن جي مصيبتن تي خون جا ڳوڙها ڳاڙيائين ۽ ان ڪانپوءِ دل کولي منصور جي هِجو لکيائين، جا دارالخلافت ۾ ٻار ٻار جي زبان تي ياد ٿي وئي.

نصر بن يسار اُموي، جنهن جي محبت جي بدلي ۾ هو منصور جي دربار مان هڪاليو ويو، سنڌس وڏو قدردان هو. انهن ٻنهي جا دلچسپ شاعرانہ لطيفہ ڪتابن ۾ ڏنل آهن. نصر ڪيس دل کولي انعام اڪرام ڏيندو هو، جيئن تہ ڪن موقعن تي ڪيس 10 هزار ۽ ڪن تي 40 هزار دينار بہ انعام ۾ مليس. اهڙي طرح هڪ موقعي تي ڪيس هڪ خوبصورت ڦنڌاري ڪنيز بہ انعام ۾ ملي. ٻيا امير بہ پنهنجي ادب نوازيءَ جو ثبوت ڏيندا رهندا هئا. هڪ دفعي ابوعطا مڪي جي وات ۾ رهيل هو ۽ سنڌس خيمو رستي جي پاسي ۾ ويڙهيو سيڙهيو پيو هو، نهيڪ بن معبد عطاودي اچي اتان لانگهائو ٿيو، اچي

پڇيائين تہ: "هي ڪنهن جو تنبو آهي؟" ماڻهن چيس تہ: "ابوالعطا سنڌيءَ جو آهي."
هن چند غلامن کي ساز سامان سميت موڪليو، تہ تنبو کي وجي ڪوڙين. ابوعطا جڏهن
ڏٺو تڏهن وڏي آواز سان سندس مدح ۾ شعر پڙهيائين.

اهو شعر قافلي وارن ۾ مشهور ٿي ويو، ان ڪانپوءِ ٻنهي جي ملاقات ٿي، نهيڪ
چيو، تہ: "ابوالعطا انهيءَ شعر تي ڪجهہ اضافو ڪر."

هن برجستہ جواب ڏنو: "مان توکي ايترو عطا ڪيو جيترو تو مون کي عطا ڪيو،
جيڪڏهن تون بہ پنهنجي عطيہ ۾ اضافو ڪندين تہ آءٌ بہ پنهنجي عطيہ ۾ اضافو ڪندس."

معاصر شاعرن سان سندس معاصرانہ نوڪ جهوڪ رهندي هئي. انهيءَ زماني ۾
ابو دلامہ نالي هڪ مشهور عرب شاعر هو، ان سان سندس چڱا مناظرو رهندا هئا. هڪ
دفعي ابوالعطا، ابودلامہ جي خچر تي هجو لکي. ابودلامہ يڪدم پنهنجو خچر وڪڻي
ڇڏيو ۽ ابوالعطا جي شان ۾ هڪ وڏي هجو لکيائين، اهل ادب ٻنهي قصيدن مان خوب
لطف حاصل ڪيو.

ابوالعطا سنڌيءَ خليفي منصور جي زماني ۾ وفات ڪئي [1].

## 44- شيخ رحمة الله درپيلي مدني

بن قاضي عبدالله درپيلي، [2] سنڌ تي جڏهن شاهہ بيگ ارغون قبضو ڪيو [3]
تڏهن قاضي عبدالله پنهنجي ڳوٺ درپيلي مان نڪري پهريان باغبان (تلٽي) پوءِ راوٽ ۾
اچي رهيو، ان ڪانپوءِ سنت نئي مديني شريف ڏانهن هجرت جي ارادي سان گجرات واري
رستي سان احمد آباد وجي پهتو. [4] سمورو عيال اطفال ساڻ هئس، جن ۾ سندس
فرزندن مان هر هڪ شيخ رحمة الله ۽ شيخ حميد محدث بہ گڏ هئا. اتان پوءِ عيال سميت
مديني شريف وجي سڪونت پذير ٿيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سندس تفصيلي ذڪر
باب العين ۾ ڏسڻ گهرجي.

شيخ رحمة الله مديني ۾ رهي علم حديث جي تحصيل کي انتها تي پهچايو،
خصوصاً شيخ ابوالحسن بکري شافعي، جو ان وقت دنيا جو وڏو محدّث ۽ صوفي هو، ان
کان حديث جون بي نظير سندون حاصل ڪيائين ۽ ٻين محدثن جي خدمت مان عالي
درجي جون سندون حاصل ڪيائين. (تذڪره گلزار ابرار) [5].

---

[1] ڏسو: ڪتاب الاغاني ج 16 ص 74 کان 78. ڪتاب الشعر و الشعرا- ص 272- رجال السند والهند 276- 283- نزهة الاخواطر ج 1 ص 19- 43- فوات الوفيات للڪتبي (هن جو قول آهي. تہ 180 ڪانپوءِ وفات ڪيائين).

[2] عبدالله بن قاضي ابراهيم (معصومي 202).

[3] آخري طرح اهو قبضو 928هہ ٿيو.

[4] سال 934هہ ۾ احمد آباد پهتو (معصومي 212).

[5] ص 514.

هن سان طلب علم ۽ تصّوف جي رازن حاصل ڪرڻ لاءِ سندس والد جو دوست عبدالله متقي به شريڪ رهيو، جنهنڪري ٻنهي علم حديث جو حرمين ۾ ايترو درس ڏنو جو ٻنهي کي شيخين يعني استاد مرشد ڪري سڏيندا هئا. بلڪ خواجه عبدالشهيد عبيداللّهي فرمائيندو هو ته: "هنن ٻنهي شيخن مان ٻن وڏن شيخن يعني ابوبڪر صديق رحه ۽ عمر فاروق جو يادگيرو اچي ٿو. (اخبار الاخيار)

هو ٻئي مشهور محدّث، صوفي، عارف علي متقي جا مريد ۽ ساٿي هئا ۽ حضرت متقي سان نهايت درجي جو اعتقاد ۽ محبت هئن. سنڌن پرهيزگاري جو ايڏو وڏو درجو هو، جو شيخ علي متقي جي خدمت ۾ ترڪي جي شاهي اميرن مان، جي مڪي معظم ۾ حج جي موقعي تي زيارت لاءِ ايندا هئا، ته شيخ متقي پنهنجن ٻين مريدن ۽ فقيرن لاءِ ماهوار وظيفي ۽ خرچ لاءِ پگهارون مقرر ڪرائيندو هو. فقط هنن ٻن يعني: شيخ رحمت الله ۽ شيخ عبدالله لاءِ ڪجهه به مقرر نه ڪرائيندو هو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي مريد شيخ عبدالوهاب متقي کي به ان مان ڪجهه نه ڏياريندو هو، فقط هن خيال کان ته شاهي خزاني جي مال ۾ ڪجهه شبهي جو گمان ٿي سگهي ٿو (اخبار الاخيار).

شيخ رحمت الله يگانه عصر ۽ وحيد دهر آهي، مناسڪ حج تي 3 رسالا لکيا اٿس، جي هن وقت حاجين ۾ مقبول آهن. (معصومي) [1]. انهن مان 'مناسڪ المتوسطة' نالي رسالي جو شيخ علي قاري رحه مڪي شرح لکيو آهي جو باربار مصر ۽ مڪيشريف مان ڇپيو آهي. ملا علي قاري رحه انهي شرح جي شروعات ۾ لکي ٿو ته:

"لما رائيت لباب المناسک مختصراً لنفع الناسک العالم العلامة و الفاضل الفهامة المرشد السالكين و مفيد الناسكين الشيخ رحمة الله السندى رحمة الله الابدى، سنح ببالى ان اشرحه."

يعني: "مان جڏهن حج جي عبادتن بابت تمام وڏي عالم ۽ وڏي سمجهدار فاضل، جو سالڪن جي مرشد ۽ عبادت گذارن کي فائدو ڏيندڙ، شيخ رحمة الله سنڌيءَ جو ڪتاب 'لباب المناسڪ' ڏٺم، تڏهن دل ۾ آيو، ته ان جو شرح ڪريان، الخ."

مولوي عبدالحّي لکنوي شيخ لاءِ هيٺين ريت لکيو آهي: رحمة الله بن عبدالله السندي فقيه الحنفي عمل وارن عالمن ۽ صالحن ٻانهن ۾ هڪ وڏو فرد هو. هن مڪّي ۾ سن 990هه ۾ وفات ڪئي. ڪن فاضلن سندس تاريخ هيٺين فقري مان ڪڍي آهي 'رحمة الله قد نال مراده' مگر ان ۾ 2 عدد وڌي پون ٿا جي ڦن تاريخ ۾ ڇڱا نه آهن، خاص طرح ان حالت ۾، جو تاريخ ڪنهن خاص واقعي لاءِ هجي. (طرب الاماثل في تراجم الافاضل).

---

[1] ص 203.

## 45- شيخ حميد دربيلي

بن قاضي عبدالله سنڌي، جنهن جو ذڪر باب العين ۾ ايندو، هي صاحب، پنهنجي والد ۽ ياءُ، مديني شريف جي مشهور عالم شيخ رحمة الله سنڌي سان گڏجي احمدآباد اچي رهيو ۽ اتي ئي وطن ڪري ويٺو. ڪجهہ زماني کان پوءِ سندس والد ۽ عزيز مديني شريف روانا ٿي ويا، مگر هي بزرگ احمدآباد ۾ ئي درس تدريس جو شغل جاري رکندو آيو. مير محمد معصوم لکي ٿو تہ: ”شيخ حميد فضيلت ۽ ڪماليت جي زيورن سان سينگاريل هو، نقلي ۽ عقلي علمن ۾ تمام گهڻي مهارت هنس. جنهن زماني ۾ مظفر شاهہ بن سلطان محمود گجراتيءَ اڪبر جي گورنر شهاب خان تي ڪاهي احمدآباد پنهنجي قبضي ۾ ڪئي ان وقت نواب عبدالرحيم خان خانان فوج ڪشي ڪري مظفر شاهہ کي احمدآباد مان تڙي وري دوباره قبضو ڪيو، ان وقت آءٌ (مير معصوم) بہ انهيءَ فوج ۾ هنس. جڏهن اهو پرڳڻو فتح ٿي ويو تڏهن آءٌ شيخ حميد سنڌيءَ جي خدمت ۾ حديث پڙهڻ شروع ڪئي ۽ 'مشڪواة شريف' منڍ کان وٺي پڇاڙي تائين پڙهي پوري ڪيم ۽ حديث جي اجازت بہ حاصل ڪيم. ڪجهہ مدت کان پوءِ شيخ مذڪور نواب اعظم (خان معروف بہ) عزيز ڪوڪہ جي رفاقت ۾ حج جي سفر تي ويو ۽ مڪي شريف ۾ ئي هميشہ لاءِ رهي پيو ۽ درس حديث جو ڏيڻ لڳو. هن وقت مڪي معظمہ جي اهلحديث جو اڳواڻ يا امام آهي.“ (معصومي) [1]

مير محمد معصوم تاريخ سنڌ جو ڪتاب يارهين صديءَ هجري جي اوائل [2] ۾ لکيو آهي، جنهنڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو، تہ شيخ حميد سنڌيءَ مڪي معظمه ۾ يارهين صدي هجري جي اوائل ۾ وفات فرمائي آهي.

## 46- ڏيان سنڌي

شيخ ابراهيم ڪلهوڙي جو مريد، وحدت حقيقي ۽ غيرت الهي جو تمام وڏو ظهور هن ۾ رکيل هو. عشق ۽ غيرت جي هيءَ حالت هئي، جو هڪ ڏينهن واٽ ويندي هڪ حور جهڙي انسان تي سندس نظر پئجي وئي، سندس ڪن ۾ آواز آيو، تہ اجاتائين تون ڌارين جي حسن تي نظر ڪرڻ ڏانهن مائل آهين ڇا؟ انهي وقت ئي سندس اکين جي نظر ختم ٿي ويئي. هن درويش جي دل سوز محبت سان ۽ جان شوق غيرت کان مالامال رهندي هئي ۽ هميشہ ٻڏائيندو ڦرندو رهندو هو، هلڻ چلڻ ۾ هٿ چوريندو رهندو هو، هڪ هٿ بي اختيار اڳتي اچلبو ويندو هنس.

---

[1] ص 203.

[2] سال 1009هہ ۾ پورو ڪيائين.

هڪ دفعو پنهنجي هٿ کي چيائين تہ: "هٿ! توکي هي خيال بہ نہ تو ٿئي، جو اسان کان اڳ ۾ وڏن جي ڪوشش ڪرين ٿو." ايتري چوڻ سان اتي جو اتي هٿ سُڪي پيو ۽ چرڻ پرڻ جي طاقت وينڊي رهي. شيخ ڏيان ٻارهين صدي هجريءَ ۾ برهانپور ۾ وفات ڪئي اُتي ئي سندس خواب گاهہ آهي.

' سينه اش مخزن حقائق باد '

(گلزار ابرار) [1]

## 47- مخدوم دين محمد صديقي سيوستاني

بن مفتي عبدالواحد ڪبير پاٽائي، هي بزرگ پاٽ مان سيوهڻ ۾ اچي رهيو ۽ اتي ئي هڪ علمي خاندان مان شادي ڪيائين. شهر جي فضا ۽ فتويٰ سندس حوالي ٿي، هو تصوف ۽ ظاهر علم جو وڏو ڪامل ۽ عامل هو. تحفة الڪرام [2] واري هن کي سيوهڻ جي دڪائي مخدومن مان لکيو آهي، مگر حقيقت ۾ دڪائي خاندان جو نياٺو هو جنهنڪري انهن ڏانهن منسوب ٿيو، نہ تہ هو صديقي سهروردي آهي. هن صاحب جا شاهہ عبداللطيف سان دوستانہ تعلقات هئا ۽ هڪٻئي جون دستارون بدلائي پڳ مٽو يار بڻيا هئا، ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي حڪومت هئي. دهليءَ جي محمد شاهہ مغل [3] پاران هو سنڌ جو مرزبان هو. مخدوم دين محمد صاحبؒ ۽ سنڌ جي حاڪم جا پاڻ ۾ گهاٽا لاڳاپا هئا ۽ بعض امورن ۾ ڪانئس مشورا بہ ورتا ويندا هئا.

(نقل از بياض ميان حبيب الله صديقي سيوستاني)

هن سوانحات جي جامع اوراق (مولانا دين محمد وفائي) ميان نورمحمد جو هڪ خط مخدوم دين محمد جي نالي، مخدوم محمد حسن صديقيءَ جي ڪتبخاني ۾ ڏٺو هو، جنهن ۾ ڪيس نهايت معزز القابن سان ياد ڪيو ويو آهي ۽ هڪ سيد، بيگناهہ ڪنهن ماڻهوءَ جو خون ڪيو هو، ان بابت ڪيس تحقيقات ڪري اطلاع ڏيڻ جي عرضداشت ڪيل آهي. خط ۾ روبرو ملاقات ۽ ڪن مشورن جو بہ ذڪر ڪيل آهي. هن خط جي آخر ۾ هڪ مُهر آهي، جنهن ۾ هيٺيان الفاظ آهن:

'خدا يار ہزبر جنگ عباسی فدوی محمد شاہ غازی' [4]

---

[1] ص 307.

[2] پراڻو فارسي ڇاپو ج 3 ص 141.

[3] سال 1131 کان 1161هہ تائين.

[4] ڏسو مهر ۽ ٻيو احوال تحفة الڪرام فارسي تصحيح حسام الدين راشدي (444-447-450- 610) هتي مهر جو مضمون غلط آهي.

اهي مٿيان القاب ميان نورمحمد ڪي مغليہ خاندان مان عطا ٿيل هئا، جي مهر ۾ ڪم آندا ويا آهن، فدوي جو لفظ انهيءَ زماني ۾ گورنر يا باد شاهہ جي نائب جي بجاءِ ڪم آندو ويندو هو.

هن بزرگ جي ولادت 1113هہ وفات 1192هہ ۾ ٿي، رحمة الله عليہ، پوئتان ٻہ فرزند ڇڏي ويو، عبدالواحد ۽ محمد حسن، اهو عبدالواحد، مخدوم عبدالواحد جي نالي سان سموري سنڌ ۾ مشهور آهي، جنهن جو ذڪر باب العين ۾ پڙهڻ گهرجي.

## 48- مخدوم روح الله بکري

جامع علوم منقول ۽ معقول، حاوي معالم فروع و اصول، پنهنجي زماني ۾ صلاحيت ۽ تقويٰ سان مشهور ۽ معروف هو. سنڌ جو حاڪم ميان نورمحمد ڪلهوڙو سندس بيحد معتقد هو، ڪانئس دعا گهرائڻ جو هميشہ احتياج ڏيکاريندو هو.

سيد علي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو تہ: مون ڪي مخدوم روح الله سان سن 1166هجري ۾ محمدآباد ۾ ملاقات ٿي، جو اُتي ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي دعا ڪرڻ لاءِ تشريف فرما ٿيو هو. معلوم ٿيو، تہ سمورين ڪماليتن جي مالڪ هجڻ ڪري ڪڏهن ڪڏهن شعر شاعريءَ ڏانهن بہ توجہ فرمائيندو هو. مخدوم صاحب بيان فرمايو، تہ نادر شاهہ جي تخت نشينيءَ جي تاريخ "الخير فيما وقع" جي فقري مان ڪنهن شاعر ڪڍي

1148هہ

هني، مگر مان[1] چيو تہ:- لا خير فيما وقع- ٻنهي فقرن مان ساڳي تاريخ حاصل

1148هہ

ٿئي ٿي. ان ڪانپوءِ جڏهن نادر شاهہ سنڌ ۾ آيو تڏهن هيئنين فقري مان تاريخ حاصل ٿي "الخير فيما هو واقع" [2] نادر شاهہ جو وجود ٻين باد شاهن بنسبت هن ملڪ لاءِ چڱو

1160هہ

هو ۽ ڪيس تڪليفون بہ ڏاڍيون پهتيون تنهنڪري سندس آمد جي تاريخ لاءِ چيم "لاخير فيما هو واقع" [3] (تحفة الڪرام) [4].

1160هہ

شاهہ عنايت الله صوفي (شهادت 1130هہ) جو هڪ خط هٿ آيل آهي، جو

---

[1] مرزا ذڪي نديم اها تاريخ چئي مقالات الشعرا 812.

[2] هيءَ تاريخ مخدوم روح الله ڪڍي ليڪن نادر شاهہ جي مرڻ جي تاريخ آهي.

[3] هيءَ تاريخ مرزا قانع چئي آهي مقالات 812. تحفة الڪرام فارسي ج 1 ص 456.

[4] ج 3 ص 129 تذڪره علماء هند رحمان علي ص 265 مقالات الشعرا 812.

مخدوم روح الله کي لکيو اٿس جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ته مخدوم صاحب وقت جو وڏو سالڪ ۽ صوفي هو، جنهن سان شاهه عنايت الله جهڙو رند مشرب به سندس معتقد رهيو آهي. اهو سمورو خط هيٺ درج ڪجي ٿو ته هن مجموعي ۾ هميشه هي تاريخي شيءِ محفوظ رهجي وڃي.

بسم الله الرحمن الرحيم

نازم عذب مشرب قلندر جنون هنری را که، دست از دامن صبح امید کوتاه داشته، شام نا امیدی را که، غریب شهرستان آرزوی ء هوشمندان حیرت ملاک تواند بود، گریبان سر مقصود اندیشیده، در خود شکنیها که بت شکنی مردان حقیقت آگاه هست- دست و پا می زند، و به تیشهء فرهاد عشق کوه سینهء خود می کند.

شیشها، چیده است برطاق دلم، دست امید
گر فتد سنگی ز نومیدی، تماشا می شود

چه بلاشد رجاء مطالب دنیوی که باصطلاح جگر خونان دگرگون یاس باده صهبایء سبکر وحی مقرر شده. کدام جاذبهء جان فرسا تمنا پا در هوا ست که در زنگ گرد و باد جوشش نهاده، بریش و بروت اهلی صورت معنی خراب پیچیده، و هر سرمو را بشاخ مطلبی آویزان ساخته، خیمه سر خشک سران بصد طناب می بندد، و صورت مضمون یک سر هزار سودا را بر رویء صفحه حال تشتت فال زمانیان نقش می کشد.

مرد باش و سخرهء مردان مباش
رو سر خود گیر و سرگردان مباش

سر دیوانگی سلامت، گو پشت گرمی جنون نیرنگ ساز بی نیاز که التاجیء مشت هوسنا کان چندی را که از راحت گزینی خس خانه دنیاء سرد بازار، در نسائم بهار اسرار زکام زده دماغ اند. کفر همت شناخته دلق درویشی را رسوا نساخته، ویرانهء گمنامی را آباد سازد، و خیال خود را از سواد خاطرها اهل روزگار که دام مکر و تزو یری به ازین در آئینه وهم صورت نه بسته، چون آهو وحشت سرشت رم داده، قدم نهمت را از پل عالم آنطرف نهد.

و حشتم کاش باندازهء صحرا می بود
یک رمیدن برد از هر دو جهان بیرونم

نا آشنایان دارالشفا خاکساری، که نشتر تیز زبان دران مشهد تسلیم جنبش نبض را کوچه می دهد، در مقام انکسار در آمدن طالع فقر را وازگون نمودن است. نعوذ بالله سبحانه من الحور بعدالکور!

چـون چتر سنجری رخ بختم سیاه بـاد

بـا فقر گر بـود هـوس ملک سنجرم

هن صوفيانہ ۽ رندانہ مضمون ڪانپوءِ اصل خط هيٺئين ريت آهي:

حضرت مخدوم معظم مکرم من!

بعد اسمه نیاز سراسر گداز معروض باد که، اوصاف وارستگی و برگشتگی آرنده ارباب کمال، از میر صاحب مهربان میر امیر علی صاحب شنیده آنقدر انجذاب و کشش دل بملاقات حیات مساوات آن معدن فیوضات حاصل شده که، بیرون از احاطهٔ تقریر و تحرست.

مصاحبت چه ضرورتَ است آشنای را

هنوز یاد یمن، محو نکهت عربی است

فقره چند مذکور که قبله کونین استاذی و مرشدی قدسنا بسره الاقدس در ایام جو انیها در جوش مشرب قلندر یها و وارستگی املا فرموده بودند، بی اختیار آشنا قلم نقصان رقم این ناقص گردید، زیاده بجز سوز و گذار و ماتم و وحشت و تنهائی چه عرض دهد- والسلام!

محرر الحروف احقرالناس عنایت الله.

لفافي تي هي لفظ لکيا ويا آهن:

بگرامی مطالعه، قدوه ارباب کمال، زبده اصحاب قال و حال، جامع کمالات انسانی، معدن فیوضات رحمانی، حضرت مخدوم روح الله سلمه الله تعالی مشرف باد. نیاز نامه خاکسار عاجز عنایت الله عفی عنه.

هن خط مان ظاهر آهي، تہ مخدوم صاحب سان صوفي شاهہ عنايت الله جهوڪ واري جي پس غائبانہ محبت تي ۽ سندس ڪماليت جون ڳالهيون ٻڌي ڪيس خط لکيو ۽ خط سان گڏ ڪجهہ صوفيانہ راز ۽ رمزون بہ لکيون، جيڪي شاهہ صاحب ڪي سندس استاد صوفي غلام محمد دهلويءَ جواني جي زماني ۾ لکائي ڇڏيون هيون، جنهن جو حظ ۽ لطف اهو ماڻهو حاصل ڪري سگهي ٿو، جو انهيءَ ڪوچيا جو واقف هوندو، باقي ٻئي لاءِ تہ گويا ڳجهارتون ڏنل آهن.

مخدوم صاحب ٻارهين صدي هجري جي پوئين اڌ ۾ وفات فرمائي ويو ۽ پوئتان

اولاد ڪونہ ڇڏيائين. تحفة الڪرام جي قول موجب 3 پٽ ڇڏي ويو، جن جي اولاد جو اڄ پتو ڪونہ پوي ٿو. [1]

## 49- شيخ طيب سنڌي پاٽائي

محدث طيب بن يوسف پاٽائي صديقي سنڌي. علم حديث ۽ تصّوف جو وڏو عالم پنهنجي پيءُ ۽ ياءُ شيخ محّدث طاهر [2] سان پاٽ مان نڪري شهاب الدين واصل وٽ تصّوف جو ڪتاب، 'منهاج العابدين' [3] امام غزاليءَ جو پڙهيائون. ان ڪانپوءِ هي بزرگ سفر ڪندي برهانپور ۾ اچي رهيا. شيخ طيب جي مفصّل احوال ڪونہ ملي ٿو مگر 'تذڪره گلزار ابرار' مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو شيخ طاهر جو وڏو ياءُ هو، گجرات ۽ برار جي سفر ۾ ساڻ هو.

هي بزرگ سن 950هہ ۾ وفات ڪري ويو ۽ سندس مقبرو بہ سنڌ کان ٻاهر آهي [4].

## 50- شيخ طيب ٺٽوي

طيب بن شيخ هارون ٺٽوي، هڪ وڏو بزرگ عارف ۽ عالم هو، سنڌ جي سرزمين ان جي وجود ڪان روشن هئي. ظاهري علم شيخ طيب پنهنجي استاد مفتي يونس سنڌيءَ کان حاصل ڪيو. حافظ، قاري، عالم، بي نفس ۽ شڪستہ دل ۽ نمناڪ چشم هو، گهر جون ضروري شيون پاڻ بازار مان وڃي خريد ڪري ايندو هو.

تقدير جو اهڙو ڪرشمو ٿيو، جو پنهنجي وطن مان نڪري ايلچ پور (صوبہ برار) ۾ اچي پهتو ۽ شيخ طاهر بن يوسف سنڌي بہ اُتي رهندو هو، جنهن سان ملاقات ڪري ڏاڍي راحت ۽ خوشي حاصل ڪئي. هنن ٻنهي بزرگن جو پاڻ ۾ ايڏو ڳانڍاپو ٿيو، جو عام ماڻهو کين ڀائر سمجهندا هئا. هوڏانهن شيخ طاهر جو ياءُ طيب نالي اڳ ۾ وفات ڪري ويو هو. شيخ طاهر جو ڀائٽيو مسيح الاولياء عيسيٰ سنڌي برهانپوري هن بزرگ وٽ اصول فقه ۽ علم ڪلام پڙهيو ۽ سندس استاد هو.

[1] تحفة الڪرام ۾ آهي تہ هڪ پاٽس محمد معصوم هو، جو تحفة الڪرام لکڻ وقت جيئرو ۽ صاحب حال و قال هو. ٻيو محمد افضل، جيڪو شاعر هو. ٽيون محمد غوث هو، جيڪو پڻ شاعر ٿيو ۽ سالڪ راه سلوڪ جو ٿي فوت ٿيو. پوٽين جو پٽ ميان الله بخش تحفة الڪرام لکڻ وقت زندهہ هو. (ج 3-130).

[2] ڏسو تذڪره گلزار ابرار ص 426 طاهر ابن يوسف ابن شهاب الدين سنڌي پاٽائي. طاهر شيخ طيب جو وڏو ياءُ هو.

[3] منهاج العابدين الي الجنة (تصوف) 1288-1305-1322هہ ۾ ڇپيو آهي. (المعجم ص 1415).

[4] گلزار ابرار ص 426.

برار جي پرڳڻي ۾ سلطان اڪبر جي ڪاهه سبب جڏهن ياڄڙ پئي تڏهن شيخ طيب به حاڪم وقت جي عرض ڪرڻ تي شيخ طاهر سان گڏجي برهانپور هليو آيو ۽ هميشه اُتي رهجي ويو.

هڪ دفعي جو واقعو آهي ته مسيح الاولياء سان رستي ويندي هڪ خوبصورت معشوق کي ڏٺائين، جو ان ملڪ ۾ مشهور هو، تورو مشڪي فرمايائين ته "آهذاالّذي يذڪر آلهتڪُم" "ڇا اهي ئي آهن جو اوهان جي معبودن کي بري نموني ۾ ياد ڪندا آهن!؟" ائين چئي هليو ويو.

شيخ طيب 'رساله غوثيه' تي هڪ عمدي شرح لکي ۽ 'مشڪواة شريف' تي به سندس عمده حاشيا آهن. برهانپور جي ماڻهن کي تمام گهڻو فيض پهچايائين. ڏهين صدي هجري جي پوئين ڏهي ۾ وفات ڪيائين ۽ شيخ ابراهيم سنڌيءَ جي قبرستان برهانپور ۾ دفن ٿيو.

باد طيب همچو نامش خاک او

(تذڪره گلزار ابرار) [1]

## 51- شيخ قاسم سنڌي پاٽائي

محدّث قاسم بن شيخ يوسف محدّث پاٽائي سنڌي، شيخ طاهر محّدث جو ننڍو ڀاءُ ۽ وقت جي وڏي عالم ۽ صوفي مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ برهانپوريءَ جو والد بزرگ هو. تعليم پنهنجي والد ۽ شيخ شهاب الدين سنڌيءَ وٽ حاصل ڪيائين. سندس بيعت شيخ بهاءُالدين ڪان هئي، جو هي بزرگ ڏهين صدي هجري ۾ شيخ الاسلام شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتانيءَ جو جاءِ نشين هو. تقويٰ، توڪل، زهد، تصوف، مطلب ته سموريون نيڪ صفتون هن جي ذات ۾ موجود هيون.

سندس فرزند مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ کان بيان آهي ته: "منهنجي اجا هوش سنڀالڻ جو زمانو ڪونه آيو هو جو پاڻ (يعني منهنجو والد) وفات فرمائي ويو، ۽ مون پنهنجي والد جي دوستن کان ٻڌو هو، ته توحيد ذاتي، خدا شناسي، وحدت الوجود جي مسئلن سمجهڻ ۾ ماڻهو سندس تعريف ڪندا هئا. سندس ڪرامتون ۽ آزاديءَ جون ڳالهيون به ڪندا هئا، جن مان هڪ واقعو ياد اٿم، ته منهنجي والده پنهنجن ٻارن کي وٺي منهنجي وڏي چاچي شيخ طاهر جي گهر ڏانهن وٺي هئي، جو اسان جي گهر کان ٿورو پريرو هو. منهنجي والد جو خيال ٿيو، ته آءٌ به اوڏانهن وڃان، جنهن تي مان گهر کي قُلفَ هڻڻ گهريو مگر منهنجي والد فرمايو، ته حقيقت شناس ماڻهن جو اهو طريقو نه آهي تنهنڪري گهر کي بنا قُلفَ جي دروازو ڪليل ڇڏي هليا وياسين. الله تعاليٰ جو احسان ٿيو

[1] ص 377.

جو جڏهن واپس آيا سين، تہ سمورريون شيون گهر جون اُهين جو اٿين سلامت رکيون هيون. سندس توڪل جي ڪري ڪنهن شيءِ کي بہ چور هٿ نہ لاتو."

مسيح الاولياء فرمائي ٿو، تہ مان پنهنجي چاچي بزرگ کان فرمائيندي ٻڌو تہ: "منهنجي ننڍي ڀاءُ قاسم جو مشرب صوفيانہ هو. سندس دل آويز گفتار ۽ پسنديده افعال مان اخيارن ۽ ابرارن جون علامتون ظاهر هيون. ميان جمال محمد گجراتي، جو هڪ وڏو صوفي ۽ مفسر محدّث هو، تنهن جو چوڻ آهي، تہ شيخ قاسم علم ۾ يڪتاءِ زمانہ آهي."

ڪتاب 'درالدارين' ۾ ڄاڻايل آهي تہ: شيخ قاسم کي رسول الله ﷺ وٽان خواب ۾ 'رئيس المحدثين' جو لقب عطا ٿيل هو." مسيح الاولياء فرمائي ٿو تہ: "جڏهن مون کي اڪبر بادشاهہ منهنجي مرضيءَ جي خلاف برهانپور مان دارالسلطنت آگري ۾ وٺي آيو، تہ مون کي فڪر هو، تہ ڪيئن بہ ڪري بادشاهہ کان موڪل وٺي برهانپور موٽي وڃان، مگر ڪا بہ تدبير ڪارگر ڪانہ ٿي. آخر هڪ رات پنهنجي والد شيخ قاسم کي خواب ۾ ڏٺم، پاڻ سنڌي زبان ۾ هڪ بيت پڙهيائون جنهن جو مضمون هي هو تہ:

"اَي پٽڙا! توکي اگرچہ لا (نفي) جو لفظ وڃ ۾ آڻي نيست ڪيو ويو آهي، مگر اجاتائين تون پنهنجي دل ۾ هستيءَ جو گمان رکين ٿو!"

مسيح الاولياء فرمائي ٿو، تہ آءٌ جڏهن جاڳيس تہ انهي اشاري مان دل ۾ خيال پيدا ٿيو، تہ پنهنجي رهائي (آزادي) لاءِ دل ۾ خيال پچائڻ ۽ تدبيرون سوچڻ ۽ زبان سان ڪجهہ چوڻ فنا واري مقام جي خلاف آهي. بلڪ ان رَبت تہ تسليم ۽ رضا جي بجاءِ پاڻ کي شڪايت ۽ شرڪ جي ڪڏ ۾ اڇلائڻو آهي. تنهنڪري ان رستي کي ڇڏڻ گهرجي. جنهن کان پوءِ سمورا خيال دل مان ڪڍيا ويا ۽ آسودگي حاصل ٿي وئي. ان کانپوءِ ڇا ٿيو جو هڪ هفتي اندر بادشاهہ وٽان وطن جي واپسي جي موڪل ملي وئي. (تذڪره گلزار) [1].

شيخ قاسم جي وفات جي تاريخ مقرر ڪانہ معلوم ٿي آهي مگر مسيح الاولياء فرمايو آهي، تہ مان اجا پورو هوش ئي نہ سنڀاليو هو، جو منهنجو والد وفات ڪري ويو. ان لحاظ سان معلوم ٿئي ٿو، تہ ڏهين صدي هجري جي پوئين اڌ ۾ شيخ قاسم وفات ڪئي آهي، ڇاڪاڻ جو مسيح الاولياء جي ولادت سن 962هہ ۾ ٿي آهي، اندازي ۾ 968هہ يا ٿورو گهٽ وڌ ۾ هن بزرگ وفات فرمائي هجي. سندس مقبرو برهانپور ۾ آهي.

[1] ڏسو تذڪره مذڪور ص 397.

# 52- شيخ فريد بکري

بن شيخ معروف بکري. سندس والد بکر جو صدر يا جج هو ۽ هو صاحب ننڍي هوندي ابتدائي ڪتاب شهر جي عالمن وٽ پڙهيو ۽ خوشخطي ۽ شاعري جي تعليم مير ابوالقاسم نمڪين [1] کان حاصل ڪيائين، جيڪو ان وقت بکر جو جاگيردار هو. مير ابوالقاسم جو مقبرو روهڙيءَ جي لڳ هڪ ٽڪريءَ تي آهي جنهن کي هن وقت 'ستين جا ٿان' سڏيو وڃي ٿو. پوءِ جڏهن جونپور ۾ خان جهان لوڌي سان گڏ اچي رهيو تڏهن ملاّ مصطفيٰ علامي جونپوريءَ کان ڪيترائي علوم حاصل ڪيائين جيئن ته لکي ٿو:

'به ملا مصطفيٰ علامي جونپوري بنده را نسبت شاگردي است.'

هو پهريان سيد مرتضيٰ فريد بخاري، جو جهانگيري زماني جو هڪ وڏو سخي امير هو، جي بکر واري جاگير سنڀاليندو رهيو. سيد مرتضيٰ فريد بخاري ايڏو سخي مرد هو، جو جيڪي به جاگير مان پيدائش ۾ ايندو هنس، سو بکر جي عالمن ۽ ساداتن کي ڏيئي ڇڏيندو هو ۽ سندس حساب ڪتاب رکندڙ هڪ هندو لکميداس سيوهاڻي هو. سيد مرتضيٰ بخاري گهڻو ڪري سرڪاري ملازمت جي سانگهي سکر مان ٻاهر رهندو ۽ سال بسال نوان پروانا ڪري پگهارن لاءِ موڪليندو هو. هڪ سال نئون پروانو ڪونه آيو، ته لکميداس علمائن ۽ ساداتن جون پگهارون روڪي ڇڏيون، جنهن تي بکر جي علمائن هڪ وڏو عريضو موڪليو. مرتضيٰ بخاري، شيخ فريد جي هٿان نئون پروانو ڪري بکر موڪلي ڏنو. ان ۾ لکيل هو، ته جيڪڏهن لکميداس پراڻو نوڪر نه هجي ها، ته ڪيس موقوف ڪيو وڃي ها! پوءِ اهي پگهارون ۽ وظيفا آخر وقت تائين بحال رهندا آيا.

شيخ فريد بکريءَ جي حالات کي غور سان ڏٺو وڃي ٿو، ته هو جهانگير جي زماني ۾ خان خانان عبدالرحيم خان سان به رهيو آهي، بلڪ خان خانان جي وفات وقت به هي صاحب وٽس حاضر هو. لکي ٿو ته: "نواب خانخانان جي لاڏاڻي جو وقت ڏاڍو سخت هو. علاج لاءِ پنڊت ڪنري طبيب موجود هو. ڪانئس پڇيم، ته خان ته ڏاڍو نيڪ، سخي ۽ عابد ماڻهو هو پوءِ هي سختي ڇو آهي؟ پنڊت چيو، ته پورا پنجاهه سال حڪمراني ڪئي اٿس، تنهنڪري روح کي بدن کان جدائي ڏاڍي ڏکي ٿي لڳي اها تڪليف ان جو نتيجو آهي! [2]"

عبدالرحيم خان خانان کان پوءِ هو صاحب سن 1033هه ۾ جهانگير جي مغليه

---

[1] ڏسو تذڪره امير خاني تاليف حسام الدين.

[2] خان خانان عبدالرحيم ولد بيرم خان خان خانان 964هه لاهور ۾ ڄائو (مقالات الشعرا 233) ۽ 72 سال جي عمر ۾ 1036هه ۾ فوت ٿيو. دهليءَ ۾ دفن آهي. (مقالات 234).

بيگم نورالنساء (نورجهان) جو ديوان ۾ ڪم ڪار سنڀاليندو هو ۽ ساڻس اجمير، آگري ۽ لاهور ۾ گهڻو وقت رهيو. هن جهانگير جو به ڪيترو زمانو ڏٺو ۽ نورجهان بيگم جو اوج ۽ عروج ڏٺائين، بلڪ ڪجهه وقت نورجهان جي عزيزن ۽ قريبن ۾ تنخواهن تقسيم ڪرڻ جو ڪم پڻ سندس سپرد هو.

1037هه ۾ احمدآباد گجرات جو ڪليڪٽر ٿي رهيو ۽ محصول اُگاڙڻ جو سمورو ڪم سندس سپرد هو. جهانگير جي اميرن مان خان جهان لوڌي بادشاهه جو پٽن جهڙو پيارو امير هو، شيخ فريد بکري کي جهانگير، خان جهان سان ڳنڍي ڇڏيو. لکي ٿو ته: هڪ دفعو خان جهان لوڌيءَ [1] کي بادشاهه دکن ڏانهن ڪنهن مهم تي موڪلي رهيو هو، جڏهن موڪلائڻ لڳا، ته ٻئي روئي رهيا هئا ۽ مان ان وقت انهيءَ خلوت جي مجلس ۾ موجود هئس."

خان جهان جي زماني ۾ هي صاحب گهڻو وقت صوبي برار جي عملداريءَ تي رهيو، امين بخشيءَ ۽ ديوان خانيءَ جا ڪم جدا جدا وقتن تي ايمانداريءَ سان ڪندو رهيو هو. صاحب جڏهن صوبه برار ۾ امين جي عهدي تي هو، ته اتي نواب شهباز خان ڪنبوهه جي پائتيءَ سان شادي ٿيس. اهو شهباز خان، جهانگيري زماني ۾ هڪ وڏو سخي ۽ عابد امير هو ۽ هر سال ڏهه لک رپيا خيرات ڪندو هو. صوبه برار ۾ رهڻ وقت برابر به مهينا مهابت خان جهڙي خوفناڪ جنگي سپه سالار جي مهمانيءَ جا حق ادا ڪيائين.

بکر جو رهاڪو هو، تنهنڪري سندس نوڪرن کي پلي مڇي پچائڻ جو خاص ڍنگ ايندو هو. هڪ دفعو مهابت خان، مرزا علي اصغر ولد آصف جاه کي چيو، ته مون کي اڄ اهڙو پلو پچائي کارايو جهڙو شيخ فريد بکري کارائيندو آهي!

شاهه جهان جي زماني ۾ شيخ فريد بکري آگري قلعي جو نائب مفتي ٿي رهيو. ان زماني ۾ ٻارهن پرڳڻا لکنوءَ جي هڪ ڪليڪٽر سرانداز قلمقا خان سرڪاري خزاني ۾ غبن ڪيو هو، جنهن جي حساب تپاسڻ لاءِ شاهه جهان، شيخ فريد کي هڪ هزار رپين جي تنخواهه سان مقرر ڪيو، جنهن ديانتداري سان معاملي کي صاف ڪري آيو.

جهانگير جي وفات کان پوءِ جڏهن شاهه جهان تخت تي ويٺو تڏهن جهان خان لوڌي سان سندس اڻ بڻت ٿي ۽ بادشاهه جي ڏپ کان جهان خان وڃي گوشي نشين ٿيو.

جنهن کان پوءِ شيخ فريدبکري به پريشان حاليءَ سان بکر موٽي آيو. لکي ٿو ته:

'بعد از درهم زدگی و تفرقه دولت خان جهان لودی بحالت عجیب و غریب افتان و خیزان بوطن خود بهکر رفتم. مرزا حسینی تمام مدار و

---

[1] خان جهان لوڌي 1 رجب 1040هه جو ماريو ويو. شاهجهان سندس مخالف هو.

اختيار سرڪار بهکر بعهده ڪمترين سپرد. در ملک خود احقر عمل خوب کرده. زر بسيار بجهت او رسانيد.'

هن مان ظاهر آهي، تہ فريد بکر ۾ پهتو، تہ شاهہ جهان جي طرفان بکر جي مقرر ٿيل حاڪم، مرزا حسيني، محصول اُگاڙڻ ۽ ملڪي انتظام تي هن کي ڪٽي مقرر ڪيو. جنهنڪري نهايت عمدگيءَ سان انهيءَ ڪم کي سرانجام ڏيندو رهيو، مگر پوءِ ڪن خود غرض ۽ مخالف ماڻهن مٿس چغلي کاڌي ۽ باد شاهہ شاهہ جهان کي اطلاع ڏنو، تہ شيخ فريد جهان خان لوڌي کي طاقت وٺائڻ لاءِ بکر ۾ ڳجهو ڪم ڪري رهيو آهي. هن کي بہ ان جي خبر پئجي ويئي، سو بکر مان ڪهي باد شاهہ جي خدمت ۾ وڃي پهتو، جنهن تي باد شاهہ ڳالهيون ٻڌي ڪيس معاف ڪري ڇڏيو.

شيخ فريد جو هڪ ڪتاب "**تحفه حضرت شاهجهانی**" بہ آهي. جنهن ۾ شهاب الدين شاهہ جهان جي حڪمرانيءَ جا چشم ديد حالات لکيا اٿس. ڪتاب بلڪل ناياب آهي. ٻيو سندس تصنيف ڪيل ڪتاب "**ذخيرة الخوانين**" آهي جنهن مان هي سمورو احوال ورتل آهي. انهيءَ ڪتاب جي ديباچي ۾ ڏيکاريو اٿس، تہ هي ڪتاب نواب شائستہ خان آصفي نورجهان بيگم جي ڀائٽي جي خواهش تي لکيو اٿس. ڏسجي ٿو، تہ انهيءَ خاندان سان هن جا تمام گهاٽا لاڳاپا آهن ۽ سموري ڪتاب ۾ هنڌ هنڌ هنن جي واکاڻ ڪندو رهي ٿو ۽ باد شاهہ شاهہ جهان جي عتاب کان اصلاً نٿو ڊڄي.

ڪتاب جي تعريف ۾ لکي ٿو:

شکر که اين پيکر مشکين نقاب — کرد عيان عارض چون آفتاب
با رخ زيبا و لب دلنواز — جلوه گرا ييد بر اهل نياز

شيخ فريد جي وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي پر سندس ڪتاب "ذخيرة الخوانين" [1] سن 1061هہ ۾ لکجي پورو ٿيو هو. بهرحال هي 11 صدي هجري ۾ مغليہ سلطنت جو سنڌي عالم ۽ شاعر امير هو. رحمة الله تعالىٰ [2].

---

[1] ڪتاب جو خطي نسخو مولانا عبدالحق جي ڪتبخاني (دهليءَ) ۾ هو، جتان راقم الحروف (حسام الدين) نقل ڪرايو. انهيءَ نسخي تان مولانا صاحب مرحوم هي احوال ورتو. انهيءَ ڪتاب جو ٻيو نسخو نواب صدر يار جنگ حبيب الرحمان خان جي ڪتبخاني (عليگڙهہ) ۾ آهي. ٽيون نسخو جيڪو دراصل چندا بائي ماه لقا جي ڪتبخاني جو آهي، سو هينئر پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي ڪتبخاني ۾ آهي. جنهن تان بہ جلد (اڪبر-جهانگير) هسٽاريڪل سوسائٽيءَ شايع ڪيا آهن باقي ٽيون جلد (شاهہ جهان) رهيل آهي.

[2] هيءَ سوانح مولانا مرحوم پنهنجي رسالي 'توحيد' ۾ شايع ڪئي هئي، جنهن جو هوبهو نقل هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو اٿئون.

# 53- قاضي عبدالله بن قاضي ابراهيم درپيلي مدني

هڪ وڏو عالم ۽ متّقي پرهيزگار بزرگ ٿي گذريو آهي. هن شروع ۾ سمورن علمن جي تحصيل مخدوم عبدالعزيز ابهري کان ڪئي ۽ سمن جي وقت ۾ پنهنجي ڳوٺ درپيلي ۾ ئي رهندو آيو ٿي. ان کانپوءِ جڏهن سنڌ تي مرزا شاهه بيگ ارغون قنڌار مان ڪاهي اچي قبضو ڪيو، تڏهن درپيلي مان لڏي پهريان باغبان (ٺلٽي) ۽ راؤٽ (سرڪار سيوستان) ۾ اچي رهيو، ان کان پوءِ گجرات (احمدآباد) روانو ٿي ويو. (معصومي) [1]

شيخ عبدالحق دهلوي لکي ٿو ته: "سنڌ مان ڪن حوادث زمانه سبب پنهنجن سمورن ٻارن ٻچن ۽ وڏي عيال سان مدينه منوره ڏانهن هجرت ڪرڻ جي ارادي سان نڪتو، پوءِ ته گهڻو وقت اچي احمدآباد ۾ رهيو ۽ شيخ علي متقي مدني سان صحبتون رهيس ۽ ان کانپوءِ هو مديني منوره ۾ پنهنجي عيال سميت وڃي رهيو." (اخبارالاخيار) [2].

قاضي عبدالله جو احمدآباد جي بادشاهن وٽ ڪافي رسوخ هو ۽ سندس تعظيم تڪريم ۾ ڪابه ڪوتاهي ڪانه ڪندا هئا. ڪيترائي اهڙا ڪم به بادشاهه جي پيش آيا جي قاضي صاحب جي معرفت حل ٿيا. مديني منوره جو وڏو عالم ۽ صوفي شيخ علي متّقي (متوفي 975هه مدينه منوره) هڪ دفعو جڏهن گجرات (احمدآباد) ۾ تشريف فرما ٿيو، تڏهن بادشاهه بهادر شاهه بن مظفر شاهه (شهيد 943هه) خواهش ڪئي، ته مون کي شيخ جي زيارت جو موقعو ڏنو وڃي، مگر بزرگ اجازت نه ڏني ۽ صاف انڪار ڪيو. ڇاڪاڻ جو ممڪن هو، ته بادشاهه جي پوشاڪ يا عادات اطوار ۾ ڪجهه غير شرعي نمونو هجي، جو شيخ جي طبع کي پسند نه اچي. تنهنڪري ئي بادشاهه کي پنهنجي ديدار کان محروم رکڻ جو ارشاد ڪيائون. آخرڪار بادشاهه قاضي عبدالله سنڌي [3] کي عرض ڪيو، ته شيخ سان اوهان جو رستو آهي، اوهان مون کي زيارت جي اجازت وٺرائي ڏيو! جنهن تي قاضي سنڌيءَ جو شيخ علي متقيءَ عرض قبول ڪيو ۽ بادشاهه کي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جي اجازت ملي. ملاقات کانپوءِ ٻئي ڏينهن بادشاهه هڪ ڪروڙ احمدآبادي چالو رپيا شيخ متقي جي خدمت ۾ موڪلي ڏنا، مگر بزرگ اهي سمورا رپيا قاضي عبدالله سنڌي کي ڏياري ڇڏيا، فرمايائين، ته اهي رپيا اوهان جي معرفت آيل آهن تنهنڪري اوهان ئي پنهنجي عيال تي وجي خرچ ڪريو.

(اخبارالاخيار [4] ۽ خزينة الاصفياء)

قاضي عبدالله سنڌي احمدآباد مان پوءِ سڌو ئي مديني منوره وڃي مقيم ٿيو،

---

[1] ص 202- ص 204. [2] ص 260.

[3] ڏسو معصومي ص 204. [4] ڏسو ص 260 تحت علي بن حسام الدين متقي.

شيخ عبدالحق دهلوي لکي ٿو ته:

" در اندک مدت از عالم در گذشت [1] "

يعني: "ٿوري ئي مدت ۾ دنيا مان وفات ڪري ويو آهي." جنهن جو مطلب آهي، ته شيخ عبدالحق جي ڪتاب (اخبار الاخيار) واري زماني ۾ قاضي صاحب وفات فرمائي اهو ڏهين صدي هجريءَ جو پويون اڌ آهي.

## 54- محدث عبدالله متقي درٻيلي مدني

عبدالله ولد مولانا سعد درٻيلي. سمورن علمن ۾ وڏو عالم هو، علم تفسير ۽ حديث ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هو. 947هجري ۾ سنڌ مان لڏي احمدآباد وڃي پهتو ۽ قاضي عبدالله سنڌي درٻيلي پنهنجي همه وطن دوست سان وڃي گڏجي رهيو. سمورن علمن ۾ هن جون بينظير تصنيفاتون آهن (معصومي) [2] يعني عبدالله متقي، قاضي عبدالله سنڌيءَ جو گهاٽو دوست هو، جنهن سان مدينه شريف ۾ وڃي رهيو (اخبار الاخيار) [3] عبدالله متقيءَ جو ٻيو هڪ دوست قاضي قاضن به آهي، جو مديني ۾ سندس ساٿي ٿي رهيو آهي (معصومي) [4] مديني منوره ۾ سندس دوست قاضي عبدالله جو فرزند محدث رحمت الله باقي سندس ساٿي ٿي رهيو، جنهن جو ذڪر باب الراء ۾ گذري آيو آهي.

هن وٽان تمام گهڻن ماڻهن فيض حاصل ڪيو ۽ حرمين ۾ شيخن جي لقب سان مشهور ٿي رهيا، مولانا عبدالحيءَ صاحب لڪنوي مشهور محدث ملا علي قاريءَ جي استادن ۾ محدث عبدالله سنڌيءَ کي به لکيو آهي (طرب الاماثل) سال 977هه ۾ [5] هي صاحب پنهنجي دوست شيخ رحمت الله سميت احمدآباد ۾ موٽي آيو جو هڪ حد تائين سندن اصلي وطن ٿي چڪو هو، مگر پوءِ اهي ٻئي بزرگ وري مدينه شريف ڏانهن موٽي آيا. شيخ عبدالله متقي مديني شريف ۾ سن 984هجريءَ جو هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ مديني شريف ۾ ئي دفن ڪيو ويو.

[اخبار الاخيار [6] و تذڪره اذڪار ابرار [7] ]

## 55- محدث طاهر بن يوسف پاٽائي

سلسله نسب هن ريت آهي: طاهر، بن يوسف بن رڪن الدين بن معروف بن شهاب الدين. شيخ يوسف صديقي پاٽائيءَ کي 3 فرزند هئا (1) طيب (2) طاهر

---

[1] ڏ سو ص 280. [2] ڏ سو ص 204. [3] ڏ سو ص 260-280.
[4] ڏ سو ص 204. [5] اخبار الاخيار ص 280. [6] ڏ سو ص 280.
[7] گلزار ابرار ص 426.

(3) قاسم. هرهڪ انهن مان وڏو عالم، محدث ۽ فرد ڪامل ٿي گذريو آهي. شيخ طاهر هجري ڏهين صديءَ جي پهرئين ڏهي ۾ پاٽ جي شهر ۾ تولد ٿيو ۽ پاٽ جو شهر ئي هنن بزرگن جي وڏن جو آباد ڪرايل هو. طاهر رسمي علم ڪجهه پنهنجي والد وٽ پڙهيا ۽ ڪجهه مخدوم ميران ۽ مخدوم جعفر بوبڪائي وٽ حاصل ڪيو. ان کانپوءِ سندس وڏي ڀاءُ شيخ طيب کي پنهنجي والد سان سفر جو اتفاق پيش آيو. هي ٽيئي بزرگ وطن کان روانا ٿي هڪ ڳوٺ ۾ پهتا، جو شيخ شهاب الدين سنڌيءَ جي نالي سان مشهور هو. شهاب الدين وڏو عالم ۽ حقيقتن جو واقف ۽ صاحبِ درس ۽ فيض جو درياءُ هو. هن وٽ رهي 'قطبي شرح شمسيه' منطق جي پڙهڻ جو عرض ڪيائون، مگر شيخ شهاب الدين منطق جو درس پنهنجي مناسب حال نه سمجهي حجة الاسلام امام محمد غزاليءَ جي ڪتاب 'منهاج العابدين' جي پڙهڻ جو ارشاد فرمايو، انهن ٽنهي بزرگن اهو ڪتاب ورق ڪولي ٻن هفتن ۾ پاڻ لاءِ لکي ورتو ۽ ان کانپوءِ ڪتاب جو درس شروع ڪيائون. سن 950هه ۾ سنڌ مان گجرات ڏانهن روانا ٿي ويا ۽ ايرج پور ۾ پهچي شيخ محمد غوث گواليارىءَ جي صحبت مان شيخ طاهر گهڻو ڪجهه پرايو. اتان روانا ٿي ڏکڻ هندستان ۾ سير ڪندي انهيءَ وقت جي وڏي مرشد ۽ پير مخدوم جي والد شيخ محمد ملتانيءَ جي حلقہ ارادت ۾ داخل ٿيو، اتان پوءِ موٽي اچي ايرج پور ۾ رهيو. سندس مرشد انهي ئي شهر ۾ کيس خرقہ خلافت عطا ڪيو. ايرج پور (ايلچ پور) ۾ شيخ طاهر تمام گهڻو وقت ماڻهن کي درس ڏيندو هو ۽ تصوف جي تلقين به ڪندو هو.

ڪجهه وقت کانپوءِ احمدنگر جي حاڪم مرتضيٰ نظام الملڪ [1] ايرج پور تي ڪاهي اچي قبضو ڪيو ۽ ترنالہ قلعي تي فتح حاصل ڪئي. ملڪ ۾ وني ياجڙ پئي ۽ پريشان حالي ٿي، ان وقت خانديش جي حاڪم شيخ طاهر کي عرض ڪيو، ته اوهين هلي برهانپور ۾ رهو، جنهن کان پوءِ هميشہ لاءِ اچي برهانپور ۾ رهيو. علي عادل شاهه [2] وقت جي حاڪم سندس درس تدريس ۽ تلقين لاءِ خانقاهه تيار ڪرائي، جتي ماڻهن کي فيض پهچائڻ ۾ سرگرم رهيو. سندس وجود ان وقت جي حاڪمن، عالمن ۽ عارفن لاءِ غنيمت ليکيو ويندو هو.

<u>شيخ يوسف بنگالي (وفات ڏهين صدي هجري جي پڇاڙي)، جو وقت جي وڏن</u>

[1] نظام شاهي گهراڻي جو هي 4 نمبر باد شاهه آهي جن جي گادي احمدنگر ۾ هني. چار سال حڪومت ڪري سن 996هه ۾ پنهنجي سڳي پٽ ميران حسين جي هٿان قتل ٿي ويو.

[2] سلطان علي عادل شاهه بن ابراهيم شاهه عادل. هي باد شاهه بيجاپور جي عادل شاهي گهراڻي جو 4 نمبر باد شاهه آهي. آخر عمر ۾ شيعو مذهب اختيار ڪيائين. سن 988 ۾ پنهنجي هڪ گهرو نوڪر جي هٿان قتل ٿي ويو. "شاهه جهان شهيد شد" مان سندس تاريخ شهادت 988هه نڪري ٿي.

عارفن مان هو، تنهن وفات وقت پنهنجي ناني مولانا سڪوجيءَ کي وصيت فرمائي هئي، تہ منهنجن فرزندن کي وني وڃي شيخ طاهر محدث وٽان بہ حرف تعليم ڏيارجو، ان پڙهڻ جي برڪت جو اثر ظاهر ٿيندو. جيئن تہ انهيءَ وصيت تي عمل ڪيو ويو، جن کي علم، عمل، فضيلت ۽ حق شناسيءَ جون سموريون منزلون حاصل ٿي ويون.

هن بزرگ محدث درس تدريس جي شغل هوندي بہ هيٺيان ڪتاب تصنيف فرمايا:

1) تفسير مجمع البحار طاهري جو امام قشيري جي ڪتاب اللّطائف جي طرز تي آهي ۽ هو صوفياءِ ڪرام جي نُڪتن ۽ اشارن تي حاوي آهي. هي ڪتاب جڏهن تيار ٿي ويو، تہ انهيءَ وقت جي مشهور عارف بزرگ شيخ لشڪر محمد عارف شطاري قدس سره جي نظر مان گذريو، تڏهن شيخ فرمايو تہ: هن رنگين ڪتاب جو مصنف پنهنجي نيڪين جي بدلي جو اندازو قيامت جي ڏينهن ئي ڪري سگهي ٿو، باقي هن دنيا ۾ تہ حسنات جي ڪيفيت بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

خانديش دکن جي فرمان روا علي عادل شاه [1] جڏهن هن ڪتاب جي تعريف ٻڌي تڏهن مولانا حسن شيرازي، جو حڪمت ۽ عقلي علمن جو هڪ بينظير عالم هو ۽ پنهنجي وزير خاص جلال خان کي، جو رسمي علمن جو هڪ عالم هو، ٻنهي کي شيخ طاهر جي خدمت ۾ موڪلي عرض ڪيو، تہ جيڪڏهن انهيءَ ڪتاب جي ديباچي يا مُنڍ ۾ مان خلقِ خدا جي خادم ۽ نگهبان جي زماني جو ذڪر ڪيو وڃي، تہ نهايت عنايت سمجهي ويندي! پاڻ اهو عرض قبول ڪيائين ۽ پهرئين ديباچي سان گڏ ٻيو ديباچو بہ لکيائين جنهن ۾ بادشاه وقت جو ذڪر آيل آهي. اهوئي سبب آهي جو هن ڪتاب جا بہ خطبا يا بہ مُنڍ ٻن نمونن ۾ آيل آهن.

2) مختصر قوت القلوب.

3] انتخاب مواهب لدينه.

4] ملتقط جمع الجوامع سيوطي.

5] صحيح بخاري جي شرح قسطلاني جو اختصار، جو 12 جلدن ۾ پورو ٿيو آهي.

---

[1] غوثيءَ، غلطيءَ کان علي عادل لکيو آهي دراصل بادشاه جو نالو راجا علي خان هو ۽ 984هہ ۾ خانديش جي تخت تي ويهي 'علي عادل شاه' جو لقب اختيار ڪيائين. (برهانپور کے سندهي اولياء ص8).

6) تفسير مدارڪ جو مختصر، جو پنهنجن ٻن پٽن عبدالله ۽ رحمت الله لاءِ لکيو هئائين. شروعات هن ربت ڪئي اٿس: قال ابو عبدالله طاهر بن يوسف عليہ رحمة الله.

7) اسامي رجال صحيح بخاري، اهو بہ بخاريءَ جو گويا ڪرماني جي 'خير جاري' جي نموني تي شرح آهي.

8) رياض الصالحين، هي ڪتاب ۾ 3 روضا (باغيچا) يا 3 باب، جن مان پهرين (1) ۾ اُمت جي بخشش ۽ ڪاميابيءَ جون حديثون آهن (2) ۾ بزرگن جا ناصحانہ اقوال ۽ هدايتون آهن. جيئن تہ سيّدنا شيخ عبدالقادر جيلاني، شيخ ابو طالب مّڪي، شيخ شهاب الدين سهروردي، زين الدين خوافي، شيخ علي متقي هندي. (3) ۾ توحيد ۽ عشق وارن جا اقوال ۽ ارشاد آهن. جيئن تہ شيخ محي الدين ابن عربي، عين القضاة همداني، شيخ صدرالدين قونوي وغيره.

هن بزرگ صوفي عارف عالم ۽ محدث جي وفات سن 1004هہ ۾ ٿي. سندس پاڻتي مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ بن قاسم سنڌيءَ کان روايت آهي تہ: "منهنجو اُستاد ۽ چاچو سڳورو شيخ طاهر جڏهن وفات ڪري رهيو هو، تہ سندس اکيون اٿين گردش ڪري رهيون هيون، جيئن ڪنهن معشوق جي ديدار وقت، نظربازي لاءِ عاشق جي اکين ۾ خاص ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي." رحمہ الله تعاليٰ رحمة واسعة. (اذڪار ابرار) [1].

## 56- اسحاق سنڌي قلندر پاڻائي

سنڌ جي پاٽ ڳوٺ جو رهاڪو، دنيا جي سير واسطي قلندرانہ صورت ۾ نڪري پيو. هرهڪ ويراني ۽ آباديءَ جي گوشي گوشي ۾ پهچي ويو ۽ هرهڪ ملڪ کي پوري غور سان ڏسندي سندن خاصيتن کان واقف ٿيو. 958هجري ۾ سير سفر کي ترڪ ڪري برهانپور (ذکڻ هندستان) ۾ اچي رهيو ۽ اتي شيخ طاهر بن شيخ يوسف سنڌي محدث جي خدمت ۾ رهي پيو. 1003هجري تائين شيخ طاهر جي خدمت ۾ رهيو ۽ انهيءَ سال تائين، جو محدث طاهر سنڌي جي وفات جو سال آهي، ڪڏهن بہ پنهنجي مرشد ۽ شيخ کان جدا نہ ٿيو.

شيخ محمد غوثي برهانپوري گلزار ابرار جو مصنف لکي ٿو، تہ 1002هجري ۾ مان انهن ٻنهي بزرگن جي ملاقات ڪئي ۽ همسائگي سبب فيض حاصل ڪيو. وڌيڪ لکي ٿو تہ: شيخ اسحاق قلندر جو تصوف ۾ طريقو، ارادي جي مضبوطيءَ ۽ استقامت

[1] گلزار ابرار 426-433 ۽ برهانپور کے سندهي اولياء ص 1 کان 14.

تي هو. آخر ۾ پنهنجي مرشد ۽ اُستاد شيخ طاهر جي وفات کانپوءِ 7 سال هن دنيا ۾ گذاري سن 1010 هجري ۾ هن دنيا فاني مان لاڏاڻو فرمايائين.

"روح او همنشين رضوان باد" [1].

## 57- ميان آدم شاهه بکري

سنڌ جي ڪلهوڙا حاڪمن جو وڏو ڏاڏو. جنهن جو مقبرو سکر ريلوي اسٽيشن جي لڳ هڪ ننڍڙي پهاڙيءَ 'آدم شاهه جي ٽڪري' تي واقع آهي.

آدم شاهه جو سلسلو نسب هيٺئين ريت آهي:

آدم شاهه پٽ ميان گجن پٽ ميان صاحب پٽ ميان خان پٽ طاهر پٽ ميان راڻو پٽ ميان شاهه محمد عرف شاهم پٽ ميان ابراهيم پٽ ميان محمد پٽ ميان چنيهه پٽ پل پٽ تل.

انهي تلَ جو نسب پنجن پيڙهين کانپوءِ ميان اوڍائي سان ملي ٿو، جو ڪيچ مڪران ۾ صوفي درويشن جي صورت ۾ زندگي گذاريندو هو ۽ سوين ماڻهو معتقد هئس. سندس اولاد مان تل نالي لسبيلي ۾ پنهنجو اثر ڄمائي گوجر قوم کان زمينون قبضي ۾ آنديون ۽ پوري طاقت سان وڌندو ويو. سندس پٽ چنيهه اتان لڏي سنڌ ۾ اچي اڍيجن ۽ سمن زميندارن سان لاڳاپا رکيا ۽ سندس پٽ محمد، غزنوي گهراڻي جي سنڌ تي قبضي واري وقت، ملتان ۾ وڃي سرڪاري ملازم ٿيو. ان کانپوءِ هن خاندان جو ڪوبه ذڪر تاريخ جي ڪتابن ۾ ڪونه ٿو اچي، تان جو ميان آدم شاهه پنهنجن وڏن جي پيري مريديءَ جي طريقي کي جياريو.

ميان آدم مريد آهي شيخ الياس لنگراهه جو، اهو مريد آهي ابوبڪر جتوئي جو، اهو مريد سيد ميران محمد مهدي جونپوري جو. سيد محمد ميران ڄام فيروز سمي (ڄام نظام الدين جو پٽ) جي زماني ۾ سنڌ ۾ برابر 9 مهينا اچي رهيو هو، جنهن جو تفصيلي ذڪر ڪنهن ٻئي هنڌ ڪيو ويندو.

ميان آدم شاهه سير سياحت کانپوءِ هنڙيءَ جي ڳوٺ چانڊڪي پرڳڻي (لاڙڪاڻي) ۾ هميشه لاءِ اچي رهيو، ڏيهي جو وڏيرو ڪيڙا ابڙو پنهنجي قوم قبيلي سميت اچي سندس مريد ٿيو، اهوئي زمانو آهي جڏهن مرزا عبدالرحيم خان خانان سنڌ جي فتح لاءِ اچي پهتو هو يعني 999 هجري. عبدالرحيم خان خانان جڏهن سنڌ ۾ آيو هو، تڏهن هر هڪ بزرگ ۽ شيخ کان دعائون گهرائيندو ۽ ملندو رهيو ٿي، انهي سلسلي ۾ ميان آدم شاهه ڪلهوڙي وٽ به هنڙي ۾ لنگهي آيو. اهو وجهه ڏسي وڏيري ڪيڙا ابڙي سررا خان

---

[1] گلزار ابرار ص 425.

خانان کي گذارش ڪئي، تہ چانڊين (چانڊڪي) جي زمينداري نذر طور ميان صاحب کي ڏني وڃي. عرض قبول ڪيو ويو ۽ چانڊڪا پرڳڻي جو وڏو حصو ميان آدم شاهہ کي فقيرن جي خرچ لاءِ جاگير ڪري ڏنو ويو.

ميان آدم شاهہ اگرچہ مريد مهدوي فرقي جو هو، مگر لال عيسن مشائخ سان، جو خواجہ بهاءُ الدين زڪريا ملتانيءَ جي اولاد مان هو، تنهن سان بہ سندس صوفيانہ صحبتون رهنديون هيون، جنهنڪري هن جي پيري مريدي ڏاڍو زور ورتو ۽ سندس مريد، ماڻهن جون زمينون ڦپائڻ ۽ پنهنجي علائقي کي وڌائڻ لڳا، جنهنڪري زميندارن اڪبري حاڪمن وٽ پڪارون ڪيون، تہ سنڌ گڙٻڙ مان لنگهي رهي آهي. اُتر سنڌ جي حڪومت جو مرڪز ملتان ۾ رٿيل هو، تنهنڪري ميان آدم شاهہ کي حاڪمن گرفتار ڪري وڃي ملتان جي قيد ۾ آقا شاهہ محمد ڪوتوال جي نگرانيءَ ۾ رکيو، ۽ اتي ئي ڪجهہ وقت کان پوءِ قيد جي حالت ۾ شهيد ٿيو. ميان صاحب سان شاهہ محمد ڪوتوال جي قيد جي زماني ۾ عقيدتمندي ٿي وئي هئي، جنهنڪري ڪيس وصيت ڪئي هئائين، تہ سندس لاش کي سکر جي ٽڪريءَ تي دفن ڪيو وڃي، جنهن انهيءَ وصيت موجب ڪيس اتي آڻي دفن ڪرايو. اهو يارهين صدي هجريءَ جي پهرئين اڌ جو واقعو آهي (تحفة الڪرام ڪجهہ اضافا ۽ ڦير گهير سان).

فائده: ڪلهوڙا حاڪمن جو نسب ميان آدم شاهہ سان هن ريت ملي ٿو:

ميان غلام شاهہ پٽ ميان نور محمد پٽ ميان يار محمد پٽ ميان نصير محمد پٽ ميان الياس محمد پٽ ميان دائود پٽ ميان آدم شاهہ ڪلهوڙو. ميان آدم شاهہ کي ٻيو هڪ پٽ ابراهيم نالي بہ آهي پر اُن جي نسب جو پتو نہ پيو.

فائده: ڪلهوڙن جي عباسي نسب مان هجڻ جو پتو بہ ڪنهن تاريخ جي ڪتاب مان پنجي نہ سگهيو. تحفة الڪرام، جو ميان مراد ياب خان جي وقت ۾ لکيو ويو آهي، تنهن ۾ سندن حضرت عباس رضہ سان نسبي سلسلو ڳنڍڻ کان خاموشي اختيار ڪيل آهي [1].

## 58- محمد رضائي سنڌي

هن بزرگ ۽ زبردست شاعر جو احوال ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ملي نٿو سگهي، فقط سندس تصنيفات مان هڪ مثنوي [2] مطالعي مان گذري آهي، جنهن ۾ سنڌ جي مشهور عاشق معشوق "سسئي ۽ پنهون" جي قصي کي نظم ۾ آندو اٿس. ڪتاب جي

---

[1] هن سلسلي ۾ پڙهو 'تاريخ سنڌ، (ڪلهوڙا دور) اَز مولانا مدر- بہ جلد سنڌي ادبي بورڊ.

[2] مثنويءَ جو نالو 'زيبانگار' آهي. مولوي صاحب مرحوم وٽ جيڪو نسخو هو اهو شايد نامڪمل آهي.

نظم رنگين ۽ مرصع عارف جامي جي 'مثنوي يوسف زليخا' جي تتبع ۾ لکيل آهي. شاعري جا، جيڪي حق ٿيندا آهن، سي هن ۾ پوري روانگيءَ سان ادا ڪيا اٿس.

اسان جي سنڌ ديس جي عاشقانه مزاجيءَ جي، جيڪا هن ڪتاب جي ديباچي ۾ تعريف ڪيل آهي، تنهن مان اندازو ئي نٿو ڪري سگهجي، ته اسان جي هن هاڻوڪي سنڌ بابت ڪجھ چئي رهيو آهي يا اها ڪا ٻي سنڌ هئي؟ سنڌ جي سرزمين جي هن سراپاءِ عشق شاعر هن ريت نقشو ڪڍيو آهي.

دلم را، داستانها هست معلوم ز هر شهر و ز هر ملک و ز هر بوم
هم از **ایران** و از **توران** و از **هند** ولی یک سرگذشته گویم از سند
که ملک **سند** کان عشق دیدم بهر کوئی دکان عشق دیدم
محبت را درو بازار گرم است که چشم مردمش بسیار گرم است
بود آب و هوایش، آتش انگیز بدل سوز محبت را کند تیز
به عشق، آباد هر ویرانهء **سند** بود بازار در هر خانهء سند
که هرکس را بود سودای یاری بود در خانه اش خوش روزگاری
دیار **سند** گوئی لاله زار است که هر دل داغدار یک نگار است
تهی از عشق نبود، هیچ جائی بود زین فتنه در هرجا بلائی
درو هر مرغ را دیوانه یابی حریف بلبل و پروانه یابی
**مقیم سند** غیر از یار نبود در آنجا زحمت اغیار نبود
ز هر سو در پئی زنجیر موئی بود دیوانهء در های و هوئی
بهر بازار سودائی محبت بهر کاشانه غوغای محبت
تو گوئی زاد و بوم عشق، سند است که آباد از رسوم عشق سند است
به ملک سند ماند جاودان عشق مقیم آنجا بود بی خانمان عشق
بلی گلزار خوبی آن دیار است ز گلرویان سنبل مو بهار است
ندارد هیچ ملکی خوبی سند اگر باشد **خراسان** و بود **هند**
بود هر شهر حسن آباد در سند بماند پای در گل باد در **سند**
که خاکش طرفه دامن گیر گردد به پا آب روان زنجیر گردد
زمین آن، بهارستان حسن است دیار آن، نگارستان حسن است
به هر رونی که افتاده نگاهت نماید بهتر از خورشید و ماهت
کند یک روزه طفلش شوخی آغاز به چشم نا کشوده می کند ناز
متاع حسن، در **سند** ست بسیار بود ناچار عشق آنجا خریدار [1]

---

[1] خطي نسخن تان تصحيح ڪئي وئي آهي.

هن ڪلام مان هيٺين ڳالهين جو پتو پوي ٿو:

1- شاعر ڪي ٻين ملڪن جي عشق جا قصا بہ معلوم آهن، پر سيني کي ڇڏي فقط سنڌ جي قصي کي هن لاءِ بيان ٿو ڪري، جو سنڌ ۾ عشق جون ڪاٿيون نظر مان گذريس.

2- سنڌ بابت فرمائي ٿو، تہ اتي بہ گهر گهر عشق جي بازار آهي. هن ملڪ جي آب هوا ئي عشق سان ڀرپور آهي. سنڌ جو هر ويرانو عشق سان آباد آهي.

3- هرهڪ ماڻهوءَ کي دوست جو سوداءُ لڳل آهي ۽ عشق جي تار ۾ هرڪوئي مست لڳو وتي ٿو.

4- سنڌ جا ماڻهو، تہ ڇڏيو پر اُتي جا پکي بہ عشق ۾ اهڙا ديوانا آهن، جو پرواني ۽ بلبل جا حريف بڻيا وتن ٿا.

5- سنڌ عشق جو وطن هن ڪري آهي، جو هن ۾ هر طرف حسن ئي حسن آهي، گلرو معشوقن جي ڪري اهو ملڪ هميشہ نوبهار بڻيل آهي.

6- سنڌ جو سهڻو مُلڪ دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪونہ آهي، هت جيڪو آيو سو ڦاٿو. هتي جيڏانهن بہ نظر ڪجي ٿي، تہ سچ چنڊ جهڙا ماڻهو سوهيندڙ نظر اچن ٿا. ٻيو تہ نهيو پر سنڌ جو رات جاڻو يار بہ ناز نخري کان خالي نہ آهي. هن بلبل صفت عاشق کي سنڌ ۾ اهڙو تہ عشق گلوسوز جو ڏڪ لڳو آهي، جو سراپا عشق بڻجي سموري سنڌ ۾ فقط پنهنجي عشق جي ۽ معشوق جي حسن جي ئي تصوير ڏسي رهيو آهي. اهو آهي ڪمال عشق جنهن لاءِ هڪ شاعر "مامقيمان" جي مصنف فرمايو آهي:

که بچشمان دل مبین جز دوست هر چه بینی بدان که، مظهر اوست

ٻيءَ صورت ۾ اسان، تہ اڄ سنڌ ۾ ڇا ڏسي رهيا آهيون؟ هر ڪنهن کي نفسي نفسي لڳل آهي.

چنان قحط سالی شد اندر دمشق که یاران فراموش کردند عشق

اهو ڪتاب يارهين صدي هجريءَ جي ٻنهي اڌ ۾ لکيو ويو آهي. جيئن، تہ پڇاڙيءَ ۾ لکي ٿو:

گل از باغ- خواندم از حسابش همان تاریخ باشد هم خطابش[1]
1061هہ

هندستان ۾ اهو سلطان جهانگير[2] جو زمانو، سنڌ ۾ ترخان گهراڻي جي پڇاڙي جو وقت آهي[3].

[1] منهنجي نسخي (نمبر 134) ۾ آهي:

گل اندر باغ- خواندم از خیالش که هم تاریخ باشد هم حسابش

(ص 259) جنهن مان 1308 سال نڪري ٿو جيڪو غلط آهي.

[2] شاهہ جهان جو دور هو نہ جهانگير جو.

[3] ترخاني دور مرزا غازيءَ جي وفات 1021هہ تي ختم ٿي چڪو هو.

رضائي مرحوم جي وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي، مگر هيترو ظاهر آهي تہ يارهين صديءَ جو بزرگ آهي. رحمة الله تعاليٰ.

## 59- ملا احمد ٺٽوي

فاروقي نسل آباءُ اجداد کان حنفي مذهب جي عالم خاندان جو فرد، علم طب ۽ علم تاريخ جو وڏو ماهر هو. ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ هن جو شيعي مذهب ڏانهن لاڙو ٿيو. سنڌ ڇڏي ايران جي مشهور شيعي بادشاهہ طهماسپ صفوي [1] جي دربار ۾ وڃي پهتو. دربار ۾ قرب حاصل ڪرڻ کانپوءِ تمام غالي شيعو ٿي رهيو، طهماسپ جي وفات کانپوءِ جڏهن سندس پٽ اسماعيل صفوي [2] گاديءَ تي ويٺو، تہ هن ڪن مصلحتن جي بنياد تي اهلسنت جي رعايا سان رواداريءَ جو برتاءُ ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن تي مُلا احمد مذهبي تعصب ڪري اها ڳالهہ برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ بادشاهہ کان ناراض ٿي ايران مان سڌو حج تي هليو ويو. اتان موٽندي سمنڊ جي رستي کان دکن ۾ پهتو. اتي مغل اعظم اڪبر جي صلح ڪل پاليسي جو احوال ٻڌي 27 سال جلوس (990هہ) اڪبري جو اڪبر جي دربار ۾ پهتو ۽ بادشاهہ جي ملازمت جو شرف حاصل ڪيائين.

ملا احمد کي بادشاهہ حڪم ڪيو، تہ پهرين هجري سال کان وٺي اڪبر جي زماني تائين هڪ هزار سال جي تاريخ لکي، جنهن اهو ڪم شروع ڪيو ۽ "تاريخ الفي" جي نالي شروع هجرت کان وٺي چنگيز خان جي زماني [3] تائين ٻن جلدن ۾ حالات قلمبند ڪري 32 جلوس اڪبريءَ ۾ بادشاهہ جي خدمت ۾ پيش ڪيائين، جنهن مقبوليت حاصل ڪئي، مگر ملا کي انهيءَ ڪتاب پوري ڪرڻ جي فرصت ني نہ ملي، جو قتل ٿي ويو ۽ باقي ڪتاب جي لکڻ جو آصف خان کي حڪم ٿيو، جنهن باقي ڪتاب 7 صدي هجري کان وٺي 997هجري تائين لکي پورو ڪيو، ۽ انهيءَ ضميمي جو نالو 'تاريخ آصفي' رکيو ويو.

ملا احمد جي شيعي تعصب جو هڪ نقل جلال الدين محمد اڪبر جي پيش امام مولانا عبدالقادر بدايونيءَ لکيو آهي تہ: هڪ دفعو احمد ٺٽوي جي سامهون ڪي ايراني منهنجي علميت ۽ فضيلت جي تعريف ڪري رهيا هئا، جنهن تي ملا چيو تہ: سندس نراڙ مان شيعيت جو نور چمڪي رهيو آهي! جنهن تي ڪيس شرمنده ڪرڻ لاءِ چيم: جيئن تنهنجي نراڙ ۾ سنت جو نور چمڪي ٿو!

توراني مغلن کي ايراني شيعن سان اصل ڪانہ پوندي آهي، تنهنڪري هڪ مغل

---

[1] 930 تا 984هہ

[2] اسمعيل ثاني 984 تا 985هہ

[3] 603 تا 624هہ

امير فولاد برلاس ملا جي قتل جو فڪر پچائيندو رهندو هو، ڇاڪاڻ تہ هڪ متعصب ۽ بد زبان شيعو هو. باد شاهہ، ڪشمير جي ارادي سان لاهور ۾ رهيل هو. فولاد برلاس هڪ رات ملا احمد کي گهران سڏ ڪري سندس دروازي تي قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن باد شاهہ کي اها سڌ پئي تڏهن قصاص طور امير فولاد مغل کي هاٿيءَ جي پير ۾ ٻڌائي شهر گشت ڪرائي مارائي ڇڏيو ۽ اهو واقعو سن 1000 هجري ۾ ٿي گذريو.

لاهور ۾ ملا احمد شيعي کان ماڻهن ۾ نفرت ڦهليل هئي، جنهنڪري هن جي قبر کي علامہ ابوالفضل جي حوالي ڪيو ويو، تہ جيئن لاش کي نہ ڪڍيو وڃي، مگر جڏهن باد شاهہ، ڪشمير روانو ٿي ويو تڏهن ملا جي لاش کي عوام قبر مان ڪڍي ساڙي ٻاري ڇڏيو. (تاريخ بدايوني [1] و سير المتاخرين)

## 60- ابوالفضل بن طاهر ٺٽوي

سندس والد مولانا محمد طاهر شيراز مان اچي ٺٽي ۾ رهيو. علمي فضيلت ۾ صاحب ڪماليت جو هو. ابوالفضل شاهہ جهان جي زماني ۾ ٺٽي ۾ منصبدار هو. تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو تہ:

"ابوالفضل ولد مولانا محمد طاهر در ذی منصب داران مستثنیٰ زیست کرده و پسرش محمد حسن اکثر ایام در جهان آباد گذرانده" [2].

سندس فرزند محمد حسن جو ذڪر ميم جي باب ۾ اچي ٿو.

هي ابوالفضل ٻارهين صديءَ جو بزرگ آهي.

## 61- مخدوم احمد ڪتابي ٺٽوي

احمد بن مخدوم محمد اڪرم اگهمي. محمد اڪرم ٺٽي ۾ اچي رهيو ۽ علمي ڪماليت ۾ وڏي شهرت جو مالڪ هو، سندس فرزند ميان احمد حال ۽ قال جو صاحب هو. شروع زماني ۾ درس و تدريس جو شغل جاري رکيائين ۽ سندس وڏن ۽ مشهور شاگردن مان مخدوم عنايت الله ٺٽوي آهي، جنهن جي فيض مان هزارين ماڻهو فائديمند ٿيا.

مخدوم احمد آخر عمر ۾ دنيا کان ترڪ تعلقات ڪري گوشہ گزين ٿي رهيو. ڪيس حضور رسول ڪريم ﷺ جي دربار مان "ڪتابي" جو لقب عطا ٿيل هو. مخدوم ضياء الدين (استاد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي) کان نقل آهي تہ: هڪ دفعو مخدوم

[1] بدايوني ج 2 ص 317-364- ج 3 ص 128 طبقات اڪبري ج 2 ص 482- اڪبر نامہ ج 3 ص 527- ماثر الامرا ج 3 ص 260.

[2] فارسي قديم ڇاپو ص 224.

احمد صاحب جي حُجري واري پٽ تي رت جا ڇينٽا (ڇنڊا) پيل ڏٺم، ڏاڍي جاچ ڪيم، تہ اهي ڪٿان آيا آهن؟ پوءِ معلوم ٿيو، تہ مخدوم احمد جي اکين جا لڙڪ آهن، جي خدا تعالىٰ جي خوف کان هاريا اٿن. (تحفة الڪرام) [1].

مخدوم احمد کان بيشمار روايتون نقل ٿيل آهن. مير محمد منعم خان سندس مريدن ۽ معتقدن مان هو، جو هن جي وفات کان پوءِ سندس اولاد کي نذر نياز ڏيندو رهندو هو. مخدوم عباس، مخدوم احمد جو ننڍو ڀاءُ، جو هڪ وڏو امير ڪبير هو، اهو پڻ سندس مريدن مان هو. هي بزرگ 12 صدي هجريءَ ۾ گذريو آهي.

## 62- ملا ابوالبقا ٺٽوي

فارسي جو عالم ۽ مدرس ٿي گذريو آهي. شاعريءَ ۾ ڏاڍي ڪمال جو مالڪ هو. شيخ سعدي عليه الرحمة جي 'گلستان' کي 'بوستان' جي بحر ۾ نظم ڪيائين. سال 1146هہ ۾ وفات ڪيائين. سندس هڪ شعر هيٺ ڏجي ٿو:

در بند هوا، کرا بهی شد نی، در طمع نوا، تهی شد

يعني: "سنڌڙين جي ٻانهي جي ڪڏهن بہ ڀلائي ٿيڻ واري آهي؟ جيئن تہ نڙ کي آواز ڪرڻ جي سڌ يا لالچ آهي تہ اندر پورو اٿس." (مقالات) [2]

## 63- مخدوم ابوبڪر هالائي

هن بزرگ جو ذڪر مخدوم ابوالحسن ڏاهري پنهنجي ڪتاب 'ينابيع' ۾ ڪيو آهي ۽ پنهنجن استادن ۾ شمار ڪيو اٿس. هڪ جاءِ تي لکي ٿو تہ:

"حکايتی ياد دارم از استاد شيخ ابوبکر هالانی قدس سره---الخ"

انهيءَ ڳالهہ جو حاصل مطلب هي آهي، تہ استاد ڳالهہ ڪئي تہ: هالن جي شيخ زبيري جي مسجد ۾ هڪ ملا زڪريا نالي ڇاڪيءَ قرآن شريف جي تلاوت ويني ڪئي. ملا چوي ٿو، تہ مون تي اوچتو هڪ اهڙيءَ حالت اچي طاري ٿي، جو بجليءَ وانگي بي اختيار هوا ۾ وڃي اُڏرڻ لڳس ۽ لمحي اندر هڪ ڪليل ميدان ۾ ماڻهن جي هڪ ٽولي ۾ وڃي ڪريس. هنن مون کي چيو، تہ امام ٿي اسان کي نماز پڙهايو. ڪين ظهر جي نماز امام بڻجي پڙهايم. پوءِ مون کي چيائون، تہ اسان رجال الغيب آهيون، اسان کي ماڻهو ابدال بہ چوندا آهن. اسان مان هڪ سنگتي مري ويو آهي، تون جيڪڏهن ان جي جاءِ تي اسان سان گڏجي رهندين، تہ تولاءِ ڏاڍو چڱو آهي. چيم ننڍڙا ٻارڙا اٿم. چيائون، تہ

[1] فارسي قديم ص 224 ص 227 تحفة الطاهرين ص 35.

[2] ص 78- مقالات الشعرا ۾ آهي، تہ 'گلستان' کي 'شاهنامه' جي بحر ۾ نظم ڪيائين. سال وفات مقالات ۾ ڏنل نہ آهي.

مير اسدالله، حڪيم مير يعقوب جو شاگرد ۽ پاڻ وڏو حڪيم هو. طب جي مشهور ڪتاب 'ذخيره خوارزم شاهي' [1] جو اختصار ڪيو اٿس. جنهن مان سندس طبي استعداد معلوم ٿئي ٿو. سندس شعر جو نمونو هي آهي:

مست گردم ز باده ء کوثر   اسدالله ساقیم باشد

هڪ مناجات جا چند بند هيٺ ڏجن ٿا، جن ۾ حضرت ساقي پنهنجي لاءِ هيئنين ريت بارگاهه الاهي ۾ استدعا ڪئي آهي:

ای انیس! بـــزم محزونـــان رب العالمین   رحم کـــن بـــرحـــال زار من تو ارحم الراحمین
بر درت فریاد می دارم همین مالم جبین   قرب ده بـــا دوســـتـــان یـــا جامع المتفرقین
لا تذرنی رب فردا انت خیرالوارثین

چون غمی دارم، بده آرام در دنیا و دین   جز تو دیگر نیست غمخوارم بدل دارم یقین
یاد فرمائی، که دارم درد بر دل پر حزین   زود فـــریـــادم بـــرس بـــر نالـه ء اندوهگین
لا تذرنی رب فردا انت خیرالوارثین

دیگر آن دارم عجائب آرزوئی خوشتری   ده مــــرا جــــای بفضل خود بفردوس برین
ساقی کوثر دهد جام شــــراب وانگبین   این همه حاجات گفتم، کن اجابت را قرین
لا تذرنی رب فردا انت خیرالوارثین

اسد الله ساقي جي هڪ هندي فارسي آميز نظم سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني جي شان ۾ چيل آهي، جنهن جو هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو:

روزی میری رهـوال کر   اعـدا میری ری ء دال کر
هر مطلبم فی الحال کر   یا شـــاه جیلان الـــمدد
کر سرخرو هر بزم مین   مجهکو رسا هر عزم مین
ساقی کهـے هر بزم مین   یا شاه جیلان المدد [2]

هن نظم مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ساقي صاحب محب اهلِ بيت هو مگر موجوده معصومي ساداتن وانگي شيعو مذهب رکندڙ نہ هو.

اگرچ اسدالله ساقي جي وفات جو مقرر طرح سال معلوم نہ ٿيو آهي مگر مير قانع تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو تہ:

" اکنون در سلک احیاء منخرط مسموع "

---

[1] تاليف سيد اسماعيل جرجاني (504هـ) ۾ لکيو ويو جملہ 12 جلد قطب الدين محمد بن انوشتگين خوارزمشاه جي نالي معنون آهي.

[2] نظم هڪ بياض تان نقل ڪيل آهن، جو روهڙي جي هڪ ڪتبخاني ۾ نظر مان گذريو. (وفائي)

يعني اج تائين ٻڌڻ ۾ اچي ٿو، تہ هو زندهہ آهي. اهو زمانو 1181هہ جو آهي. بهرحال هي بزرگ ٻارهين صدي هجريءَ ۾ ٿي گذريو آهي.

## 65- مخدوم ابوالحسن ڏاهري

حاجي، عارف، عالم، متڪلم، صوفي، نقشبندي، محدث، ضلعي نوابشاهہ ۾ ٻارهين صدي هجريءَ ۾ هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي. سندس مفصل حالات ملي نہ سگهيا آهن، مگر سندس تصنيفات مان معلوم ٿئي ٿو، تہ شروع ۾ گهٽي وقت تائين هو مخدوم ابوبڪر هالائي واري وٽ تعليم وٺندو رهيو ۽ سندس اتقاءَ ۽ پرهيزگاري، طالب علمي جي زماني ۾ ئي مشهور هئي. هالائي جي مدرسي ۾ طالب علميءَ جو هڪ واقعو لکيو اٿس، تہ هڪ ڏينهن منهنجي استاد ابوبڪر هالائي جو رحل مصحف، جو منهنجي هٿان ڀڄي پيو، جنهن تي پاڻ هر روز صبح جو اُٿي تلاوت قرآن مجيد فرمائيندا هئا. رحل بہ ڏاڍو قيمتي ۽ ناياب هو، ٻئا ڪيم جو رحل جا ٽڪرا پاڻ ۾ ڳنڍي وڃي حجريٰ ۾ رکيم ۽ الله تعاليٰ کان دعا گهريم، تہ ياالله تون سگهارو آهين جو هن ڀڳل رحل کي درست ڪرين. اهو شام جو ٿائيم هو. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن استاد صاحب رحل گهريو، تہ قرآن مجيد جي تلاوت ڪري. دل ۾ ڳڻتيون ڪاڏم، تہ استاذ صاحب جي اڳيان ڪهڙو عذر يا بهانو پيش ڪريان؟ پر ڪوبہ حيلو نظر نہ آيم، پوءِ دل ۾ چيم، تہ رحل استاد جي اڳيان رکي پوءِ چوندس، تہ سائين پتوئي ڪونہ آهي، تہ ڪنهن ڀڳو آهي؟ آخر حجري ۾ وڃي ڏٺم، تہ رحل بلڪل صحيح سلامت رکيو آهي، ڄڻ ڀڳل ئي ڪونہ هو. پوءِ استاد صاحب جي اڳيان آڻي رکيم ۽ اهو راز ڪنهن کي بہ نہ ٻڌايم ۽ نہ استاد سان ڳالهہ ڪيم. (ينابيع)

اهو واقعو ڪرامات جي معونت واري قسم ۾ آندو اٿس، جنهن جي شرح ۾ لکي ٿو تہ:

"معونت برائی عام مومنان باشد. معونت و عون بمعنی یاری دادن و مددگاری کردن. یاری و مدد. و در مکتوبات منیریه گفته که عون خارقه را گویند که بر دست صبیان و مجانین و عامة المسلمین ظاهر شود"

معنوت (ڪرامت جو قسم) عام مؤمنن لاءِ آهي. معونت يا عون جي معنيٰ آهي مددگاري ۽ همراهي ڪرڻ. مڪتوبات منيري ۾ لکي ٿو تہ: عون ڪرامت جو هڪ اهڙو قسم آهي جو ٻارن ۽ چرين ۽ عام مسلمانن جي هٿ تي بہ ظاهر ٿي سگهي ٿو. جنهن کان مٿيون واقعو بيان ڪيو اٿس.

هي بہ معلوم ٿئي ٿو، تہ سنڌ مان روانو ٿي ڪاٺياواڙ گجرات جو سفر بہ ڪندو

رهيو ۽ احمدآباد جي هڪ وڏي عالم نورالدين محمد رحہ (متوفي 1155هہ) وٽ ڪجهہ وقت تعليم حاصل ڪيائين ۽ اهڙي طرح مرزا محمد خليل بدخشاني گجراتيءَ وٽ بہ علوم حاصل ڪيا اٿس. ينابيع ۾ مرزا احمد خليل جي هينين ڪتابن مان حوالو ڏنل ٿو:

1) مجمع اهل الحياة بذکر اهل الممات

2] عدة الخليل من مواهب الجليل ۽ ٻيا.

اهڙيءَ طرح مولانا نورالدين محمد احمدآباديءَ جي بہ، ڪن ڪتابن جا حوالا پيش ڪري ٿو. جيئن تہ:

1) وسليلة التائبين ۽

2) عين الحياة وغيره [1]

هڪ هنڌ لکي ٿو تہ:

الله تعالي جو قسم کڻي ڳالهہ ڪريان ٿو، تہ آءٌ ڪوتياٽي جي شهر ملڪ سورٺ (ڪانياواڙ) ۾ رهيل هئس، اتي هڪ سنڌي بزرگ اچي ٽڪيو. هڪ رات ان مون سان ڳالهہ ڪئي تہ: جيڪڏهن منهنجو راز رکين، تہ توکي هڪ ڳالهہ ٻڌايان! پر ڪنهن سان هرگز ظاهر نہ ڪج! چيم تہ: هائو! پوءِ ٻڌايائين تہ: ڪيترا سال ٿيا تہ مون کي مرشد ڪامل جي ملاقات جو شوق هو، مگر هٿ نہ ٿي آيو. آخر هڪ دفعو اهو شوق بيقراري جي حد کي وڃي رسيو، جو ماڻهن سان لاڳاپا ٽٽي ويا ۽ کاڌو پيتو زهر ٿيڻ جي ويو. رات ڏينهن صلواة پڙهڻ ۾ لڳو رهيس ۽ منهنجي الفت ۽ اُنس وڃي صلواة شريف سان ٿيو. پوءِ هڪ رات حضور ﷺ جن کي خواب ۾ ڏٺم، پاڻ مون کي نقشبندي طريقي جي رنگ ۾ تلقين ڪرڻ فرمايائون. هاڻي جڏهن بہ باطني مقامن مان هڪ کان ٻئي مقام ڏانهن واڌاري ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيندو آهي، تہ صلواة شريف گهٽي ۾ گهٽي پڙهڻ شروع ڪندو آهيان جنهن کان پوءِ انهيءَ مقام مطلوب ڏانهن ترقي ڪندو ويندو آهيان. اجا تائين انهيءَ سعادت جو اوج واڌاري ۽ زيادتي ۾ آهي.

مان انهيءَ شخص جي انهيءَ راز کي سندس حياتيءَ تائين واعدي جي وفائي واري لحاظ سان مخفي رکيو، اگرچ سندس نالو، ذات ۽ ڳوٺ بہ ڄاڻان ٿو (تہ سنڌ ۾ ڪٿي رهندو هو). ٻڌم تہ حرمين شريفين جي زيارت کان پوءِ موٽندي وقت جڏهن يمن ۾ پهتو تڏهن اُتي وفات ڪري ويو [2] انالله وانا اليه راجعون.

ظاهري علمن حاصل ڪرڻ کانپوءِ طريقت ۾ وڃي شيخ عبدالرسول صديقي

[1] هن بزرگ جي تصنيفات جو تعداد 170 کي وڃي پهتل آهي. هن 1143هہ ۾ حرمين جي زيارت ڪئي. (تاريخ احمد آباد)

[2] شايد محدث مخدوم محمد قائم هجي.

نقشبندي سان بيعت ڪيائين، جتي انهي طريقي جو ڪمال ڪما حّقه ڪسب ڪري خلافت جو خرقو ڏنائين. سندس مرشد جيڪو کيس خلافت جو شجرو لکي ڏنو آهي ان جي عبارت هيٺئين ريت آهي:

" الحمدلله عليٰ ڪل حال. والصلواة والسلام عليٰ رسوله محمد صاحب الڪمال، و عليٰ آله و صحبه ارباب النوال. قد البست الخرقة الفقيرية الاخ في الدين ابا الحسن السندي جعله الله من الصالحين الصادقين المخلصين و انا لبستها من يد الشاه فتح الله قدس سره و هو لبسها من يد محمد معصوم قدس سره رهو لبسها من يد مجدد الف الثاني الشيخ احمد السرهندي" الخ.

هن مان ظاهر آهي، ته هو هڪ واسطي سان شيخ محمد معصوم عروة الوثقيٰ ولد امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي جو مريد آهي. هو جڏهن گجرات مان سنڌ ۾ واپس آيو، تڏهن ماڻهن جي عقيدن جي درست بنائڻ ۽ سنڌ مان بدعتن ڪڍڻ ۽ خلق کي نماز سيکارڻ، ظاهر ۽ باطني نموني ۾ فيض ڏيڻ جو ڪم ڪندو رهيو. سندس تصنيفات مان:

1) فارسي نظم ۾ نماز جي مسائل تي هڪ وڏو ڪتاب " مفتاح المصلي" لکيائين.

2) علم عقائد ۽ ڪلام ۾ ڪچڪول نامو فارسي نظم ۾ تيار ڪيائين، جنهن ۾ لکي ٿو ته:

بگويد بوالحسن ڪاين خوش نميقه نوشتم در معانــي بــس دقيقه
نـــهــادم نـــام آن- ڪچڪول نامه بود 'ڪچڪول نامه' بهر عامه
هــزار و يکصد و هــفتاد تا شش گذشته اين همه تاريخ ختمش

1176ھ

هيءُ رسالو 12 صدي هجريءَ جي پوئين اڌ ۾ لکيو اٿس. رسالي ۾ تصوف، فلسفو، علم عقائد ۽ علم ڪلام جا ڪيئي باريڪ مسئلا نظم ڪيل آهن، جنهن جي عظمت، مطالعي ڪان پوءِ معلوم ڪري سگهجي ٿي.

4) ينابيع الحياة الابدية في طريق الطلاب النقشبندية.

هن ڪتاب جي شروع ۾ ڏيکاريو اٿس، ته ڪيترا دفعا دل ۾ آيو ٿي، ته پنهنجي مرشد ڪان جيڪي ٻڌو اٿم، تنهن کي قلمبند ڪريان پر اندروني ڪشش ڪان سواءِ ڪري نٿي سگهيس، چاڪاڻ جو اهڙو مصاحب يا ساٿي ڪونه هو، جنهن جي تحريڪ تي هي ڪم ڪجي. چاڪاڻ جو:

که هرگز بی مصاحب نغمه آرائی نیاید خوش

که بلبل بی گلستان کی سخن دلکش کشاید خوش (کذا)

پر ڏنم، ته انسان نسيان جي آفت کان امن ۾ نه آهي، تنهنڪري.... مرشد جا ارشاد ۽ بيا معارف، رسالن ۽ معتبر ڪتابن مان هن ڪتاب ۾ جمع ڪيم، ته ماڻهن کي ان مان فائدو رسي... الخ.

هيءُ ڪتاب انسانيت جي جدا علومن تي شامل آهي. حديث، تصوف، فقه ۽ علم اخلاق جو وڏو حصو هن ۾ موجود آهي. هرهڪ ڳالهه تي ڪتابن مان دليل موجود آهن. ڏسجي ٿو، ته هن بزرگ جي علمي لئبريري ايڏي وسيع آهي، جو اڄوڪي زماني ۾ ڇاپخانن ڪري جو سوين ڪتاب ڇپجي رهيا آهن، تنهن هوندي به هن وقت ڪنهن عالم وٽ ايترا ڪتاب موجود ڪونه هوندا جيترا هن صاحب وٽ موجود هئا. ان حدتائين جو سندس همعصر علماء ڪرام جون محققانه تصنيفون به موجود هئس، جيئن ته ينابيع ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ڪتاب 'بناء الاسلام' جا جابجا حوالا ڏنا اٿس.

ينابيع جي مطالعي مان مخدوم ابوالحسن جي علمي جلالت ۽ بزرگيءَ جو ڪافي اندازو ڪري سگهجي ٿو. اگرچه بعض ڳالهين ۾ ساڻس ڪٿي اتفاق نه به ڪجي پر گهڻين ڳالهين ۾ هو حيران ڪندڙ معلومات جو مالڪ نظر اچي ٿو. رحمه الله تعاليٰ رحمه واسعة.

## 66- مخدوم ابوالحسن ٺٽوي

عالم، ڪامل، عارف، سنڌي زبان جو شاعر ٻارهين صديءَ هجري جي اوائل ۾ هو. هو پهريون ماڻهو هو، جنهن اسلام جي عقيدن ۽ نماز روزي جي بيان ۾ سنڌي نظم لکيو ۽ ان کانپوءِ سنڌي زبان ۾ ٻين بزرگن سندس تتبع ۽ نموني ۾ مذهبي ڪتاب لکڻ شروع ڪيا.

سنڌي صورتخطيءَ (رسم الخط) جو بنياد به انهيءَ بزرگ وڌو، جنهن کان پوءِ سنڌ وارن کي پنهنجي مادري زبان ۾ لکڻ پڙهڻ ۾ سولائي ٿيڻ لڳي. چون ٿا، ته ٻارهين صدي هجريءَ جي اوائل ۾ جڏهن ٺٽي جو گورنر نواب حفظ الله خان [1] هو تڏهن بغداد مان سيد يوسف الدين جيلاني ٺٽي ۾ وارد ٿيو، جنهن جي واعظ ۽ هدايت سان سوين هندو مسلمان ٿيا. سنڌ ۽ ڪڇ جا ميمڻ (مؤمن) انهيءَ پير جي هدايت سان اسلام ۾ آيا. انهن نومسلمن جي تعليم لاءِ ٺي سندن مادري زبان ۾ سڀ کان پهريان مشهور عالم فقيه شيخ ابوالحسن ڪتاب لکيو، جو مخدوم 'ابوالحسن جي سنڌيءَ' سان مشهور آهي ۽

---

[1] 1103هه کان 1112هه تائين تحفة الڪرام فارسي حاشيه حسام الدين ص 417.

عربي صور تخطي جي نموني تي سنڌي صور تخطيءَ جو بنياد رکيو ۽ توري ڦيرڦار ڪري الف-ب ٺاهي تيار ڪئي، جنهن جي بنياد تي اڄوڪي الف-ب ٺاهيل آهي. (سنڌ جي ادبي تاريخ) [1].

1) مخدوم ابوالحسن جڏهن تمام وڏي ڄمار جو ٿي ويو، تڏهن پيش امام ٿي نماز پڙهائي نه ٿي سگهيو، تنهنڪري پنهنجي ڀاڻيجي ميان مورئي عرف عبدالله واعظ کي فرمايائين، ته آئنده منهنجي جاءِ تي مسجد جو پيش امام تون ٿي نماز پڙهائيندو رهه، چيو ته پٽ! هاڻي مون ۾ سگهه نه ٿي ڪانه رهي آهي. پر ميان موريو اڃا لاسڙاٽ هو ۽ ڏاڙهي ڪانه آيل هئس، اهي لفظ ظهر جي وقت چيائينس. ڏٺو ويو، ته الله تعاليٰ جي قدرت سان عصر (وچين) جي نماز تائين هن کي ڏاڙهي لهي آئي ۽ امامت شروع ڪيائين. (تحفة الڪرام) [2].

2) ميان ابوالحسن کي سندس ڪنهن معتقد اچي داد-ن ڏني، ته ٺٽي جو حاڪم نواب شهامت خان جو فلاڻو نوڪر حڪما حڪم منهنجي گهر ۾ ڪاهي اچي ٿو پوءِ جيئن وٽيس ٿو تيئن ڪري ٿو. مون کي پڇڻ جي طاقت ڪانه آهي. مخدوم کي سندس حال تي ڏاڍي ڪهل آئي، پنهنجي ڀاڻيجي ميان عبدالله واعظ کي چيائين ته: ابا! وڃي اولياءِ پير پٽي کي منهنجا سلام ڏي ۽ چوينس ته انهيءَ ظالم کي ٽاريو، جنهن اشرافن کي ڏاڍو رنجايو آهي. ميان عبدالله ائين ڪيو. نواب جو نوڪر جيئن انهيءَ غريب جي گهر ڏي آيو ٿي، تيئن رستي تي اهڙو ٿابو آيس جو ٽڙي وڃي هڪ لوهي ڪلي تي پيٽ ڪتس، آنڊائي نڪري پيس، اُتي جو اُتي مري ويو. (تحفة الڪرام) [3].

حقيقت ۾ اها بددعا مخدوم جي هئي، جو ظاهر ۾ پير پٽي ۾ پاڻ کي لڪائڻ لڳو. مخدوم ابوالحسن جي وفات تخميني طور 1165هه ۾ ڇني وڃي ٿي.

## 67- سيد ابوالقاسم شڪرالاهي ٺٽوي

ابوالقاسم سراج الدين محمد ولد سيد مير ولي، سيد قاضي شڪرالله جي خاندان مان 1138هه ۾ تولد ٿيو. ٺٽي جي مشهور شاعر محمد محسن شوقي "اول، قد تَبَيَّنَ الرشد" مان سندس ولادت جي تاريخ لڌي. 12 سالن جو هو، ته سندس والد هن دنيا مان وفات ڪري ويو، يعني 1150هه ۾. ان ڪانپوءِ پنهنجن مائٽن جي رسم موجب علم حاصل ڪندو رهيو، ۽ نهايت وقار ۽ خودداريءَ سان حياتي گذارڻ لڳو. ٺٽو انهيءَ زماني ۾ شاعريءَ جو مرڪز هو جنهنڪري هي صاحب به زبان فصيح سان مليح ڪلام چوڻ

[1] از محمد صديق ميمڻ مرحوم

[2] فارسي قديم ڇاپو ص 227

[3] تحفة [illegible] - تحفة الڪرام ۽ تحفة الطاهرين (69) ڪيس مخدوم نه بلڪ ميان لکيو آهي. تحفة الطاهرين مان ظاهر آهي، ته هي بزرگ مڪليءَ تي مدفون آهي.

لڳو. مير علي شير قانع سندس عزيز ۽ همعصر هو. تنهن سان صحبتون رهيس ۽ هڪ تتبع تي گڏجي شاعري ڪندا رهيا.

ميان مراد ياب خان ڪلهوڙو جڏهن سنڌ جي اميري واري تخت تي ويٺو تڏهن مير قانع 21 بيت نعتيه لکيا، جنهن مان 3 هزار 66 تاريخون ضرب جي حساب سان نڪري سگهيون ٿي. سيد ابوالقاسم تخلص "قاسم" ساڳئي تتبع ۾ 3 شعر لکيا، جن ۾ پڻ ساڳي صفت ۽ ڪماليت رکيل آهي، اهي نعتيہ شعر هي آهن:

السلام ای صبح عباد و منیر اتقیا والصلواة ای عز قبله مجد ستر انبیا

آفتاب و بدر عالم، عقل کل آمال ده تاج سلطان، منبع دین ابر علم ازکیا

زین زهد و کل احسان رحمة العالمین شافع و اعزاز قاسم اصل اصل اصفیا

هنن شعرن ۾:

1) هر هڪ مصرع جي حرفن ۾ حساب ڪيو ويندو، تہ سال تاريخ نڪتو.

2) پنهي مصرعن جي نقطن وارن حرفن مان بہ جدا سال ملندو.

3) بي نقاط حرفن ڪي ڳڻيو ويندو، تہ ساڳئي شعر مان ٽيون سال تاريخ ملندو.

اهڙي طرح:

4) پهرين مصرع جا بي نقاط اکر ٻين سمورن مصرعن مان ڪنهن بہ بي نقاط سان گڏجي شمار ڪيا ويندا، تہ بہ سال تاريخ ملندو.

5) پهرين مصرع جا نقطن وارا حرف ٻين مصرعن جي سمورن نقطن وارن سان، پوءِ ڪهڙو بہ پويون مصرعو هجي، ڳڻيا ويندا تہ بہ سال تاريخ حاصل ٿيندو. تاريخ گوئي ۾ هڪ وڏو انساني ڪمال ليکيو ويو آهي جنهن جو ايجاد ڪندڙ مير محمد باقر گيلاني آهي، جنهن حضرت اورنگزيب عالمگير [1] جي تخت نشينيءَ وقت هڪ لمبو قصيدو انهيءَ بينظير طرز تي چيو هو. ان ڪان پوءِ مير علي شير قانع 21 بيت نعتيہ مراد ياب ڪلهوڙي جي تخت نشينيءَ تي لکي مير باقر جو جواب ڏنو. ساڳئي زماني ۾ مراد ياب خان جلوس لاءِ ابوالقاسم نٽوي 3 شعر ساڳي رنگ ۾ چئي پنهنجو ڪمال ڏيکاريو (مقالات الشعراء) [2].

مقالات الشعراء نٽي جي مختلف ماڻهن جي شادي، موت ۽ ٻين تقريباً جون تاريخون بہ، جيڪي هن صاحب لکيون آهن، سي نموني طور پيش ڪيون آهن. مقالات وارو لکي ٿو، تہ ڪڏهن ڪڏهن منهنجي خواهش تي غزل بہ جوڙيندو هو، جن مان نموني طور ڪجهہ هي آهي:

---

[1] مقالات ۾ اورنگزيب جي تخت نشينيءَ واري قصيدي جو ذڪر ڪونہ آهي.

[2] وڌيڪ ڏسو مقالات ص 510

1) بر صفائی ظاهری ایمن ز سنگین دل مباش
شربت الماس برجان، کمتر از شمشیر نیست
2) آفت برای دولت دنیا مقدر است
مقراض را حریف پی کیسه زر کند

مقالات جي لکڻ سن 1169هه تائين هي صاحب زنده رهيو آهي. شايد انهيءَ صدي جي آخر يا 13 صدي هجري جي اوائل ۾ وفات ڪئي هجيس، ڇاڪاڻ جو سندس تاريخ وفات معلوم نه ٿي سگهي.

## 68- مير امين‌الدين خان حسين ٺٽوي

ولد مير ابوالمڪارم مشهود ولد مير ابوالبقا امير خان رحه، علم ۽ اميريءَ جو جامع ۽ هڪ وڏي خاندان جو ممتاز فرد. پنهنجي زماني ۾ حڪومت جي اختيارات سان گڏ علمي شغل هميشه جاري رکندو آيو. تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو ته:

" امیری والا مقدار بود، اغلب اوقات بمطالعه کتب و صحت علماء پرداخته" [1]

يعني: "وڏي مرتبي وارو امير هو، سندس گهڻو وقت ڪتابن جي مطالعي ۽ عالمن جي صحبت ۾ گذرندو رهيو." شروعات ۾ ميان يارمحمد ڪلهوڙي جي زماني ۾ ڪيس خانپور (شڪارپور) ۾ جاگير هئي ۽ اهو سارو علائقو سندس سنڀال هيٺ آيل هو، ان ڪان پوءِ هو دهليءَ جي مغليه سلطنت پاران 1114هه [2] ۾ ٺٽي جو گورنر مقرر ٿيو ۽ ڪم کي نهايت سهڻي انتظام سان هلايائين." سندس تصنيفات مان:

1) رشحات الفنون [3]: هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ 14 علمن جو اختصار ڏنل آهي.

2) معلومات الافاق [4]: هن ڪتاب ۾ دنيا جي عجائبات ۽ نادر واقعات جا بيان آهن، جن مان هيٺ به واقعا تذڪري جي پڙهندڙن جي معلومات لاءِ درج ڪجن ٿا، جن جو سنڌ جي سرزمين سان لاڳاپو آهي.

1- باد شاهه عالمگير جي پوئين زماني جو واقعو آهي، ته سماواتي پرڳڻي (هاٿوڪي لاڙ ڊويزن) ۾ برسي نالي هڪ ڳوٺ ۾، جو هڪ پٽڻ جي ڍنڍ جي ڪناري تي هو. انهيءَ ڳوٺ ۾ گهڻو ڪري برهمڻ ۽ جاجڪ هندو رهندا هئا. هڪ ڇهن مهينن جي پيٽ واري جاجڪ هندو عورت کي گوشت جو لوٿڙو ڄائو، جنهن ۾ ڪو به انساني عضوو

[1] قديم فارسي ڇاپو ص 99

[2] ڏسو تحفة الڪرام (حسام الدين) 345-350-418

[3] تاليف 1126هه- مضمونن جي فهرست ڏسو تذڪره امير خاني ص 197

[4] هي ڪتاب لکنوءِ ۾ سال 1873ع (1290هه) ۾ ڇپيو آهي.

ظاهر ڪونہ هو، پر هو چريو پريو پئي، جنهنڪري سندس پيءُ جي دل نہ گهريو، تہ هن کي پوريو وڃي. جنهنڪري هن جي حفاظت لاءِ ڪوشش ورتائون. آخر ڇا ٿيو جو انهيءَ ماس جي لوٿڙي ۾ انساني عضون جون علامتون پيدا ٿيڻ لڳيون جيئن: اکيون، ڪن، نڪ، چپ، ڄنگهون ۽ ٻانهون ظاهر ٿينديون ويون. آخر نون مهينن جي مدت پوري ٿيڻ تائين اهو لوٿڙو پورو ٻار بڻجي روئڻ لڳو ۽ ماءُ جي ٿڃ پيئڻ لڳو، پوءِ سندس پيءُ ماءُ عمر ڪوٺ ڪٽي ويا، جتي کيس پاليائون، جنهن کان پوءِ 15 سالن جي ڄمار جو ٿي، پوءِ فوت ٿي ويو.

2) ٺٽي ۾ هڪ پيٽ واري عورت کي پورن مهينن کان پوءِ ويم جا سور ٿيا، جنهن کي پورا ڇهہ ڏينهن گذري ويا مگر خلاص ڪانہ ٿي، جنهن کان پوءِ سور صفا ٺري ويا ۽ ڪابہ تڪليف ڪانہ رهي. ٿوري عرصي بعد هن عورت جي ران جي پاڙ ۾ سخت سوڄ ۽ ورم شروع ٿيو. جڏهن انهيءَ ڪدوءَ جيڏي سوڄ کي شڳاف ڏنائون، تہ اندران ڇوڪري پيدا ٿي پئي. آخر اهو ڦٽ ملم سان ڇٽا يو ويو ۽ اها ڇوڪري ستن سالن جي ٿي، پوءِ مري وئي. اهو واقعو حضرت عالمگير جي پوئين زماني جو آهي. (معلومات الآفاق بحوالہ تحفة الکرام) [1].

مير امين الدين خان ٺٽي ۾ وفات ڪئي ۽ مڪلي جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

خان با تمکین امین الدین امیر    عالی از حسن عمل درجات او
چون سفر کرد از جهان بی ثبات    سال فوتش- داخل الجنات او [2]
1127هہ

## 69- ابوالفتح ٺٽوي

ٺٽي جي مُلن جي خاندان مان غريبي حال وارو ماڻهو هو. مگر هو لکپڙهہ جو هوشيار ۽ چالاڪ ماڻهو هو. اگرچہ هو تمام پريشان روزگار رهندو هو، مگر پنهنجي قابليت تي کيس فخر هو، تہ هو ضرور ڪنهن نہ ڪنهن وقت وڏي اوج کي وڃي رسندو. آخر ٿيو بہ ائين جو سلطان اورنگزيب عالمگير جي شاهزادگيءَ جي زماني ۾ بندر لاري (شاهبندر) سندس جاگير ۾ ڏنو ويو. هڪ دفعي شهزادو جڏهن ملتان ۾ آيو، تڏهن پنهنجي سنڌ واري جاگير جي عملي ۽ نوڪرن کي حساب ڪتاب صاف ڪرائڻ لاءِ ملتان گهرايائين. ملا ابوالفتح بہ منشين جي عملي ۾ ملازم هو، سو بہ ملتان ويو. جڏهن

[1] تحفة قديم ڇاپو ص 161.

[2] قبر مڪليءَ تي اميرخاني قبرستان ۾ آهي، پيرانديءَ کان اهو ڪَتبو آهي احوال ڏسو تذڪره اميرخاني ص 194- 207 قبر ۽ ڪتبي جي تصوير نمبر 70- 71.

سمورو حساب ڪتاب شهزادي عالمگير جي نظر مان گذريو، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خصوصاً ملا ابوالفتح تي حساب درست رکڻ ڪري ڏاڍو راضي ٿيو. اتي هن پنهنجي بخت جي رسائي جو موقعو سمجهي شهزادي جي خدمت ۾ ملازمت لاءِ درخواست ڪيائين، جا قبول ڪئي وئي، ڪيس ٺٽي جي واپسيءَ جو سفر خرچ به عطا ڪيو ويو ۽ وڏي منشي جو عهدو به ڏنو ويو. آخر جڏهن عالمگير هندستان جي تاج و تخت جو مالڪ ٿيو، تڏهن ملا ابوالفتح کي مير منشي جو عهدو ۽ 'قابل خان' جو خطاب ڏنو ويو. ڪيترن ڪمن ۽ سرڪاري امورن جو فيصلو سندس راءِ سان ٿيندو رهيو. وزارت عظميٰ ڪانسواءِ ٻيو جو ڪجهه باد شاهه جي دربار ۾ قرب جو درجو آهي، سو ڪيس حاصل ٿي ويو. باد شاهه جي خدمت ۾ ادب جا هٿ ٻڌي، هڪدم ڪم ڪري وٺندو هو، جنهن تي باد شاهه هن ڪان ڏاڍو راضي رهندو آيو ٿي.

هو فارسي انشاء جو قابل هو. سندس خط [1] سموري هندستان ۾ پکڙيل هئا، جنهن تي ننڍا وڏا فارسي انشاء نويسيءَ جي مشق ڪندا هئا. مير قانع لکي ٿو، ته 'قصه ڪامروپ' نثر ۾ سندس لکيل هو. جنهن کي مان نظم ۾ آندو آهي. مگر افسوس جو آخر ڄمار ۾ باد شاهه جي عتاب هيٺان اچي ويو ۽ نوڪريءَ مان نڪري ويو. انهيءَ واقعي کي هيٺين نظم ۾ آندو اٿس:

شگفتم چون گل، و برباد رفتم  دگر هيچم غم پزمردگی نيست

(مقالات الشعرا) [2].

سن وفات جو معلوم نه ٿيو آهي [3] مگر سلطان عالمگير سن 1066هه ۾ تخت تي وينو ۽ سن 1118هه ۾ وفات ڪيائين، جنهن مان صاف ظاهر آهي ته ملا ابوالفتح اوائل 12 صدي هجري جي سنڌي شاعرن مان آهي.

## 70- مخدوم ابوالقاسم ٺٽوي

ابوالقاسم نورالحق درس ٺٽوي [4]. شروع ۾ قرآن شريف ياد ڪري، ظاهري علمن کان فارغ ٿي ٺٽي جي مشهور عارف ڪامل مخدوم آدم جي صحبت ۾ تصوف جون منزلون طيء ڪرڻ لڳو. مخدوم آدم [5] سندس قابليت ۾ استعداد ڏسي ڪيس حڪم ڪيو، ته باقي منزلون وڃي شاهه سيف الدين [1] ولد عروة الوثقيٰ خواجه محمد

[1] منشات عالمگيري- دستور دانش (صغير و ڪبير) پڻ سندس تصنيفون آهن. منشات (آداب عالمگيري) جي نالي سان ٻن جلدن ۾ تازو 1971ع لاهور مان شايع ٿيو آهي.

[2] ص 42

[3] 1072هه يا 1073هه ۾ فوت ٿيو. (ريو 399)

[4] ولد درس ابراهيم نزيل ٺٽه (شجرو ابوالقاسم ۽ احوال تڪمله مقالات الشعرا)

[5] متوفي 1066هه بن مخدوم اسحاق صديقي مدفون مڪلي.

معصوم ولد شيخ احمد امام رباني سرهنديءَ جي خدمت ۾ پوريون ڪري. ابوالقاسم سنڌ مان ڪاهي سرهند ۾ پهتو. شاهه سيف الدين جي مٿس گهڻي مهرباني ٿي، ظاهري ۽ باطني علمن جي مٿس پالوت ٿي. ڪجهه وقت ڪان پوءِ نٽي موٽي آيو ۽ وري سندس خدمت ۾ ان ريت ايندو ويندو هو، پوئين دفعي شاهه سيف الدين چيس، ته سنڌ ۾ وڃي نقشبندي طريقي کي رواج ڏيار. مخدوم ابوالقاسم کي پنهنجي اصلي حيثيت ۽ درجو معلوم ٿي نه هو، تنهنڪري عرض ڪيائين، ته مان هڪ مسڪين ماڻهو آهيان، مون کي ڪير ٻڌندو؟ شاهه سيف الدين چيس، ته هن سامهون واري پٿر تي پوري توجه سان نظر ڪر! اجا توجهه ڪيائين، ته پٿر ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو. ارشاد ٿيس، ته جڏهن تو ۾ ايڏي مخفي طاقت آهي، ته پوءِ دير ڇا جي آهي؟ جنهن ڪانپوءِ مخدوم ابوالقاسم نٽي ۾ پهتو ۽ اُتي جا ماڻهو سندس خدمت ۾ حاضر ٿيا. وقت جا وڏا وڏا علماء به سندس معتقد ۽ مريد اچي ٿيا. مخدوم محمد هاشم جهڙو وڏي مرتبي وارو عالم به سندس بيحد معتقد هو.

سندس فيض جو آواز نٽي مان نڪري ساري هندستان ۾ پهتو. دهلي جي هڪ وڏي امير محمد صديق [2] نالي سندس خدمت ۾ رهي نٽي ۾ ئي پنهنجا پساهه پورا ڪيا. سورت ۽ احمد آباد ۾ سندن ڪيترا خليفا هئا. [3] ان زماني ۾، جي ماڻهو سرهند شريف ڏانهن سلوڪ لاءِ سالڪ ٿيندا هئا، تن کي هڪئي جواب ملندو هو، ته ابوالقاسم ڏانهن رجوع ڪريو. مخدوم ابوالقاسم جون ڪرامتون ۽ خوارق عادات هزارن جي تعداد کي رسيل آهن، جن کي علامه معين نٽي جدا هڪ رسالي جي صورت ۾ جمع ڪيو آهي. ايڏي وڏي علم ۽ عمل جو مالڪ بزرگ 7- شعبان 1138هه ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو. سندس مقبري تي قطعو لکيل آهي، ان جو تاريخ وارو شعر هي آهي:

بال وصل او هاتف بفرمود ابوالقاسم سراسر نور حق بود [4]

1138هه

## 71- مير ابوالمڪارم شهود نٽوي

بن مير ابوالبقا امير خان. جنهن جو ذڪر گذري آيو. مير ابوالمڪارم ڪشف ڪرامت جو مالڪ ۽ وڏو عالم ۽ فاضل شاعر هو. هن جو والد نٽي جو گورنر هو، پر ان

[1] متوفي 1098هه

[2] ڏسو تڪملہ ص 180: ميان محمد صديق وزير پاد شاهه دهلي، پٿر جي قبر جنوب ڪان مسجد جي دروازي وٽ آهي.

[3] سورت جا ٻني خليفا هئا، جن جا نالا 'معيار سالڪين' ۾ درج آهن. (تڪملہ 181)

[4] ڏسو مفصل احوال تڪملہ مقالات الشعرا ۾ انهيءَ ڪتبي جي تصوير نمبر 12 ۽ 13

هوندي به هو پنهنجا ضروري ڪم هٿن سان ڪندو هو ۽ بازار مان پاڻ ضرورت واريون شيون وٺي ايندو هو. هڪ ڏينهن سندس والد اُن تي ڪَبُهه چيس، جنهن جي جواب ۾ فرمايائين، ته سنت نبويءَ کان ڪهڙو عار آهي، تنهنڪري پنهنجن هٿن سان ڪم ڪريان ٿو.

هو تاريخ ۽ لغت جو وڏو ماهر هو ۽ ان زماني جا چوڏهن علم ٺي برزبان ياد هئس ۽ رات ڏينهن ڪتابن جي مطالعي ۾ رهندو هو. هڪ ڏينهن امين الملڪ قاضي ابراهيم ٺٽوي "جنهن جو ذڪر گذري آيو [1]" کيس دعوت ڪئي. رات جي وقت قاضي صاحب پنهنجن نوڪرن کي حڪم ڪيو، ته قنديلون (ق تي زبر سان) جلد روشن ڪريو! ان تي مير ابوالمڪارم فرمايو، ته قنديل جي قاف تي زبر غلط آهي پر صحيح لفظ قِنديل قاف تي زير سان آهي. قاضي پاڻ وقت جو عالم هو تنهن چيو ته قنديل بر وزن منديل آهي، تنهنڪري زبر صحيح آهي. مير صاحب فرمايو، ته منديل به ميم تي زير سان آهي. آخر لغت جا ڪتاب گڏ ڪيا ويا. گهڻي تحقيقات کان پوءِ اُئين ٺي صحيح نڪتو، جيئن مير صاحب فرمائي رهيو هو.

مير ابوالمڪارم جي ڪتبخاني ۾ پنج سو جلد مختلف علمن جا موجود هئا، هن جو چوڻ هو، ته اهي سمورا مطالعي مان نڪتل آهن ۽ سمورا ياد اٿم.

هن جي تصنيفات مان:

1) غزليات جو ديوان فارسي

2) قصه پري خانه سليمان [2].

3) سيف الملوڪ و بديع الجمال اڻ پورو. پري خانه مان چند شعر انب جي وصف ۾ هيٺ ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| ز وصف انبه، چون گويم که چون ست | که از رشک شرابش شهد خون ست |
| ز نام او، چو گيرم لذت قند | زبان با کام ولب بالب شود بند |
| بسختی همچو لعل، اما شکر بار | به نرمی، چون طلائی دست افشار |
| بطفلی، چون دل معشوق، سنگ است | به پيری، چون رخ من، زرد رنگ هست |
| ز شيرين کاريش چون خل عسل شد | زمرد باز در ياقوت حل شد |
| شرابش بهتر از شير و شکر هست | گهی همرنگ سيم و گاه زر هست |
| بصورت مردم و جايش بر اشجار | کليم آرزو را شعلهٔ بار |

[1] ڏسو نمبر 72 ص 98

[2] هن مثنوي جا چند بيت ڏسو تذڪره امير خاني 306 تا 322- سال تصنيف 1060هه

انب جي تعريف ۾ ڪيترن شاعرن مختلف زبانن ۾ شعر لکيا آهن پر مير صاحب جي هن پرلطف تعريف جو اهي ماٺو اندازو لڳائي سگهن ٿا، جن ٻين شاعرن جو به انهيءَ زمين ۾ ڪلام پڙهيو هوندو ۽ فارسي زبان جي چاشنيءَ کان به واقف هوندا. ايران جي مشهور شاعر مير لطف الله نيشاپوري هڪ رباعي لکي هئي، جنهن جي هر هڪ مصرع ۾ پنجن شين جا نالا آيا ٿي، يعني: گل جو نالو، زمانو ۽ هٿيار، جوهر، عنصر (تتوم جو نالو)

اها رباعي هي آهي:

گل- داد پری درعه- فیروز- به باد    دی جوشن- لعل- لاله- برخاک- فتاد
گل، زمانه، هتیار، جوهر، عنصر    زمانه، هتیار، جوهر، گل، عنصر
داد آب- سمن- خنجر- مینا- امروز    یاقوت- سنان- آتش- نیلوفر- داد
عنصر، گل، هتیار، جوهر، زمانه    جوهر، هتیار، عنصر، گل، زمانه

چون ٿا، ته مير لطف الله [1] جي انهيءَ رباعي تي انهيءَ وقت جي شاعرن ڏاڍي تعريف ۽ واکاڻ ڪئي ۽ متفقه طور ظاهر ڪيائون، ته اڳوڻن مان ڪنهن به شاعر انهيءَ صنعت ۾ رباعي ڪانه چئي آهي. اسمعي [2]، جو نيشاپور جو وڏي ۾ وڏو شاعر هو، تنهن سورو هڪ سال ان جي جواب لاءِ فڪر ڪيو مگر پنهنجي عجز جو اعتراف ڪرڻو پيس. مير شهود ان جو جواب هيٺئين ريت ڏنو آهي:

گل- داد- پری قبائی- یاقوت- بنار    دی- باده- بدرع- لاله- شد لعل نگار
گل، زمانه، هتیار، جوهر، عنصر    زمانه، عنصر، هتیار، گل، جوهر
امروز در آب در کلـه زد نسرین    فردا، ساز، سمن، خاک، فیروز، ازار
زمانه، گل، عنصر، جوهر، هتیار

(مقالات الشعراء) [3]

مير قانع مصنف مقالات ۾ وڏيڪ لکيو آهي، ته ڪو اهڙو زمانو به هو، ان قسم جي رباعي تي نيشاپور جا شاعر حيران هئا، پر اڄ هي حالت آهي، جو مان تمام ٿوري فڪر سان انهيءَ صنعت ۾ ڪيتريون رباعيون ۽ بيت لکيا آهن، جي هڪ جدا رسالي ۾ جمع ڪيا اٿم، جنهن مان به بيت هيٺ ڏجن ٿا:

---

[1] لطف الله نيشاپوري تيمور جو مداح هو.

[2] نالو غلط آهي اهو سيمي نيشاپوري آهي (مجالس النفائس ص 16- 191)

[3] ص 349

گل پری در جوشن فیروزه آتش بر فروخت  باد دی روی سمن با خنجر یاقوت دوخت
گل، هتيار، جوهر، عنصر، زمانه  عنصر، گل، هتيار، جوهر، زمانه
سوسن آمد باسنان از خاک چون الماس دوش  امشب اندر آب نیلوفر بدرع لعل سوخت
گل زمانه، هتيار، عنصر، جوهر  زمانه، عنصر گل، هتيار، جوهر، زمانه

سيد ابوالمڪارم شهود سيوهڻ ۾ سن 1037هه ۾ وفات ڪري لعل شهباز قلندر جي پاڙي ۾ آراميو ۽ هي بيت وفات جي وقت فرمايائين، جنهن مان سال تاريخ به نڪري ٿو:

کسی گر به پرسد ز تاریخ ما  همیں گو- بجنت خدا داد جا [1]
1073هه

## 72- قاضي ابراهيم ٺٽوي

عالم، فاضل، شاعر، مصنف، ظاهري ۽ باطني ڪمالات جو جامع هو. پنهنجي قابليت جي ڪري شاهه جهان جي دربار ۾ وڏي مرتبي کي وڃي پهتو ۽ شاهه جهان آباد (دهلي) جو مفتي ۽ لشڪر جو قاضي مقرر ٿيو. ان ڪانپوءِ ٺٽي جو امين الملڪ مقرر ٿي پنهنجي وطن ڏانهن واپس آيو. چيو وڃي ٿو، ته پنهنجي اچڻ کان اڳ ۾ ٺٽي ۾ ڏيڍ لک رپيا خرچ ڪري رهڻ لاءِ محل تيار ڪرائي هئائين. جڏهن هن ۾ داخل ٿي جاءِ جو معائنو ڪيائين تڏهن ڪيس بالڪل ناپسند آئي ۽ چيائين ته ڪاريگرن کي اها ڄاڻ ڪانه هئي ڇا ته ڪير اچي هن محل ۾ رهندو؟ هي محل ته منهنجي موريز کان به چڱي نه آهي! جنهنڪري انهيءَ جاءِ کي اتي متيءَ جو ڍير بڻائي ڇڏيائين. انهيءَ محل جا ڏڙا اجاتائين [2] ٺٽي ۾ موجود آهن. قاضي صاحب جي انهيءَ واقعي مان سندس بلند همتي ۽ سير چشميءَ جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. انهن ڏڙن کي ڏسي عرفي شيرازي جو شعر ياد اچي ٿو:

از نقش و نگار در و دیوار شکسته  آثار پدید است صنا دید عجم را

ٺٽي ۾ جيڪو به وقت رهيو، سو نهايت عزت سان رهيو، ٺٽي جو حاڪم (گورنر) هفتي ۾ هڪ ڏينهن سندس بنگلي ۾ اچي عام ڪچهري ڪندو هو ۽ پاڻ به

[1] قبر دريافت ڪانه ٿي آهي، وڌيڪ احوال ڏسو تذڪره اميرخاني ص 177 تا 193 ۽ 306 تا 322 ۽ ص 352.

[2] انهيءَ جو مطلب 1181هه تائين.

ڪڏهن گورنر وٽ ويندو هو. دهلي يا ٺٽي ۾، جيڪا سندس عزت هئي تنهن جو ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. 'شرح مخزن الاسرار' سندس تصنيف آهي. سندس هڪ شعر نموني طور ڏجي ٿو:

هوئی زده اخ خویش روم تا سرکوی شوقش چو کبوتر دهدم بال و پری را

(مقالات الشعراء) [1]

قاضي ابراهيم جو نسب هيٺئين ريت ڄاڻايل آهي: ابراهيم، بن عبدالحي اسماعيل، بن سليمان بن مخدوم فيروز، جنهن جو ذڪر تحفة الڪرام ۾ آيل آهي [2].

قاضي ابراهيم جي تصنيفات مان:

1) جلاء الاذهان في تفسير القرآن

2) لطائف الاخبار في سير النبي المختار ﷺ

3) شرح مخزن اسرار آهن [3].

قاضي صاحب کي ٻه نياڻيون هيون، جن مان هڪ سيد علي اصغر شيرازي ٺٽوي سان ۽ ٻي ٺٽي جي قاضي علي محمد جعفريءَ سان شادي ڪرائي ڏنائين ۽ اهو علي محمد حضرت جعفر طيار بن ابي طالب جي اولاد مان آهي. (ضميمة الانتصار از مشتاق متعلوي).

1037هه ۾ سيوهڻ ۾ وفات ڪيائين ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو.

## 73- مير ابوالبقا اميرخان ٺٽوي

ولد مير ابوالقاسم نمڪين هروي بکري، هڪ وڏو عالم، شاعر ۽ فاضل امير هو. امير خاني سيدن جو نسل هن کان ئي شروع ٿئي ٿو. ڏاڍو غريب نواز ۽ غريب پرور امير هو. هن کي شاهه جهان باد شاهه گاديءَ تي ويهڻ شرط ٺٽي جو گورنر [4] مقرر ڪيو ۽ نواب شرير الملڪ شريف خان يڪ- چشم، جنهن باد شاهه سان شهزادگيءَ جي زماني ۾ ٺٽي ۾ اچڻ وقت گستاخي ڪئي هئي، تنهن کي هڪدم معزول ڪرائي سندن ڪردارن

[1] ص 68 ۽ مختلف واقعا ڏسو هنن صفحن تي 197-285-508.

[2] ڏسو سنڌي ڇاپو ص 538- قاضي ابراهيم جي پوين جو مذڪور به اتي ڏسجي.

[3] شرح مخزن الاسرار نهايت مقبول ٿي. خطي نسخا سون جي تعداد ۾ موجود آهن. انهن ڪتابن ڪانسواءِ ٻيو هڪ رسالو به فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيائين جيڪو اصل تصنيف حضرت عبدالقادر گيلانيءَ جو آهي. قاضيءَ اهو ترجمو دارا شڪوه سان معنون ڪيو آهي.

[4] امير خان مير ابوالبقا ٻه دفعا ٺٽي جو صوبيدار ٿيو. پهريون دفعو (1039هه کان 1041هه) انهيءَ وقت مسجد اميرخاني ٺهرايائين. ٻيو دفعو (1052هه کان 1057هه) انهيءَ زماني ۾ جامع مسجد جوڙايائين. ڏسو تحفة الڪرام (حسام الدين) ص 394 ص 398.

انهيءَ ويران ٽڪري تان سندس لنگهڻ ٿيو، جتي جي دهقاني ماڻهن مير صاحب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. معلوم ٿيس، ته زمين آباد نه آهي. ماڻهو مال تي گذران ڪري ڏاڍو ڏکيو وقت گذاري رهيا آهن. پوءِ جڏهن ٺٽي جو حاڪم ٿيو، تڏهن انهن دهقاني ماڻهن جو احسان ۽ مهمانوازي ياد آيس. جنهنڪري انهيءَ زمين جي آباديءَ جو بندوبست ڪري انهن ماڻهن کي ڏني ڇڏيائين ۽ مهماني واري جاءِ تي 'ميرپور' جو شهر آباد ڪرايائين جو پوئين مغليه زماني تائين ٺٽي جي ماتحت تحصيل دار اُتهن جو رهندو ايندو هو.

هڪ ڏينهن آئينو ڏسندي پاڻ کي سلام عليڪم چيائين، جنهن تي باد شاهه شاهجهان کي ڪن ماڻهن رپورٽ ڪئي، ته مير ابوالبقا مخبوط الحواس ٿي پيو آهي. تنهنڪري حڪومت ڪرڻ جي لائق نه رهيو آهي، ڪيس موقوف ڪيو وڃي. جڏهن مير صاحب کي ان جو پتو پيو تڏهن باد شاهه کي عريضو موڪليائين، ته مان پنهنجي آئيني واري تصوير کي هن لاءِ سلام چيو، جو ٿورا اڇا وار پنهنجي ڏاڙهي ۾ ڏٺم ۽ هن ارادي سان تعظيم طور سلام چيم جو سائين جن جي پاڇي ۾ اڇا وار ٿيا اٿم. باد شاهه سندس جواب کي پسند ڪيو ۽ رپورٽ ڪندڙ منشيءَ جي شڪايت کان بچي ويو. ٺٽي ۾ هندن جي هڪ مندر جي ويران ٿيڻ کانپوءِ اُتي مسجد ٺهرائي، جا يائي خان[1] جي محلي ۾ عبدالغني ۽ ملڪ امان جي چوڪ جي وچ ۾ آهي. (تحفة الڪرام) [2]

هن وقت ابوالبقا امير خان جي ٺٽي ۾ هڪ ويران مسجد هندن جي پاڙي ۾ آهي. شايد اڳ انهيءَ محلي کي 'محله يائي خان' سڏيو ويندو هو. مسجد جي اندران قطعه تاريخ هيٺئين ريت اُڪريل آهي:

همی کردم طلب سال بنایش خود کفته که: بیت الله- ثانی

1039هه

ٻاهرين دروازي تي هي قطعو پٿر تي اُڪريل آهي:

---

[1] يائي خان جو اصل نالو ملا ڪدا علي آهي. هو مرزا جاني بيگ جو امير هو، جڏهن ٺٽار ۾ جاني بيگ جي فرزند مرزا غازي بيگ کي زهر ڏئي ماريو ويو، تڏهن هن کي به زهر ڏنو ويو، اهو واقعو 1021هه ۾ ٿي گذريو. (وفائي) يائي خان جي زهر جو واقعو غلط آهي. ڪدا علي ۽ يائي خان (مڪلي نامه 594 کان 600) ۽ لطف الله يائي خان جدا به شخصيتون آهن. (ڏسو مرزا غازي ترخان اور اسکي برم ادب ص 113-18-25-26-32-127-128 ۽ مڪلي نامه ص 224 تا ص 230 حسام الدين).

[2] قديم فارسي ڇاپو ص 95

اين مسجد بهشت نشان را بنا نهاد مهر سپهر دولت و اقبال، امير خان
چون ختم بود درهمه اوصاف فيض و لطف سال تمام ڪشتن او نيز- ختم- دان
1040هه [1]

ذخيرة الخوانين [2] ۾ لکي ٿو تہ: مير ابوالبقا هڪ سؤ سالن جي ڄمار ڪي وڃي پهتو هو، مگر سندس قوت رجوليت ۽ اکين جي نظر نوجوانن جهڙي قائم هئي [3].

## 74- ملا اسحاق بکري

فارسي زبان جو ايڏو ماهر هو، جو ڪيس شيخ سعدي شيرازي ۽ عارف عبدالرحمان (جامي) جو وارث سڏيو ويندو هو. هو شروع ۾ سلطان محمود بکريءَ جو ملازم هو. ان ڪانپوءِ جڏهن سلطان جلال الدين اڪبر سنڌ تي قبضو ڪيو تڏهن هو احمدآباد ۾ نظام الملڪ [4] 'طبقات اڪبري' جي مصنف وٽ وڃي رهيو. آخر ٺٽي جي حاڪم مرزا جاني بيگ ترخان جي طلب تي سندس فرزند مرزا غازي بيگ وقاري تخلص جي تعليم لاءِ ٺٽي ۾ اچي رهيو.

سيد طاهر نسياني ٺٽوي مؤلف تاريخ (طاهري) لکي ٿو، تہ 25 سالن جي ڄمار ۾ 1014هه (1605ع) ۾ آءٌ استاد خضر طبعيت مولانا اسحاق بکريءَ جي خدمت ۾ شاعريءَ جي فن سکڻ لاءِ حاضر ٿيس. هن صاحب جي توجهہ سان مون ۾ شاعريءَ جي صفت پيدا ٿي وئي. (طاهري)

مير محمد معصوم جڏهن سنڌ مان روزگار جي طلب لاءِ احمدآباد پهتو، تڏهن ملا اسحاق جي سفارش سان ڪيس نظام الملڪ 'طبقات اڪبري' جي ڪم ۾ لڳايو. هو بکر جي شريف خاندان شيخ زادن مان هڪ وڏيءَ عزت وارو بزرگ هو. (ذخيرة الخوانين)

سندس فارسيءَ جو هيٺيون شعر مير قانع نقل ڪيو آهي:

مى تپد دل در برم در شوق تو ميگدازد خانه را از ذوق تو
(مقالات الشعراء) [5]

---

[1] جامع مسجد جي پٺ ۾ مسجد امير خانيءَ جي ناليءَ سان موجود آهي. (تذڪره اميرخاني ص 107).

[2] ذخيرو خطي ص 120 مآثر الامرا اهو قول ذخيرة الخوانين تان نقل ڪيو آهي ج 1 ص 73.

[3] مفصل احوال تذڪره اميرخاني (حسام الدين راشدي) ۾ پڙهڻ گهرجي. هڙيءَ طرح مظهر شاهجهاني ميرڪ يوسف (تصحيح حسام الدين) ۾ ڏسجي. مير سال 1057هه ۾ وفات ڪئي ۽ سندس قبر روهڙيءَ واري 'ستين جي ٿان' يعني پٽس جي قبرستان (صفہ صفا) ۾ آهي. (ڪتبو ڏسو تذڪره اميرخاني ص 112)

[4] نظام الملڪ غلط آهي. خواجه نظام الدين احمد صاحب طبقات اڪبري

[5] ص 799.

تاريخ وفات معلوم نہ ٿي مگر هو يارهين صدي هجريءَ جي سنڌي فاضلن مان آهي[1].

## 75- مير ابوالقاسم نمڪين هروي بکري

ملا مير سبزواريءَ جو فرزند، جلال الدين محمد اڪبر بادشاهہ جي زماني ۾ هندستان ۾ اچي مرزا حڪيم جو نوڪر ٿيو. ان کان پوءِ بادشاهہ جي دربار سہ هزاري منصب تي پهتو. پيره پنجاب ۾ جاگير مليس. هڪ وقت بادشاهہ جلال الدين اڪبر سندس جاگير وٽان لانگهاؤ ٿيو تہ هن، ڪجهہ سبز ياجيون ۽ نمڪ (لوڻ) وغيره بادشاهہ جي خدمت ۾ پيش ڪيا، جنهنڪري کيس نمڪين (سلوٽو) جو لقب پيو.

ان کانپوءِ بکر جو حاڪم ٿيو جتي 1007هہ (1598ع) کان وٺي 1009هہ (1600ع) تائين بہ سال رهيو. ان کانپوءِ اڪبر جي وفات بعد 1014هہ (1605ع) ۾ جهانگير جي زماني ۾ پيهر بکر جو حاڪم ٿي آيو ۽ ان کانپوءِ هميشہ لاءِ بکر ۾ رهجي ويو. بکر جي پوئين زماني حڪومت ۾ هن زميندارن جا حق غصب ڪيا هئا، جي جهانگير جي دربار ۾ دانهين ويا. بادشاهہ پاران مير ابوالقاسم کي سڏ ٿيو، قاضي عبدالحئي جو سرڪاري قاضي هوءِ بادشاهہ کي مير ابوالقاسم جي ڏوهاري هجڻ کان واقف ڪيو. بادشاهہ حڪم ڪيو، تہ ابوالقاسم کي هاٿيءَ جي تنگ سان ٻڌي شهر ۾ گهمايو وڃي ۽ مظلومن کي حق ونارائي ڏنو وڃي. ان وچ ۾ ابوالقاسم شيخ معروف بکري جي معرفت بندوبست ڪري ورتو. يعني، بکر پرڳڻي جا جيترا بہ زميندار اُتي آيل هئا، تن کي شيخ معروف ڳريون رقمون ڏيئي راضي ڪري ورتو ۽ پوءِ ابوالقاسم بادشاهہ کي عرض ڪيو، تہ مون تي سراسر تهمت آهي، مان ڪنهن جو بہ حق ڪونہ کاڌو آهي، اوهان قاضيءَ کي حڪم ڪريو، تہ دوباره شاهديون وٺي. ان وچ ۾ بکر پرڳڻي جا ڪي زميندار روانا ٿي ويا هئا ۽ ڪي اتي هئا، جن کي قاضي گهرايو تہ هنن انڪار ڪيو تہ اسان حاڪم جي برخلاف دانهن ني ڪانہ ڪئي آهي، اهي ڪي ٻيا ماڻهو هوندا. قاضي اها ڳالهہ ٻڌي هڪو ٻڪو رهجي ويو، ان کانپوءِ جيڪو ماڻهو بہ وٽس شاهديءَ لاءِ ايندو هو، تہ سندس شڪل جا پورا پار پتا نشان لکي پوءِ شاهدي وٺندو هو. ان ريت مير ابوالقاسم جي جان بچي وئي. (ذخيرة الخوانين)

مير ابوالقاسم نمڪين گورنري کان پوءِ فقط جاگير حاصل ڪري هميشہ لاءِ بکر ۽ روهڙيءَ ۾ رهجي ويو ۽ روهڙيءَ کان الهندي پاسي کان هڪ ٽڪري تي جنهن کي ان زماني ۾ 'ڪار ماتري' چوندا هئا، ان کي 'صفہ صفا' نالو رکي پنهنجي خاندان جي قبرستان لاءِ مقرر ڪيو.

---

[1] مفصل احوال ڏسو ڪتاب 'مرزا غازي ترخان اور اس کي بزم ادب' از حسام الدين ص 129- ص 183- ص 561.

آهن. هوڏانهن ڪا به غير شادي شده زال اتي ڪانه رهي ٿي ۽ نه وري غيرآباد حصن ۾ زالن رهڻ جي ضرورت ئي آهي.

سنڌ جي هڪ ڏند ڪٿا تي هندو تاريخ نويس لکيو آهي، ته: ”جڏهن مسلمانن بکر تي حملو ڪيو هو، تڏهن راجپوت عورتن پنهنجي ستر بچائڻ لاءِ انهيءَ جاءِ تي اچي پاڻ کي باهه ۾ ساڙي آپ گهات ڪيو. جنهن ڪري ان تي ستين جو ٿان نالو پيو آهي پر پوءِ مسلمانن اتي قبرون ٺهرائي ٿان کي بگيڙي ڇڏيو آهي.“ اهو حملو ڪڏهن ٿيو ۽ راجپوت بکر جي علائقي ۾ ڪڏهن حاڪم هئا، ان تي ڪا به روشني پيل ڪانه آهي؟ هندو تاريخ نويس عام طرح جاهل ٿيندا آهن، پوءِ هر هڪ ڳالهه ۾ ٽنگ اڙايون وينا ڏندڪٿائون ڪندا آهن، ورنه حقيقت ۾ انهيءَ اڻ سڌي ٽڪريءَ جي درستي ۽ قبرستان جو ٺهڻ ۽ هيٺ جايون ۽ حُجري اڏائڻ جو سمورو ڪم ميرابوالقاسم نمڪين جي هٿان ٿيو ۽ سندس شاگرد ۽ مؤرخ شيخ بکري فريد بکري جي سامهون ٿيو، جنهن 'ذخيره الخوانين' ۾ ان جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي ۽ انگريز مؤرخن به ساڳي ئي ڳالهه لکي آهي، جن سنڌ جي آثار قديمه تي تحقيق ڪان پوءِ ڪتاب لکيا آهن، جيئن ته مسٽر بلاڪ مين[1] لکي ٿو ته: ”روهڙيءَ جي قريب ڏکڻ طرف درياءَ جي ڪناري واري جنهن شاخ کي ڪار ماٿري جي نالي سان سڏين ٿا، اها هڪ ننڍي ٽڪري آهي، جنهن کي مير ابوالقاسم نمڪين پنهنجي مقبري لاءِ سڌو ڪرائي مٿس نالو رکيو هو صفه صفا. ان تي سندس پوين جون به تربتون آهن.“

سر رچرڊ برٽن 19 صدي عيسويءَ ۾ انهيءَ جاءِ جو معائنو ڪري ان بابت جو ڪجهه لکيو آهي، سو سندس اکرن ۾ ڏيون ٿا. هو لکي ٿو، ته: ”جيئن ڏکڻ پاسي کان ڏاڪڻ تان چڙهجي ٿو، تيئن ڏاڪڻ جي اڌ ڪانپوءِ هڪ ننڍي هال ۾ پهچون ٿا، جنهن جي بنهي پاسن کان مجاورن جي رهڻ جا گهر يا گدام آهن، ٻني پاسي واري جاءِ کي قفل لڳل هو ۽ چون ٿا ته انهيءَ ۾ ستين جو آستانو آهي، مگر مان دروازي مان جهاتي پائي ڏٺي، ته مون کي ڪا به شيءِ نظر ڪانه آئي. اتان وري پوءِ ٻي ڏاڪڻ ملي ٿي، جنهن تان چڙهي هڪ ايوان تي پهچجي ٿو، جو ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي آهي، جنهن تي قبرن جا مجموعا آهن. جن مان مکيه قبر مير سيد ابوالقاسم جي آهي. ان ڪانپوءِ قبرن جي ترتيب وغيره جو تفصيل ڏنل آهي. هن مان هي به ظاهر آهي، ته هندن جي ستين جو سڙڻ يا مسلمانن جي ٻي نڪاحي عورتن جي لکي ويهڻ جون سموريون ڳالهيون ڪوڙيون ۽ واهيات آهن، جن کي ٻي سمجهه ماڻهن خواهه مخواهه ڪري مشهور ڪيو آهي.“

---

[1] مترجم آئين اڪبري.

بي هڪ روايت ۾ حڪيم امير علي شاهہ مرحوم فتح پوري (رياست خيرپور) لکي ٿو، تہ: "غزنوي گهراڻي جي سنڌ تي قبضي ڪرڻ وقت روهڙيءَ جي انهيءَ جبل تي ست اولياءَ اچي چاليهو ڪيڏڻ ۽ عبادت ڪرڻ لڳا. جن جا نالا هي آهن:

1- شيخ عبدالمجيد سهروردي 2- شيخ عبدالله حريري، 3- حمزه بن رفعہ 4- علي بن احمد بصري 5- يوسف بن محمد بلخي 6- صفي الدين شيرازي 7- ابوالحسن خرقاني. جڏهن اهي بزرگ ان جاءِ تان چلو ختم ڪري روانا ٿيا تڏهن تبرڪ طور ان جاءِ کي چڱو سمجهي مٿس "ستن جو آستان" نالو پيو، يعني ستن ماڻهن جي رهڻ جي جاءِ. ("تاريخ سنڌ" قلمي از امير علي شاهہ فتحپوري)

مگر جنهن صورت ۾ شاهہ صاحب هن تحقيق لاءِ ڪنهن تاريخ جي ڪتاب جو حوالو ڪونہ ڏنو آهي، تنهنڪري اهو واقعو بہ تحقيق طلب آهي [1].

## 76- مير ابوالقاسم خان زمان نٿوي

هن جو والد سيد قاسم خان بيگ لار سمرقند مان سنڌ جي مرزا شاهہ حسن بيگ ارغون جي زماني ۾ اچي ٺٽي ۾ رهيو، سيد صاحب هڪ وڏو بهادر، تيرانداز ۽ وڏو پهلوان هو، جنهنڪري مرزا جي اميرن ۾ داخل ٿي ويو ۽ کيس جاگير بہ عطا ڪئي وئي.

سيد صاحب عمرڪوٽ جي راڻي ورسي جي ڀاڻيجيءَ سان شادي ڪئي، جنهن مان ميرابوالقاسم 947هہ (1540ع) ۾ تولد ٿيو. اجا ٽن سالن جو مس هو، تہ نصيرالدين همايون بادشاهہ، شير شاهہ سوري افغان کان شڪست کائي سنڌ ۾ آيو ۽ مرزا شاهہ حسن، بادشاهہ جا هنڌ ۾ پير ڄمڻ ڪونہ ڏنا. بدين ۾، جتي سنڌ وارن جو بادشاهہ سان مقابلو ٿيو، تنهن ۾ قاسم خان بيگلار قتل ٿي ويو ۽ سندس يتيم فرزند جي پرورش عمرڪوٽ ۾ پنهنجي ماتا مهربان جي آغوش شفقت ۾ ٿيندي رهي.

هي ننڍڙو ئي هو، تہ شاهہ حسن جي خدمت ۾ کيس پيش ڪيو ويو. هن داناءُ حاڪم هن ننڍڙي ٻار جي پيشانيءَ ۾ اقبال چمڪندو ڏسي، هن جي سنڀال ۽ اميراڻي ڍنگ ۾ پرورش جو حڪم ڪيو.

جوانيءَ جي زماني ۾ هو سپهہ گريءَ جي فن ۾ اهڙو ماهر ٿيو، جو هي اڪيلو ماڻهو پورين فوجن کي پورو پوندو هو. جڏهن مرزا شاهہ حسن 967هہ (1559ع) [2] ۾ وفات ڪئي تڏهن سندس ملڪ بہ حصن ۾ ورهايو ويو. لوئر سنڌ مرزا عيسيٰ ترخان

---

[1] هن سيد ۽ سندس خاندان جو مفصل ۽ مڪمل احوال پڙهو تذڪره اميرخانيءَ ۾ ۽ 'مرزا غازي اور اس کي بزم ادب' ۾.

[2] غلط سال آهي 962هہ (1554ع) ۾ فوت ٿيو.

ڪنيو ۽ اتر سنڌ سلطان محمود بکريءَ جي حصي ۾ آيو. ابوالقاسم خان مرزا عيسيٰ جي درباري اميرن ۾ داخل ٿيو. ان جي وفات کان پوءِ مرزا عيسيٰ جي پٽن: مرزا محمد باقي ۽ مرزا جان بابا جو جڏهن پاڻ ۾ سخت مقابلو ٿيو، ته ابوالقاسم سمورو وقت مرزا جان بابا جو طرفدار رهيو ۽ ان زماني ۾ پائرن جون جيڪي به خوفناڪ جنگيون ٿي گذريون تن ۾ ابوالقاسم ايڏا ۽ اهڙا بهادريءَ جا خوفناڪ ڪم ڪري ڏيکاريا، جو نهايت حيرت ۾ وجهندڙ آهن، جن جو تفصيل 'بيگلرنامه' ۾ موجود آهي، جو ابوالقاسم جي ڪارنامن تي هڪ مستقل تصنيف آهي.

آخر مرزا جان بابا جڏهن قتل ٿي ويو تڏهن مرزا محمد باقي سيد ابوالقاسم کي دلاسا ڏيئي پنهنجي طرف آندو. هن جي خاندان لاءِ نصرپور ۾ جاگير مقرر ڪري ڏني، مرزا باقيءَ جي خودڪشي سال 993هه (1585ع) کانپوءِ، سندس پوٽي مرزا جاني بيگ جو زبردست مددگار ٿي رهيو. انهيءَ زماني ۾ سلطان جلال الدين اڪبر جو سموري هندستان تي قبضو ٿيندو ويو ٿي ۽ ترخان گهراڻي جي وڏي مرزا محمد باقيءَ جيڪي ملڪ ۾ معزز ماڻهن جا خون ڪرايا هئا، انهن جون دانهون به وقت بوقت ڪيس پهچنديون رهيون ٿي. جنهنڪري هن سنڌ تي قبضي ڪرڻ جو پورو ارادو ڪيو هو. هوڏانهن سلطان محمود بکري به انهيءَ زماني 998هه (1589ع) [1] ۾ وفات ڪري ويو، جنهنڪري سنڌ جي اُتر اُپرندي وارو سمورو علائقو اڪبر جي قبضي ۾ اچي ويو. سلطان اڪبر مرزا جاني بيگ کي مطيع ڪرڻ لاءِ مرزا عبدالرحيم خان خانان کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو، جنهن ٽن سالن جي جنگين کانپوءِ مرزا جاني بيگ تي قبضو ڪيو، ڪيس سيد ابوالقاسم سميت لاهور دربار اڪبري ۾ وٺي ويو. (تحفة الڪرام و ظاهري وغيره)

جڏهن سلطان اڪبر جي روبرو حاضر ٿيو تڏهن پهرين ئي ڏينهن بادشاهه سيد ابوالقاسم کان پڇيو، ته اوهان جي ڄمار ڪيتري آهي؟ سيد جي بدران مرزا جاني بيگ جواب ڏنو 52 سال. وري بادشاهه چيس، ته ڪٿي ڄاوا آهيو؟ سيد پاڻ جواب ڏنو، ته عمرڪوٽ ۾. جنهن تي حضرت اڪبر فرمايو، ته آءٌ ۽ سيد هم عمر ته آهيون پر ڄمڻ جو به ساڳيو هنڌ آهي. (مقالات الشعراء)

عبدالرحيم خان خانان کان مرزا جاني بيگ واعدو ورتو هو، ته ڪيس موت جي سزا کان بچايو ويندو. سلطان اڪبر جي خدمت ۾ خان خانان اڳ ۾ اها گذارش ڪري ڇڏي هئي، جنهن تي سلطان اڪبر نه فقط پنهنجي جنگي معاهدي جي لڄ رکي پر سنڌ وري به جاني بيگ جي حوالي ڪيائين پر هن شرط سان، ته هو بادشاهه جي خدمت ۾

[1] غلط سال آهي 982 ۾ فوت ٿيو.

رهندو ۽ سنڌ جي پيدائش سندس حوالي هوندي ۽ پوئنان سندس 16 سالن جو فرزند غازي بيگ ڪم سنڀاليندو رهندو. ان موقعي تي باد شاهه مرزا کي خلعت به ڏڪائي. (تاريخ طاهري)

ان موقعي تي دربار جي ٻاهران سيد ابوالقاسم ۽ امير خسرو چرڪس (مرزا جاني بيگ جو درباري امير) ويٺل هئا. تن پاڻ ۾ ويٺي ڳفتگو ڪيو ته افسوس هي آهي جو مرزا کي سنڌ موٽي ملي پر اسان کي ته باد شاهه پوشاڪ به ڪانه پهرائي. هو اجا انهيءَ گفتگو ۾ هئا، ته ٻنهي کي شاهي سڏ ٿيو ۽ هڪدم وڃي خدمت ۾ حاضر ٿيا. باد شاهه پردي جي اندران هو، ٻاهران عمدا به گهوڙا هڪ نيرو ٻيو ڪميت بيٺل هئا، سيد صاحب خسرو خان کي چيو، ته: "ڪيئن ٿو ڀانئين؟ جيڪڏهن انهن ٻنهي گهوڙن مان هڪڙو توکي ۽ هڪڙو مون کي عطا ٿئي؟" ان تي خسرو خان خوش طبعي طور چيس. هائو تنهنجي چا ڳالهه ڪجي، اجهو گهوڙن ڪانسراءِ توکي هڪ هاٿي به ملندو!" مگر هن ٻنهي اميرن جو ارادو ڪو تقدير سان موافق هو، نتيجو هي نڪتو جو باد شاهه جڏهن پردي کان ٻاهر عام ڪچهريءَ ۾ آيو. تڏهن هنن جو سلام قبول ڪري گهوڙا بخش ڪيائين، هڪ هاٿي خاص طرح سيد ابوالقاسم کي مرحمت فرمايائين. ان کان پوءِ باد شاهه سيد صاحب کي جاني بيگ جي فرزند مرزا غازيءَ جو اتاليق يا سنڀاليندڙ ڪري سنڌ موڪلي ڏنو، ۽ جاني بيگ 8 سال اڪبري دربار ۾ رهي برهانپور ۾ وفات ڪري ويو ۽ سندس لاش ٺٽي پهچايو ويو. (مقالات الشعرا) [1]

انهيءَ اڪبري گهوڙي جي هڪ عجيب صفت بيان ڪئي وڃي ٿي. هڪ دفعي جو واقعو آهي. ته سيد ابوالقاسم، خان زمان جا ڪنهن جنگ ۾ ٻه دوست زخمن کان زمين تي ڪري پيا. هڪ مري ويو، ته ٻيو اڌ مؤ هو. هن بهادر شخص چا ڪيو، جو هڪ دوست کي گهوڙي جي پيٽ سان ۽ ٻئي کي پنهنجي پٺيءَ تي ٻڌي روانو ٿيو، برابر ٽي راتيون ۽ ٽي ڏينهن انهيءَ حالت ۾ سواءِ ڪاڌي پيتي جي گهوڙو سفر ڪندو رهيو، جڏهن ٺٽي پهتا تڏهن هڪدم گهوڙو ڪري پيو ۽ دم ڏنائين. جنهن جي لاش کي دفن ڪرائي مٿس 'مرگهه منارو' ٺهرايو ويو، جو مير علي شير قانع (متوفي 1203هه) جي زماني تائين به اهو منارو موجود هو. [2] مرگهه هرڻ کي چئبو آهي ۽ گهوڙي جو اهوئي نالو رکيل هو. (تحفة الڪرام) [2]

مير ابوالقاسم ايڏي بهادري جي هوندي ڪڏهن ڪڏهن شعر به چوندو هو، جيئن

---

[1] ص 527

[2] تورڪي (سيان وهيو جو قبرستان) تحفة الڪرام - حسام الدين ص 302) ۾ انهيءَ مناري جا آثار آهن. ڏسو تصوير تحفة الڪرام (حسام الدين) نمبر 43-44.

تہ هڪ دفعو مرزا محمد باقي ترخان ابوالقاسم جي منشگيريءَ جي ڪم لاءِ هڪ تمام ڪاري رنگ جو ملا مقصود نالي منشي موڪليو. ابوالقاسم ان ڪي ڏسي بنا ويچار جي هي شعر موزون ڪيو:

مقصود عاشقی ست بهر صورتی که هست     دلبر اگر مفید نباشد سیاه کی

(مقالات) [1]

## 77- مير ابوالقاسم سلطان نتوي

ولد مير ابوالقاسم خان زمان، مذڪور سال 960هہ (1552ع) ۾ [2] ولادت تيس. هو پنهنجي والد وانگي بهادر، خود سر ۽ سخي مرد هو. ترخان گهراڻي جو جڏهن خاتمو ٿيڻ لڳو ۽ مرزا جاني بيگ اڪبري دربار ۾ وفات ڪري ويو [3] تڏهن ابوالقاسم سلطان، مرزا جي فرزند مرزا غازي بيگ کي، جو سندس نائي بہ هو، ڪجهہ نہ سمجهي، هڪ خط لکيو، تہ ملڪ جون حدون مقرر ڪيون وڃن، جنهن ڪان پوءِ ئي اسان جو پاڻ ۾ چڱو وقت گذرندو، نہ تہ خون خرابي کانسواءِ ڪوبہ نتيجو ڪونہ نڪرندو. مرزا اهو خط پڙهي پوري تدبر سان مقابلي جي ڪم کي لڳو رهيو. ابوالقاسم ايڏو خوفناڪ بهادر هو، جو هڪ پوري لشڪر جو اڪيلي سر مقابلو ڪري سگهندو هو. آخر ملا ڪاتيار وٽ ٻنهي فوجن جون ڇانوڻيون لڳايون ويون. هڪ رات سيد ابوالقاسم پنهنجي فوج مان اڪيلي سر ٻاهر اچي مرزا غازي جي فوج ٻاهران وڏي واڪي اعلان ڪيو، تہ: ”آءٌ گيدي نہ آهيان، جو اوهان تي راتاهو هڻندس، پر صبح جو ميدان جنگ ۾ مقابلو ڪيو ويندو، تنهنڪري اوهان دِپ نہ ڪريو ۽ آرام سان ننڊون ڪندا رهو.“

جنگ اڃا شروع ئي ڪانہ ٿي هئي، تہ صلح لاءِ ڪي ماڻهو وچ ۾ پيا ۽ سيد ابوالقاسم کي راضي ڪيائون، تہ مرزا جي خدمت ۾ هلي، جو سندس ولي نعمت ۽ نائي

[1] مقالات ص 528 مير ابوالقاسم خان زمان توڪيءَ ۾ دفن آهي. سندس مزار تي ڪتبو آهي:

1) بتاریخ چاردهم روز دوشنبه وقت عصر شهر رمضان سنه

2) هزار و نوزده، امیر شاه قاسم خان

3) ارغون بیگ لار که حاتم زمان و شجاع

4) دوران بود. از دار فانی بدار باقی رحلت نمود

5) در جوار رحمت الهی آسود. العبد محمود

هن خاندان جو تذڪرو مفصل طرح سون 'مثنوي چنيسر نامه' جي مقدمي ۾ لکيو آهي. تربت، ڪتبا ۽ شجرو سڀ ان ۾ ڏسڻ گهرجن.

[2] غلط سال آهي. صحيح سال 969هہ آهي. (ڏسو تحفة الڪرام ص 203)

[3] وفات 27- رجب 1009هہ (1600ع) ڏسو تحفة الڪرام ص 165 (حسام الدين)

بہ آهي. مرزا گهري ٿو، تہ اوهان جي لاءِ، جو 'چنيسر نامو' [1] لکيو ويو آهي، سو اوهان کان زباني ٻڌي لطف حاصل ڪيو ويندو. ابوالقاسم بي پرواهہ ٻنهي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي پَرينءَ پر مرزا غازيءَ جي تنبن ڏانهن روانو ٿيو. رستي ۾ مرزا جا ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ وجهہ وٺي مٿس چڙهي ويا ۽ چوڪنيو ٻڌي کيس مرزا جي اڳيان آڻي حاضر ڪيو. مرزا سرائي گرم ڪرائي سندس اکين ۾ گهمائي انڌو ڪري هن جي جنگجوئي واري جنحال کان آزادي حاصل ڪئي. ان کانپوءِ سيد ابوالقاسم کي نئي جي هڪ محلات ۾، جا واهہ جي ڪناري تي هئي، ان جي ٽئين طبقي ۾ کيس رهايو ويو، مگر رعب داب سندس ايڏو هو، جو انڌو پهلوان جنهن شيءِ جو بہ حڪم ڪندو هو، تہ کيس هڪدم اُتي موجود ڪري ڏني ويندي هئي. سندس پيٽ، جا مرزا جاني بيگ جي بيوهہ ۽ غازي بيگ جي ماٽيلي ماءُ هئي، سا کيس وقت بوقت طعام جا ڍڪيل خونچا ڪاڏي لاءِ موڪليندي رهندي هئي. هڪ ڏينهن اندر ئي اندر هن انڌي پر خوفناڪ بهادر سازش ڪري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس پيڻ ڪاڏي جي خونچن ۾ ڳنڍين واري مضبوط واڍ موڪلي ڏني، جا طعام وانگي ريشمي دسترخوان سان ڍڪيل هئي. هن انڌي هٿ لاهي واڍ معلوم ڪري اهو خونچو پاڻ وٽ رکايو ۽ ٻيا نوڪرن ڏانهن موڪلي ڏنائين. آخر اڌ رات جو محلات جي هڪ دريءَ مان واڍ کي ٻني طرف اڇلائي پاڻ سَرڙجي بدن کي ڦَٽائي انهيءَ سوڙهي دريءَ مان لنگهي ٻني طرف پهچي واڍ جي ڳنڍين تي پير رکندو تہ ماڙ تان هيٺ لهي ويو. ٻاهر اُن سفر لاءِ تيار ٻيڙا هئا، جن تي چڙهي روانو ٿي ويو. صبح جو جڏهن نئي ۾ هن بهادر جي ڀڄي وڃڻ جي خبر پئي تڏهن ڊپ کان واويلا مچي وئي، مگر مرزا غازيءَ جا ڪي نوڪر سندس پوئتان ويا، جن هڪ جهنگلمان کيس نهايت چالاڪيءَ سان وڃي گرفتار ڪيو. ان کانپوءِ مرزا غازي سلطان جهانگير جي پاران قنڌار جو گورنر ٿي روانو ٿيو ۽ ابوالقاسم نئي جي بجاءِ پنهنجي اباڻي جاگير نصرپور ۾ باقي حياتيءَ جا ڏينهن گناهن کان توبهہ ڪري بندگيءَ ۾ گذاريندو رهيو. (تاريخ طاهري مختصراً)

باوجوديڪ هن جي سموري ظاهري زندگيءَ ۾ بهادري ۽ سپه گريءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نظر نٿو اچي، مگر سندس ٻيو هڪ پهلو بہ آهي، جنهن ۾ فقط علم دوستي، علم پروري، شاعري ۽ سخن شناسيءَ جو جوهر موجود آهي. هو شعر فهم ۽ شاعر هو. سندس تخلص آهي "بيگلر" سندس ڪلام مان نموني طور چند شعر هيٺ ڏجن ٿا:

---

[1] "چنيسر نامه" ادراڪي بيگلار جي تصنيف آهي جنهن کي مون درست ڪري 1956ع ۾ ڇاپيو آهي ۽ مقدمي ۾ هن خاندان جو تفصيل سان حال ڏنو اٿم.

همنشين هم زبان چه خوش باشد — نازنين نكته دان چه خوش باشد
گل رخم غنچه سان بخندهٔ خوش — گر كشايد دهان چه خوش باشد
بيگلر اندرين زمانهٔ سخت — دلبری نكته دان چه خوش باشد

ايران جي مشهور شاعر خواجه سليمان ساؤجي جي هڪ رباعي آهي:

ای ابر بهار خار پروردهٔ تست — وی خار درون غنچه خون كردهٔ تست
گل سر خوش و لاله مست و نرگس مخمور — ای باد صبا اين همه آوردهٔ تست

بيگلر ان جي جواب ۾ فرمايو آهي:

ای آهوئی چين نافه بر آوردهٔ تست — وی مشک ختن غاليه پروردهٔ تست
ای خاک زمين سبزه بر آوردهٔ تست — ای باد صبا اين همه آوردهٔ تست

سندس زماني جو هڪ مشهور شاعر ادراڪي بيگلار 'چنيسر نامو' سندس نالي منظوم ڪيو آهي، جنهن ۾ فرمائي ٿو:

ابوالقاسم بهادر بيگ سلطان — كه در پايش سر خصم است غلطان
بود شه را پدر در رتبه افزون — بهادر شاه قاسم خان ارغون
ز نسل بيگ لاران معظم — باسم و تيغ مشهور و مكرم
دلبری، نامداری، كام جوئی — هز بری، جنگ جوئی تيز رخشی
بر انگيزد بهر سوئی كه لشكر — ز لطف حق شود فتحش ميسر
ر بود از شاعران گوئی سخن را — ز فكرش چاره نبود هيچ فن را
چو ادراكی غلام درگه او ست — مطيع لطف گاه و بيگه او ست
هميشه از خدا خواهد حياتش — بود از جان غلام التفاتش

(مقالات الشعراء) [1]

ايترين وصفن وارو بزرگ 70 سالن جي ڄمار ۾ 1030هـ (1620ع) جو جهانگير سلطان جي دور حڪومت ۾ هن دنيا فانيءَ مان لاڏاڻو ڪري هميشہ لاءِ وڃي ٻئي جهان ۾ آسودو ٿيو [2].

---

[1] ص 116- ص 119.

[2] تاريخ مقالات تان ورتل آهي، جا غلط آهي. دفن پيڙواري مقام توري (ميان وهيہ) ۾ آهي. سندس قبر جي ڪتبي مان ظاهر آهي، تہ 1039هـ (1629ع) ۾ فوت ٿيو. ڪتبو آهي:

1) تاريخ وفات مير

2) ابوالقاسم ولد شاه

3) قاسم خان بيگلار 1039هـ (1629ع)

ڏسو تصوير ڪتبي جي چنيسر نامه جي مقدمهي ۾

تحفة الڪرام (حسام الدين) ڏسو ص 204 ۽ هن خاندان تي ڏسو مرحوم حامد عليءَ جو مضمون

Pakistan Archaeology No. 7-1271 Page 135.

## 78- مفتي عبدالواحد ڪبير پاٽائي

بن مولانا عبدالرحمان قاري (متوفي: 1080هہ: 1669ع) بن محمود سهروردي (متوفي: 1070هہ: 1659ع) بن شيخ عيسىٰ پاٽائي بن مخدوم حسن قاري پاٽائي (متوفي: 1017هہ: 1609ع) بن شيخ رمضان شهر الله بن شيخ عيسىٰ جندالله پاٽائي برهانپوري (متوفي: 1031هہ: 1621ع) مفتي عبدالواحد، سيوهاڻي ۽ پاٽائي مخدومن جو ڏاڏو آهي، جنهن جو فرزند امير احمد اچي سيوهڻ ۾ رهيو ۽ ڪجهه پاٽ ۾ رهيو، جتان نسل جون ٻه شاخون ڇالون ٿيون.

هو وڏو فقيه ۽ عالم هو. سلطان اورنگزيب جي زماني ۾ پاٽ جي وسنديءَ علائقي جي قضا ۽ فتويٰ سندس سپرد هئي. هڪ دفعو هو سلطان عالمگير جي خدمت ۾ به پهتو هو، جتي خوش طبعي طور سلطان کيس فرمايو ته مولانا! اوهان ڪٿي رهو ٿا؟ جواب ۾ عرض ڪيائين، پاٽ سنڌ ۾. سلطان فرمايو، پاٽ جيڏي ننڍڙي ٿانوَ ۾ ڪيئن ٿا ماپو؟ مفتي عرض ڪيو، ته جيئن مرشد عالم پنهنجي اسلامي فوج سميت دلي (دهلي) جيڏي ننڍڙي ٿانوَ ۾ تشريف فرما آهن. بادشاهه کي لطيفو ڏاڍو خوش لڳو. ان کان پوءِ جڏهن هو صاحب پاٽ ۾ واپس آيو، تڏهن وجه معاش لاءِ ٺٽي جي گورنر مير ابوالڪلام پاران کيس ٻه هزار جريب جاگير ۽ ڪجهه پڪ کوهه پروانو ٿي مليا، جي پاٽ جي لڳ ديهه رسول آباد ۾ هئا. (نقل از بياض ميان حبيب الله صديقي سيوستاني)

اهو پروانو، مان جامع اوراق (مولانا وفائي) مخدوم ميان محمد حسن صديقيءَ جي ڪتبخاني ۾ ڏٺو هو، جو زافشان ڪاغذ تي لکيل هو ۽ انهيءَ پرواني ۾ مفتي عبدالواحد کي شيخ عيسىٰ جندالله جي اولاد مان شمار ڪدي سندس علمي فضيلت جي تعريف ڪئي وئي آهي. مهر جا الفاظ هي آهن:

"ابوالمڪارم شهود فدري سلطان اورنگزيب عالمگير غازي"

مفتي صاحب جي تصنيفات مان 'ڪشف الاسرار' فقه ۾ يادگار آهي. هن بزرگ سال 1123هہ ۾ پاٽ ۾ وفات فرمائي. [1]

---

[1] مون وٽ شجرو هن ريت آهي: مفتي اسلام فخرالدين عبدالواحد ڪبير (1047هہ- 1123هہ) (هن کي ڏهه هزار بيگهه جاگير رسول آباد ۾ شيخ عبدالله پاٽائي صديقي جي ويجهو ملي) بن مولانا محمود سهروردي (1019هہ-1085هہ) ابن شيخ عيسىٰ ثاني پاتري (1004هہ-1070هہ) ابن مخدوم حسن قادري (990هہ-1082هہ) سندس نهرايل مسجد ۽ کوهه پاٽ وڏيءَ ۾ موجود آهي. ابن شهر الله رمضان (976هہ-1017هہ) ابن شيخ حضرت عيسىٰ مسيح الاولياء (962هہ-1031هہ) ابن شيخ قاسم پاٽائي برهانپوري (844هہ-907هہ) پاٽ وڏيءَ ۾ دڙيد سندس نالي آهي، ابن شيخ معروف سنڌي پاٽائي المشتهر صديقي سهروردي. حضرت مسيح الاوليا کين 'عين المعاني' (989هہ) ۾ شهابي سهروردي لکيو آهي. پاٽ جي شهر جو باني پڻ آهي. (802هہ-894هہ) سندس قبر بکر ۾ چون ٿا. ابن نورالدين (786هہ-849هہ) بن شيخ سراج الدين (736هہ-811هہ) ابن شيخ وحيد الدين (699هہ-780هہ) ابن شيخ مسعود (739هہ-848هہ) ابن شيخ رضي الدين (632هہ-695هہ) ابن شيخ قاسم (589هہ-652هہ) ابن شيخ محمد، معروف به شيخ احمد عمادالدين (558هہ-639هہ) ابن شيخ ابوحفص عمر شيخ شهاب الدين ڪبير ؛ 539هہ-632هہ).

## 79- محمد فاضل سنڌي

هن بزرگ جو ذڪر حضرت شاهہ ولي الله صاحب پنهنجي استادن ۾ فرمايو آهي جيئن تہ علم قراءت جو استاد بيان ڪندي فرمائي ٿو:

قال العبد الضعيف ولي الله بن عبدالرحيم عفي عنه قراءت القرآن كله من آوله الي آخره برواية حفص عن عاصم عن الصالح الثقة حاجي محمد فاضل السندي. سنہ 1154هہ (1741ع).

## 80- حاجي قائم شڪارپوري

نقشبندي طريقي ۾ حاجي فقيرالله علوي جو مريد ۽ سنڌس مدرسي جو شاگرد هو. فارسيءَ جو چڱو شاعر ٿي گذريو آهي. شڪارپور شهر جي واڪاڻ ۾ هڪ طويل قصيدو نظر مان گذريو، جنهن ۾ پڻ پنهنجي مرشد عارف علويءَ جي واکاڻ ڪئي اٿس. هن نيڪ ڪردار ۽ نيڪ بندي سموري زندگي يادِ خدا ۾ گذاريندي 1171هہ (1757ع) ۾ وفات ڪئي.

**(قطعه تاريخ وفات) [1]**

مقبل نيک حاجی قائم شد بجنت خواهش توآب

جستم از عقل سال رحلت او رضی الله عنه- داد جواب

1171هہ

## 81- علامه محمد معين ٺٽوي

شاهہ ولي الله جو شاگرد ۽ سنڌس علومن مان فيض يافتہ آهي. مخدوم محمد معين ٺٽوي. جنهن کي مخدوم ٺارو بہ سڏيندا آهن. هن بزرگ جو مختصر ذڪر حضرت مولانا عبيدالله صاحب بہ پنهنجي ڪتاب 'شاهہ ولی الله کی سیاسی تحریک' ۾ ڪيو آهي، جنهن جو اڄ مفصل ذڪر هت ڪيو وڃي ٿو:

محمد معين بن محمد امين ذات جو دل، ٺٽي جو قديم مولوين جي خاندان مان هڪ چمڪندڙ ستارو آهي. علامه معين جو والد بزرگوار بہ هڪ وڏو عالم ۽ درويش صفت بزرگ هو، جنهن جي شادي ٺٽي جي مشهور شاعر ۽ مير منشي فاضل خان جي نياڻيءَ سان ٿي، جنهن مان محمد معين پيدا ٿيو، (فاضل خان حضرت سلطان اورنگزيب عالمگير جي مقربن مان هو، جنهن سن 1096هہ (1685ع) تي ٺٽي ۾ وفات ڪئي). علامه معين شروع ڄمار ۾ ٺٽي ۾ رهي علمن جي تحصيل ڪئي ۽ ميان ابوالقاسم

[1] هي قطعه تاريخ روهڙيءَ جي هڪ قلمي ڪتب خاني جي چند جهونن ورقن تان هٿ آيو. (وفائي)

نقشبنديءَ کان تصوف ۾ بيعت ورتي. ان کان پوءِ حضرت شاهه ولي الله جي علوم ۽ درس تدريس جو غلغلو ٻڌي دهلي روانو ٿيو ۽ شاهه وٽ ڪيترا سال رهي هن فلسفہ، الهيات، حديث ۽ ٻين علمن جي تحصيل ڪئي. بعض مسئلن جي تحقيق ۾ هو شاهه صاحب جي خدمت ۾ نئون رستو اختيار ڪندو ۽ نرالي ڍنگ ۽ مجتهدائي انداز ۾ راءِ پيش ڪندو هو، جنهنڪري حضرت امام ولي الله کيس چوندو هو، ته "فقد رڪبت غضنفرا" يعني: "ته بيشڪ تون (تحقيق ڪرڻ ۾) شينهن تي سوار ٿيو آهين."

علامه معين، شاهه صاحب جي خدمت ۾ رهي وحدة الوجود جو مسئلو حل ڪيو. ٺٽي ۾ سيد علي رضا جيلانيءَ کان شيخ محي الدين ابن عربي جو مشهور رسالو 'فصوص الحڪم' سبق سبق ڪري پڙهيائين. ۽ ان کانپوءِ ابن عربي جي صوفيائي مسلڪ جو سخت حامي ٿي رهيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح (متوفي: 1165هہ: 1752ع) ۽ مخدوم معين جو پاڻ ۾ تمام گهاٽو رستو هو. ڪڏهن مخدوم صاحب شاهه وٽ وڃي رهندو هو ۽ ڪڏهن شاهه صاحب جن مخدوم وٽ اچي ٺٽي ۾ ٽِڪندا هئا ۽ پاڻ ۾ حال قال جون طول طويل صحبتون ٿينديون هيون.

هو شيخ ابن عربيءَ جو ايڏو دلداده ٿي چڪو هو، جو پنهنجين تصنيفات ۾ هن بزرگ جو نالو نهايت ادب سان لکندي حظ ۽ لطف حاصل ڪري ٿو. ڪڏهن ابن عربيءَ سان خواب ۾ ملاقاتن جو ذڪر بہ پنهنجن ڪتابن ۾ ڪري ٿو، باوجوديڪ تصّوف ۾ سخت غلو هئس تہ بہ هو درس تدريس ۽ تصنيف تاليف جو شغل جاري رکندو آيو ٿي. هن وٽان تمام گهڻا ماڻهو علم پرائي صاحب فيض ۽ فتويٰ جا ٿيا. دهليءَ کان موٽڻ بعد حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جن وٽان ٺس حديث جي سند حاصل ڪئي، مگر پوءِ بعض خيالات جي اختلاف ڪري ٻنهي بزرگن جا پاڻ ۾ تحريري مناظرا بہ رهيا. سندس باڪمال شاگردن مان سيد نجم الدين عزلت رضوي بکري (متوفي: 1160هہ: 1747ع) آهي [1] جو مخدوم صاحب جو پاٽيجو ۽ سندس علمن ۽ اعتقادات جو داعي هو.

مخدوم صاحب بعض مسائلن ۾ وقت جي عالمن کان جدا سلوڪ رکندڙ هو. مثلاً:

(1) ٻين صحابين تي حضرت عليءَ جي فضيلت تي قائل هو.

(2) امام حسين رضہ جي ماتم کي جائز سمجهندو هو.

(3) صوفين جي ڪشف کي شرعي حجت وانگي هڪ شرعي دليل سمجهندو هو.

---

[1] هن جو ديوان پنجاب يونيورسٽي جي ڪتب خاني ۾ آهي. نمبر 607 مڪتوبہ 7- شوال 1276هہ 1859ع.

(4) صحيح حديث جي مقابلي ۾ ڪنهن به امام جي تقليد يا پيروي ڪي ڪجهه به ڪري نه ڄاڻندو هو.

(5) ٻارنهن امامن ۽ اهلبيت جي عصمت جو قائل هو.

(6) وحدة الوجود جي مسئلي ۾ تشريح ڪرڻ وارن الفاظن سان ماڻهو هن ڪي دهريو ڪري سمجهندا هئا.

(7) ان وقت جي عام عالمن جي برخلاف هو ڏاڙهي کي ڪترائڻ ۽ ڪاري رنگ ڪرڻ جو قائل هو.

(8) هندن کان وياج وٺڻ جائز چوندو هو.

ٻيا به ڪي اهڙا مسئلا آهن جن ۾ هو ان وقت اڪيلو هو. سندس شاگرد سيد نجم الدين عزلت علامه جي عقيدت بابت هڪ رسالو لکي ڪن ماڻهن کي ڏيکاريو قبوليت جي بجاء ماڻهو علامه جا دشمن ۽ مخالف بڻجي ويا. سندس خيالات بابت ٺٽي جي ڪن عالمن مديني شريف ڏانهن هڪ سوال موڪلي ڏنو، جتان حرمين شريفين جي عالمن جي ترديد اچي وئي، جنهن کان پوء عوام ۾ سندس خيالات رائج ٿيڻ کان رهجي ويا.

حضرت مخدوم محمد هاشم جيڪي علامه تي رد ڪيا آهن، تن ۾ ادب ۽ فضيلت سان سندس نالو وٺندي مٿس ترديد ڪري ٿو. علامه جي وفات کان پوءِ مخدوم عبداللطيف ولد مخدوم محمد هاشم علامه جي مشهور ڪتاب 'دراسات اللبيب' [1] جو هڪ وڏو مسبوط جواب لکيو آهي. آخر ۾ مخدوم محمد ابراهيم مڻئي واري بزرگ ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي پوٽي علامه معين جي سموري تصنيفات کي سامهون رکي 'قسطاس المستقيم' نالي هڪ ڳري جلد ۾ رد لکيو آهي.

علامه معين باوجود يڪ تفضيلي ۽ محب اهل بيت آهي، مگر ان هوندي به هو شيخ الاسلام احمد بن تيمّيه جهڙي رفض جي شديد ترين مخالفن جي قولن کي به قبول ڪري ٿو. 'منهاج السنة' مصنفه شيخ الاسلام ابن تيميه (جو شيعن جو مشهور مجتهد علامه حلي جي رد ۾ آهي) ان جي بعض عبارتن تي علامه معين کي شبهات پيدا ٿيا جنهن بابت حضرت شاه ولي الله کان لکي پڇيائين، جتان تسلي بخش جواب اچڻ تي سر تسليم خم ڪرڻو پيس.

شاه ولي الله جيڪي علامه معين ڏانهن خط لکيا آهن، سي ڪجهه قدر محفوظ آهن، جن ۾ شاه صاحب کيس عمدن لقبن سان خطاب ڪري ٿو. ازانسواءِ شاه فقير الله

[1] هي ڪتاب 1957ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو آهي ۽ جواب 'ذب الذبابات الدراسات' نالي مخدوم عبداللطيف لکيو، جيڪو پڻ سنڌي ادبي بورڊ ٻن جلدن ۾ ڇپايو آهي.

علوي شڪارپوري جي مڪتوبات ۾ به علامه معين جي نالي خطوط آهن، جنهن مان ظاهر آهي ته انهيءَ وقت جا جيترا به وڏا عالم يا صوفي بزرگ هئا، تن سان علامه جو گهاٽو لاڳاپو رهندو آيو ٿي. مخدوم محمد هاشم جي مرشد سيد سعدالله سورتيءَ سان به سندس خط و ڪتابت رهي، جنهن ۾ سيد صاحب سندس صوفياڻي قابليت جو اقراري آهي. علامه محمد معين جون مختلف علمن ۾ تصنيفون آهن، جن مان ڪن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) 'دراسات اللبيب' هي ڪتاب حديث تي عمل ڪرڻ بابت آهي، مگر ان سان گڏ حنفي مذهب جي به تائيد ڪيل آهي. هندستان جي اهلحديث جماعت 1866ع ۾ پهريون دفعو اهو ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب ۾ سندس مصنف جي تعريف ۾ قاضي طلا محمد پشاوري مشهور محدث هڪ وڏو قصيدو [1] لکيو آهي، جو ڪتاب سان گڏ شايع ٿيو آهي. انهيءَ ڪتاب جو مخدوم عبداللطيف ٺٽوي رد لکيو آهي.

(2) حجة الجليلة: حضرت عليءَ جي فضيلت ۾ جنهن تي شيخ محمد حيات سنڌي مدني ۽ مخدوم محمد هاشم رد لکيا آهن.

(3) نورالعين: ان تي به مٿين ٻنهي بزرگن جا رد آهن.

(4) انورالمجد في مخ الوجد: (تصوف)

(5) مواهب سيد البشر (اهلبيت جا فضائل)

(6) الجود الثمين (دنيا جي پيدائش ۽ ان جي فنا ٿيڻ تي فلسفياڻي رنگ ۾ بحث)

(7) الخواطف للتصوف

(8) مطارحات التحقيق في برهان التطبيق (فلسفو)

(9) رسالة الاعتدالات الاربعه (منطق و فلسفو)

(10) رفع الغين

(11) رفع الاشكال والزحمة (شيخ محي الدين ابن عربي جي بعض قولن جي شرح)

(12) ايقاظ الوسنان

(13) وحدة الوجود ابوالموجود (فلسفه تصوف)

(14) الابداح في محاكمة بين النووي و ابن الصلاح (اصول حديث)

(15) الحق الصريح (سماع موتي فلسفياڻي رنگ ۾)

(16) رسالة الكلي الطبعي (منطق)

(17) المدرار الديمية علي حاشية القديمة (ڪبري منطق)

---

[1] ذب الذبابات- سوانح مصنف- ص 78 ـ ص 84.

(18) شرح ديوان حافظ

(19) حاشيه شرح زوراء (ڪبريٰ منطق) [1].

ٻيا بہ سندس رسالا ۽ تحريرون آهن جي هن وقت ناياب ٿي چڪا آهن. 1917ع ۾ مان اهي سمورا ڪتاب حضرت پير سيد ابوتراب محمد رشد الله شاهہ جهنڊي واري جي ناياب ڪتبخاني ۾ ڏٺا هئا. ان ڪانپوءِ پتو نہ آهي، تہ اتي اهي ڪتاب سلامتي سان آهن يا نہ؟

مقالات الشعرا ۾ لکي ٿو، تہ مخدوم صاحب جو شان اگرچہ شاعريءَ کان تمام گهڻو بلند ۽ برتر آهي تاهم ڪڏهن ڪڏهن شعر ڏانهن توجه فرمائيندو هو. هنديءَ ۽ فارسيءَ ۾ ڪلام چوندو هو. فارسيءَ ۾ 'تسليم' ۽ هنديءَ ۾ 'بيراگي' تخلص ڪندو هو. سندس شعر جو نمونو ڏسو:

| | |
|---|---|
| که گفت بادف و نی درس اینما امروز | که شکل سجده بهر سو جبین ما شده بود |
| ببزم میکده راز ازل عیان دیدم | که چشم ساقی ما دوربین ما شده بود |
| جهان هوش بخود برده آن پری زادی | سحر که یکدمکی همنشین ما شده بود |
| بزور بازوی مستی چو هستیم بشکست | کرشمه ات کمکی درکمین ما شده بود |
| بشهر عشق ز فتوی بریط و طنبور بود | سجود کویء خرابات دین ما شده بود [2] |

آخر ڄمار ۾ هو دنيا و ما فيها کان دل ڪٽي مجذوباڻي رنگ ۾ حياتي گذارڻ لڳو. راڳ ۽ سماع مان حظ حاصل ڪندو رهيو. هن جي وفات جڏهن ويجهي آئي تڏهن پاڻ

[1] خواجه حسن جان مرحوم سرهنديءَ جي ڪتبخاني ۾ مخدوم جا هيٺيان ڪتاب آهن:

1- بهجة النظائر في براة الابرار (مخدوم محمد هاشم ۽ ٻين جي اعتراض جا رد)

2- مجموعه رسائل مخدوم 17 رسائل

3- مجموعه رسائل مخدوم 15 رسائل

پشاور ڪتبخانہ اسلاميہ ڪاليج

1- دراسات اللبيب بہ عدد نمبر 247-248

پير صاحب جهنڊي واري وٽ آهن.

1- دراسات

2- مجمع النكات

3- غايته ماظهر الاضعف الانام في ان الكلام المتحمل لا يوجب

4- رساله في جواب السيد عبداللطيف بتائي.

هي شايد 'رساله اويسيه' آهي جنهن کي نئين زندگيءَ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڇاپيو آهي.

[2] مقالات ص 126

رسالي کي مولوي فقير محمد متعلوي رحہ جدا ڪتابي صورت ڏياري آهي. جامع اوراق ان کي ماهوار رسالي توحيد ۾ شايع ڪرائي ڇڏيو آهي. هن رسالي ۾ زور ڏنل آهي، تہ مُلن قرآن ۽ حديث کي ڇڏي فقہ تي زور ڏنو آهي ۽ هنن هٿرادو مسئلا ناهي خلق کي گمراهہ ڪيو آهي وغيرهہ. نموني طور هت ڪجهہ ان جا بيت ڏجن ٿا، تہ هن تذڪري جا پڙهندڙ سندس ڪلام جي پختگيءَ کان واقف ٿي رهن. فرمائي ٿو:

مُلو چئنجي تن کي جي وات پڙهن وائي
اندر نہ آهن اکيون سمجهہ نہ سيائي
گهٽي خلق خدا جي مُلن مُنجهائي
سوريا و جن ورسيا ڇڏيو سٽائي
پرچيا نہ آهن پاڻ ۾ هڏ نہ هيڪڙائي
هڪڙا چون هيڪڙي پين بيائي
ان الذين اَختَلفوا في الڪتاب لفي شقاق بعيد اهڙين هيڪائي
وَيڪتُمونَ ما اءنزَل اللهُ من البينات عادت اهڙيائي
پڙهي چون نہ پڌري معني مڙيائي
وَتخُفونَ ڪثير اي پراٺائي
جيڪا پوين دل ۾ سٽائن سائي
اَفَرايتَ مَنِ اتَّخذَ الٰههٗ هَواهُ ههڙي هوائي
چئي مصلحت آهي ان ۾ اڳيان تي آئي
اتڪل ايَ انڌن جي سنوت نہ سٽائي
اِقُرَوُ القُرآنَ وَاتَّبعوا مَا فيہ نبي فرمائي
نہ ابنيا ان قول تي لئي اوڳن اڳرائي
حديثون ڪن پانهنجيون هنون هوائي
ڪن منسوخ اڳين کي ڪري ڪمائي
منشا موجب پنهنجي ننڍين وڏن لائي
ڪيي تن ڪتاب ڪيا وڏا عربي وائي
فقہ تن ۾ فارسي هَين هلائي
رد ڏنائون تنهن کي جا نبي فرمائي
ڇڏيائون قرآن جو مذهب محمدين
والقرآن امامي ڪوڙهيا ڪن نڪن

ختما پڙهو پڙهو تن جا ولها تا وڪڻن
تيلاه مصحف تڙپيا رزق لاءِ رلن
هٽي هڪڙي دين مان ڇرڪون ڪيون ڇورن
ان الذين فرقوا دينهم وڪانوا شيعا پڙهي پروڙجن
وات وجائي اصلي تا گتا گس پڇن
خط لنا رسول الله خطا قال هذا سبيل الله ٻوڙا مر ٻڌن
ڪن واٽون چار چيون، ڪي ڪي خمس چون
هيڪڙن هڪڙي ورتي، ٻيون سڀ ٻين
ائين تي طرف طرف تيا نه ته هنا هيڪ ورن
نڪي چار قرآن ۾ نڪي لکيو حديثن
جي تيون هيون ته چيون اڳيان اصحابن
پر بعد خليفن جي اي پر ڪي ابوجهن
ڪو چوائي مالڪي، ڪي شافعي ڏانهن ڏسن
ڪي حنبلي ڏي هليا، ڪي حنفي ڏانهن هلن
نالا وٺن تن جا جني ڪين چين
هو نه نين پاڻ سين هو پاٿين ڏاند چڙهن
مذهب جنهن محبوب جو تنهن جو ڪين ڪهن
نالو نبي ڪريم ﷺ جو ونها ڪين وٺن.

هي بيت وچو واڙي آندل آهي، نه ته سموري رسالي ۾ گهڻي حد تائين علماءِ سوءِ جي مذمت ڪيل آهي ۽ صوفياءِ ڪرام جي تابعداري تي زور ڏنل آهي ۽ ڪٿي ڪٿي حد کان ٻاهر لنگهي غير صحيح ڳالهيون به ڪيل آهن.

آخر ۾ فرمائي ٿو:

مرهي محمد شريف ڪي ڏسي ڏوه فضلن
مائٽ جنهن جا اصلي راٺي پور رهن
رسالو راس تيو منجهه اٺويهه ڏينهن
ياره سو گذريا سا ٺيڪو ورهن

(1160هه: 1747ع)

هي زمانو اهو آهي، جو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ عبداللطيف ڀٽائي جن زنده هئا ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت جو دور هو. سندس وڌيڪ احوال معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

## 83- خواجه امام الدين مجددي شڪارپوري

ولد خواجه نظام الدين (متوفي 1773ع) [1] ولد خواجه غلام محي الدين [2]، خواجه نظام الدين جو احوال باب نون ۾ پڙهڻ گهرجي، جتي هن خاندان جو سنڌ ۾ آباد ٿيڻ ۽ ٽالپرن ۽ انگريزن پاران جاگيرن جي بحال ٿيڻ جو تذڪرو ڪيل آهي.

خواجه امام الدين پنهنجي والد بزرگوار جي وفات ڪان پوءِ سجادگيءَ جو مالڪ ٿيو ۽ هزاري دروازه شڪارپور جي ٻاهران حويلي ۽ ڪوٽ ٺهرائي خلق خدا جي رشد ۽ ارشاد ۾ مشغول رهيو. انگريز حڪومت پاران ان وقت شڪارپور جو ڪليڪٽر مسٽر دانسترويل هو، جنهن سندس والد جي جاگير مان پنج هزار جريب زمين جا جدا ڪري سندس نالي ڪيا ۽ ان ڪانسواءِ معتقدين مان ٻي فتوحات به ٿيندي رهي.

هن بزرگ وٽ هميشه علماء صلحاء جون مجلسون لڳيون رهنديون هيون. خانداني لحاظ سان شعر و شاعري ڏانهن به ڪڏهن ڪڏهن توجه ڪندا هئا. سندن معتقدن مان تاج محمد خان افغان گورنمينٽ برطانيا ۾ هڪ اعليٰ عهدي تي هو جنهن تي گورنمينٽ پاران 1857ع مطابق 1274هه غدر جي سازش جو الزام آيو، پر پوءِ گهٽي تحقيق بعد هو ان ڪان صاف ثابت ٿيو، جنهن تي خواجه امام الدين رحه هڪ نظم لکيو جنهن مان چند شعر هي آهن:

حـــمـــدالله هـزار بـار عــجـب — کـه سـرانجـام گـفـت کـار عـجـب
بـار ديـگـر بـلـطـف حق، بـشـگـفـت — چـمـن بـخـت را، بـهـار عــجـب
بـلـبـل خـوش نـوا بـخـوانـد، از دل — غــزل شـکـر صـــد هـزار عــجـب
شـاهـد بـخـت چـهـره روشـن کـرد — گـشـت پـر نـقـش پـر نـگـار عـجـب
بـهـر تـاريـخ تـرقـيـش بـنـوشـت — قـلـم نـبـض مــشـکـبـار عــجـب
هـاتـف از ســال تـرقـي اقــبـال — مـژده گـفـت: بـخـتـيـار عـجـب

1288هه (1871ع)

---

[1] ڏسو تڪلمه مقالات ص 599 تا ص 618 سندس روضي جي دروازي مٿان ڪتبو آهي:

1) تاريخ وفات
2) جناب حضرت پير نظام الدين
3) صاحب سرهندی قدس الله سره در نظم:
4) صبح شنبه بـــه بفتهم رجب گشت خلد آشيان نظام الدين
5) صالحا سال رحلتش به شمار بود قطب جهان نظام الدين
6) 1273هه ازين دارالفنا بدارالبقا رحلت فرمود. (تڪملهڏسو تصوير نمبر 25-26)

[2] پشاور ڪان 1890ع ۾ شڪارپور ۾ آيو ۽ مستقل سڪونت اختيار ڪيائين 'مونس المخلصين' جي قول مطابق حيدرآباد جي ويجهو دفن ٿيل آهي.

اهڙيءَ طرح ڪن دوستن جي ولادت تي بہ قطعات تاريخ موجود آهن جي سندن شاعرانہ ڪماليت تي دلالت ڪن ٿا.


خواجہ صاحب وٽ هندو - مسلمان ۽ هن زماني جا عملدار برابر هڪجهڙا عقيدتمنديءَ سان پيش ايندا هئا ۽ شهر تي سندن خانداني ۽ شخصي بزرگيءَ ڪري ڪافي اثر هوندو هو. (1292هہ : 1875ع) ۾ سفر حج جي ارادي سان پنهنجن ٻن فرزندن پير شمس الدين ۽ پير نورالدين سميت ڪيترن خادمن سان نڪتا. حرمين شريفين ۾ برابر ڇهہ مهينا رهيا. ان زماني ۾ مڪي ۾ خواجه محمد عمر جان مجددي ۽ مديني ۾ خواجہ مظهر جان مجددي رهندا هئا، جن جو حرمين ۾ ڪافي اثر هوندو هو. ترڪي حڪومت جي اعليٰ آفيسر هنن ٻنهي صاحبن جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ رهندا هئا. انهن بزرگن پاران خواجہ امام الدين جو عزازت ڪري ڏاڍو عمدو استقبال ٿيو ۽ هن صاحب پنهنجي ٻنهي فرزندن جي خواجہ محمد مظهر جان کان نقشبندي طريقي ۾ بيعت ڪرائي. خواجہ محمد مظهر جو دستور هوندو هو، تہ اڌ رات کانپوءِ روزانو غسل ڪري مسجد نبوي ۾ ايندو هو ۽ تهجد ادا ڪري روضي جي اندرئين پڃري ۾ ويهي پنج پارا قرآن شريف جا تلاوت فرمائيندو هو ۽ صبح جي نماز ۽ اشراق جي نفلن کانپوءِ جاءِ تي واپس اچي آرام ڪندا هو ۽ اهو سمورو وقت حرم نبويءَ جا خادم حڪومت ترڪي پاران سندس لاءِ روشني وغيرهہ جو پورو پورو بندوبست رکندو هو.

خواجہ امام الدين کي مديني واري سفر ۾، رستي ۾ بدوين ڏاڍي تڪليف ڏني هئي، اها سڌ جڏهن خواجہ محمد مظهر کي پيئي، تڏهن مديني جي ترڪي گورنر کي حڪم ويو تہ، سمورا بدوي جيڪي قافلي سان هئا، تن کي قيد ڪيو وڃي، جنهن تي بدوي قيد تي ويا، پوءِ هڪ پنجابي مولوي خواجہ امام الدين کي گذارش ڪئي، تہ اوهان حضور ﷺ جن جي روضي جي زيارت لاءِ آيل آهيو ۽ سندن همسايہ بدوين کي قيد ڪرايو! سا ڳالهہ مناسب نہ آهي. جنهن تي خواجہ صاحب کي ايڏو جذبو آيو جو کٽ تان هيٺ ڪري پيا. خادمن کي حڪم ڪيائين، تہ خواجہ محمد مظهر کي گهرايو، تہ هو صاحب يڪدم اچي بدوين جي آزاديءَ جو حڪم ڪيو، جنهن تي خواجہ محمد مظهر کي ٻڌايو ويو، تہ اوهان جو سنڌي پاڙاوهان جي انتظار ۾ آهي. اگرچہ اهو هن بزرگ جي قيلولہ جو وقت هو، پر ان هوندي بہ هو صاحب هليو آيو. جڏهن بدوين کي آزاد ڪرايو ويو، تڏهن کين آرام آيو ۽ پوءِ کٽ تي وڃي ويٺو.

حرمين جي زيارت کان بعد حسرت الوداع ڪري وطن ڏانهن واپس ٿيا. ڪراچيءَ کانپوءِ هڪ ٻيڙي جي ذريعي سکر اچڻ جو ارادو ڪيائين جو ان وقت ريل جو رستو ڪونہ هو. جڏهن سندس ڪشتي لڪيءَ وٽ پهتي، تڏهن پاڻ فرمايائين تہ هاڻي الوداع آهي! سيني احبابن کان رخصت ڪري ڪلمہ طيبہ پڙهي هڪ لمحي ۾ پنهنجي جان، جان آفرين

هن بزرگ جو پوٽو پير مولوي فضل احمد صاحب مجددي شڪارپور ۾ مسند نشين آهي، جنهن جي ذريعي هي حالات دستياب ٿيا آهن. الله تعاليٰ هن بزرگ ۾ برڪت ڪري شال.

1- نسب نامو هن ريت آهي:



## 84- مخدوم امين محمد ثاني هالائي

ولد مخدوم محمد زمان ثالث. حضرت مخدوم نوح سخي سرور جي اولاد مان سندس درگاهه جو سجاده نشين بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس ولادت 19 رجب 1256هه (1840ع) تي ٿي. هو صاحب سهروردي طريقي جو پير ۽ اميرائي زندگيءَ جو مالڪ هو. پنهنجي همعصر جناب پير سيد رشيدالدين صاحب العلم الثالث (جهنڊي واري) سان خصوصي اعتقاد ۽ محبت هوندي هنس. هو وڏو سخي ۽ دريا دل مرد هو. سنڌي شاعريءَ ۾ تمام ڪمال حاصل هنس يعني، سنڌي شاعري جي سيني اصنافن ۾ سندس ڪلام موجود آهي. ڏوهيڙا، ڪافيون، غزل وغيره پنهنجا ڪيترائي يادگار ڇڏيا اٿس. هو توحيد جي مسئلي ۾ عام صوفين جي طرز جو تابع آهي. سندس موحدائي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

بانگ الست ربي، ڇنني عشق جن تي آيو
ميدان معرفت ۾ ڪوتل تنهي ڪڏايو
ڏسي عشق جا اشارا، رهندا سي ڪينن ويچارا
نيڻن وهائي نارا، هي هي جو هل مچايو
جُف القلم ۾ جاني، ڪني ڪل تي ڪامراني
لاريب لن تراني، ارني تي ڪنهن الايو؟
ڪربل ۾ خيمه کوڙي، ڪنڌ ڪات کان نه موڙي
تيغ و تبر سان توڙي سرد ر سنان سنياليو
قالوا بلىٰ ڪهائي، ساڳي صحيح سڃاتي،
انوقت ڪي جي ڄاتي، تنهنجي روح ڪيڙو رايو
لاشڪ لباس لاهي، ڪثرت ۾ پير پائي،
احمد اچو سڏائي محمد امين تي آيو.

انسانيت جي گهڻين خوبين جو مالڪ هي بزرگ 47 سالن جي ڄمار ۾ 27 رمضان المبارڪ 1303هه (1885ع) ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو. سندس وفات تي ان وقت جي ڪيترن شاعرن قطعات تاريخ ۽ مراثي لکيا آهن. جن مان مختصر طور ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا:

يا سين (صاحب العلم الثاني) ولد پير سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) رضي الله عنهم.

هن بزرگ پنهنجي والد بزرگ جي تربيت ۾ تصوف ۽ سلوڪ جون منزلون طيء ڪري قادريه راشديه طريقي ۾ خرقه خلافت ڊڪيو. ظاهري علوم گهڻ انداز ۾ تحصيل ڪيل هئس، مگر علماء جي صحبت ۽ مذهبي ڪتابن جي اردو شرحن جي مطالعي سبب، سندس علمي معلومات بيحد وسيع هئي. سندس مذهبي ميلان اهلحديث ڏانهن هو مگر عملي زندگي حنفي مذهب موجب رهندي هئس.

حڪمت ۽ طب جو وڏو ماهر هو ۽ بعض خانداني نسخا هن بزرگ وٽ تير بهدف هوندا هئا. خصوصاً قوت مردانگيء جا ڪشتا ۽ بواسير خوني جو نسخو اهڙا مجرب هئا جو فقط استعمال ڪرڻ جي دير هوندي هئي. ڪن ماڻهن جو گمان هو، ته هو ڪيميا جو به ماهر هو. هڪ دفعي هن ورقن جي جامع مسڪين وفائي ڪانئس ان بابت پڇا ڪئي هئي جنهن جو جواب هائو ۾ ڏنو هئائون. علم رمل ۽ جفر جو به وڏو ماهر هو. متحلصه (؟) نقشو، جو هڪ ناياب شيء چئني وجي ٿي، ان جو به ماهر هو. بيا به عمليات خانداني تمام گهڻا ۽ مجرب ڄاڻندو هو، ڏاڍو سخي ۽ مهمان نواز ۽ سائلن جا ڪم ڪندڙ بزرگ هو. بعض وقتن تي فاقن تي فاقا به پوندا هئا مگر اها حالت گهڻو زمانو ڪانه هلي.

نوجوانيء جي زماني ۾ سندس والد بزرگ جي حڪم سان ٺلاهه شريف ۾ باقرائي جي لڳ اچي مقيم ٿيو ۽ اتي ئي تمام وڏي جماعت سندس فيض ۽ ارشاد مان بهره ور ٿي. هن بزرگ 1322هه (1904ع) ۾ پنهنجي وڏي پاءُ عالم، فاضل، عارف بالله سيد رشدالله صاحب العلم الرابع سان گڏجي حج جو سفر ڪيو ۽ نهايت خيرخوبيء سان اتان واپس آيا.

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي جڏهن 1901ع ۾ مدرسه دارالرشد جو بنياد وڌو تڏهن انجمن شوريٰ جي ميمبرن مان هڪ صاحب هيء به هو ۽ هميشه دارالرشد جي ڪليء دل سان امداد ڪندو رهندو هو. حاجي امام الدين رحه راشدي خاندان جي پوين رجالن ۾ هڪ وڏو ڪامياب بزرگ ۽ بقية السلف هو، افسوس جو ايترين خوبين جو مالڪ 27 ربيع الثاني سن 1350هه (1931ع) ۾ هن دنيا فانيء مان گردن ۾ هڪ وڏي ڦرڙي نڪرڻ ڪري رفات فرمائي مولاء اعليٰ سان وڃي مليو [1].

---

[1] پير صاحب مرحوم جي خدمت ۾ راقم الحروف (حسام الدين) پڻ رشتي داريء سبب ايندو ويندو هو. پريل بدن، قد منڌرو، ريش مبارڪ سفيد ۽ ڪاڌيء تي زياده، نهايت شفيق، ڪلڻو، صحبتي ۽ مجلسي مرد هو. سندس فرزند پير محمود شاهه سنڌي زبان جو بهترين شاعر آهي. سندس ڪافيون زبان جي لحاظ سان بينظير آهن. پاڻ ٺلاهه ڇڏي ڏهن ٻارهن سالن کان شهدادپور ۾ رهي ٿو. مرحوم پير صاحب جي وفات بعد سندس خانقاهه ڦٽي وئي آهي ۽ ٺلاهه جو شهر پڻ ويران ۽ بي رونق ٿي ويو آهي.

# 86- حاجي احمد ملوي

مولوي حاجي احمد بن فضل محمد ابڙو اصل ڳوٺ ملا ابڙا لڳ لاڙڪاڻو، موحد، محدّث، فقيه، نقشبندي طريقي جو پير ۽ علم قراءت جو وڏو ماهر، صوفي متوڪل بزرگ هو. علومن جي تحصيل حيدرآباد ۾ مولوي محمد حسن صاحب وٽ ڪيائين ۽ پوءِ ساڳي انهيءَ مدرسي ۾ ورهن جا ورهيه مُدرس به ٿي رهيو. وٽس قاضي عنايت الله ۽ سندس ياءُ قاضي هدايت متعلوي ۽ مولانا سيد اسدالله شاهه ٽکڙائي علوم حاصل ڪيا.

مولوي احمد صاحب ست دفعا حج پڙهيو ۽ شيخ عبدالغني مجّددي شاگرد شاهه محمد اسحاق دهلوي کان صحاح سته جي اجازت حاصل ڪئي. هڪ دفعو حرمين مان قاهره جو سفر ڪيائين، جتان هڪ ڪتب فروش ڪيس قرض طور فقط زباني اعتبار تي ڪيترا ڪتاب فروخت ڪري ڏنا، هن بزرگ پنهنجي قول جي برقرار رکڻ ۽ پرائي امانت ۽ قرض ادا ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ ڪتاب فروخت ڪري سمورو قرض مصر جي انهيءَ واپاري کي ادا ڪري ڏنو. مولوي صاحب، هو بيحد متقي ۽ شرعيت جو پائبند ۽ دين جي ڳالهين ۾ ڏاڍو سخت هو. حيدرآباد ڇڏڻ کانپوءِ گهڻو وقت بلوچستان ۾ وڃي رهيو. منڙي ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيائين ۽ ڪيترا ماڻهو مريد به ٿيا ۽ ان کانپوءِ وري پنهنجي وطن ۾ اچي رهيو ۽ اتي ڪيتيءَ (ٻني) جو ٽڪرو آباد ڪري ان مان گذران ڪندو رهندو هو، پر ڪنهن کي به ڪڏهن سوال نه ڪيائين.

1327هه (1909ع) ۾ اسان جي طالب علمي جو زمانو هو، ان وقت سندس شاگرد قاضي هدايت متعلوي جو هڪ ڪتاب 'ڪواڪب السعادات' نالي ڇهن حصن ۾ پڌرو ٿيو جنهن ۾ حضرت امير معاويه رضه جي شان ۾ گستاخي ٿيل هئي. جدا جدا علمائن ان تي اعتراض اٿاريا، انهن سڀني ۾ مولانا احمد صاحب سڀ کان پيش پيش هو. 'تحفه اولي الباب في رد علي طاعن الاصحاب' نالي هڪ رسالو مولوي صاحب جي نالي ڇپجي پڌرو ٿيو. جنهن ۾ حضرت معاويه تي وارد ٿيل اعتراضن جا جواب ڏنا ويا ۽ قاضي صاحب تي آخر ۾ تعزير جي لائق هجڻ جي فتويٰ جڙي وئي. قاضي هدايت الله ان جو جواب 'ردالهفوات' لکي پنهنجو بچاءُ ڪيو، اهو رڳڙو ائين هليو ٿي، ته قاضي صاحب فوت ٿي ويو ۽ اهو دور ائين ختم ٿي ويو.

1339هه (1920ع) ۾ يورپ جي وڏي جنگ (پهرين عالمي جنگ) ختم ٿيڻ کانپوءِ ترڪي جي خلافت جو مسئلو چڙيو، جنهن ۾ سنڌ جي مسلمانن حضرت مولانا سيد تاج محمود صاحب امروٽيءَ جي سرڪردگيءَ ۾ وڏو حصو ورتو ۽ هن قومي تحريڪ

ڪي پوري قوت سان هلايو ويو ۽ مولوي احمد صاحب ملوي انهن ماڻهن مان هو جن پوري جوش ۽ جنون سان هن ڪم ۾ ڀرپور ورتو هو.

تمام ڀڄو ٿي ويو هو، تصوف ۾ گهڙڻ ڪري پڙهائي وغيره جو شغل ڇڏي ڏنو هئائين. پڪي موحّد هجڻ ڪري مخالف ڪيس وهابي سڏيندا هئا. خلافت تحريڪ جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ڪي سال سنڌس نالو ٻڌڻ ۾ نه آيو. معلوم ٿيو ته سفر جي حالت ۾ هن بزرگ عالم صوفي سفيد ريش شڪارپور جي لڳ 1932ع ۾ وفات فرمائي.

## 87- مير حسين علي خان ٽالپر

مير حسين علي ولد مير نور محمد ولد مرادعلي خان ٽالپر ( فاتح سنڌ مير فتح علي خان جو نندو ڀاءُ). مير حسين علي خان به انهن آواره بخت ٽالپرن مان آهي جن جي اکين اڳيان سنڌ ۾ سندن راڄ ختم ٿيندو نظر آيو. هي صاحب (1245هه: 1829ع) ۾ ڄائو. سنڌس تعليم تربيت ٻين ٽالپرن کان چڱي نموني ۾ ٿي، هو فارسي جو شاعر ۽ عربيءَ جو چڱو عالم هو. مياڻي جي جنگ کان پوءِ هو ٻين ميرن سان ڪلڪتي ۾ نظر بند ٿي رهيو ۽ اتي ڪيترا غزل حسب حال لکيائين. (1276هه: 1859ع) ۾ لارڊ ڊلهوزي وائسراءِ هند جي هڪ اعلان موجب نظربندي ختم ٿي ۽ وري سنڌ ۾ موٽي آيو. سنڌس گذران لاءِ جاگير ۽ 3 هزار پنشن مقرر ٿي جنهن تي قناعت ڪري پنهنجي ڄمار جو پويون وقت گذاريندو رهيو.

انهيءَ زماني ۾ ڊاڪٽر فندر عيسائي مبلغ جو، اسلام جي برخلاف پارسي زبان ۾، هڪ ڪتاب پڌرو ٿيو، جنهن جو جواب هندستان جي ڪيترن ئي عالمن پاران لکيو ويو مگر حسين علي خان 'معيارالحق' نالي هڪ وڏو بسيط جواب لکي پادري کي لاجواب بڻايو. هن ڪتاب مان هن صاحب جي وسيع معلومات ۽ علمي قابليت جو پورو پورو پتو پوي ٿو ته هو ڪيڏي وڏي درجي جو عالم هو. اگرچه هو خانداني لحاظ کان شيعي مذهب جو پيرو آهي مگر عيسائي مبّلغ جي مقابلي ۾ صحابه ڪرام جي سارا هه ۽ اسلامي خدمات جو اهڙي انداز ۾ بيان ڪيو اٿس جو هڪ اهلسنت و جماعت جي شان وٽان سونهي ٿو.

سنڌس غزليات جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

اگر آن ماه بر دارد، نقاب روی زیبا را
نثار خال او سازد، فلک عقد ثریا را
ز بیماری جان و دل، نمی باشد مرا باکی
به یک ایما کند یارم، علاج صد مسیحا را
لبش گاهی سخن مرمردگان را جان دهد یارب
چه لعل است اینکه دارد زنده اعجاز مسیحا را

ڪلڪتي جي واپسيءَ ڪانپوءِ مير صاحب مرحوم حيدرآباد ۾ ٽنڊي گدوءَ جي وچ ۾ هڪ ڳوٺ آباد ڪرايو، جتي (1295هه) 1878ع ۾ وفات ڪيائين[1].

---

[1] 26 ربيع الاول 1295هه ۾ فوت ٿيو. مير ڪرم علي خان جي قبرستان ۾ سندس مزار آهي، جنهن تي ڪتبو آهي.

1- حضرت بندگان
2- سرڪار دولت مدار مير صاحب
3- مير محمد حسين علي خان تالپر عليه رحمه
4- والغفران تاريخ بيست و ششم ماه
5- ربيع الاول سن 1295هه (1878ع) شب يڪشنبه
6- بوقت هفت ڪلاڪ

مير مرحوم جي تصوير، قبر ۽ ڪتبي جي تصوير لاءِ ڏسو تڪمله مقالات الشعرا ۾ نمبر 39-40-41- ۽ احوال 755 تي.

نظم ۽ نثر ۾ فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ مير صاحب هينيان ڪتاب تصنيف ڪيا:

1) مناقب علوي، فارسي نثر
2) شاهد الامامت، فارسي نثر
3) لب لباب، فارسي نثر
4) ديوان حسين، فارسي
5) ديوان حسين، سنڌي- اردو.

نسب نامو هي آهي:

مير صوبدار خان
|
مير مراد علي خان 'علي'
والي سنڌ (متوفي: 1249هه: 1833ع)
|
مير نور محمد اول
|
مير محمد حسين علي خان 'حسن'
|
مير حاجي نور محمد خان ثاني
|
مير حاجي علي بخش خان

| پروفيسر ڊاڪٽر مير نور محمد خان (زنده) | مير مراد علي خان (زنده) | مير امير علي خان (زنده) |
|---|---|---|

سندس تاريخ وفات آخوند احمد ملا ساوٽي هالائي هينئين ريت چئي آهي:

| | |
|---|---|
| باگردش آسمـــان ذلتـــی ست | پی آزار مردم به بـــی حمیتی ست |
| ایا شاه عـالی نسـب ذوالکـرام | که حاتم ز همتای بـی همتی ست |
| بمدحش زبان کی رسد چون سها | که خورشید اوج فلک رفعتی ست |
| ز داغ وداعش همه خاص و عام | دل سوخته چشم تــر کـر بتی ست |
| بـمیم مـحمـد بـالـف امـام | محمد حسین عـلـی جنتی ست |
| 40 1 | 1254هه-41-2195 هه |

# 88- پير سيد حزب الله شاهہ راشدي

ولد سيد علي گوهر اول ولد سيد مولانا پير صبغة الله شاهہ ولد پير سيد حضرت مولانا محمد راشد صاحب (روضي ڌڻي) رضي الله تعاليٰ عنهم. خانداني عالم ۽ خانداني درويش ۽ خانداني امير گهراڻي ۾ هي بزرگ 1255هه (1839ع) ۾ تولّد ٿيو. سندس والد هن جي ننڍڙي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو. تعليم ۽ تربيت جو ڪم خانداني ميمبرن جي حوالي رهيو. شروع ۾ آخوند محمد پير ڳوڻائي وٽ قرآن شريف ۽ ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين، ان ڪانپوءِ مولوي حاجي عيسيٰ مشهور محدث کي پاڻ وٽ رهائي ان کان فارسي ۽ عربي علومن جي اپياس ڪيائين ۽ مولوي عيسيٰ صاحب جو ڏاڍو ادب ۽ احترام ڪندو هو ۽ آخر ۾ پنهنجا وڏا فرزند بہ مولوي صاحب جي حوالي ڪيائين، جن مولوي صاحب وٽ تعليم ورتي. شعر شاعري سندن خاندان ۾ هلي آئي ٿي. پاڻ فارسي شاعريءَ ڏانهن گهڻو لاڙو رکيائين، تخلص 'مسڪين' سان گهڻو شعر چيو اٿس. مولوي بهاءُالدين 'بهائي' ۽ مولوي عاقل 'عاقلي' سندس ڪلام ڏسندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پهائي اصلاح بہ ڪندو هو.

اگرچہ هو ننڍپڻ ۾ سجاده نشين ٿيو پر ان سان گڏ علم ۽ هنر ڏانهن سندس ڏاڍو لاڙو رهيو. نقاشي ۽ ڪاشي سازي، خوشخطي، حڪمت، طب ۽ موسيقي جو پاڻ وڏو استاد هو. ڪتابن سان تمام گهڻو شوق هوندو هنس. هندستان ۽ ايران مان خوشخط ۽ طلائي منقش ڪتاب سندس دربار ۾ فروخت لاءِ ايندا هئا ۽ ڳريون ڳريون قيمتون ڏيئي ڪتاب خريد ڪندو هو. فن ڪيميا جو تمام گهڻو شوق هئس جنهن ۾ تمام گهڻو ڪمال حاصل ڪيو هئائين، انهيءَ زماني جا انهيءَ فن جا مالڪ گهڻو ڪري وٽس مهمان ٿي اچي رهندا هئا ۽ مخفي مجلسون ٿينديون رهيون هيون، سخن جو قدر شناس هن حد تائين هو جو هڪ دفعو سندس مداح مولوي بهائي صاحب کي فقط هڪ شعر تي راضي ٿي فرمائڻ لڳو، تہ: "مولوي صاحب! مون وٽ پيو تہ ڪجهہ ڪونہ آهي هڪ هاٿي بيٺو آهي

اهو ڪاهه. مولوي صاحب هاٿي کي ڏسي حيران رهجي ويو، عرض ڪيائين ته هن کي ڪارائي ڪير سگهندو؟ آخر اهو هاٿي مولوي صاحب کنهن رياست جي راجا وٽ وڃي نيڪال ڪيو. سواري ۽ تيراندازيءَ جو ڏاڍو شوقين ۽ ڪمال جو مالڪ هو.

پير حزب الله شاهه جي سجادگي، راشدي خاندان ۾ تمام اوج عروج واري ٿي گذري آهي، هڪ طرف قادري راشدي طريقي جي ذڪر جي تلقين ٿيندي رهندي هئي، ته ٻئي طرف اميرائو ٺاٺ ۽ وڏائي به رياست خيرپور جي والي سر مير علي خان سان ٽڪر هڻندي رهي ٿي. سر علي مراد کي هڪ دفعو پير صاحب جي هڪ حر پوري فوج اندر نڌر ٿي گولي هنئين، مير بچي ويو ۽ حر کي بروقت مير جي پيادن قتل ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ پير صاحب جن کي قاعدي جي تڪليف پهتي ڪجهه وقت ڪيس حيدرآباد رهايو ويو مگر پوءِ صاف آزاد ٿي ويو.

هن پير صاحب جي زماني ۾ پير سيد فضل الله (جهنڊي واري) ولد پير محمد ياسين ولد پير سائين روضي ڌڻيءَ کي حرن سفر جي حالت ۾ شهيد ڪري ڇڏيو، جنهنڪري پڻ پير سائين حزب الله شاهه کي قانوني ڇڪتاڻ ۾ اچڻو پيو مگر پوءِ پير شهيد جي ڀاءُ پير سيد رشيدالدين صاحب العلم الثالث (ٽئين جهنڊي واري) مقدمي جي پيروي کان انڪار ڪيو ۽ معاملو رفع دفع ٿي ويو.

پنهنجي پوئين زماني ۾ پير صاحب شاديون تمام گهٽيون ڪيون هيون ۽ 12 فرزند پنهنجي يادگار ڇڏيائين جن مان حياتيءَ ۾ سندس وڏو فرزند پير علي گوهر شاهه درگاهه جو ڪاروبار سنڀاليندو رهندو هو ۽ مريدن جو نذرنياز وصول ڪندو هو ۽ پير سائين وڏي يعني پنهنجي والد جي ارشاد موجب سمورن حقدارن کي حصي رسد روزينو به پهچائيندو هو.

پير صاحب درگاهه راشديه قادريه جي سجادگيءَ تي برابر 45 سال نهايت اوج ۽ عروج سان فقيري ۽ اميريءَ ۾ گذاري 53 ورهن جي ڄمار ۾ 4 محرم 1308هه ۾ هن دنيا فاني مان مطالعه ڪان اکيون بند ڪري دائمي دنيا ڏانهن رحلت فرمائي ويو.

مون سان مولوي صاحب عاقل عاقلي ڳالهه ڪئي ته حضرت پير سائين حزب الله شاهه (تخت ڌڻي) جو لاڏائو رهر ڏينهن جي ڪري ٿيو. مولوي صاحب چيو ته مان ان وقت پير ڳوٺ ۾ موجود هئس، اهو واقعو تمام ٿورين گهڙين ۾ ٿي گذريو. انا لله وانا اليه راجعون. سندس مهر ۾ هي شعر اُڪريل هوندو هو:

هست ورد زبان حزب الله     ڪلمهٔ لا اله الا الله

سندس وفات تي مولوي بهائي هڪ تاريخي مرثيو لکيو آهي، جو هيٺ درج ڪجي ٿو:

# 89- مخدوم حسن الله پاٽائي صديقي

ولد مخدوم وهب الله صديقي پاٽائي. ننڍپڻ ۾ پنهنجي چاچي عارف بالله مخدوم حاجي فضل الله [1] وٽ تعليم ورتائين، ان کانپوءِ آخرين ڪتاب حضرت مولانا نورمحمد ۽ سندس فرزند مولانا گل محمد صاحب شهداد ڪوٽيءَ وٽ ختم ڪيائين. سندس همعصر ۽ همدرس علمائن مان مولوي محمد حسن حيدرآبادي ۽ مولوي محمد هاشم ڳڙهي ياسيني، مولوي عطاءُالله فيروز شاهي ۽ ٻيا ڪيترا شهدادپوري سلسلي جا وڏا وڏا علماء هئا.

مخدوم حاجي حسن سموري زندگي درس تدريس ۽ فتويٰ نويسيءَ ۾ گذاري. هو هڪ عالم، متڪلم، مناظر ۽ محقق فقيه هو. گهڻو ڪري پنهنجي خانداني عالمن جي فتويٰ ۽ راءِ تي هلندو هو. 'بياض واحدي' ، جو سندس ڏاڏي مخدوم عبدالواحد سيوستانيءَ جو لکيل آهي، ان جي قولن کي هر حالت ۾ ترجيح ۽ اڳرائي ڏيندو هو. هندستان جي دارالحرب هجڻ جو قائل هو، تنهنڪري سندس استاد ڀائي مولوي محمد هاشم ڳڙهي ياسين واري سان زبردست تحريري مناظرا رهيا، جو هي پويون صاحب هندستان جي دارالاسلام جو قائل هو. اهڙيءَ طرح مولانا عطاءُالله فيروزشاهيءَ سان به تحريري بحث جاري رهيا. نوشهري فيروز جي مشهور قاضي محمد عالم اهلحديث سان ۽ مٽيارين جي فقير محمد محدث سان به بعض مسئلن تي تحريري گفتگو ۽ رد ڪد هلندا رهيا. مخدوم حاجي حسن الله صاحب جون تحريرون ايتريون گهڻيون لکيل آهن، جي هوند گڏ ڪيون وڃن ها، ته ڪيترن جلدن ۾ ڪتاب جمع ٿي وڃي ها.

مخدوم صاحب درس تدريس جي سانگي جدا جدا شهرن ۾ رهيو، پاٽ، درٻيلو ۽ مٽياري وغيره. جتي هيٺين نامور علمائن وٽانئس فيض حاصل ڪيو ۽ فارغ تحصيل ٿيو:

1- مولوي محمد صديق سيتائي
2- مولوي خير محمد جوڻيجو پاٽائي
3- مولوي مخدوم بصرالدين صاحب سيوستاني
4- مخدوم معين الدين سيوستاني
5- مولانا ابوالفيض غلام عمر صاحب جتوئي
6- مولوي سيد شهاب الدين هالائي
7- مخدوم محمد دائود درٻيلائي

[1] وفات 1290هه (1873ع)

8- پيرزادو غلام مجدد متعلوي.

اهي سمورا ماڻهو وقت جا وڏا مشهور عالم ۽ فاضل هئا. انهن ڪانسواءِ ٻين به ڪيترن ماڻهن ڪانئس فيض پرايو. حاجي صاحب ٻه دفعا حج جو سفر ڪيو ۽ حرمين جي عالمن مان شيخ عبدالحق مهاجر اله آبادي ۽ ٻين وڏن عالمن سان سندس صحبتون رهيون ۽ 'دلائل الخيرات'، 'حزب البحر' ۽ 'قصيده برده' جون اجازتون حاصل ڪيون. حنفي مذهب ۾ ڏاڍو سخت هو ۽ وري حنفيت جي به اها شاخ، جنهن جا سنڌ وڏا، مخاديم پاٽ ۽ سيوهڻ جا قائل هئا، هو مٿئين بزرگن ڪان امداد وٺڻ جو سختيءَ سان قائل هو ۽ آخر ظهر جي مسئلي تي تمام تشدد هئس ۽ ان بابت سندس مستقل رسالا لکيل آهن جن مان هڪ رسالي جو جواب مولانا ابوتراب سيد محمد رشدالله صاحب العلم الرابع (جهنڊي واري) لکيو هو.

سنہ 1326ھ ۾ هن ورقن جي جامع فقير وفائي کي مخدوم صاحب جي زيارت جو پهريون دفعو مدرسي دارالفيض ڳوٺ سوني جتوئيءَ ۾ شرف حاصل ٿيو. اسان جو اُستاد مولانا ابوالفيض جتوئي مخدوم صاحب جو شاگرد رشيد هو ۽ وٽس گهڻو ڪري اچي رهندو هو ۽ اُستاد صاحب جي عظيم الشان ڪتبخاني مان ڪيترن فقهي مسئلن جي اچي تحقيق ڪندو هو.

1911ع ۾ ڪراچيءَ مان مولوي عبدالڪريم درس مرحوم جي ذريعي حضرت رسول الله ﷺ جي علم غيب جي مسئلي جو هڪ زبردست طوفان ڪڙو ٿيو، جنهن ۾ سنڌ جا علماءِ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا. دارالرشد ڳوٺ پير جهنڊو ۽ مظهرالعلوم ڪراچيءَ جا علماءِ هن ڳالهه جا قائل هئا، ته حضور ﷺ جن کي ايتري ئي ڄاڻ آهي جيتري الله تعاليٰ شرعيت ۽ مخلوق جي هدايت لاءِ کين سمجهايو هو. پر مولوي درس ۽ ٻيا گهڻا علماءِ چئي رهيا هئا، ته حضور ﷺ جن کي ڪلي جزي ۽ ماڪان وما يڪون (جيڪي ٿيو آهي ۽ جو ڪجهه آئيندي ٿيندو) تنهن سڀ جي ڄاڻ آهي. علامه سيد اسدالله شاهه ٽکڙائي به درس پارٽيءَ سان شامل هو. پيرزادي حاجي غلام مجدد صاحب متعلوي جي استدعا تي مخدوم حاجي حسن الله صاحب مدرسي دارالفيض سوني جتوئيءَ ۾ اسان جي موجودگيءَ ۾ هن سوال تي هڪ رسالو لکيو، جنهن جو نالو رکيو ويو "نورالعينين في اثبات علم الغيب لسّيد الثقلين" جنهن کي درس پارٽيءَ جي علمائن ڏاڍو پسند ڪيو.

ان ڪانپوءِ سنت ئي قاضي هدايت الله متعلويءَ جي ڪتاب "ڪواڪب السعادت" تي جهڳڙو پيدا ٿيو، جنهن ۾ ان صاحب حضرت امير معاويه جي شان ۾ ڪي گستاخيءَ

جهڙا گفتا ڪيا هئا. حضرت مخدوم صاحب امير معاويہ جي بچاءَ ۾ هڪ رسالو "تحفه اولي الالباب في رد علي طاعن الاصحاب" لکيو ۽ اهو رسالو مولوي حاجي احمد بن فضل محمد ملوي ابڙي (متوفي 1338هہ) جي نالي ڪراچيءَ مان شايع ٿيو ۽ اهو رسالو بہ سوني جتوئيءَ جي ڳوٺ ۾ اسان جي سامهون لکيو ويو ۽ ڪتابن جي حوالن ڪيئي ڏينهن جو ڪم هن حقير راقم اوراق جي حوالي هو. مخدوم صاحب ڏاڍو تکو لکندڙ هو ۽ ڪنهن بہ سوال تي جيستائين متقدمين مان ڪو تائيدي حوالو نہ ملندو هنس تيستائين اڳتي نہ وڌندو هو. سندس سموري زندگي تدريس، تحرير ۽ تحقيق ۾ گذري. نقشبندي طريقي جا ذڪر اذڪار بہ جاري هئا ۽ 'دلائل الخيرات' ۾ قرآن شريف جو ورد ۽ 'قصيده برده' بہ روزانو پڙهندو هو. پاڻ گهڻو ڪري نماز ۾ پيش امام نہ ٿيندو هو، پنهنجي ڪنهن شاگرد جي پويان نماز پڙهندو هو. دارالفيوض ڳوٺ سوني جتوئي تعلقي لاڙڪاڻي ۾ حقير جي علمي دستاربنديءَ وقت پاڻ موجود هو ۽ پنهنجن هٿن سان دستاربندي ڪرايائين ۽ ڏگهيون دعائون گهريائين.

ساداتن ۽ اهلبيت ۽ صحابين سڳورن ۽ پنهنجن استادن جو تمام گهڻو ادب رکندو هو ۽ آخرت کي ياد ڪري روئيندو ۽ جماعت کي روئاريندو هو. اهڙن پاڪ گڻن وارو بزرگ، سيوهاڻي ۽ پاتانيءَ خاندان جو پويون حنفي فقيہ، سال 1339 هجريءَ ۾ هن دنيا فاني مان لاڏاڻو فرمائي ويو. سندس وفات جي تاريخ مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ هن ريت لکي آهي:

امتلاء الدهر بانواع المنن — فات عنا الشيخ مولانا الحسن
كان شيخاً عالماً متبحراً — كان فى الافضال مفضال الزمن
اشتغل بالجهد فى درس العلوم — قد تفقه فى الشرائع والسنن
بعد فوته قلت فى تاريخه — مات مولانا الشريف الحسن

1339هہ

## 90- مولوي سيد رستم علي بکري رامپوري

سنڌ کان ٻاهر جن بزرگن ناموريءَ جي زندگي ۽ شهرت حاصل ڪئي، تن مان هڪ مولوي سيد رستم علي بکري بہ آهي. سندس سلسله نسب هن ريت ڏيکاريل آهي: رستم علي بن سيد اسماعيل بن محمد اسحاق بن مير محمد يوسف بکري، هي پاڙو سيد جعفر ثاني جي اولاد مان آهي، جنهن جو سلسلو ڏهين امام يعني امام علي نقي سان وڃي ملي ٿو.

مولانا محمد اسحاق بکر جي معتمد بزرگن مان هڪ وڏي درجي وارو ماڻهو ۽

سجاده نشين هو. عالي واهڻ (هاڻي تعلقي روهڙي) جو سمورو علاقو قريباً هڪ لک جريب سندس خاندان جي جاگير ۾ هو. سمورن ننڍن ننڍن جاگيردارن جا ڪاتا هن بزرگ جي دفتر ۾ محفوظ هوندا هئا. بکر جي سيدن مان صحيح نسب هجڻ جو سرٽيفڪيٽ يا سَنَدَ به هي ئي صاحب ڏيندو هو. يعني جنهن لاءِ هي صاحب سيد هجڻ تسليم ڪندو هو، ته هو سيّد آهي، جنهن بابت انڪار ڪندو هو، ته بس قصو ختم.

مولانا محمد اسحاق جو فرزند سيد اسماعيل سنڌ ڇڏي الله آباد (يوپي) هليو آيو ۽ الله آباد جي لڳ هڪ قصبي ڪوڙا جهان آباد ۾ سيد حاتم علي جي دختر بي بي نور سان شادي ڪئي جنهن مان مولوي سيد رستم علي صاحب تولّد ٿيو، اهو نالو سندس ناني مير حاتم علي جو رکيل آهي، نه ته سندس والد بزرگ پاران محمد يعقوب نالو رکيو ويو هئس. سيد رستم علي اجا 12 سالن جو هو ته سندس والده وفات ڪري وئي. سيد صاحب کي ظاهري علمن جي حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ تصوف يا باطني علمن جو شوق لڳو رهيو.

شاهه عالي گوهر مغليه گورنر الله آباد سندس والد جو ڏاڍو معتقد هوندو هو ۽ ڪيترا دفعا سيد اسماعيل جي پوئتان شاهه عالي گوهر جمعي نماز به الله آباد ۾ ادا ڪئي. هڪ دفعي شاهه عالي گوهر الله آباد مان دهلي وڃي رهيو، ته مولوي محمد اسماعيل کي به پاڻ سان وٺي ويو. ان وقت مولوي رستم عي علم جي طلب لاءِ فرخ آباد روانو ٿي ويو، اتان ڪجهه علوم حاصل ڪري وڌيڪ تحصيل لاءِ رامپور آيو ٿي، ته وات ٿي پٽڻ ۾ آيس، ته سندس والد مولوي محمد اسماعيل ڳڙهه مڪتيسر (يوپي) ۾ وفات ڪري ويو آهي ۽ خواجه گنج بخش جي مقبري ۾ دفن ڪيو ويو.

مولوي رستم علي انهيءَ زماني ۾ رامپور پهتو، جنهن رياست تي نواب سيد فيض الله خان جو راج هو (يعني 1188هه کان 1208هه تائين) رامپور ۾ مولوي نورعالم ۽ مولوي امام بخش کان گهڻائي ڪتاب پڙهيائين، منطق ۽ فلسفي جا ڪتاب مولانا بحرالعلوم وٽان تحصيل ڪيائين. سندس دستاربنديءَ جي جلسي ۾ پڳ جو پهريون وَرُ مولانا سيد جمال الدين (شاگرد شاهه ولي الله دهلوي) ڏياريو ۽ انهيءَ ساڳي سيد جمال الدين پنهنجي صاحبزاديءَ سان شادي به ڪرايس.

سيد رستم علي بکري هميشه لاءِ رامپور رهجي ويو ۽ سنڌ ڏانهن نه موٽي سگهيو. سموري زندگي ڪنهن امير جي دروازي تي نه ويو. نواب فيض الله خان والي رامپور پاران ڪجهه وظيفو ملندو هئس ۽ ان تي ئي گذران ڪندو رهندو هو. هميشه شاگردن کي درس ڏيندو هو، تصنيف تاليف جو ڪم به ڪندو هو. حافظ محمد امين

ننوڙي (ضلع بجنور) ڪان سندس بيعت ۽ خلافت حاصل ڪيل هئي، جنهنڪري ڪيترا ماڻهو باطني فيض بہ حاصل ڪندا رهندا هئا. پرهيزگاريءَ جي اها حد هئي، جو ڪڏهن بہ بي ڏاڙهي چوڪري کي هٿ ڪونہ ڏنو هئائين. جيڪڏهن ڏاريءَ عورت جو بيخبريءَ ۾ اوچتو پاسو لڳي ويندو هئس تہ فوراً بخار چڙهي ويندو هئس. سندس تصنيفات مان:

1- حاشيہ ميرزاهد (منطق).

2- حاشيه صدرا (فلسفو).

3- تقارير سبع، جو مولوي اسماعيل لندني جي جواب ۾ لکيو هئائين.

سندس هڪ خليفو ۽ شاگرد مولوي حفظ الله بزرگن جي حالات ۾ هڪ ڪتاب 'بيت المعرفة' لکي رهيو هو، جنهن کي منع ڪري ڇڏيائين، تہ منهنجو احوال ڪتاب ۾ نہ لکجِ. فقط نسب جو احوال لکين تہ ان جي اجازت آهي. متوڪل ايڏو هو جو نواب نصرالله خان بهادر، جو نواب فيض الله خان والي رامپور جو نائب هو، تنهن بہ سندون جاگير جون لکائي ڪيس موڪلي ڏنيون مگر پنهنجي نالي واري سند واپس ڪري ڇڏيائين، باقي سندس وڏي فرزند مولوي عبدالعلي خان پنهنجي نالي واري سند رکي ڇڏي، جا اڄ تائين انهيءَ خاندان ۾ موجود آهي.

سندس سهرو ۽ استاد مولانا جمال الدين (شاگرد شاهہ ولي الله دهلوي) چشتي طريقي جو بزرگ هو. سال بسال پنهنجي مرشد شاهہ فخرالدين دهلويءَ جو بارهو ڪندو هو، جنهن ۾ شرعي نموني ۾ قوالي بہ ٿيندي هئي. هڪ دفعو مولوي رستم علي کان بارهين جي مجلس لاءِ مڪان گهريائين مگر قوالي ٿيڻ ڪري جاءِ ڏيڻ کان انڪار ڪيائين.

مولوي رستم علي 63 سالن جي ڄمار ۾ چار فرزند ڇڏي جمعي ڏينهن 21 ذي القعد 1240هہ (1824ع) ۾ انتقال فرمايو، رامپور ۾ ئي دفن ٿيو.

## 91- مير صوبدار خان ٽالپر

هيءُ صاحب سنڌ جي فاتح مير فتح علي خان جو فرزند ۽ وليعهد هو. هو 1802ع ۾ ان وقت تولد ٿيو، جڏهن سندس والد بزرگ موت جي بستري تي پويان پساهہ کڻي رهيو هو[1] سندس چاچن، جي درجہ بدرجہ حڪومت جا مالڪ ٿيندا رهيا، هن کي ناز ۽ نعمت ۾ پاليو. جوانيءَ جي زماني ۾ هن پنهنجن چاچن جي حڪومت ۾ پائيواريءَ جي

[1] 9 محرم 1217هہ (1802ع) ۾ جو پيءُ جي وفات کان پہ ڪلاڪ اڳ ڄائو.

ڇڪ ڪني مگر ان ۾ ڪامياب نہ ٿيو. هڪ جاگير ٽڪري تي قناعت ڪري وقت گذارڻ لڳو.

سنڌ ۾ جڏهن سنڌس سؤٽ مير نصير خان تي انگريزي فوجن ڪاهيو تڏهن جهوني ڪدورت جي بنياد تي صوبدار خان انگريزن سان مخفي سازباز ۾ رهندو آيو، تان جو مياڻيءَ جي جنگ ۾ جتي ٽالپرن جو خاتمو ٿيو، اتي بہ مير صوبدار غيرجانبدار هو. هن جو خيال هو، تہ مير علي مراد خيرپور واري وانگي انگريز کيس وفاداريءَ جي صلي ۾ ڪو رياست جو ٽڪرو عطا ڪندا، مگر سر چارلس نيپئر جهڙو دوربين اڪيلو حيدرآباد جهڙي سنڌ جي مرڪزي علائقي ۾ هيون، بي ڪنهن ماٺوءَ جي رياست ڪيئن برداشت ڪري سگهيو ٿي، جنهنڪري مير صوبدار خان ناڪام رهجي ويو بلڪ ميرن کان ملڪ کي صاف رکڻ لاءِ ٻين سان گڏ صوبدار خان کي بہ ڪلڪتي ۾ نظربند ڪري وٺي ويا، جتي 1846ع [1] (61-1862ھ) ۾ وفات ڪري ويو ۽ سندس لاش حيدرآباد آندي وئي [2].

مير صوبدار خان فارسيءَ جو چڱو شاعر آهي، ان زماني ۾ فارسي سرڪاري زبان هئي، جنهنڪري فارسيءَ ۾ شعر شاعري جا ميرن جي دربار ۾ عظيم الشان مشغلا رهندا هئا. مخدوم ابراهيم نقشبندي خليل تخلص ٺٽوي 'تڪمله مقالات الشعرا' ۾ مير صوبدار خان جو خوشگو شاعرن ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ هن جي مجموعي ڪلام جو هڪ ديوان بہ آهي، جو نایاب ٿي چڪو آهي.

سندس فارسي ڪلام جو نمونو هيٺئين ريت آهي:

از پریشانی من کیست، بجز زلف، گواہ — منکه آشفتہ نظر از رخ جانـان شده ام

برہمن زادہ دلم، مـیـر ربـوده بنیاز — کافر عشقم، ز آن رویه صنمخانه شدم

مير صوبدار خان تخلص مير جا هيٺ ڄاڻايل ڪتاب مير محمد بخش گدو بندر واري جي ڪتبخاني ۾ موجود آهن.

1- ديوان مير

2- فتح نامه

[1] ڪلڪتي ۾ 14 رجب 1262ھ (1846ع) ۾ فوت ٿيو، لاش ڪني اچي خدا آباد (هالا پراڻا) ۾ پٽس جي ڀاسي ۾ دفن ڪيو ويو. قبر تي ڪتبو آهي:

1) وفات حضرت جنت مکان مير صوبدار خان عليه رحمة

2) تاريخ چهارد هم ماه رجب 1262ھ (1846ع) (تڪمله 566.

[2] ڏسو تصوير (24) مقالات الشعرا ۾، ۽ احوال ساڳي ڪتاب جي ص 563 تي.

3- خطوط (منظوم فارسي)

4- قصہ سيف الملوک و بديع الجمال

5- جدائي نامہ (منظوم) [1].

## 92- شمس الدين بلبل

سنڌ جو نامور اهل قلم، ميان شمس الدين بلبل ميهڙ 1857ع ۾ تولّد ٿيو. ابتدائي تعليم ميهڙ ۾ حاصل ڪيائين. هو هڪ ذهين ۽ هوشيار نوجوان هو، تنهنڪري سندس قابليت جي جوهر پڌري ڪرڻ لاءِ ميهڙ پورو نہ پيو، جنهنڪري 1889ع جو ڪراچي ۾ مرحوم خان بهادر حسن علي آفندي وٽ هليو آيو، جنهن سندس قابليت مان ڪم وٺڻ لاءِ 'معاون' نالي هڪ هفتيوار اخبار سندس ادارت ۾ جاري ڪئي. هن اخبار جي ذريعي مرحوم بلبل سنڌ مدرسة الاسلام ۽ سنڌ محمدن انسوسيئيشن جي تمام عمدي خدمت ڪئي. مرحوم حسن علي جي مددگارن ۾ جيئن مولوي الله بخش نماڻو هو، تيئن بلبل بہ سندس دست و بازو ٿي رهيو. دکن ايگري ڪلچرل رليف ايڪٽ بابت جڏهن مرحوم آفندي کي ڪميشن اڳيان شاهدي ڏيڻ جي ضرورت پئي تڏهن زمينداري قرضن جي انگن اکرن گڏ ڪرڻ جو ڪم مرحوم بلبل تي رکيو ويو، جنهن ساري سنڌ جي زميندارن کان احوال گهرائي آفندي مرحوم لاءِ شاهدي جو مواد گڏ ڪيو. ڪميشن پوني ۾ ويٺي هئي، شاهدي ڏيڻ وقت آفندي مرحوم بلبل کي بہ پوني وٺي ويو، جتي سندس وڏيڪ مدد ڪيائين، جنهن ڪانپوءِ سنڌ سان زميندارن جي بچاءَ لاءِ دکن رليف ايڪٽ لاڳو ٿيو.

مرحوم حسن علي جي وفات کانپوءِ بلبل ڪراچي ڇڏي ميهڙ ۾ اچي رهيو ۽ اتان ئي گهر ويٺي ڪن اخبارن جي ايڊٽ ڪندو هو. 'معاون' ڪراچيءَ ڪانپوءِ 'ڪراچي

---

[1] تاليفات ۽ احوال لاءِ ڏسو تڪمله مقالات ص 563 تا 593 جتي هينيان ڪتاب جاتايل آهن:

1- خمسه: 1) مثنوي سيف الملوڪ: 1247هہ (1831ع)

2) مثنوي فتح نامه: 1244هہ (1828ع) ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي جنگ جو داستان، جنهن کي سنڌي نظم ۾ مير حسن علي خان منتقل ڪيو.

3) مثنوي خسرو شيرين: 1251هہ (1835ع)

4) مثنوي ماه و مشتري: 1255هہ (1839ع)

5) مثنوي جدائي نامه: 1260هہ (1844ع) هن ۾ جلاوطنيءَ جو داستان آهي.

2- خلاصة النداذي: يوناني طب ۾.

3- ديوان مير: ٽن ديوانن جي گم ٿيڻ بعد هي چوٿين ديوان 1240هہ (1824ع) ۾ مرتب ٿيو، جنهن ۾ 314 غزل آهن.

گزيٽ' جو ايڊيٽر ٿيو مگر اها اخبار سنت ئي بند ٿي وئي.

لاڙڪاڻي جي 'خيرخواهه' اخبار جو به ڪجهه وقت ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين ۽ 'الحق' سکر جي به ٿورو عرصو ادارت ڪيائين. اخبار 'مسافر' حيدرآباد ۾ ڪم ڪيائين. سکر جي سيٺ حاجي احمد ميمڻ جي مشهور اخبار 'آفتاب' جو هميشه لاءِ ايڊيٽر ٿي رهيو، جنهن جي ذريعي مسلمانن جي قابل قدر خدمت ادا ڪيائين.

هن جي لکڻي ظرافت آميز ۽ پُرمذاق هوندي هئي جنهنڪري هرهڪ ماڻهو سندس مضمونن کي ڏاڍي شوق ۽ لطف سان پڙهندو هو. هن سنڌي زبان ۾ تمام چڱو سڌارو ڪيو ۽ نئين رنگ ۾ سنڌي لٽريچر ۾ اضافو ڪيائين. نظم توڙي نثر ۾ گهڻائي ڪتاب لکيائين، جن مان:

1- نيچرل ڪريما،

2- ديوان بلبل سنڌي،

3- بهار عشق،

4- رحيما،

5- تيرهن چار،

شروع زماني ۾ لکيل اٿس، ان کانپوءِ:

6- مسلمان ۽ تعليم،

7- عقل ۽ تهذيب،

8- قرض جو مرض،

9- صد پند سودمند،

پوئين زماني ۾ لکيائين.

10- شمس المڪاتيب،

11- احسن التواريخ،

12- ديوان بلبل فارسي،

13- بهارستان بلبل،

14- آئينہ ظرافت،

15- گنج معرفت.

اهي پويان ڪتاب اڃا قلمي موجود آهن. ديني ڪتابن جو سلسلو به لکيو اٿس، جو شايد ملڪ ۾ رائج نہ ٿي سگهيو.

مرحوم بلبل وقت جي حاڪمن وٽ تمام رسائي وارو ٿيندو هو، رياست خيرپور

جي ميرن ۽ وزيرن وٽ بہ گھڻو مان ملندو هئس. سندس مطالعو تمام وسيع هو ۽ چڱي لئبريري گڏ ڪني هئائين. نقشبندي طريقي ۾ مخدوم نظام الدين صديقي پاٽائيءَ جو مريد هو ۽ بدعتي پيرن جو سخت مخالف هو. هنن جي خلاف وقت بوقت 'آفتاب' اخبار ۾ مضمون پڌرا ڪندو رهندو هو. 1906ع ۾ هن ميهڙ ۾ مدرسة الاسلام جو بنياد وڌو، جو سندس حياتيءَ ۾ اي وي اسڪول جي درجي تي آيو. اڄ اهو مدرسو هاءِ اسڪول ميهڙ جي نالي سان آهي ۽ سندس وطن ۾ اهو بهترين تعليمي يادگار آهي.

1907ع ۾ جڏهن آل انديا ايجوڪيشنل ڪانفرنس جو اجلاس ڪراچي ۾ منعقد ٿيو، تڏهن فارسي زبان کي سرڪاري تعليم ڪاتي ۾ رائج ڪرائڻ تي هڪ ٺهراءُ آيو، جنهن جي تائيد ۾ مرحوم بلبل تقرير فرمائي، جا فصاحت بلاغت جو هڪ بهترين نمونو هئي، جنهن جو هندستان جي وڏن وڏن اڪابرن جهڙوڪ نواب وقارالملڪ پاران داد ڏنو. هو مذهب سنت جماعت جو پڪو پابند هو تان جو پنهنجي آخري وصيت ۾ لکي ويو آهي، تہ سندس اولاد مان جيڪو سنت جماعت جي مذهب تي نہ هلندو سو محروم الارث آهي. پنهنجي املاڪ کي وقف علي الاولاد جي ايڪٽ هيٺ محفوظ ڪرائي سيپٽمبر 1919ع تي 62 ورهين جي ڄمار ۾ هن دنيا مان رحلت ڪري ويو [1].

مرحوم بلبل جي وفات تي مير عبدالحسين سانگي حيدرآبادي ۽ مرزا قليچ بيگ مرحوم هيٺيان قطعات تاريخ لکيا آهن:

### از جناب مير عبدالحسين خان

بلبل خوش نوا، هزار افسوس — بود زو باغ دهر را رفعت
سال تاريخ رحلتش جستند — گفت هاتف که: رفت در جنت

1337هـ (1918ع)

افسوس زين گلستان شد بلبل خوش الحان — اندر عزاىء او گشت توام گل و گلستان
گل از فراق رويش در سينه، داغ بنهاد — و از ياد غم فرو ريخت رنگ و طراوت آن
در بينه عدد گير فانى تو واو تشبيه — تا سال رحلت او گردد عيان برو زان
گفتا بگوش هوشم پير خرد که گرديد — گل از فراق بلبل پژمرده و پريشان

1337هـ

[1] هيستائين مولانا وفائي الوحيد جي آزاد نمبر ۾ احوال آندو آهي- ڏسو ص 164.

از مرزا قليچ بيگ صاحب

شاعر ملک سنده شمس الدين — که ازو بود عالمی به شگفت
بلبل بود او که با منقار — در معنی عجيب او می سفت
بود در باغ دهر تا زنده — نغمه هایء خوشش جهان بشنفت
قفس عنصری گذاشت و پريد — سویء جنت در آشيانه بخفت
بود او شمس بر سپهر سخن — کرد آخر غروب و رویء نهفت
سال فوتش بفکر می جستم — زود هاتف چراغ مجلس گفت

1337هه

باز هم گفت او فروغ دوام — يافتم همچنين دو ماده مفت
عيسوی سال دلپذير آورد — رشک جنت نمود باو جفت[1]

## 93- آخوند صاحبڏنو شڪارپوري

هي بزرگ پنهنجي وقت ۾ فارسيءَ جو بيحد اعليٰ درجي جو شاعر فاضل ٿي گذريو آهي. شڪارپور ۾ سنڌي قاضين جي مسجد جو پيش امام رهندو آيو ۽ اتي فارسي زبان جو درس تدريس جو شغل به جاري رکندو آيو ٿي. شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص 'صاحب' ڪندو هو. سندس شاگردن مان ميان محمد عارف اعواڻ تخلص 'صنعت' [2] ديوان جو مالڪ ٿي گذريو آهي، آخوند صاحبڏنو پنهنجي شاگرد جي شعر جي تعريف هڪ هنڌ هيٺين ريت ڪئي آهي:

به شعر صنعت 'صاحب' اگر تو دم بزنی — بخلق ياد دهی معجزه مسيحا را

انهيءَ شعر جي جواب ۾ سندس شاگرد هيٺين ريت جواب ڏنو:

به شعر صاحب 'صنعت' چه جای دم زدنی است — کجاست حاجت مشاطه رویء زيبا را

افسوس جو آخوند صاحبڏني جي نه پسماندن جو پتو پئجي سگهيو ۽ نه وري سندس ڪلام جو ڪو پرو پيو جنهنڪري هن بزرگ شاعر جو ڪلام سندس وفات سان گڏ زمين دوز ٿي ويو. 13 صدي هجريءَ جي پهرين اڌ ۾ شڪارپور ۾ وفات فرمايائين[3].

[1] شمس الدين بلبل جا ڪيترا ڪتاب ڇپيل آهن، سندس ديوان جو انتخاب سندس فرزند مرحوم ضياءُ الدين بلبل ايڊٽ ڪيو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

[2] صنعت مرحوم ۽ سندس شعر تي پڙهو راقم الحروف جو مضمون 'ستاره سنڌ' ۾ ڇپيل. صنعت جو ديوان به دفعا ڇپيو آهي، تازو سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو آهي.

[3] تذڪره لطفي ۾ سندس وفات جو سال 1250هه (1834ع) درج آهي، فارسي ديوان ناياب آهي. سندس سنڌي مداح مشهور ۽ معروف آهي. (الرحيم مشاهير نمبر 151).

# 94- مخدوم عثمان متعلوي

عالم، حافظ، مفتي، مدرّس، پنهنجي وقت ۾ فتويٰ ۽ درس جو مرجع هو. سندس درس مان سوين ماڻهو فيضياب ٿيا ۽ سنڌ ۾ علمي فيض جون نئين ڪانپوءِ هن بزرگ وٽان نهرون جاري ٿيون. فقه جي جزئيات ۾ هن بزرگ کي 'مجهد في المذهب' جو درجو نصيب ٿيل هو. شروع ۾ پنهنجي شهر جي فاضلن کان علم حاصل ڪندو رهيو تنهن ڪانپوءِ نصرپور جي مشهور عالم، محدث ۽ صوفي نورمحمد نصرپوريءَ وٽ سمورن علومن جي تڪميل ڪرڻ فرمايائين. اهو مخدوم نورمحمد شاگرد آهي مولانا مخدوم حاجي محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم محمد قائم ٺٽويءَ جو، جن جي شهرت بيان کانسواء عيان آهي. هن بزرگ وٽان جن صاحبن علمي فيض پرايو، تن جو شمار تمام گهڻو آهي مگر مشاهيرن مان هيٺيان بزرگ آهن:

1) آخوند هارون قانونگو متعلوي
2) مولوي عبدالغني شمالي مهاجر مڪي
3) حافظ عبدالغفور متعلوي
4) قاضي عثمان نوشهرائي محدث
5) ميان محمد ذاڪر متعلوي
6) مولوي عبدالغني ڪڏهري
7) حافظ اسماعيل متعلوي
8) ۽ سندس والد صالح مخدوم عبدالڪريم المهاجر مڪي

مخدوم محمد عثمان جا مختلف درسي ڪتابن جي مشڪل جاين تي حواشي آهن، جي درس ڏيڻ وقت شاگردن جي سهولت لاءِ لکندو رهندو هو. سندس مستقل تصنيف 'منتخب مشڪواة المصابيح' فارسي زبان ۾ هڪ ئي ڪتابن هن وقت موجود آهي.

مير فتح علي خان ٽالپر فاتح سنڌ جو زمانو هو، ان وقت، جن علمائن جي سپرد شرعي فيصلن جو ڪم هو، تن مان مخدوم عثمان هڪ چوٽي جو ماڻهو هو. سندس معاصرن مان مخدوم عبدالواحد سيوستاني 'بياض واحدي' جي مالڪ سان بعض شرعي فيصلن تي بعض وقتن تي ردڪد به هليا آهن، جن جو تفصيل مختلف تحريرات جي بياضن مان معلوم ڪري سگهجي ٿو.

مغليہ زماني کان وٺي ويندي ٽالپرن جي دور تائين، سنڌ جي مخدومن جي فتويٰ يا فيصلو ڪيل هو، ته جيڪو به ذمي هندو ڪنهن مسلمان کي ڇوي، ته آءُ تنهنجو ياءُ آهيان!

تہ هن تي مسلمان هجڻ جي فتويٰ ڏيندا هئا، پوءِ چاهي هو ان ڳالهہ جو ڪيترو بہ انڪار ڪري. اگرچہ ٽالپرن جو مخدومن سان ان ڳالهہ ۾ گهڻ اتفاق رهيو پر ان هوندي بہ مخدوم عثمان متعلوي جي دستخط مان اهڙيون تحريرون نظر مان گذريون آهن جن ۾ مٿئين لفظ چوڻ ڪري ذمي جي اسلام ۾ اچڻ جي فتويٰ ڏني اٿس ۽ پنهنجي فتويٰ جي تائيد ۾ ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم ضياءُالدين، علامہ محمد هاشم جي استاد ۽ مخدوم محمد قائم ٺٽوي مهاجر جا قول نقل ڪيا اٿس.

سندس قلمي مسودات مان هي بہ معلوم ڪري سگهجي ٿو، تہ هو علم هيئت ۽ نجوم جو وڏو ڄاڻو هو. ڏسجي ٿو، تہ ان زماني ۾ نماز جي اوقات معلوم ڪرڻ لاءِ علم هيئت جو ڄاڻڻ ۽ موسمن جي تبديل ۽ سج جي جدا جدا برجن ۾ تحويل جو علم ضروري رهيو آهي. مخدوم محمدقائم ٺٽوي جو، سج جي تحويل تي، هڪ عمدو نظم آهي جنهن مان سندس نجوم ۽ هيئت جي ڄاڻ جو پتو پوي ٿو. جنهن ڪان اهو علم مخدوم عثمان جي استاد مخدوم نورمحمد نصرپوريءَ وٽ پهتو، جتان هن بزرگ کي ورثي طور مليو. قادري طريقي جي تجديد ڪندڙ ۽ راشدي طريقي جي باني جناب سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه مخدوم مذڪور جو همعصر هو. پير صاحب ڪشفي يا الهامي اجازت سان چئن ڪان وڌيڪ شاديون ڪيون هيون، وقت جي علمائن سندس انهيءَ ڪم تي مخالفت ڪئي هئي، تن ۾ پين سان گڏ مخدوم عثمان صاحب بہ آهي.

چئن زالنْ ڪان وڌيڪ نڪاح ڪرڻ جي عدم جواز ۾ سندس هڪ تحرير نظر مان گذري، جا آخوند هارون متعلوي جي دستخط سان موجود آهي.

هي مقّدس بزرگ سموري زندگي درس تدريس ۽ فتويٰ تحرير ۾ گذاري 20 ذي الحج جمعي ڏينهن سال 1219هہ (1804ع) ۾ هن دنيا فانيءَ مان رحلت فرمائي. هن نسخي جي مطالعي ڪان هميشہ لاءِ اکيون بند ڪري ويو [1]. سندس شاگردن وفات تي تاريخ جا قطعا لکيا آهن، جن مان هيٺيون قطعو هت درج ڪجي ٿو:

**از ميان ابراهيم ولهاري**

شيخ عثمان کرد رحلت زين جهن پر ملال
بعد نيل نور علم و هم عمل با اتصال

---

[1] الرحيم جي مشاهير نمبر ۾ سندس مختصر احوال آيل آهي ڏسو ص 40 سندا استاد بحرالعلوم علامه عبدالڪريم (متوفي: 1261هہ: 1845ع) سندس فرزند هو. (تڪمله مقالات 202-264) ۾ مخدوم محمد عثمان جي هٿ اکرين صحيح بخاري ٻن جلدن ۾ لکيل مٽبارين ۾ حافظ محمد معروف وٽ موجود آهي، جنهن جي حاشيه تي قاضي محمد اڪرم جي شرح جو انتخاب بہ ڏنل آهي.

نصـرت ديـن پيـغـمـبـر کـرد بـا درس عـلـوم
مـحـو مـی گـرديـد ز انـفـاسش مـحـاکـات رسـوم
يـک هـزار و دو صـد و هـم نـوزده فـرمـوده نـقـل
بـيـسـتـم ذی الحج روز جـمـعـه را دريـافـت وصـل

## 95- مخدوم عبدالواحد (قاضي محمد احسان) سيوستاني (نعمان ثاني)

سنڌ جو نامور فقيه ۽ عالم صوفي مخدوم عبدالواحد بن مخدوم دين محمد بن مفتي عبدالواحد پاٽائي (کبير). مخدوم عبدالواحد جو والد دين محمد پاٽ مان نقل ڪري سيوهڻ ۾ اچي رهيو هو ۽ اتي ئي شادي ڪيائين، جتان مخدوم عبدالواحد ۽ محمد حسن به فرزند ڪيس تولد ٿيا. سندس والد، عالم صوفي بزرگ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي گهاٽن دوستن مان هو. ميان نورمحمد ڪلهوڙي سنڌ جي حاڪم جو مٽس ڏاڍو پروسو هو.

مخدوم عبدالواحد جي ولادت با سعادت 1150هه (1737ع) ۾ ٿي. فرخ سير جي فقري مان سندس سال ولادت ملي ٿو. انهيءَ زماني ۾ سيوهڻ عالمن فاضلن جو گهوارو هو، خصوصاً مخدوم صاحب جو خاندان، ته سمورو علم ۽ عمل سان معمور هو، جنهنڪري هن نونهال جي تربيت ۽ تعليم پنهنجي والد بزرگ جي سايي هيٺ سيوهڻ ۾ ٿي ٿيندي رهي ۽ اڳتي هلي هو سنڌ جي هڪ خاص علائقي جو، ٽالپرن پاران مفتي تسليم ڪيو ويو.

هن بزرگ کي حنفي فقهه ۾ تمام وڏو درڪ ۽ ملڪو هو، جو سوين مسئلا حنفي مذهب جي قانون کي سامهون رکي پنهنجي اجتهاد سان حل ڪندو هو ۽ ان وقت جا علماء سندس فتويٰ اڳيان بنا ڪنهن چون و چرا جي گردن خم ڪندا رهندا هئا. سندس فتوائون ايتريون جاري ٿينديون رهيون، تان جو ٽن وڏن جلدن ۾ جمع ٿي ويون، جن جو ڪتابي نالو "جمع المسائل عليٰ حسب النوازل" رکيو ويو. اڄڪلهه اهو ڪتاب "بياض واحدي" جي نالي سان مشهور آهي.

'بياض واحدي' جا نسخا جداجدا صورتن ۾ جداجدا قديم علمي خاندانن وٽ ملي سگهن ٿا، جن کي گڏ ڪري جيڪڏهن محنت ڪئي وڃي، ته فقهه حنفي جو هڪ عجيب ذخيرو جمع ٿي پوي. مگر اڄوڪي زماني ۾ فقهي قانون جي ضروت تمام گهٽجي وئي آهي جنهنڪري ڪير آهي جو اها محنت ويهي ڪري.

مخدوم عبدالواحد فتويٰ نويسي، سان گڏ درس تدريس ۽ تصوف ۾ نقشبندي طريقي تي بيعت وٺڻ ۾ مريدن جي اصلاح ڪرڻ جو بہ شغل جاري رکندو ايندو هو.

مخدوم صاحب حضرت خواجہ صفي الله مجّددي (متوفي: 1212هہ: 1797ع) جو خليفو هو ۽ سيوهڻ ۾ ئي سندس بيعت ۽ خرقه خلافت کان مشرف ٿيو هو.

خواجہ فضل الله مجددي قنڌاري، خواجہ صفي الله جي خلفاء جو ذڪر ڪندي لکيو آهي، تہ:

'مخدوم عبدالواحد سيوستاني مشهور به مخدوم محمد احسان، صاحب فضائل و ڪمالات صوري و معنوي از خدمت ايشان اجازت داشت.' (عمدة المقامات ص 293)

جڏهن حج جي ارادي سان حضرت خواجہ صفي الله سيوهڻ ۾ اچي منزل انداز ٿيا تڏهن ڪيس خواب ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ کان ارشاد ٿيو، تہ منهنجي فرزند عبدالواحد کي پنهنجي مريديء واري سلسلي ۾ وٺ. صبح جو مخدوم صاحب سان ملاقات ڪري ڪيس نقشبندي طريقي ۾ ورتائون. (رساله انجمن اسرار قلمي)

حضرت خواجہ صفي الله مجّددي جي وڏن خلفائن مان سنڌ ۾ مخدوم ابراهيم ٺٽوي[1]، مخدوم محمد هاشم جو پوٽو هو. جنهن سنڌ ۾ نقشبندي سلسلي کي ڏاڍو زور وٺايو، سو بزرگ جڏهن خواجہ صفي الله جي سفر حج ۾ حديده (يمن) ۾ وفات ڪرڻ ڪانپوء سنڌ ۾ واپس آيو (جو سائس انهي سفر ۾ همہ رڪاب هو) تڏهن مخدوم عبدالواحد کي چوائي موڪليائين، تہ ذڪر اشغال ۾ ڪجهہ رهيل هجي، تہ باقي اسان وٽان اچي حاصل ڪري وڃو! مگر مخدوم انڪاري جواب لکيو، جو ڪيس ضرورت ڪانہ هئي ۽ ازانسواء هو صاحب چون ٿا، تہ سموري زندگي سيوهڻ کان ٻاهر ڪونہ نڪرندو هو. (مسودات ميان حبيب الله سيوستاني)

مخدوم صاحب کان جن ماڻهن بيعت ڪئي ۽ خلافت جو درجو حاصل ڪيو، تن مان ڪن جا نالا هي آهن:

1- محمد حسن سيوستاني
2- آوند رازق ڏنو
3- رئيس محمد حسن ڪهاوڙ
4- ميان محمد امين خيرپوري
5- غلام رسول افغان خاموش
6- خليفو عبدالحڪيم سيوستاني وغيره[1]

[1] ڏسو تڪمله ص 47.

[2] مخدوم محمد عابد انصاري سيوستاني (1193هہ: 1779ع-1258هہ: 1842ع) ۽ مولانا محمد افضل بہ سندس شاگرد هئا. (الرحيم ص 6)

مخدوم صاحب کي خواجہ صفي الله قدس سره پاران جيڪو اجازت نامو عطا ٿيل هو ان جا لفظ هي آهن:

بسم الله الرحمن الرحيم

اجازه لعبدالله مخدوم عبدالواحد من عبدالله فقير صفى الله على اقتداء فعل رسول الله ﷺ حيث مفاتيح الحرم لمن كان يملک قبل فتح مكة زادها الله شرفاً تعظيماً و بحسب امر الله ان تؤدى الامانات الىء اهلها فلذلک انا اؤدى الامانة الى من هو اهلها اجيز اجازة لمن هو حرى بذلک اعنى الاخ فى الله المخدوم المسطور الخ. (مسودات ميان حبيب الله)

هن اجازت نامي جي عربي عبارت مان ظاهر آهي، تہ مخدوم صاحب اڳ ۾ نقشبندي طريقي جي خليفي ٿيڻ جي اهليت ۽ لياقت موجود هئي. حضرت خواجہ صاحب کي فقط پنهنجي امانت پهچائڻي هئي، جا پوري حقدار کي پهچائي ڏنائين.

مخدوم عبدالواحد جي زماني ۾ حيدرآباد جي ٽالپرن مان مير ڪرم علي خان جو ڏاڍو اوج ۽ عروج هو. سيوهڻ جي ٻاهران سندس شڪارگاهہ هوندو هو، جتي اڇي مهينن جا مهينا رهندو هو. هن وقت انهي هنڌ 'ڪرم پور' نالي هڪ قصبو آهي. مخدوم صاحب ۽ سيوهڻ جي عالمن سان ملاقات لاءِ مجلسون بہ ڇمائيندو هو، جنهن ۾ علمي بحث مباحثا هلندا هئا.

هڪ دفعي جو واقعو آهي، تہ مير ڪرم علي خان حاڪم سنڌ جي ڪچهريءَ ۾ مخدوم صاحب ۽ مولوي ميرمحمد عباسي سيوستاني ۽ ٻيو هڪ علمي مصاحب موجود هئا. حضرت خلفاء راشدين رضي الله عنهم جي خلافت جو سوال مير صاحب وچ ۾ ڪري اڇلايو. سوال جو مقصد هو، تہ خليفو برحق حضرت علي رضہ هو مگر پوءِ ٻين صحابين زوري خلافت تي قبضو ڪيو. ان تي مير محمد عباسي جواب ۾ صحيح مسلم جي حديث پيش ڪئي، تہ حضرت رسول ڪريم ﷺ وفات واري بيماري وقت بي بي عائشه صديقہ کي فرمايو، تہ پنهنجي پيءُ ابوبڪر صديق رضہ ۽ پنهنجي ڀاءُ کي سڏي وٺ تہ هن لاءِ لکي ڇڏيان ڇاڪاڻ جو متان (مون ڪانپوءِ) ڪو سڌڙيو سَدَ ڪري تہ آءٌ مسلمانن جو خليفو آهيان! هوڏانهن الله تعاليٰ ۽ مؤمن ان کان انڪاري آهن، تہ ابوبڪر ڪانسواءِ ٻئي جي خلافت الله وٽ پسند نہ آهي. مير صاحب ان حديث ٻڌڻ تي سونڌ پائي ڇيو، تہ صحابين کان افضل هر حالت ۾ حضرت علي شاهہ رضہ آهي. جنهن تي ٻئي هڪ حاضر مجلس عالم جواب ۾ هيٺين حديث پيش ڪئي، تہ ما طلعت الشمس ولا غربت علي احد افضل من ابي بڪر الاان يڪون نبياً– يعني پيغمبرن کانپوءِ ابوبڪر کان وڌيڪ ڀلاري ٻي ڪنهن

ماٺهو تي نہ سچ اپريو ۽ نہ لٿو آهي. ان تي مير صاحب ڪي اهڙا لفظ چيا جو ناراضگيءَ سبب مجلس برخواست ٿي وئي. ان کانپوءِ هيٺيون نظم مير صاحب مخدوم مرحوم ڏانهن لکي موڪليو:

**از مير ڪرم علي خان ٽالپر**

عاقبت يار، يار خواهد شد — دل دشمن، فگار خواهد شد
ميخروشی چرا، تو ای بلبل — موسم نوبهار خواهد شد
گرچه بلبل به باغ می نازد — بستهء زلف يار خواهد شد
جان من، در قيامت صغریٰ — پيش مهدی نثار خواهد شد
نام مشکل کشا علی ولی — روز محشر، حصار خواهد شد
کرم، از مهر مرتضیٰ به نجف — زائر آن ديار خواهد شد

**جواب از مخدوم عبدالواحد سيوستاني رح**

عاقبت يار، يار خواهد شد — دشمنم بی قرار خواهد شد
چونکه دلدار در کنار آيد — هجر هم بر کنار خواهد شد
چون برون آيد از نقاب رخش — عاشق آن دم نثار خواهد شد
دانهء اشک در غمش آخر — گوهر شاهوار خواهد شد
کشتهء عشق را، مگو مرده — زنده و پائدار خواهد شد
هر که دارد سعادت ازلی — دوستدار چهار خواهد شد
خاتم چار يار، صاحب نجف — از حوادث، حصار خواهد شد
همه اصحاب، يار يکد گرافد — دشمن شان، خوار خواهد شد
روز محشر که چون حساب شود — رافضی شرمسار خواهد شد
مير من گر براه راست رود — بی گمان رستگار خواهد شد
واحدی گرچه شعر مخفی گفت — عاقبت آشکار خواهد شد

چيو وڃي ٿو، تہ سنڌس شعر هن ريت آشڪار ٿيو، جو مير صاحب جي وفات کانپوءِ سنڌس قبر مان دونهون نڪرندو ڏٺو ويو ۽ پير غلام محي الدين مجّددي قنڌاري ان زماني ۾ حيدرآباد مان حج جي ارادي سان لانگهائو ٿيو، ان جي دعائن گهرڻ کان پوءِ اهو واقعو ختم ٿي ويو. (مسودات ميان حبيب الله سيوستاني)

مخدوم صاحب جو شاعري اگرچہ شغل نہ هو، مگر سندس ٻي ڪمالات سان گڏ هو فارسي شعر شاعريءَ جي ذوق کان بہ خالي نہ هو.

حڪيم فتح محمد مرحوم سيوستانيءَ کان نقل آهي، تہ ميان محمد افضل

مخدوم صاحب جي حاضريءَ ۾ رهندڙ شاگرد، پنهنجي دستخط سان "بياض واحدي" جي هڪ حاشيه ۾ لکيو آهي، ته هڪ رات ننڊ ۾ اٿڙ ڪندي هڪڙو سڄو غزل نئين طرح پنهنجي تخلص سان چئي ويو، مگر پاڻ ائين ننڊ ۾ رهيو. هن غزل جو پهريون ۽ پويون شعر هن طرح آهي:

عمر عزيز تو، که به نقش و نگار رفت
نيکو نگاه کن، که ز دستت چه کار رفت
بر واحدی درين غم، رحمی نکرد کس
گويا که، اهل رحم همه، زين ديار رفت

مخدوم صاحب جي تصنيفات مان هيٺيان ڪتاب هن وقت به سنڌ جي بعض ڪتبخانن ۾ ملي سگهن ٿا:

1- تحرير المسائل عليٰ حسن النوازل (مشهور بياض واحدي) [1].
2- حاشيه اشباه و النظائر
3- رش الانوار حاشية الدر المختار (اهو ڪتاب ناياب ٿي ويو آهي). [2]
4- ڪشف الکامن في علم الباطن
5- تهديد الغافر في تغديب الکافر
6- تيسير القدير في اضحية الفقير
7- القول الجلي
8- رساله در ڪسب و توڪل.
9- جبر السڪين في تسلية المسڪين
10- تسهيل الصعب ·
11- ارشاد الصواب
12- لطف اللطيف في اعطاء الرغيب
13- اربعين في رشد الطالبين
14- اليسر المطلوب
15- ايضاح العاقبة في طلب العافية
16- نص السارب في قطع الشارب
17- رساله در عدالت امير معاويه

---

[1] هن جا خطي نسخا ادبي بورڊ، مدينة العلوم ڀنڊي ۽ مفتي محمد ابراهيم مرحوم ڳڙهي ياسينيءَ جي ڪتبخاني ۾ (ٽن جلدن ۾) آهن. (الرحيم ص 6 ۽ بياض حسام الدين).

[2] مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ حڪيم محمد مراد صديقيءَ جي ڪتبخاني ۾ درمختار جي پهرين جلد جي حاشيه تي 'رش الانوار' جو اختصار لکيل ڏٺو آهي، جنهن کي هن صاحب 'التمانه' جي حاشين ۾ جابجا ڇاپيو آهي.

18- رسالہ در حرمت خان

19- ديوان واحدي

20- انشاء واحدي ۽ ٻيا [1].

---

[1] راقم (حسام الدين) جي ڪتبخاني ۾ هيٺيان رسالا موجود آهن:

1- اصدق التصديق بافضيلة الصديق: 1189هه : 1775ع (25 صفحا) ڪاتب نورمحمد سيوهاڻي

2- الازهار المتناثره في الاخبار المتواتره: 1196هه: 1782ع (متواتر حديثن جو بيان (27 صفحا)

3- لطف اللطيف في اعطاء الرغيب (5 صفحا)

4- مرآة الحلية: اڱارو 25 صفر 1187هه: 1773ع (حضور ﷺ جن جو حليو مبارڪ 4 صفحا)

5- اربعين في فضل المجاهدين: (مجاهدن جي فضيلت ۾ چاليھ حديثون 1 صفحا)

6- تهديد الغافر بتعذيب الڪافر (11 صفحا ڪاتب مظهرالدين)

7- ارشاد الصواب لمن وقع في بعض الاصحاب (حضور ﷺ جن جي صحابن جي حمايت ۾ 10 صفحا - ڪاتب مظهرالدين)

8- ڪشف الڪامن في علم الباطن: 1185هه : 1771ع (علم باطن جا ڳجها نقطا ۽ راز 14 صفحا

9- تيسر القدير في اضحية الفقير (4 صفحا)

10- ايضاح الخافية في سوال العافية: (در مختار جي هڪ عبارت جي رد ۾ 4 صفحا)

11- طريق السداد في وجوب الاعتداد: (عورت جي عزت جي باري ۾ 7 صفحا)

12- انوار الفيوضات الباطنية في امتياز اهل الباطن من الباطنية: 1191هه : 1777ع (اهل باطن جي امتياز ۾ 10 صفحا)

13- ازالة الاشتباه في قطع همزة ياالله: 1179هه: 1765ع (ڇهن صفحن جو رسالو يا الله ۾ الف همزو ساقط نہ ٿيندو)

14- القول الجلي في تذڪير البغي: (ولم اڪ بغيا - بابت تحقيق 2 صفحا)

15- جبر السڪين في ڪسر التنوين: (3 صفحا)

16- تسهيل الصعب في ابيات الڪعب: (2 صفحا)

17- سبط المقال في حل الاشڪال (هن ۾ مخدوم محمد شجاع جي هڪ خط جو جواب ڏنو ويو آهي سن 1201هه)

18- غاية الصراحة في تحريم النياحة: (هن ۾ ميت تي پارن ڪڍڻ کي حرام ثابت ڪيو ويو آهي 7 صفحا)

19- حسن الفهم و التعقل في جمع الڪسب و التوڪل: 25 ربيع الاول 1109 هه : 1697ع (34 صفحا)

20- اربعين رشد الطالبين (5 صفحا)

21- فضائل ربيع

22- اربعين برواية سراج المسلمين

اهي سمورا رسالا پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ بہ موجود آهن. انهن کانسواءِ ڏيڪ هيٺيان رسالا پڻ ڪتبخاني ۾ آهن:

1) بياض واحدي

2) مجموعه رسائل سيوستاني

3) الاستدراڪ للدوراڪ

4) البراهين الفرض منع بيع السحر

5) جودة الطبع في ڪثرة السبع

6) السبيل الواسطين

7) النص السارب في قطع الشارب

خواجہ حسن جان سرهندي مرحوم جي ڪتبخاني ۾ (27 رسالن جو) مجموعو ۽ 'بياض واحدي' جو نسخو آهي. (بياض حسام الدين)

سندس معاصرين مان قاضي محمد شڪارپوري ۽ مخدوم عثمان متعلوي سان بعض فقهي مسائل تي ردڪد ۽ مناظرا رهيا آهن، جي تفصيل سان "بياض واحدي" ۾ مطالعو ڪري سگهجن ٿا.

حضرت استاد مخدوم حاجي حسن الله مون سان بيان ڪيو، ته قاضي محمد شڪارپوري پڪو موحد ماڻهو هو ۽ مخدوم صاحب وري هميشه قلندر باد شاهه جي قبي تي ايندو ويندو هو.

هڪ دفعو قاضي محمد شڪارپوري مخدوم صاحب ڏانهن طعن طور هڪ خط جي عبارت ۾ لکيو، ته " عابدالاوثان ميان محمد احسان" يعني: "بتن جو پوڄاري محمد احسان." انهيءَ نالي سان به مخدوم صاحب کي سڏيندا هئا. مخدوم صاحب کي جڏهن اهو خط پهتو، تڏهن سنڌيءَ ۾ هيٺيون تڪ لکي موڪيائينس:

نه تو سُرڪي پيتي، نـــه تــو آئي ڇَٽَ
ڪهين پيو انهن سان، جنهين پيتا مَٽَ

چون ٿا، ته اهي لفظ قاضي محمد صاحب پڙهيا، تڏهن بدن تي لرزو اچي ويس ۽ معافي گهريائين.

مخدوم صاحب کي 74 سالن جي ڄمار ۾ هڪ وڏي ڦرڙي پيدا ٿي، ان جي آپريشن ڪرائڻ سبب سندس وفات ٿي. پنهنجي حياتيءَ ۾ سجاده، فتويٰ ۽ تصوف جو وارث پنهنجي پاڻٽي مخدوم محمد عارف کي مقرر ڪيو هئائين. اهو واقعو 14 رمضان شريف سن 1224هه (1809ع) ۾ ٿي گذريو.

'آفتاب دين بود و باد با رحمت' ۽ 'خاتم العلماء' [1] مان تاريخ حو سال حاصل ٿئي ٿو، رحمة الله عليه رحمة واسعة[2].

### قطعه تاريخ

### از خليفه غلام محی الدين سيوستانی

پــيــر عــبــدالــواحــد ثــانــی نــعــمــان در جــهــان
جــنــت الــفــردوس بــادا جــایء او انــدر بــهــشــت
چــون جنــيــد اندر طــريــقت هــمــچــون نــعــمــان در شرع
چــاردهــم مــاه رمــضــان دار دنــيــا را بــهــشــت

---

[1] هن سال 1223 هه: 1808ع سال نڪري ٿو.

[2] هن سوانح لکڻ ۾ مخدومي و محترمي مخدوم حڪيم محمد حسن سيوستانيءَ جي ڪتبخاني مان گهڻي مدد حاصل ٿي اٿم، جنهنڪري سندس شڪرگذار آهيان. (وفائي)

او مجدد مائته ثاني، اين بود ثاني عشر
فقه را تعمير كرده چون در درسلک سفت
جستم از هاتف كه هان تاريخ وصلش را بگو
آفتاب دين بود و باد با رحمت، گفت[1]

1224هه (1809ع)

## 96- مخدوم محمد عارف سيوستاني

عالم، فاضل، عارف، محمد عارف بن مخدوم محمد حسن بن دين محمد صديقي بن مفتي عبدالواحد پاتائي رحمة الله. هن بزرگ ظاهري علوم پنهنجي چاچي مخدوم عبدالواحد سيوستاني "صاحب البياض" وٽ حاصل ڪيا. ان ڪانپوءِ نقشبندي مجددي طريقي ۾ بہ سائس بيعت فرمائي. ٽالپرن جي حڪومت هئي. جنهن ۾ هي خاندان شرعي فيصلن ۾ فتوائن جو مربع هو. سندس چاچو مخدوم عبدالواحد جڏهن هن دنيا مان سال 1224هه (1809ع) ۾ رحلت فرمائي ويو تڏهن هي بزرگ ٺي سندس جاءِ تي صاحب فتويٰ ۽ قضا جو مالڪ مقرر ٿيو. ان ڪانسواءِ مدرسي جو بہ عظيم الشان انتظام رهندو آيو. سندس حياتيءَ ۾ هن بزرگ جا شاگرد هن جي فتوائن کي جمع ڪندا آيا جو "بياض مخدوم محمد عارف" نالي هڪ وڏو ڪتاب تيار ٿي ويو ۽ سنڌ جي عالمن لاءِ اهو ڪتاب سَنَدَ طور ڪم ايندو رهي ٿو.

هن جي شاگردن مان مخدوم حاجي فضل الله پاتائي ۽ خليفو حڪيم غلام محي الدين سيوستاني ۽ سندس فرزند ڪامل امجد مخدوم سيوستاني مشهور ٿي گذريا آهن.

هن بزرگ 1258هه (1842ع) ۾ دار فاني مان انتقال ڪري دار جاوداني ۾ وڃي آرام فرمايو. سندس تاريخ وفات جو مادو هيٺئين عربي فقري مان ملي ٿو:

رضي الله مجيد عنه

1258هه

## 97- محمد عارف شڪارپوري

ذات اعوان، تخلّص 'صنعت' شڪارپور جي مشهور شاعر آخوند صاحبڏني متخلص بہ 'صاحب' کان تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ شاعريءَ جي مشق ڪيائين. پهريان

[1] ڪين پٽيلو اولاد ڪونہ هو. ٽي نياڻيون ٿيون ۽ ٽيئي ديني علمن ۾ برک هيون. مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي ناني صاحبہ مادبي بي سندس سڳي ڌڻي هئي. پاٽ ۽ سيوهڻ جا مخدوم سندس پاءِ ميان محمد حسن جو اولاد آهن. (الرحيم ص 8)

هو 'عارف' تخلص ڪندو هو مگر پوءِ پنهنجي استاد جي ارشاد ۽ حڪيم موجب 'صنعت' تخلص اختيار ڪيائين. ميان محمد عارف خيمي دوزي يا تنبن ٺاهڻ جو هنر ڄاڻندو هو ۽ اهو سندس ڌنڌو هو، انهيءَ هنر جي مناسبت تي سندس استاد مٿيون تخلص هن لاءِ موزون سمجهيو.

هن بزرگ جي زندگي بيحد زاهدانه خاموش گذرندي هئي. هو شهرت ۽ نام نمود کان بلڪل پري ڀڄندڙ هو. جنهنڪري جيڪو به غزل يا قصيدو لکندو هو، ته ان کي ڪنهن به ديوان يا بياض جي صورت ۾ جمع نه ڪندو هو پر متفرق نمونن ۾ ڪاغذن تي لکندو رهندو هو، جنهنڪري سندس بيشمار ڪلام انهن ئي ضايع ٿي ويو. سندس وفات کان پوءِ باقي رهيل متفرق ڪلام سندس فرزند ميان محمد امين (متوفي: 1278هه: 1861ع) هڪ ديوان جي صورت ۾ جمع ڪيو، جنهن کي سندس ننڍي فرزند ميان عبدالخالق وڪيل (متوفي: 1216هه: 1801ع) سن 1313هه مطابق 1896ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

ديوان صنعت ۾ ٻه سؤ سورنهن غزل، 12 قصيدا ۽ ڪجهه رباعيون، مخمس ۽ قطعات وغيره آهن. صنعت جي ڪلام ۾ ڪيترين ڪماليت جهڙيون صنعتون رکيل آهن. ڪلام بيحد پختو ۽ ڏاڍو رنگين ۽ ايراني شاعرن جي هم پلهه آهي، فرمائي ٿو:

بمکتب آن پسر در خواندن سیپاره شد　　مصحف رنگین گل از شوق آن سی پارد شد
تلخ کامیهای مارا کرد آخر کامیاب　　از غم تو چارهٔ ورد دل بیچاره شد
بسکه در بزم تماشای رخ پر نور او　　همچو تار شمع روشن رشتهٔ نظاره شد
در سواد تیره بختی شد چو میل آمد شدم　　تاکه 'صنعت سرمه سا آن نرگس خونخوار شد

مرحوم 'صنعت، کي آخر ڄمار ۾ گردن ۾ وڏي ڦرڙي نڪري آئي، تمام گهڻا علاج ڪيا ويا مگر فائدو ڪونه نظر آيو، بيماريءَ جي حالت ۾ هي شعر دل تي تري آيس:

مائیم فقط عاشق رخ یار دگر هیچ　　داریم در آفاق همین کار دگر هیچ
عشاق بصد شوق چه پیدا و چه پنهان　　دارند همه خواهش دلدار دگر هیچ
از رنگ می حسن تو، در بزم گلستان　　گل راسد یکی ساغر سرشار دگر هیچ
چون غنچه به لب مهر ادب بودم، لیکن　　شوق تو در آورد بگفتار دگر هیچ
از حالت من دید و گفتند طبیبان　　عشق است به این دل شده بیمار دگر هیچ
چون به نشد از مرهم ریش غمت اکنون　　الماس نهم بر دل افگار دگر هیچ
در خاک، قتیلان فراق تو ز اندوه　　دارند بدل حسرت دیدار دگر هیچ
از پیش بحال دل عشاق بلا کام　　باشی تو ستمگار دل آزار دگر هیچ
خواهد ز خدا 'صنعت' درعشق تو ای دوست!　　خونین دل و دیدهٔ خونبار دگر هیچ

آخر انهيءَ بيماريءَ ۾ 2 صفرالمظفر سال 1266هه (1850ع) جي هن دنيا فانيءَ مان رحلت فرمائي ويو ۽ شڪارپور ۾ امين شاهه چشتي جي قبرستان ۾ دفن ٿيو.
(ديباچه ديوان صنعت) [1]

## 98- عثمان فقير لاڙڪاڻائي

لاڙڪاڻي ضلعي جي سانگين جي ڳوٺ ۾ هڪ هاريءَ جي گهر سن 1917هه (1778ع) ۾ ڄائو. شروعات ۾ ان وقت جي دستور موجب فارسيءَ جي تعليم چڱيءَ طرح حاصل ڪني مگر پوءِ سنت ٽي نوشهري فيروز جي مشهور صوفي مخدوم عبدالحئي نقشبندي جي بيعت ڪري صوفياڻي رنگ ۾ رڱجڻ لڳو ۽ سندس پير پائي فقير خير محمد هيسباڻي بلوچ جي صحبتن انهيءَ رنگ کي وڌيڪ پختو بڻايو ۽ جذبهِ عشق توحيد ۾ اچي سنڌي زبان ۾ پنهنجي موحداڻن عقيدن جو، شعر جي صورت ۾ اظهار ڪرڻ لڳو. هو گهڻوئي وقت مرشد جي شهر ۾ رهي ذڪر فڪر جا چلا پچائيندو رهيو ۽ ان کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ گذارڻ لڳو. سندس ڪافين جي ڏاڍي مقبوليت ٿي ۽ سمجهدار ماڻهو سندس ڪلام مان روحاني سرور حاصل ڪرڻ لڳا. عثمان فقير جون اڄ تائين ڪافيون ڳايون وينديون آهن پر انهن جي معنيٰ پروڙڻ وارا تمام ٿورا ماڻهو آهن. اسان سندس هڪ ڪافي نموني طور هيٺ ڏيون ٿا:

پهريون پاڻ سڄاڻ سيڪا صورت پوءِ سڃاڻي.
1) خلق...... صورت سارو پاڻ وساري ڪر تون نظارو
اهو سڄڻ اُهڃاڻ ڄاڻ وڃائي پوءِ تون ڄاڻي.
2) گهوٽ آيو تنهنجي گهر ۾ وفي انفسڪم آهي اندر ۾
منجهه وجود وٿاڻ طرف ٻني تون ڇو ٿو تاڻي.
3) ڪثرت نالو تنهنجو ناهي اها ذات اصل جيڪا آهي.
ساتان توئي ساڻ آءٌ وڃئون تون ڇو ٿو آڻي.
4) پير مغان 'عثمان' اهوئي بي خود جام پياري جوئي
منئي ڏئي مهراڻ موج اللهي پوءِ تون ماڻي.

عثمان فقير ٽالپرن جي حڪومت جو سمورو دور ڏٺو هو ۽ برابر مني صديءَ کان وڌيڪ ڄمار حاصل ڪري سن 1279هه (1860ع) ۾ چڱيلائيءَ جي حالت ۾ هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس وفات تي فقير خير محمد هيسباڻيءَ هيٺيون شعر

[1] تازو ديوان پيهر سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو آهي. مرحوم صنعت تي ڏسو راقم الحروف (حسام الدين) جو مقالو ستاره سنڌ 26 آگسٽ 1934ع هفتيوار پرچو.

خطاب ڪندي چيو آهي، جنهن ۾ مختصر انداز ۾ سندس صوفياڻي زندگيءَ جو ذڪر ڪيل آهي:

1) عثمان عاشق، آفرين! پنهنجو جسم پروانو ڪيني
طالبن جي طور ۾ نالو پنهنجو نيشان ڪيني

2) غازي ڪنيئي وڪ واهه جو سانگو رکيئي نہ سر ساهه جو
توکي ذوق وجه الله جو توني نفي سامان ڪيني

3) غازي ٻوليءَ گنوريا گوهر پڏي عاشقن کي ٿيو اثر
اهڙو رهيو سالڪ سٽر وه! درد جو اعلان ڪيئي

4) خوش خير محمد يار جو هُيڙو پکي تنهن پار جو
عاشق هنين الله جو اُڏري وڃي آشيان ڪيئي

## 99- سيد عبدالرحمان سنڌي

موحد تخلص، هڪ وڏو صوفي عارف ڪامل هو. هو سنڌ مان هجرت ڪري وڃي (يو پي) هندستان ۾ رهيو ۽ اتي خليفن ۽ مريدن جو هڪ حلقو قائم ٿي ويو. سندس وفات ڪانپورءِ سيد صاحب جي ڪرامات ۽ حالات بابت سيد صاحب جي خليفي مولانا نورالله بڇهڙانوي (ضلعو مرادآباد) هڪ ڪتاب "انوارالرحمٰن لتنويرالجنان" لکيو آهي جو نولڪشور ڇاپخاني لکنوء ۾ ڪنهن وقت ڇپجي چڪو هو.

انهيءَ ڪتاب ۾ سيد صاحب جي اصل وطن بابت هيٺينءَ ريت لکي آهي:

"بدريافت معلوم شد کہ وطن مالوف قطب زمان حضرت مولانا شاہ عبدالرحمٰن قدس سرہ العزيز ڳوٹ مخدوم مولانا عبدالحکيم قدس سرہ متعلقہ مبارکپور محال روپاہ متعلقہ شکارپور بود. کہ الحال در عمل بلوچان سندہ است."

يعني: "حضرت مولانا عبدالرحمٰن جو اصل وطن شڪارپور تعلقي جي مبارڪپور جي پرسان عبدالحڪيم جو ڳوٺ آهي ۽ انهيءَ علائقي کي روپاهه سڏيو ويندو آهي، جو هن وقت بلوچن (ٽالپرن) جي حڪومت هيٺ آهي."

اصل سيد عبدالرحمٰن جو ڏاڏو عرب شاهه نالي عرب کان سنڌ ۾ روپاهه جي پرڳڻي ۾ اچي رهيو ۽ ڪنهن چڱي گهراڻي مان شادي ڪيائين جنهن مان ڪيس ٻہ فرزند پيدا ٿيا:

(1) سيد محمد (2) سيد دين محمد

پهريون لاولد فوت ٿيو ۽ ٻوئين سيد دين محمد کي ٽي پٽ ڄاوا:

1- سيد حسن محمد 2- سيد يار محمد 3- سيد حسين محمد

يار محمد جو اولاد محمد اڪرم ٿيو، جو شاهه عبدالرحمٰن جي وفات کان پوءِ هندستان ۾ اچي رهيو. باقي پهرئين سيد حسن محمد مان ٻه پٽ پيدا ٿيا:

(1) سيد شفيع محمد (2) سيد علم الهديٰ

هن سيد علم الهديٰ کي فرزند ٿيو هو، جنهن جو نالو محمدحسن هو ۽ انهيءَ محمدحسن جو فرزند سيد عبدالرحمٰن موحد لکنوي آهي. اهڙيءَ طرح سيد شيخ محمد جو فرزند مخدوم مولانا عبدالحڪيم ٿيو، جو حضرت موحد جو سؤٽ، استاد ۽ مرشد پڻ هو. مولانا عبدالرحمٰن موحد 1160هه (1747ع) ۾ تولد ٿيو 1205هه (1795ع) ۾ حج جو سفر ڪيائين. 1206هه (1796ع) ۾ وطن واپس اچي مولانا سيد عبدالحڪيم کان- "محمديه سلسلي" ۾ بيعت ڪيائين. 1207هه (1797ع) ۾ اجمير، جيپور، الور، ريواڙي مان ٿيندو دهليءَ ۾ پهتو. دهليءَ ۾ شاهه محمد عظيم خليفه مولانا فخرالدين جي صحبت ۾ سلسلي نظاميه چشتيه ۾ داخل ٿي خلافت حاصل ڪيائين. دهليءَ مان گهمندي ڦرندي امروهه ضلعي مرادآباد ۾ اچي پهتو، جتي شاهه عبدالباريءَ جي خانقاهه تي برابر 6 مهينا رهيو پيو هو. امروهه ۾ خليفي غلام غوث قادري ۽ مولوي حنيف الله صاحب نقشبنديءَ سان سندس صوفياڻيون صحبتون رهيون ۽ ان کانپوءِ هو لکنو وڃي رهيو.

شاهه عبدالرحمان موحد سنڌيءَ جي ارادت جو حلقو تمام وسيع هو، خصوصاً يوپي جا علماء، شعراء ۽ امير تمام گهڻي انداز ۾ سندس مريد ۽ خليفا هئا. "انوارالرحمٰن" ۾ سندس خليفن جا هيٺئين ريت نالا ڏيکاريل آهن:

1- فتح علي شاهه ولد محمد فاضل خان فتحپوري اميٺي

2- پنو خان ولد رحمت خان لکنوي

3- خواجه محمد شريف ولد خواجه سيد سلطان الدين محمد

4- مولوي ابوالحسن ولد شيخ رياض احمد ردولوي

5- حرمت خان افغان جهان آبادي

6- مولوي امير علي شاهه ولد شيخ محمد بخش

هي بزرگ، احمد معروف به ملا جيوڻ مصنف "نورالانوار" ۽ "تفسيرات احمدي" جي اولاد مان هو. اهو ملا جيوڻ حضرت اورنگزيب عالمگير جو استاد ۽ پنهنجي وقت جو نامور عالم هو.

مولوي امير علي برابر 7 سال مولانا سنڌيءَ جي خدمت ۾ فيض حاصل ڪري 1242هه (1826ع) ۾ خلافت حاصل ڪيائين. اهو اسلام تي جان ڏيندڙ ۽ وڏو مجاهد

صوفي هو. جيئن تہ فيض آباد (ايوڌيا) ۾ هڪ مسجد تي تڪرار ٿي پيو، اوڌ جو نواب هندن جي طرفداريءَ ۾ هو. مولانا امير علي مسجد ڇڏائڻ لاءِ مجاهدن جي ٽولي ڪاهي مسجد جي آزاديءَ لاءِ اڳتي وڌيو جنهن ۾ شهيد ٿي ويو. مولانا امير علي جا پڻ ڪيترا باڪمال خليفا ۽ مريد هئا.

7- حضرت امان الله جوڌپوري
8- شيخ محمد قاسم ديبالپوري
9- مرزا عبدالشڪور بيگ لکنوي
10- مرزا صادق بيگ دهلوي
11- مولوي نورالحق بن مولوي عبدالحق بهاري
12- مولوي محمد يعقوب بسالوي
13- مولوي سيد امانت علي نيشاپوري
14- مولوي حاجي سيد يوسف علي قنڌاري
15- شيخ حمايت الله لکنوي
16- مولوي غلام محمد صاحب فائق امينوي
17- سيد محمد آصف خيرآبادي
18- حاجي قدرت الله گوپاموي
19- مرزا حسن بيگ لکنوي
20- شاهہ حسين بخش خان شاڪر فرخ آبادي
21- قاضي عبدالڪريم بن محمد مقيم بريلوي
22- مولوي سيد خيرات علي الله آبادي
23- مولوي محمد اڪرم مينائي لکنوي
24- شاهہ محمد غوث امينوي
25- مرزا ڪلن بيگ مهونوي
26- ملوي شمس الدين بن مولوي امانت علي مرادآبادي
27- شيخ عزيزالله ڪرسوي
28- مولوي حميدالدين مهونوي
29- مولوي مجيدالدين مهونوي
30- محمد حسين خان بن محمد خان قنڌاري لکنوي
31- حاجي غلام محمد اورنگ آبادي
32- شيخ امام علي صفي پوري
34- ڪريم خان پوپالي
35- انور شاهہ خان ولد احمد خان ڪوروائي
36- مولوي امام علي مينائي لکنوي

37- تاج الدين احمد بن برهان الدين احمد صديقي بلگرامي

38- مولوي لطف علي بن مولوي نثار احمد ردولوي

39- مولوي قدرت علي ردولوي

40- ڪريم داد خان افغان صفي پوري

41- اسدالله بن تاج محمد لکنوي

42- حڪيم خيرات علي بن شيخ امان علي قائم گنجوي

حضرت موحد سنڌيءَ جي خليفن مان شاهه حسين بخش شاڪر فرخ آبادي هڪ وڏو باڪمال گذريو آهي، جنهن جي تصوف جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. هن بزرگ جو فرخ آباد ۾ ڏاڍو نالو آهي ۽ سندس فيض يافتن مان هڪ بزرگ طالب حسين تخلص 'مجيب' به ٿي گذريو آهي، جنهن جي يادگار ۾ فرخ آباد جي هڪ نوجوان مسٽر حفيظ مجيبي فرخ آباد مان مجيب نالي هڪ هفتيوار اخبار به جاري ڪئي. انهيءَ اخبار جي 7- جون 1937ع جي هڪ اشاعت ۾ 'نذر عقيدت' جي عنوان سان هڪ نظم شايع ڪيو جنهن ۾ شاعراڻي انداز ۾ حضرت موحد سنڌيءَ کي هيٺين ريت خطاب ڪيل آهي:

گوہر بحر ولایت در درج عرفان — واقف راز خفی ای شہ عبدالرحمن

ای موحد لقب و آئینۂ حب نبی — سندھ سے تا بہ اودہ آپ کا سکہ ہے رواں

لکھنو سے یہہ ضیا آپ کی پھیلی ہرسو — فرخ آباد کو شاکر سا ملا جان جہان

ہے جمال آپ کے پرتو کا مجیبی گلشن — آپ کا خلق درخشان ہے یہاں نور فشان

مولانا عبدالرحمان موحد سنڌي 1245هه (1829ع) تي لکنوءَ ۾ وفات ڪئي. سندس وفات تي مولانا نورالله ٻيڙا يوني هيٺين ريت تاريخ وفات منظوم ڪئي آهي:

ای دریغا کہ چرخ ظلم آئین — دشمن جان اهل علم و یقین

آفتاب سپہر وحدت را — گوہر نسخۂ طریقت را

کرد مخفی تہ نقاب زمین — ساخت پنہان ز چشم ظاہر بین

شد پوشیدہ صورت تجرید — رفت از دهر معنی توحید

شرح این ماجرا همی گویم — چہرہ از آب دیدہ می شویم

شہ ملک هدایت و عرفان — عبدالرحمان صاحب ایقان

شدہ گلگشت ساز باغ نعیم — گشت داخل بذات ملک ندیم

بادم واپسین خفی و جلی — بود روشن "افوض امری"

چون ارادت سرشت نورالله — از "افوض" گرفت تا "الله"

بکرامات شیخ دین پرور — یافت از سال ارتحال خبر

گوہر مغفرت نثارش باد — شاهد قرب هم کنارش باد

هن نظم جي پوئين حصي ۾ اشارو آهي، ته قرآن شريف جي آيت 'افوض امري

اليٰ لله' جو ابجد سان حساب ڪيو ويندو، ته سال وفات جو، يعني 1245ھ نڪري ايندو [1].

## 100- مولوي عبدالرحمان نبي آبادي

نبي آباد تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ واهڻ آهي. هي بزرگ ننڍيءَ ڄمار ۾ انهيءَ ڳوٺ جي زميندارن جي خواهش سان اچي مقيم ٿيو. مولوي واليڏني پنهنجي ديري واري وٽان ۽ مولوي محمد مبارڪ خليفي محمد يعقوب همايونيءَ وٽان به پڙهيو. جداجدا فقيرن وٽان قادري طريقي ۾ شغل حاصل ڪيائين. آخر ۾ مخدوم پير بخش محمد پوريءَ وٽان خلافت ۽ اجازت مليس. ترڪ ۽ توڪل سان سمورو وقت حياتيءَ جو گذاريندو رهيو ۽ ڪتابن جو هڪ وڏو ذخيرو پنهنجي قلم سان لکي جمع ڪيائين، جنهن مان ڪيترا ڪتاب اڄ تائين راقم فقير دين محمد وفائيءَ وٽ موجود آهن.

هو بزرگ سنڌي زبان ۾ چڱو شاعر هو ۽ فارسيءَ ۾ به ڪجهه ڪلام اٿس. عمليات، تعويذات ۽ طب جو وڏو ڄاڻو هو ۽ انهن فنن تي جدا جدا رسالا لکيا اٿس. پنهنجي گرد و نواح ۾ ڪافي اثر ۽ رسوخ وارو بزرگ هو ۽ معتقدن جو حلقو تمام وسيع ٿي رهيو هو، ته ان حالت ۾ 63 ورهين جي ڄمار ۾ 1301هجري (1883ع) ۾ هن دنيا فانيءَ مان وفات فرمائي ويو ۽ پونئتان نرينه اولاد ڪونه ڇڏي ويو ۽ اسان سنڌس پائيتا هن جي ياد ڪي تازي رکڻ لاءِ دنيا ۾ موجود آهيون. رحمة عليه رحمة واسعة.

## 101- قاضي علي محمد تخلص فقير

ٺٽي جي قاضي خاندان مان مشهور فارسيءَ جو شاعر مخدوم محمد ابراهيم خليل نقشبندي ٺٽوي جو مريد ۽ شاگرد. سندس ڪلام اخبار "مفرح القلوب" ڪراچي ۽ سندس پاءُ قاضي غلام علي تخلص جعفريءَ [1] جي بياضن ۾ معائني مان گذريو [2]، فارسي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

---

[1] هي مضمون وفائي توحيد ۾ ڇاپيو آهي ۽ ساڳيو مضمون اگ الله آباد جي رسالي "هندستاني" ۾ ڇپيو هو.

[2] احوال ڏسو تڪمله ص 112-126 (متوفي: 1303ھ: 1885ع) بن قاضي يحيٰ ثالث (1258ھ: 1842ع) بن قاضي محمد حسين (1250ھ: 1834ع) بن قاضي محمد يحيٰ ثاني (1188ھ: 1774ع) بن قاضي محمد محفوظ اول (1173ھ: 1759ع) بن قاضي محمد يحيٰ اول (1137ھ: 1724ع) بن قاضي محمد حسين اول (1107ھ: 1695ع) بن قاضي علي محمد اول (آخر عهد جهانگير تا اوائل عهد شاهجهان) بن قاضي شيخ محمد فريد اول (عهد ميرزا جاني بيگ) بن شيخ قاضي محمد اُچي هروي (963ھ: 1555ع)

[2] راقم الحروف (حسام الدين) جي ذخيري ۾ قاضي صاحب جي هٿ اکرين بياض موجود آهن، جنهن مان تڪمله ۾ انتخاب ڏنو ويو آهي.

ای بنقد دل خریدارت نه من، صد سمچو من
جان فروش حسن بازارت نه من، صد ہمچو من
ای شهید لعل خوفخوارت نه من، صد ہمچو من
مبتلای خال رخسارت نه من، صد ہمچو من
کشتهٔ تیر نگاه و تیغ ابرویت، بی
درد مند چشم بیمارت نه من، صد ہمچو من
در هوایت روز و شب ورد زبان دارد نقیر
ای به نقد دل خریدارت نه من، صد سمچو من

قاضي مرحوم خميس ڏينهن غره رمضان 1306هه (1888ع) [1] ۾ هن دار فانيءَ مان لاڏاڻو ڪيو، سندس شاگرد مير غلام مرتضيٰ شاهه مرتضائي ٺٽوي سندس وصال جي تاريخ هيٺين مصرعي مان ڪڍي آهي:

مرتضائی چون ز هاتف جست سالش، گفت زود
با سر اشکم بخوانی وا دریغا بی حساب
1306هه

قاضي احمد متعلوي سندس تاريخ وفات هيٺين ريت فرمائي آهي.

زین دار شد دریغا، مقبول حق مجد
سر دفتر شرافت، قاضی علی محمد
زور عز و شان و شوکت و زو فضل و زو بلاغت
خوش خلق، خیرخواه خلق خدای اوحد
یوم الخمیس غره شهر صیام ناگه
لبیک گفت داعی حق را بقول اشهد
جان و دل عزیزان از سوز ماتش سوخت
از سوز فرقت اوهی سوخت جاز احمد
پرسیدم آندم سال ارتحالش از دل
با گریه و گداز، و آه و فغان بی حد
از روی حال واقعه، فرمود هاتف آنرو
32
جنت نمود جائی قاضی علی محمد [2]
1306هه (1888ع)

[1] 3 رمضان (تڪمله ص 492)
[2] ڏسو مفصل احوال تڪمله ص 490-509 ۽ نسب نامه مقابل ص 117.

## 102- مولوي عبدالرحمان سڪري

هي بزرگ شرعيت جو پابند ۽ بي نفس درويش هو. ننين سکر جي شروع آباد ٿيڻ وقت پنهنجي والد مولوي ڪمال الدين سان گڏجي بلوچستان مان اچي درياءَ بندر تي رهيو. سنڌ جي مشهور عالم مولانا خليفي محمد يعقوب همايونيءَ کان ديني علومن جي دستاربندي ڪيل هئس ۽ نقشبندي طريقي ۾ خواجه عبدالقيوم صاحب مجددي قنڌاري جو بيعت ٿيل هو. هو هڪ وڏو مهمان نواز هو، جنهنڪري ڪيترائي مسافر وٽس اچي سندس دسترخوان تان نصيب حاصل ڪندا هئا. هن بزرگ جي هٿ تي ڪيترائي هندو اسلام ۾ آيا ۽ بعض حالتن ۾ مٿس انهيءَ سلسلي ۾ مقدما به قائم ٿيا، پر هو نهايت صبر ۽ استقلال سان انهن حالتن کي منهن ڏيندو رهندو هو. شروع زماني ۾ درس به ڏيندو رهندو هو پر پوءِ درس جو شغل ترڪ ڪري فقط خالق خدا جي خدمت ۾ لڳو رهيو.

مولانا عبدالرحمان جي پوٽي مولوي غلام محمد بيان ڪيو، ته روهڙيءَ جو فقير قادر بخش 'بيدل' به مولانا عبدالرحمان مرحوم جو شاگرد هو. هڪ ڏينهن فقير قادر بخش 'شرح جامي' جو درس وٺي رهيو هو، ته اوچتو 'عشق' جو لفظ اچي ويو، جنهن تي فقير 'بيدل' کان اکين مان ڳوڙها ڪري اچي ڪتاب تي پيا. مولانا کي عرض ڪيائين، ته سائين منهنجا! عشق جو لفظ ته زمين آسمان کان به وڏو نظر اچي ٿو، منهنجي لاءِ اهو بس ڪافي آهي، هاڻي پڙهڻ نٿو پڇيم!

مولانا عبدالرحمان جون ملاقاتون اڪثر ڪري حضرت مولانا تاج محمود صاحب قدس سره امروٽيءَ سان به رهيون ۽ مخدوم محمد صاحب مجذوب سيوهاڻيءَ کان به ڪجهه پرايائين. مولوي عبدالقادر قاسم پوريءَ سان گهڻيون ملاقاتون رهيس. پير سيد حزب الله شاهه پاڳارو رحه سندس گهڻو احترام ڪندو هو.

مولانا مرحوم 23 شوال 1314 هجريءَ ۾ طاعون جي بيماريءَ ۾ ستر ورهين کان به وڌي ڄمار حاصل ڪري وفات ڪري ويو (رحمة الله عليه). مولوي محمد صالح مرحوم ساڪن ڳوٺ ڏڪڻ ضلعو سکر هيٺئين ريت سندس مرثيه تاريخ لکيو آهي:

صاحب فيض و ڪرامت، عارف قطب زمان
مولوی عبدالرحمٰن شيخ اسلام جهان
وارث سجادهٔ حضرت رسول ذوالڪرم
شيخ اڪمل، فخر علماء، عارف عالی مڪان
در جهاد نفس و شيطان، عمر خود را ڪرد صرف
در سرائی باغ جنت شد خرامان چون شهان

سـال تاريـخ وصـالـش، جسـت صـالح از خـرد
صـورت تـاريـخ وصـلـش، ايـنچـنين کـرده بيـان
بيسـت و سـوم از مـه شـوال، شب آدينـه بود
کـان گـهـر در گـنج دان خـاک لحـد شـد نـهـان
بـاز از سـال وصـالـش ايـنچـنين داده خـبـر
مـجتـهـد دوران دور زمـانـه رونق اسلامـيـان(؟)

1314هه (1896ع)

## 103- آغا عبدالرحيم مجددي متعلوي

بن شاهه ضياءُالحق مجددي قنڌاري. هي بزرگ صاحب ڪمال، فيض ۽ سعادت ڪان مالامال هو. ظاهري علوم قنڌار ۾ تحصيل ڪيائين ۽ پنهنجي والد جي وفات ڪان پوءِ صاحب سجاده ٿيو. حج جي سفر تي وڃڻ وقت سنڌ مان گذر ٿيس، ته ان وقت ڪيترا ماڻهو ڪانئس فيضياب ٿيا. افغانستان ۾ جڏهن دوست محمد خان جو خاندان زوال پذير ٿيو ۽ امير عبدالرحمان حڪومت سنڀالي، ان وقت خواجه آغا عبدالرحيم سنڌ ڏانهن هجرت ڪري آيو ۽ مٽيارين جي سادات جي استدعا تي اتي اقامت ڪيائين. سوين اهل علم وٽن بيعت ٿيا ۽ نقشبندي طريقي کي رواج ڏياريائين. قاضي هدايت الله متعلويءَ، جو سندس فيض يافتن مان هو، ذڪر هيئين القابن سان ڪيو آهي:

"اسان جو مرشد احمد قيومي مقامن جو عارف، مجددي ۽ معصومي طريقن جو واقف. حضرت امام رباني مجدد الف ثانيءَ جي اولاد پاڪ نهاد جو ذئل، فاروقي اصل جو موچارو فرع سگورو هو. محبوب خداوند عظيم، مقبول جناب رسول ڪريم. حضرت آغا صاحب خواجه حاجي ميان عبدالرحيم سرهندي فاروقي مجددي نقشبندي قدس الله سره، جو جناب ولايت ماب حضرت امير المؤمنين حضرت علي مرتضيٰ ڪرم الله وجه ڪان اويسي هو، ڪمال تڪميل جي نسبت ان، مولىٰ المؤمنين جي مزار مقدس تان حاصل ڪني هئائين. حضرت ولايت ماب جي فيض بخشش ۽ انوارن، اسرارن جي پالوٽن، ولايت ۽ ڪرامت جي خلعتن ۽ بي بها نعمتن سان مالامال، سيراب ۽ ڪامياب ٿيل هئا. (ڪواڪب

السعادات ج 4 ص 32)

قاضي هدايت الله مرحوم آغا عبدالرحيم قدس سره جي حالات ۽ مناقب تي جدا "رسالو" به لکيو آهي، جنهن ۾ سندس ڪشف ۽ ڪرامات جو بيان ٿيل آهي.

هن بزرگ سن 1314هه (1896ع) ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي مولاءِ اعلي جي جماعت سان وڃي لاحق ٿيو. سندس وفات تي ان وقت جي شاعرن ڪيترا قطعات لکيا آهن، جن مان ڪي مختصر طور هيٺ ڏجن ٿا:

از- علامہ سيد اسدالله الحسيني:

قطب رحمان حضرت عبدالرحيم　　شمس عالم مظهر رشد و هدا

زد فدا سال وصالش را رقم　　کعبہء انوار فخر اوليا

1314هه (1896ع)

آخوند يار محمد فائق متعلوي هيٺين مصرعي مان تاريخ حاصل ڪئي:

دام فی روح و جنات نعیم

1314هه

سيد غلام محمد شاهہ گدا:

مرشد وهاب، هادی خلق! گفت

1314هه

حافظ حامد ٽکڙائي:

مرشد هادی، ولی مقتدا، قطب زمان

1314هه

ازانسواءِ مولوي عبدالڪريم درس ۽ حضرت بزرگ محمد سعيد لواري جا، آغا صاحب جي وفات تي ڊگها مرثيا آهن.

مٽيارين ۾ پنهنجي حويليءَ جي لڳ دفن ٿيل آهي، جتي سندس فرزند ۽ سجاده نشين آغا عبدالحليم جان رحہ مٿس سال 1319هه (1901ع) ۾ عظيم الشان گنبذ بنايو، جنهن جي بناء جي تاريخ سيد غلام محمد شاهہ گدا هيٺين ريت لکي آهي:

اين روضه که عجيب و غريب　　رشک خلد برين به نقش و نگار

گفت سيد گدا سن تعمير　　قبہء زر نگار و رشک بهار

1319هه

# 104- مولانا عبدالغفور همايوني

ولد مولوي خليفو يعقوب[1] پنهنجي والد وٽان علم حاصل ڪندو رهيو. 14 سالن جي ڄمار جو ٿيو، تہ سندس والد بزرگ وفات فرمائي ويو. ان وقت مولانا همايوني "شرح جامي جو حاشيو عبدالغفور" پڙهندو هو، بعد ۾ باقي ڪتاب مولانا سلطان محمود صاحب سيتاپوري سندس خدمت ۾ رهي پورا ڪرايا. ۽ اهو مولانا سلطان محمود سندس والد خليفي صاحب جو شاگرد هو.

مولانا همايونيءَ جي سموري ڄمار درس و تُدريس ۽ فتوىٰ ڏيڻ ۾ گذري. بلوچستان ۽ شمالي سنڌ جو، پنهنجي وقت ۾ مرجع فتاوىٰ ۽ مرجع علماء هو. ڪابہ فتوىٰ يا تحرير تيستائين قبوليت جي نظرن سان نہ ڏٺي ويندي هئي، جيستائين هن بزرگ جا صحيح د ستخط نہ هوندا هئا. پنهنجن همعصرن مان مولانا حاجي حسن الله صديقي پاٽائي ۽ مولانا ارشاد حسين رامپوري ۽ مولانا پير سيد رشدالله صاحب العلم سان وڏا وڏا تحريري منظرا ٿي گذريا. هن بزرگ جي تحريرن جو مجموعو (1) فتاوىٰ همايونيءَ

[1] بن محمد مبارڪ ذات پيچوهو ابڙو (جدا احوال اچي رهيو آهي) قلات جو شهر جهت سندس اصلي ڳوٺ هو. محمد يعقوب پاڳنازي جي شهر ڪندي ۾ مولانا عبدالحليم وٽ (شاگرد مولانا قاضي محمدابراهيم ميرپوري 1250هہ: 1834ع ڏسو الرحيم ص 82) جي مدرسي ۾ تحصيل ڪئي (1) محمد يعقوب ۽ سندس استاد

(1) مولانا سڄي زندگي مجرد رهيو. روهڙيءَ ۾ لينس ڊون پل جي ڇيڙي تي مزار موجود آهي، جنهن کي مولانا عبدالحليم پکي واري جي مزار سڏيو وڃي ٿو. راقم الحروف (حسام الدين) ان جي بارها زيارت ڪئي آهي.

مولانا عبدالحليم مير نصير خان والي قلات جي زماني ۾ ڪندي مان هجرت ڪري جيڪب آباد جي ويجهو 'آباد' ڳوٺ کي اچي مسڪن ڪيو. ڪجهہ وقت بعد همايون جي زميندار ي غازي خان سومري ۽ مستو خان سڏايي جي عرض ڪرڻ تي همايون ۾ اچي مستقل اقامت اختيار ڪئي ۽ استاد شاگردن گڏجي مدرسو کوليو ۽ تعليم ڏئي ترويج ڪيائين. عبدالحليم 1254هہ: (1838ع) ۾ وفات ڪئي، جنهن بعد خليفو محمد يعقوب صدر مدرس ٿيو. خليفي محمد يعقوب صاحب 1253هہ (1837ع) تي همايون ۾ جامع مسجد نهرائي جنهن جي تاريخ آهي:

بهر تاريخ بنائی پاس او     گفت حافظ: ثانی بیت الحرام

مولانا عبدالغفور 1261هہ (1845ع) ۾ تولد ٿيو ۽ پاڻ خليفي صاحب 1273هہ (1856ع) ۾ وفات ڪئي. تاريخ "چراغ دوجهان" مان نڪري ٿي.

خليفي صاحب جي شاگردن مان هيٺيان ناميارا عالم سنڌ اندر شهرت جا صاحب ٿيا:

1) مولانا محمد هاشم ياسينوي (ڏسو مهراڻ 1957ع ص 53)

2) مولانا حسن الله پاٽائي

3) مولانا عطاء الله فيروزشاهي (وفات: 1325هہ: 1907ع) ڏسو مهراڻ 1957ع ص 61)

4) مولانا عبدالقادر پنهواري

5) مولانا عبدالرحمان سکر وارو

6) مولوي عبدالستار رستم وارو

7) مولوي عبدالغفار خانڳڙهہ وارو

8) مولانا نور محمد شهدادڪوٽي (1306هہ: 1888ع-1296هہ: 1879ع) (ڏسو الرحيم ص 86 ۽ مهراڻ 1957ع ص 21) مولانا امروٽي مولانا عبدالقادر پنهواري واري جو شاگرد هو. (تلخيص الرحيم ص 84-86)

جي ناليءَ سان شايع ٿي چڪو آهي، جو عوام ۽ علماءَ وٽ قبوليت جو درجو رکي ٿو.

حضرت همايوني صاحب تصوف، طب ۽ تاريخ جو به ماهر هو، شمالي سنڌ جو امير طبقو سندس معتقد ۽ مريد رهيو.

فقير جامع تذڪره جون طالب علميءَ جي زماني ۾ مولانا همايونيءَ سان ڪيتريون ملاقاتون رهيون. گوشه نشين رهندو هو. در تي دربان بيٺل هوندو هو، واري سان اجازت موجب ماڻهو زيارت يا ملاقات لاءِ ويندا هئا. ڪڏهن به ڪنهن کي هٿ نه ڏيندو هو. قلم يا ڪتاب کي به چادر اندران هٿ ۾ جهلي پوءِ ڏسندو هو. تمام گهٽ ڳالهائيندو هو. سواءِ پڇڻ جي ڪنهن به شيءِ جو جواب ڪونه ڏيندو هو، نماز جو ايترو گهٽو پابند ڪونه هو ۽ نه وري ڪنهن ماڻهوءَ کي از خود نيڪ يا بد ڪم کان روڪيندو هو. جنهنڪري ئي سندس حياتيءَ ۾ ئي همايون جي شهر ۾ بي ديني تمام گهٽي وڌي ويل هئي.

چوندا هئا، ته مولانا همايونيءَ کي حضرت رسول الله ﷺ خواب ۾ هٿ ملايو آهي، تنهنڪري ٻئي ڪنهن کي به ڪيس هٿ ڏيڻ روا نه آهي. مگر اها ڳالهه غلط آهي. مون کي حڪيم مولوي عبدالرزاق ترائي واري[1] بيان ڪيو ته مولانا همايونيءَ کان مان پاڻ

[1] ترائي جو ڳوٺڙو تعلقي ڳڙهي ياسين ۽ رتيديري جي سرحد تي آهي، منهنجي ڳوٺ ٻهمڻ کان 6 ميل اتر طرف ٿيندو. قاضي عبدالرزاق مرحوم جو صاحبزادو قاضي محمد رفيق منهنجو رفيق ۽ زمين جي ڪمن ۾ مددگار هو. قاضي محمد رفيق پنهنجي والد بزرگوار جو حال هن ريت لکيو آهي: والد مرحوم جي ولادت جو سال معلوم نه آهي، باقي پاڻ وفات ڪيائين، ته ان وقت سندس عمر 60 ورهيه پي چيائون. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگ وٽ ورتائين ۽ پوءِ جنديديري ۾ مولوي محمد حسين پٽني صاحب وٽ ۽ پوءِ همايون شريف ۾ بزرگ عبدالغفور صاحب وٽ به تبرڪ طور آخري سبق وٺي فارغ التحصيل ٿيو ۽ حڪمت جو فن پنهنجي والد بزرگوار وٽ سکيو پوءِ تجربي ۽ خداداد برڪت سان حڪمت ۾ نمايان ترقي ڪيائين. پاڻ 3 ڀيرا حج بيت الله جا ڪيائين ۽ هر دفعي اڪثر ايام مڪي ۽ مديني شريف ۾ قيام ڪندو هو ۽ ڪيس اتان جي ڪن بزرگن جو راضپو به حاصل ٿيو. ڪيس پهريائين هڪ فرزند تولد ٿيو جو سغر سن ۾ ئي فوت ٿيو، وري هڪ نياڻي ۽ ان کانپوءِ عاجز (قاضي محمد رفيق) پيدا ٿيو. سندس مزار ترائي ۾ آهي. سندس شاگردن مان مولوي خادم حسين (والد مولوي نذير حسين جلالي هاري ليڊر) جو اسم گرامي نمايان رهيو ۽ سندس صحبت بزرگ همايونيءَ سان ڏاڍي هئي. سندس درس جي نصاب ۾ حديث جو حصو گهٽو هو ۽ فقه ۾ استاد زمان هو، پاڻ کي علم جفر به گهٽو ايندو هينس پر ان تي عمل ڪونه ڪندو هو، بلڪ ٻين کي به جفر کان منع ڪندو هو. پاڻ کي حرمين شريفين مان ڪنهن عامل بزرگ کان تحفو مليل هو جنهن مان ڪين مسخرات ڏاڍي هئي. تمام ڪم گو رهندو هو ۽ بغير ڪنهن سوال پڇڻ جي پاڻ از خود اڪثر ڪري ڪونه ڳالهائيندو هو ۽ سندس مشغلو زياده تر درس تدريس يا ڪتاب ڏسڻ سان هوندو هو. تاريخون ڪيترن صاحبن چيون، جن مان ڪي هي آهن:

پڇيو، ته "اوهان جو هٿ حضرت رسول الله ﷺ سان ملايل آهي ڇا؟ هاٿي ٻين ڪي هٿ ئي نٿا ڏيو يا ڪنهن شيءِ کي ڇهو به نٿا؟ جواب ۾ فرمايائين، ته مون کي حضرت صديق اڪبر ۽ جناب عڪرمه صحابيءَ جو خواب ۾ ديدار ڪيل آهي ۽ بس! ڪيترا اهڙا واقعا به ٿيا، جو ڪن حالتن ۾ ڪنهن بيمار جي نبض ڏنائين ٿي ته برابر هڪ سو گهڙي پاڻيءَ سان هٿ ڌوئيندا هئا، تڏهن هٿ جي صفائي جو يقين ايندو هنس.

مولانا همايوني، سماع موتيٰ ۽ قبرن وارن ڪان امداد وٺڻ جو قائل هو ۽ ان سلسلي ۾ عربي زبان جو هڪ رسالو:

(2) - الدر المنثور في استمداد من اهل القبور.

به لکيو هئائين، جنهن ۾ ڏاڍي محنت سان پنهنجي طرف ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين، طبي لغت ۾ سندس:

---

مولوی صاحب فضیلت، عالم علم الهدا　　کاشف رمز شرعیت، جامع ورع و تقا
در علوم فقه و منطق در تفاسیر و حدیث　　صدر علما، ریب فقها، معدن جود و سخا
حاجی عبدالرزاق اندر جهان مشهور بود　　در فضائل ظاهر و باطن چوشمس اندر سما
در همه اوصاف دینی بر تر و بیمثل بود　　کذ همه اهل زمان مستغنیش کرده خدا
در فنون علم، تحریر مسائل، بی نظیر　　گر ز نعمان ثانیش خوانم کجا باشد خطا
در جهان از انتقالش صد هجوم آمد پدید　　اهل دین از فرفتش در گریه و اندوهها
روز یک شنبه ز رمضان هفتمین تاریخ بود　　کان بلیغ از .هر فانی شد روان سوئی بقا

بی سر حسرت بر آمد مادهٔ تاریخ او
.... دنیا ز نقل این چنین میمون بقا

1331هه (1912ع)

آه از رحلت بلیغ زمان　　صاحب شرع و ورع ذوالاحسان
عالم بی نظیر خایف حق　　زاهد و راستگو خلیق لسان
جز خداوند خود نمی آورد　　روی دلرا بخواهش انسان
در فضائل علوم دین هدیٰ　　بی گمان بود ثانی نعمان
عارف و زنده دل جمیل صفات　　آمراء العرف ناهی الطغیان
مولوی ذی علوم عبدالرزاق　　رکن اسلام نسخر اهل ایمان
حامی و حافظ و حدود الله　　غیر حق از کسی نخواست امان
وای حسرت ز انتقال چنین　　عالم بی بدل فقیهہ زمان
نقد گنجینهٔ علوم هدا　　افقه بی عدیل پر امعان
روز ترحلیش دوشنبه بود　　سابع از مه مبارک رمضان
از سن وصل سر طرب بپرید　　مقدمش کرد حق درون جنان

(مولوي محمد صالح ساڪن ڊڪڻ تعلقو ڳڙهي ياسين)

(3) - فرهنگ همايوني.

هڪ بينظير رسالو آهي، جو چڱي قبوليت حاصل ڪري چڪو آهي.

مولانا ڪڏهن ڪڏهن فارسي يا سنڌي زبان ۾ شعر به چوندو هو ۽ 'مفتون' تخلص ڪندو هو.

حضرت مولانا همايونيءَ جي رهڻي اهڙي يڪ سوئي ۽ خلوت نشينيءَ جي رنگ ۾ هئي، جو وقت جا وڏا وڏا سجاده نشين بزرگ به سندس فيض جا محتاج هئا. جيئن ته پير سيد ابومحمد صالح شاه راشدي پوري به سندس معتقد ۽ مريد هو ۽ پير سيد شاه مردان پير پاڳارو به سندس معتقد هو ۽ سال بسال مولانا کي دعوت ڏئي پاڻ وٽ گهرائيندو هو ۽ جيئن حق خدمت جا ٿيندا آهن، تيئن ادا ڪندو هو.

مولانا درمياني قد جو، ڪڻڪ رنگو ۽ سفيد ريش بزرگ هو. گهڻي ناس ڏيڻ ڪري سندس هيٺين چپ جي ڏاڙهيءَ وارو حصو ميرو ٿيل هو. کاڌو هميشه پرهيز جو هڪ نموني تي 24 ڪلاڪن ۾ فقط هڪ دفعو کائيندو هو، يعني ٻنپهرن جو حلواڻ جو گوشت ۽ خشڪ ماني، رات جو ڳائو کير ۽ جوار جي ماني. باقي ميون ۽ مٺائين کي ڪڏهن ڇڪي به ڪونه ڏٺو هئائين. سفر حضر ۾ اهوئي سندس کاڌو هوندو هو. انهيءَ حڪيماڻي پرهيز ۽ حڪيماڻي پاڪ زندگيءَ ڪري برابر 77 سال ڄمار حاصل ڪري جمعي 11-رمضان المبارڪ 1336هه (1918ع) [1] ۾ وفات ڪئي ۽ پنهنجي والد بزرگ جي پهلوءَ ۾ دفن ڪيو ويو. رحمة الله عليه رحمة واسعة.

سندس مزار پر انوار جي سيرانديءَ کان واقع آهي. سردار گل محمد خان تخلص 'زيب' بلوچستاني' جو چيل تاريخي قطعو لکيل آهي، جن ۾ وفات جو سال نڪري ٿو:

قطعه

استاذي فاضل همايون | آن شمس زمان شهاب گيتي
روپوش چو گشت، گفت هاتف | پنهان شد آفتاب گيتي

1336هه

از مولانا محمد قاسم صاحب رحـ ڳڙهي ياسيني:

[1] رات جي وقت وفات ٿي. سوانح مهراڻ ۾ (1957ع) شايع ٿي چڪي آهي. (از مولانا محمد قاسم ياسينوي مرحوم) جنهن مان معلوم ٿئي ٿو، ته:

1) ديوان مفتون سنڌي

2) ديوان مفتون فارسي

مرتب ٿيا هئا، پهريون ڇپجي ويو ۽ ٻيو خطي صورت ۾ پير صالح شاه راشدي پور واري کي ڏنو ويو هو جو انهن وٽ رهجي ويو. فتاوائي همايوني ٻن جلدن ۾ آهي (مهراڻ 1957ع-ص 87)

"ديوان سنڌي" مولانا محمد ابراهيم مرحوم شيام سندر پريس شڪارپور مان ڇپايو آهي، جنهن ۾ 49 صفحا آهن ۽ 118 ڪافيون درج آهن.

سقف آن که رنگش چون زمرد گشته است
هیچ میدانی، چرا خم همچو گنبد گشته است
سطح غبرا با چنین وسعت که می بینی درو
از چرا پامال چون فرش ممهد گشته است
این همه از فقد آن نورالهدیٰ غوث الوری
آنکه او از رهبران دین احمد گشته است
عالم و فیاض دین، فخر جهان، قطب زمان
آنکه ذاتش والی شرح ممجد گشته است
بود اسم سامیش علامه عبدالغفور
در همایون شریف، آن شه مولد گشته است
کس ندیدم در شریعت، در طریقت، مثل او
در حقیقت، مخزن اسرار ایزد گشته است
فیض علمش در دیار سند تا پنجاب و هند
در خراسان و عرب مبسوط ممتد گشته است
از کمال حسن خلق و حلم او گفتی جهان
وضع او شیرین تر از قند طبرزد گشته است
در تمامی عمر خود آن حضرت شیخ الشیوخ
از علائق روزگار دون، مجرد گشته است
من نیم تنها، ز حزن فرقتش خون بار، بلکه
بار فرقت بر دل عالم، مشدد گشته است
جای او پرسیدم از رضوان، که خازن جنت است
گفت: در فردوس در صرح ممرد گشته است
جست قاسم سال وصلش گفت هاتف در جواب:
مهر فیض عالمین- ارخش منضد گشته است [1]

[1] ڪانئس پوءِ سنڌس ڏوهٽو مولانا ميان عبدالباقي گاديءَ تي ويٺو جيڪو پڻ سال ٿيا گذاري ويو. هن وقت ڪتبخانو ضايع ٿي ويو آهي ۽ مدرسي جي وقعت به اها نه رهي آهي. خانقاهه وغيره قائم آهي.
مولانا همايونيءَ جا هيٺيان شاگرد مشهور ٿيا:
1) مولوي عبدالرحيم شڪارپوري
2) مولوي فاضل محمد صادق صاحب بلوچستاني
3) مولوي خدا بخش لهڙي
4) مولانا نبي بخش ڪولاچي
5) مولانا محمد مبارڪ ميان ڳوٺي
6) مولوي محمد اسماعيل شاهلي
7) مولوي محمد يعقوب سبي

# 105- مرزا قليچ بيگ [1]

مرزا قليچ بيگ[2] جو والد مرزا فريدون بيگ[3] اصل جارجيا ملڪ جو عيسائي امير گهراڻي مان هو. جڏهن جارجيا تي ترڪن قبضو ڪيو تڏهن فريدون بيگ جنهن جو نالو هو سڊني، سو ننڍپڻ ۾ ڪن ترڪن جو غلام ٿي اچي عراق ۾ وڪاڻو جتان مير ڪرم علي حيدرآباد جي واليءَ جو هڪ امير مرزا خسرو بيگ، جو ايران سفارت سان ويو هو، تنهن عراق مان سڊنيءَ کي خريد ڪري سنڌ ۾ آندو ۽ هت اچي آزاد ڪري سندس تعليم ۽ تربيت ۾ ڪوشش ورتائين. مير ڪرم علي، سڊنيءَ جو فهم ۽ فراست ڏسي، هن کي پنهنجو پُٽيلو ڪٽي ڪيائين ۽ نالو رکيائينس فريدون بيگ. هن ايڏي لياقت پيدا ڪئي، جو سندس آقا خسرو بيگ کيس پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏئي پنهنجي خاندان سان ملائي ڇڏيو، جنهن مان فريدون بيگ کي ست پٽ ڄاوا، جن ۾ ٽيون نمبر مرزا قليچ بيگ[4] هو.

مرزا مرحوم ننڍپڻ ۾ آخوند شفيع محمد جي مڪتب ۾ تعليم ورتي، جتي قرآن شريف ۽ ڪجهه فارسي پڙهيو. ان کانپوءِ آخوند ولي محمد جي مڪتب ۾ فارسي پڙهڻ لڳو. جتي ديوان ڏيارام گدومل ۽ ساڌو هيرانند به ساڻس گڏ آخوند وٽ تعليم وٺندا هئا. فارسيءَ ۾ چڱي لياقت پيدا ڪري سرڪاري سنڌي اسڪول ۾ ۽ اتي ڪل 1865ع ۾ انگريزي شروع ڪيائين. ڇهين درجي ۾ پهچڻ وقت هاءِ اسڪول ۾ پرشين ٽيچر مقرر ڪيو ويو. 1872ع ۾ مئٽرڪ امتحان ڏئي 1873ع ۾ بمبئي الفنسٽن ڪاليج ۾ بي.اي

---

[1] هي مضمون سنڌ آزاد نمبر (الوحيد) تان ورتل آهي.

[2] ولادت 4 محرم 1271هه (4 آڪٽوبر 1853ع) صحيح ترڪي لفظ قليچ آهي معنيٰ تلوار.

[3] وفات 29 شوال 1288هه (21 جنوري 1871ع)

[4] مرزا صاحب جي سوانح تي هن وقت تائين هيٺيان ڪتاب ڇپجي چڪا آهن:

1- حيات قليچ از همايون بيگ 1937ع
2- قرب قليچ از محمد صديق مسافر 1939ع
3- مقدمه بر ديوان قليچ از اجمل بيگ 1957ع
4- زندگي و آثار مرزا قليچ بيگ از ديوان گدومل (انگريزي) 1928ع
5- زندگي مرزا قليچ بيگ از غلام علي الانا " 1965ع
6- مرزا قليچ بيگ از ضياءُالله غلام علي " 1968ع
7- گلدستهء قليچ از اعجاز علي مرزا
8- ماهنامه سنڌي سنهارا از جڳتياڻي
9- جنب گذاريم جن سين از جي. ايم. سيد ج 1 ص 274، 1967ع
10- يادگيريون مرزا قليچ بيگ
11- ڪارو پن سائو پن

1905ع ۾ شمس العلماءُ جو لقب مليس ۽ خلعت بہ سرڪار مان عطا ٿيس. ان ڪان پوءِ خانبهادر بہ ٿيو، مگر هن ڪي انهن ڳالهين جي ڪا پرواهہ ڪانہ هوندي هئي. مرزا نماز جو سخت پابند هو، بلڪ تهجد جي نماز بہ قضا نہ ڪندو هو. تهجد جي نماز بعد ڪڏهن ڪڏهن هو هوريان هوريان راڳ بہ ڳائيندو هو، هن جو والد ۽ ڀيا اثنا عشري شيعا هئا، مگر مرزا اهلسنت جماعت جو هو ۽ هڪ ڊگهي نظم ۾ ان جو اظهار بہ ڪيو آهي. صوفياڻن خيالات جو مٿس وڏيڪ غلبو هو، جنهنڪري ڪنهن بہ مذهب جي دل آزاري هن وٽ جائز نہ هئي.

مرزا صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ قبر ٺهرائي ڇڏي هئي، جنهن ۾ ڪفني پائي جمعي ڏينهن ڪجهہ وقت وڃي سمهندو هو ۽ موت ڪي هميشہ ياد ڪندو ۽ ان جي تياري ۾ رهندو هو. مرزا صاحب 74 ورهين جي ڄمار ۾ 3-جولاءِ 1929ع [1] ۾ وفات ڪري ويو ۽ مرڻ کان اڳ پنهنجي وفات تي اڳواٽ قطع تاريخ لکيو هئائين. جنهن جي پوئين شعر جي پوئين مصرعي مان هجري سال وفات نڪري ٿو:

تاريخ وفاتم چو دلم خواسته از غيب هاتف ز کرم کرد ندا! بخت موقر [2]

1348هہ (1929ع)

## 106- محمد محسن بيڪس روهڙائي

روهڙيءَ جي مشهور شاعر فقير قادر بخش بيدل جو اڪيلو فرزند، خوش گو شاعر ۽ پنهنجي والد جي تربيت ۾ نپايل ۽ صوفياڻي توحيد جي شراب سان مخمور ٿيل هو، 28 جمادي الثاني 1275هہ (1859ع) جو ڄائو سندس والد ڄمڻ جي تاريخ هيٺنئين ريت لکي آهي:

بيست هشتم جمادی الثانی زاد محسن و مولدش مبارک باد

پنج و هفتاد و يک هزار دو صد بد ز هجرت رسول شاد رشاد

ٻارهن ورهين جي ڄمار جو مس ٿيو، تہ سندس والد بزرگ وفات ڪري ويو. ان وچ ۾ هن فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي. سنڌي زبان ڪان سواءِ اردو بہ ڄاڻندو هو. والد

---

[1] 77 ورهيہ ڄمار تاريخ وفات 26 محرم 1348هہ (1929ع)

[2] قطعو هي آهي:

عمر بهمين سال هفتاد شد و هفت آمد ملک الموت ز درگاه حق آخر

گفته کمبسی زيستی در منزل دنيا شو عازم عقبیٰ که به بينی رخ داور

از فرط مسرت زدم آهی و بمردم در عالم ارواح رسيدم دم ديگر

تاريخ وفاتم جو دلم خواسته از غيب هاتف ز کرم کرد فدا - بخت موقر

1348هہ

جي صحبتن ۾ سندس ساٿين مان هن گهڻو ڪجهہ پرايو هو جنهنڪري هو عشق مجازيءَ جي ڏاڪڻ تان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهيو ۽ ورثي طور شاعريءَ جو شغل بہ جاري رکندو رهيو ۽ هڪ پختہ گو شاعر جي حيثيت ۾ پيءُ کان پوءِ شهرت حاصل ڪيائين. هو اجا جوڀن جي ڀرپور زماني ۾ پورو پهتو ئي ڪونہ هو، تہ اجل جي سڏينڌڙ کي لبيڪ چئي راهہ رباني وٺي رمندو رهيو. اهو واقعو 5 رمضان 1298هہ (1882ع) ۾ ٿيو. وصال وقت فقير صاحب جي ڄمار فقط 23 سالن جي هئي. سندس سال وفات ڪنهن شاعر هيٺئين فقري مان ڪڍيو آهي.

**"شهيد شوقش پاڪ محمد حسن"**

اولاد جي بجاءِ پنهنجي پوئتان فارسي، سنڌي، اردوءَ ۾ غير فاني ۽ روحاني اولاد ڇڏي ويو. سندس فارسي شعر جو نمونو هيٺئين ريت آهي:

حڪايت حالت هجران تو مي داني و ميدانم
شڪايت شوخي چشمان تو مي داني و ميدانم
بود يادت ڪہ پيش ازين انيس و همدسم بودي
فرق افتاد از خويشان تو مي داني و ميدانم
خدارا ساعتي با بيڪس مسڪين، نوازش ڪن
شراب وصل خود نوشان تو مي داني و ميدانم

فارسي ڪلام مان اندازو ڪري سگهجي ٿو، تہ اها پختگي ڪانہ آهي جا هڪ فارسي شعر ۾ هئڻ گهرجي، تنهنڪري بيڪس فقير جي شاعرانہ ڪمال کي سندس مادري زبان سنڌيءَ ۾ ئي تلاش ڪرڻ گهرجي، جنهن جي سنڌي ڪافين جو سنڌ جي صوفين ۾ ڏاڍو چرچو آهي[1].

## 107- سيد ميران محمد شاهہ ٽکڙائي

حضرت حاجي حافظ خواجہ محمد حسن جان مجّددي سيد ميران محمد شاهہ کي هيٺين لفظن ۾ ياد فرمايو آهي:

سيد موصوف شريف النسب عالم، عامل، طبيب حاذق، شاعر ماهر، عابد، زاهد، در فنون خوشنويسي و انگريزي خواني و لطيفہ گوئي لاثاني (تذڪره الصلحاءِ)

سيد موصوف متعلوي سادات جي خاندان مان هو. ابتدائي ڄمار ٽکڙ جي شهر

[1] سندس سنڌي ديوان عطا حسين شاهہ موسوي مرحوم سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيو آهي.

۾ پنهنجن ڳوٺ وارن آخوندن ۽ عالمن کان علوم جي تحصيل فرمايائين ۽ علم طب ۾ تمام وڏي مهارت حاصل ڪيائين، پاڻ سنڌي تہ، تہ آخري ڄمار ۾ پنهنجي ذهانت ۽ ذڪاوت سبب انگريزي بہ بقدر ضرورت حاصل ڪئي هئائين. سندس فارسي ڪلام ان وقت جي شاعرن ۾ بيحد مقبول ٿيل هو، بعض قطعات تاريخ نظر مان گذريا آهن، جي سندس شاعراڻي بلنديءَ جي دلالت ڪن ٿا.

انگريزن جي اوائلي راڄ ۾ سنڌي زبان کي مرتب ڪيو ويو ٿي، جن سنڌي دان عالمن هن وطني ٻوليءَ جي جوڙجڪ ۾ حصو ورتو تن مان هڪ سيد ميران محمد شاهہ بہ آهي، ان زماني جي ڪمشنر سنڌ جي استدعا تي هڪ ڪهاڻي لکي جا 'سدا توري ۽ ڪذا توري' جي نالي سان ڇپجي تيار ٿي. شاهہ صاحب 1287هہ (1870ع) ۾ حرمين شريف جي زيارت جو سفر ڪيو. سندس ڪمالات ۾ هن سعادت واري ڪماليت جو بہ اضافو ٿيو، حج تي وڃڻ کان اڳ ۾ پنهنجن شاگردن ۽ اولاد لاءِ علم طب ۾ هڪ رسالو يادگار طور ڇڏيائين، جنهن ۾ گهڻو ڪري سندس مجربات ڏنل آهن ۽ ان رسالي جي آخر ۾ مفردات طب جو بہ بيان ڪيل آهي، اهو نسخو راقم الحروف وفائي سيد موصوف جي فرزند سيد حاجي زين العابدين ٽکڙائي وٽ ڏٺو، جنهن جو منڍ هيئنئين ريت آهي:

نحمدالله و نصلي وسلم علي رسوله سيدنا محمد و علي آله و صحبه اجمعين، ميگويد فقير اضعف عبادالله الاحد السيد ميران محمد كه اين چند فوائدست در علم طب الخ......

رسالي جي آخر ۾ هيٺيون قطع تاريخ درج ٿيل آهي:

مجمع رمز طبابت، معدن علم شريف
چونكه جستم از خرد تاريخ اين موجز عريب
هين جوابش را نگر..... شوخ عجيب
1268هہ (1851ع)
راجي رحمة ربه ميران محمد

چوٿين مصرعي ۾ ڪي لفظ پڙهڻ ۾ نہ آيا، جي محو ٿيل هئا.

شاهہ صاحب نقشبندي طريقي ۾ خواجہ عبدالقيوم مجددي (متوفي: 1271هہ: 1854ع) کان بيعت ٿيل هو. پنهنجي مرشد زاده حضرت خواجہ عبدالرحمان مجددي (متوفي: 1315هہ: 1897ع) سان عشق جي درجي تائين محبت ڀرتل هئس. خواجہ عبدالرحمان صاحب مجددي سن 1297هہ (1880ع) ۾ قنڌار مان هجرت فرمائي جڏهن حرمين شريفين جي ارادي سان وطن مان روانا ٿيا ۽ سيد صاحب کي اها سڌ پهتي تڏهن

سيد صاحب پنهنجي ڳوٺ ٽکڙ مان 3 سو ميل پنڌ ڪري پاڳ ناري ۾ وڃي پنهنجي مرشدزادي جو استقبال ڪيو. هن صاحب جي ڪوشش سان ئي خواجه عبدالرحمان مجددي قدس سره حرمين کان واپس اچي ٽکڙ ۾ هميشه لاءِ سڪونت اختيار ڪئي ۽ اتي ئي وفات ڪئي. (تذڪره الصلحاء).

ايڏي ڪماليت ۽ بزرگي ديني ۽ دنيائي رياست جي مالڪ سيد صاحب مغرب جي سومر ڏينهن جمادي الاول سن 1309هه (1891ع) ۾ ذات الجنب (نمونيا) جي بيماريءَ ۾ وفات فرمائي پنهنجي رب جي رحمت سان وڃي همقرين ٿيو. سندس رحلت تي جن شاعرن تاريخون لکيون آهن تن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون:

### از سيد غلام محمد شاهه گدا

سيد ميران محمد شاه بود — عارف حق و قدوهٔ اهل يقين
کاظمی و حیدری و موسوی — زندهٔ اولاد ختم المرسلين
متقی و حاجی و پرهیزگار — حافظ قرآن بحکمت همقرين
خادم شرع محمد مصطفی — استقامت داشت بر دين متين
فيض ياب از خواجگان نقشبند — واقف اسرار رب العالمين
محو در انوار يزدانی مدام — بود فارغ از خيال آن و اين
جد پاکش آمد از متعلوی — کز قدومش شد تکر رونق گزين
وقت مغرب روز مریخ آمده — کرد رحلت در جمادی الاولين
از لقائی ايزدی شد کامياب — مسکنش حق داد فردوس برين
نور حق برتر بتش چون سانبان — مرقدش هردم برحمت همقرين
با سر افسوس تاريخش بگو — وائی سيد پاک ذات و پاک دين

1309هه

### ايضاله

اشکبار رحلتش برنا و پير — هائی هی هی بود سيد بينظير

1309هه

### ايضاله

باسر همست گدا تاريخ او — زد رقم ميران محمد در بهشت

1309هه

### از مخدوم ابراهيم نقشبندي ٺٽوي

برای رحلت ميران محمد صاحب — که بود سيد عالی نسب اريب نجيب
به بحر فکر چو غواص طبع غوطهٔ زد — کشيد اين در غلطان- غريب بود عجيب

1309هه

**از علامه سيد اسدالله صاحب تکرائی**
**در صفت مهملات**

الله الله مصلح اسلام، صمصام عدو — اکرم اولاد آدم احد مورد هر محمده
اکمل و اسعد، محط الکل حاء للعلوم — سلم طارم علیٰ، اهل امل را موسده
سالک مسلک سلوک، مالک ملک ولا — مصدر علم و عمل، اطلس هدی را مرصده
عالم عامل کلام الله، محمود الکرم — محور الاکرام، اعطاء کرم را مائده
حال امصاراً کماله، راح سحر للکلام — جام موم الاصلحا، مادام دهراً رصده
سلم لما دعاه الله الی دارالسلام — روحه طارالسماء، حور حسام مهده
سال وصلی اکمل الکملاءِ در الهام اسد — مصدر اسرار اله و اکرم دهر- آمده

1309هہ

سال وصل آن شه ذوالمکرمة — گفت هاتف- مجمع فیض و کرم [1]

1309هہ

سيد حاجي زين العابدين ولد مرحوم سيد ميران محمد شاهہ مون کي ٻڌايو، تہ "جڏهن سندس والد جي وفات کان پوءِ شاعرن وفات جون تاريخون پيش ڪيون تڏهن هرهڪ چوڻ لڳو، تہ جيڪي بہ وصفون شعر ۾ سندس ڪيون ويون آهن، سي سموريون هن بزرگ ۾ موجود هيون ۽ هي هڪ اهڙو ماٺهو ٿي گذريو آهي، جنهن جي حق ۾ شاعراڻو مبالغو ڪري نٿو سگهجي." رحمة الله عليه رحمة واسعة [2].

## 108- مولوي حسن حيدرآبادي

هي بزرگ اصل ضلعي دادو جي ڳوٺ ڪنڊيءَ جو رهاڪو آهي. هن سمورا ڪتاب نهايت محنت ۽ جان فشانيءَ سان شهدادڪوٽ جي مولانا نورمحمد صاحب [3] ۽ سندس والد ارشد مولانا گل محمد صاحب وٽ پورا ڪيا.

---

[1] هي شعر هڪ ڊگهي مرثيہ جي آخر مان ورتل آهي، جنهن ۾ ڪل 17 شعر آهن. هي تاريخون هڪ ڪتاب جي ٻاهرين ورقن تان حضرت علامہ اسدالله شاهہ جي دستخط سان لکيل هيون، جتان نقل ڪيون ويون. (وفائي)

[2] ڊاڪٽر اسدالله شاهہ (ثاني) ٽکڙ جي شاعرن جو تذڪرو (تذڪره شعراءِ ٽکڙ) لکيو آهي، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو آهي. مرحوم ميران محمد شاهہ جا احوال انهيءَ ۾ ڏنل آهي.

[3] سوانح ڏسو مهران 1957ع ص 21 جنهن ۾ سندن هينيان شاگرد ڄاڻايا ويا آهن:

1) مولانا مخدوم محمد قريشي (ڳوٺ پير، قنبر- لاڙڪاڻو)
2) " نورمحمد پنهي (ميرپور ٻي ٻي ياڳناڙي)
3) " حاجي احمد صاحب بوهڙ. (ڳوٺ بوهڙ- قنبر، لاڙڪاڻو)
4) " گل محمد صاحب شهدادڪوٽي متوفي: 27-ذي الحج 1306هہ : 1888ع (سندس وڏو صاحبزادو)

هڪ معتبر ماڻهو ڳالهه ڪئي، ته طالب علميءَ جي زماني ۾ ڪڏهن به هو گهر ڏانهن پنهنجن عزيزن جي ملاقات لاءِ نه ويو ۽ نه وري هنن کي ڪو خط لکيائين بلڪ جيڪي به ڳوٺان خط ايندا هئس، سي هڪ پراڻي مَٽَ ۾ اُڇلائيندو ويندو هو. جڏهن سيني علومن کان فارغ ٿي فضيلت جي دستاربندي ڪيائين تڏهن مَٽَ ۾ پيل خط کولي ڏٺائين جن ۾ ڪن عزيزن جي موت ۽ ڪن جي شادين جا واقعا درج ٿيل هئا. فرمايائين ٿي، ته جيڪڏهن طالب علميءَ جي زماني ۾ اهي خط پڙهندو رهان ها، ته علم طلب جي ڪيفيت ۾ يڪسوئي نه رهي ها، تنهنڪري انهن کي هٿ ئي نه لاتو ويو، جنهنڪري علم جي راهه ۾ ڪا به رنڊڪ نه پئي.

مولوي محمد حسن صاحب جي لاءِ پاڻ جي مرحوم قاضي امام علي انصاري حيدرآباد ۾ هڪ مدرسو قائم ڪرايو، جتي هيءُ بزرگ سالن جا سال درس ڏيندو رهيو ۽ سموري زندگي درس تدريس جي شغل ۾ بسر ڪندو رهيو، هو سيني علومن جي ياد حافظ ۽ پڙهائڻ جو علامه وقت هو، شهدادپوري بزرگن جي اوائلي شاگردن مان هڪ ممتاز ترين هستي هو. سندس درس مان جيڪي فيضياب ٿيا، تن ۾:

1- مولوي غلام محمد صاحب ملڪاڻي بلوچ
2- قاضي هدايت الله متعلوي
3- مولوي احمد بن محمد ابڙه ملوي [1]
4- علامه قاضي اسدالله شاهه تکڙائي
5- مولوي محمد صاحب هالائي ۽ ٻيا سوين ماڻهو آهن.

هن صاحب حيدرآباد ۾ شادي ڪئي هئي مگر ڪو به اولاد ڪونه ٿيو ۽ ائين علومن جي سخاوت ۽ رات ڏينهن جي نوافلن جي عبادت ڪندي حيدرآباد ۾ ئي وفات فرمائي ويو. مون سان سندس صحبتين مان هڪ ماڻهوءَ ڳالهه ڪئي، ته وفات واري رات

[1] سوانح ڏسو صفحو 177.

5) " ميان غلام صديق شهدادڪوٽي، ولادت: 4 ربيع الاول 1260هه (1844ع) وفات: ربيع الاول 1323هه (1905ع) (سندس ننڍو صاحبزادو)
6) " مولانا سيد پير بخش شاهه راشدي (ننون ديرو، لاڙڪاڻو)
7) " حاجي احمد صاحب مولوي (ملا ابڙو، لاڙڪاڻو)
8) " محمد حسن (جوهي، دادو)
9) " تاج محمد صاحب رحه (امروٽي، سکر)
10) " محمد هاشم مرحوم ولادت 1259هه (1843ع) وفات 19- شوال 1322هه (1913ع) (ڳڙهي ياسين، سکر) پاڻ 12 ذي الحج 1296هه (1879ع) جو 90 ورهين جي ڄمار ۾ فوت ٿيو ۽ شهدادڪوٽ ۾ دفن ٿيو.

ٻه هو چڱو ڀلو اڌ رات ڪان پوءِ پنهنجي پاڙي جي مخلص دوستن ۽ جماعتن ڪي سڏائي ساڻن موڪلائيءِ جي ملاقات ڪئي ۽ صبح جي وقت پنهنجي گهر واريءَ کان پڇيائين، ته نماز جو ٽائيم ٿيو آهي يا نه؟ هُن هائو ڪئي. تڏهن مولانا تيمّم ڪري اشارن سان الله اڪبر ڪندي تڪبير تحريمه چئي ۽ ان حالت ۾ سندس روح پاڪ، خاڪي پڃري مان پرواز ڪري، خطيرة القدس ۾ وڃي حاضر ٿيو. اهو واقعو 1309هه (1891ع) ۾ ٿي گذريو.

## 109- ابوالبقا پير مظهرالدين راشدي

مظهرالدين ولد حاجي سيد هدايت الله ولد پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي رضي الله عنهم اجمعين.

عالم، فاضل، حڪيم، ذهين ڪامل پير مظهرالدين، راشدي خاندان جو هڪ چمڪندڙ ستارو هو. پنهنجي والد بزرگ جي خدمت ۾ رهي ظاهري علوم حاصل ڪيائين ۽ ان کان پوءِ پنهنجي خداداد ذهانت جي زور تي پنهنجي مٿي علمي استعداد وڌائيندو رهيو. سندس سؤٽ پير سيد محمد رشدالله صاحب (صاحب العلم الرابع) سان تمام گهاٽي دوستي هئس. هنن ٻنهي بزرگن جو علمي استعداد وڌائڻ ۾ گڏوگڏ مقابلو رهندو ايندو هو، جنهنڪري پير مظهرالدين وڏي ڪماليت ۽ علم جو مالڪ ٿي ويو.

هن هڪ ليٿو ڇاپخانو ٺلاهه شريف ۾ قائم ڪيو، جنهن مان 'هداية الاخوان' نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪري ماڻهن کي فائدو ڏيندو رهيو. ٻيا به ڪي رسالا ان ۾ ڇپندا رهيا. اهو رسالو فقط هڪ سال هلي بند ٿي ويو. وٽس علماءَ وقت جو هميشه ميڙو رهندو هو، انگريزي ۽ يوناني طبيب هجڻ ڪري روزانو ڪيترا مريض به سندس علاج هيٺ رهندا هئا.

سندس عربي، سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ ڪيترائي رسالا تصنيف ٿيل آهن، جي گهڻو ڪري مذهبي يا طبي آهن. هيٺيان رسالا منهنجي نظر مان سندس فرزند پير حاجي محمد بقا مٺل شاهه جي ڪتبخاني ۾ گذريا:

1- تڪوير الامامة علي ان القلنسوة لا يڪره فيها الاقتداء والامامة

2- الفوائد الجمة في احڪام العمامة (هن مٿئين رسالي ڪي قدري بسط سان لکيو ويو آهي)

3- القواعد المهمة للفوائد الجمة (هن ۾ رسالي ۾ سندس همعصر مولوي محمد اسماعيل تي رد آهي، جنهن سندس پهرئين رسالي تي اعتراض ڪيا هئا)

انهن رسالن ۾ هڪ ئي مسئلي جي صفائي ڪيل آهي، ته ٽوپيءَ ۾ جماعت جو امام ٿي نماز پڙهائڻ جائز آهي. هن رسالي جو سندس ڪنهن مريد سنڌيءَ جي جهوني

نظم ۾ ترجمو ڪيو آهي جو ديباچو هن طرح آهي:

پڇاڻان حمد و صلواة جي تو چوي شيخنا

شيخ مرشد سيد عالم تحريرا

ابوالبقا پير مظهرالدين سنڌن اسم سگورا

جو پٽ شيخ عالم، مقتدي، منڊين صاحب تقويٰ

حاجي ميان هدايت الله شاهه اسم منيفا

4- تحريرات مباحثه قراءت قرآن جهر در جماعت

5- تحصيل الصحته عن السقامة بما جاء في الفصد والحجامة

6- افحام الافحم بتائيد ابراء المتهم

7- تحقيق الخبر في صلاة الجنازة علي القبر

8- مجربات مظهرية يوناني

9- رساله در فن ڪيميا فارسي

10- سنڌي ڪافين جو ڪتاب

هو ايڏو ذهين ماڻهو هو جو وڏي عمر ۾ ٿوري انگريزي سکي، ان زبان ۾ هڪ غزل به لکيو اٿس. جيئو وجي ٿو، نه انگريزي لکي نه سگهندو هو پر پڙهي ويندو هو [1].

هي بزرگ نهايت ڪامياب حياتي گذاري جوانيءَ جي وقت ۾، جو سنڌس ڄمار مس 42 سالن کي پهتي هئي، اربعه ڏينهن 9 بجي صبح 22 ربيع الثاني 1318هه جي هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ پنهنجي خاندان جي مقبري ۾ ٺلاهه شريف ۾ مدفون ٿيو [2].

## 110- مصري شاهه نصرپوري

نصرپور جي شاهه پوٽن ساداتن جي خاندان جو هڪ صوفي بزرگ ۽ سنڌيءَ جو بهترين شاعر هو. هن ويدانت چاٽنڊڙ هندو فقيرن سان به صحبتون ڪيون ۽ مسلمان درويشن مان به گهڻو پرايو. زمين آسمان جي بيهڪ ۽ هن دنيا جي پيدائش واري مسئلي تي ڪافي طرح غور ڪندي ڪندي توحيد جي مسئلو صوفياڻي رنگ ۾ سمجهي ويو ۽ ان کان پوءِ هو دنيا جي پاڇي کان پڇي اصل حقيقت جي سمجهه کان پوءِ ان کي سنڌي نظم ۾ بيان ڪرڻ لڳو، جيئن هڪ سنڌي ڪافي ۾ فرمائي ٿو:

[1] ڪتاب 1-4-5-6 پير سائين جهنڊي واري جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

[2] هن بزرگ جي هٿ اکرين ڪجهه رسالا راقم (حسام الدين) جي ذخيري ۾ موجود آهن.

بيرنگي بي اختيار    رنگارنگي تو رونق ماڻي

1- بيرنگيءَ جون باڪون ڦٽيون    ڪثرت قلزم تي ڇوهون ڇنيون
مهرين لک هزار    احد اصل جي صفت سجاڻي

2- احد اصل ڪي اونو چڏيو    سر سلطاني گولن گڏيو
استغنائي اپار    پنهنجي قدرت تون تو ڄاڻي

3- اورانگي افلاڪ اڏاڻي    پڇري پاپي پُهين اڇي پاڻهي
دم اهو د شوار    ’ڪن فيڪون‘ جي قيد ڪماڻي

4- ڪثرت قلزم معني مصري    وِيّ وحدت ۾ ويني وسري
سمي جي سرڪار    مالڪ وچ تي ٿي مني مهاڻي

هو جنهن صورت ۾ ويدانت فلسفي جو هندو درويشن جي صحبت ۾ ڄاڻو هو تنهنڪري هو ڪڏهن ڪڏهن هنديءَ ۾ به انهيءَ فلسفي يا حڪمت تي شاعري ڪندو هو. سندس هڪ ننڍڙو گيت نموني طور هيٺ ڏجي ٿو:

الک اگم ڪوئي انت نه پاوي    لاک لاکيٽو ڪونه لکي ري
نام نرنجن ڪا بيتر باسا    جهنگل جو گي ڪانه جکي ري
سيو ستگر ڪو سنت سبهد سي    پر گهٽيو پريو پاس پکي ري
ڪرناٽک ڪو تيسر ڪالي    گهٽ وچ گنگارام رکي ري
گر چونيين مصري سين اتارو    ڪاشي ڪروت ايڪ اکي ري

هو دنيا ڪان الڳ ٿيڻ ڪان پوءِ هڪ خاص صوفياڻي رنگ ۾ هميشه مٿي اگهاڙو رهندو هو ۽ بدن تي فقط ڪاري الفي پيل هوندي هئس. ڳالهائيندو هميشه ٿورو هو، راتيون جاڳي هڪ ئي هڪ حقيقت ۾ غرق رهندو هو. هندو مسلمان هن کي برابر نظرن سان ڏسندا هئا . بلڪ هندن جو هن ۾ ٻين ڪان وڌيڪ اعتماد هو. انهيءَ حالت ۾ ئي وڏي ڄمار کي رسي اٽڪل 1895ع (1313هه) ۾ هن ڪثرت جي دنيا مان پرواز ڪري وحدت جي وهڪري ۾ وهي ويو. سندس مقبرو نصرپور [1] ۾ آهي.

[1] راقم الحروف (حسام الدين) مقبري جي زيارت ڪئي آهي. سندس ديوان ڇپيل آهي، نصرپور ۾ ساليانو ميلو پڻ لڳندو آهي. منهنجي برادر مڪرم پير علي محمد شاهه راشدي جي يادداشتن ۾ مصري شاهه متعلق هي نوٽ آهي (بروايت پير جعفر علي شاهه راشدي مرحوم) صوفي مشرب، متوڪل ۽ قلندراڻي وضع جو ماڻهو هو. سندس تاريخ تولد ۽ وفات بابت پڪ ڪانه آهي. البت ايترو چئي سگهجي ٿو ته اٽڪل 60 يا 65 سال جي عمر ۾ اٽڪل 20 (؟) سال ڪن ٿيا جو وفات ڪئي هئائين. هو تمام حليم ۽ خاڪسار طبع جو انسان هو. گرد و نواح جا ماڻهو سندس گهڻو معتقد هئا ۽ سندس ڪرامت جون ڳالهيون اڃا تائين زبان زد عوام آهن. سندس ڳوٺ نصرپور جو شهر آهي، جو ٽنڊي الهيار کان 8 ميل ڪسيانه يا نصرپور روڊ اسٽيشن ڪان تي ميل آهي. سندس مقبرو به اتي ۽

رباني شيخ احمد سرهندي رحه جي اولاد جو ڏاڍو ادب ۽ خيال رکندو هو. هندو توڙي مسلمان هن بزرگ کي هڪجهڙو مڃيندا، عزت ڪندا ۽ دعائون پنندا هئا.

ٻه شاديون ڪيون هئائين، هڪ پنهنجن عزيزن صديقي خاندان مان ۽ ٻي پڇاڙي جمار ۾ ٻه هڪ شادي ڪيائين. پهرينءَ مان هڪ فرزند مخدوم احمد تولد ٿيو جنهن جو مشهور فرزند مخدوم بصرالدين عليه الرحمت ٿي گذريو آهي. ٻي شاديءَ مان هڪ فرزند ميان محمد صادق ٿيو. مخدوم صاحب پنهنجن عزيزن جي اولاد مان ڪن ننڍن نوجوانن کي سبق پڙهائيندا هئا. (پاڻ) جيد عالم ۽ صوفي بزرگ ۽ سيوهڻ جي قضا جو مالڪ هو مگر تصوف جي غلبي سبب فتويٰ يا قضا جو شغل گهٽ جاري رکيائين.

حضرت استاد حاجي حسن الله پاٽائي رحه روايت فرمائي، ته هڪ دفعو مخدوم حاجي فضل الله پاٽائي مخدوم محمد صاحب سان گڏ وينل هو ته ايتري ۾ هڪ ماڻهوءَ اچي پڇيو ته کوهه ۾ ڪتو مئو پيو آهي، ڪيترو پاڻي ڪڍيو وڃي. جيستائين حاجي صاحب پاٽائي جواب ڏئي تيسين مخدوم محمد صاحب فرمايو، ته حديث ۾ آيو آهي، ته "الماء طاهر لا يجنسه شيءِ" يعني پاڻي پاڪ آهي، ان کي ڪا به شيءِ پليد ڪري نٿي سگهي. آخر ۾ حاجي صاحب پاڻ مسئلي جو جواب ائين ئي ڏنو جيئن فقه جي ڪتابن ۾ آيل آهي. مگر هن بزرگ جو رستو بالڪل سڌو هوندو هو.

ٽالپرن جي زماني ۾ جيئن سندس ڏاڍي بزرگ مخدوم عبدالواحد سيوستانيءَ ۽ سندس والد مخدوم محمد عارف لاءِ نذرانا ۽ سوکڙيون ايندون هيون، سندس اوائل جوانيءَ جي زماني ۾ مير حسن علي خان ٽالپر حيدرآبادي پنجاهه رپيا نذراني طور خدمت ۾ موڪليا ۽ هيٺيون خط به ارسال ڪيو:

> مخدوم صاحب مهربان، ولايت و ڪرامت نشان، غواص بحر عرفان، شناور دريائی ايقان، مخدوم محمد ساکن سيوستان!
>
> خدا جل شانه آن ولايت نشان را ابدا بر فيض مامور فرموده است لهذا اميواريم که درين وقت متوسل حضرت سيد قلندر لعل شهباز عليه الرحمة مدام مدد دعاء خير عافيت در حق اين جانب ارزان فرمايند. مبلغ پنجاه روپيه در وجه خيرات نذرانه ارسال خدمت است و اميد که خواهد رسيد، و بموجب اشارد آن ولايت نشان هر انفاس متبرکه را خداى تعالى آفريده، اين جانب از آن بامنيت، خاطر بطمانيت دارند. از جانب احمد على سلام دعا بدرجه اجابت رسند. 12 شعبان سن 1281هه (1864ع) مير محمد حسن على

مخدوم صاحب کي جڏهن اهو خط پهتو تڏهن خط پڙهي پنجاهه رپيا واپس ڪندي فرمايائين، ته رسول الله ﷺ صحابه ڪرام جي دشمنن جو نذرانو نه گهرجي.

ايڏي باڪمال عارف ڪامل نقشبندي طريقي جي مرشد بزرگ 15 رمضان شريف

سن 1316هه (1898ع) 76 سالن ۾ وفات فرمائي سيوهڻ ۾ پنهنجي خانداني مقبري ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

**قطعہ تاريخ از ميان محمد صالح سيوستانی**

حضرت مخدوم محمد رهبر راد هدی
جاذب قلب خلائق سوی اوج اهتدا
عالم و عارف، ولی الله، ستون فيض حق
جامع حسب و نسب، خورشيد چرخ اتقا
مرد ميدان توکل، مست جام معرفت
حاجی و حافظ، حدود الله، فخر اتقيا
کاتب قدرت بلوح قلب پاکش برنگاشت
صد هزاران نکته چون برگ و توکل بی ريا
دعوتش از آسمان استجابت رد نبود
زانکه باب طبع او مسدود بود از ما سوا
چون ندای ارجعی را قاز جناب حق شنيد
زد چو شاهان جهان اندر فضا جنت لوا

---

[1] سيوهڻ جي مخدوم صاحب جو نسب نامو هن طرح بيهي ٿو:

- شيخ شهاب الدين سنڌي سهروردي (803هه-894هه)- شيخ معروف پاٽائي (844هه-907هه) شيخ رڪن الدين پاٽائي (875هه-952هه)- شيخ الاسلام يوسف سنڌي محدث پاٽائي (ولادت 910هه)- شيخ قاسم پاٽائي برهانپوري (962هه-981هه)- مسيح الاوليا شيخ عيسيٰ جندالله برهانپوري (862هه-1031هه)- شيخ شهرالله رمضان (976هه-7 101هه) (برادر محدث فتح محمد صاحب مفتاح الصلوٰة) -مخدوم حسن قاري (990هه- 1082هه)- شيخ عيسيٰ ثاني پاٽائي (1004هه -107هه)- مولانا محمود سهروردي (1085هه-1019هه)

|

عبدالرحمان[1]

|

مفتي الاسلام فخرالدين عبدالواحد ڪبير پاٽائي (صاحب ڪشف الاسرار) (1047هه: 1637ع-1123هه: 1711ع)

|

مخدوم دين محمد (وزير ۽ مفتي حاڪمان ڪلهوڙه) (1113هه: 1701ع-1192هه: 1778ع)

مخدوم محمد حسن قاري
(متوفي: 1220هه: 1805ع)

قاضي محمد احسن مخدوم عبدالواحد صغير
نعمان ثاني صاحب بياض
(1150هه: 1737ع 14 رمضان 1224هه: 1809ع)

---

[1] هي نالو ڪرسي نامي ۾ آهي. جيڪو مخدوم محمود حسن بن مخدوم نصيرالدين هٿ اڪرين مهر سان لکي ڏنو آهي ۽ مون وٽ آهي.

پانزده تاريخ بگذشت از مه رمضان شريف
کآن جناب از دار فاني کرد آهنگ لقا
عمر آن شاه ولايت از وفا بي پا ببين
چون وفا در عمر دنيا ، نيست پايش ، شد رها
با سر زاري بگفته صالحش سال وصال
جامع علم و معارف کاشف رمز هدی

## 112- خواجه نظام الدين مجددي شڪارپوري

ملقب به قطب جهان و سراج الاولياء بن خواجه غلام محي الدين بن خواجه محمد صادق بن خواجه غلام محمد ملقب به معصوم ثاني بن خواجه محمد اسماعيل بن خواجه صبغة الله ابن عروة الوثقي خواجه محمد معصوم - بن حضرت امام رباني خواجه احمد سرهندي مجدد الف ثاني قدس الله اسرارهم.

خواجه نظام الدين جي ولادت با سعادت پشاور جي شهر ۾ ٿي ۽ ننڍي هوندي پنهنجي ڏاڏي بزرگ جي نظر عنايت هيٺ تربيت ۽ تعليم حاصل ڪيائون. تصوف ۽ سلوڪ جون منزلون طيءِ ڪيون. ڪجهه وقت ڪانپوءِ خواجه غلام محيٰ الدين سندس والد، سفر حج جي ارادي سان روانو ٿي سنڌ ۾ وارد ٿيو. ساڻس ٻه فرزند به هم رڪاب هئا:

1- خواجه نظام الدين

2- خواجه فدا محي الدين

قنڌار جي امير تيمور بن احمد شاه ابداليءَ پاران ان زماني ۾ شڪارپور جو حاڪم نواب مولاداد افغان هو. خواجه غلام محي الدين جو ڏاڍو معتقد هو سو پڻ سفر حج ۾ ساڻن هم رڪاب ٿي نڪتو. جڏهن اهو قافلو حيدرآباد سنڌ ۾ پهتو ۽ خواجه صاحب جي ڪرامت ۽ ولايت جو غلو بلند ٿيو، تڏهن ڪيترائيءَ ماڻهو سندس حلقي ارادت ۾ اچي جمع ٿيا.

ان زماني ۾ حيدرآباد جو ٽيون نمبر حاڪم مير ڪرم علي (مير فتح علي خان فاتح سنڌ جو ڀاءُ) تازو وفات ڪري چڪو هو[1]. ماڻهن ۾ مشهور هو، ته مير ڪرم علي جي قبر ڪي اندران ئي اندران باهه لڳل آهي ۽ قبر مان دونهون اچي رهيون آهن. مير ڪرم علي خان جي عزيزن مان هڪ صاحب ارادو ڪيو، ته خواجه صاحب جي خدمت ۾ پهچي مير صاحب لاءِ دعاءِ مغفرت گهرائي وڃي. پر خواجه صاحب پنهنجن خادمن کي حڪم ڪيو، ته فلاڻو ماڻهو اچي رهيو آهي، ان کي مون تائين اچڻ نه ڏجو، جنهن جي

[1] وفات 1244هه (1828ع)

خادمن تعميل ڪندي مير ۽ سندس ماڻهن کي موٽايو ويو. مير ڪرم علي جي معصوم نياڻي بي بي جندوءَ کي جڏهن اها سڌ ملي تڏهن قرآن شريف ميڙ ڪري خواجه صاحب جي خدمت ۾ اچڻ جو ارادو ڪري نڪري پيئي. خواجه صاحب کي ڪشف جي طور بيبي جندوءَ جو اچڻ معلوم ٿيو. خادمن کي حڪم ڪيائين، ته بي بي صاحبه کي رستي تان موٽايو ۽ کيس اسان وٽ اچڻ جي تڪليف نه ڏيو، کيس تسلي ڏيو، ته انشاءَ الله تعاليٰ اها تڪليف دور ٿي ويندي. ان کان پوءِ خواجه صاحب مير ڪرم علي جي قبر تي اچي مراقبو ڪيو ۽ حڪم ڪيائين، ته منهنجي قبر به تيار ڪئي وڃي. برابر 3 ڏينهن مير جي قبر ڏي متوجه رهيو ۽ پنهنجي قبر به اتي ئي لڳو لڳ ٺهرائي ان ۾ سمهي خاطري ڪري، پوءِ 3 ڏينهن وضو ڪري نفل شروع ڪيائين ۽ سجدي جي حالت ۾ پنهنجي جان جان آفرين جي سپرد ڪيائين.

خواجه صاحب جي اها ڪليل ڪرامت ڏسي سنڌ جا سوين ماڻهو حلقه ارادت ۾ داخل ٿيا. هڪ طرف ميرن جي خاندان ۾ پريشاني هئي، سا خوشيءَ سان مبدل ٿي ۽ ٻئي طرف هي حرمين ڏانهن ويندڙ مسافرن جو قافلو يتيم ٿي پيو. ميرن قدر شناسي ڪري، خواجه غلام محي الدين جي صاحبزادن لاءِ 25 هزار ايڪڙ جاگير مقرر ڪئي ۽ ڪن تعلقن ۾ سندن سان صاحبزادن کي حيدرآباد مان واپس آڻي شڪارپور ۾ رهايو ويو، جن مان خواجه نظام الدين شڪارپور ۾ رهيو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ خواجه فدا محي الدين شڪارپور جي ٻاهران پنهنجو ڳوٺ ٻڌرايو.

خواجه نظام الدين جي رهڻ لاءِ شڪارپور جي علوي خاندان جي بزرگن پنهنجون جايون ۽ حويليون خالي ڪري ڏنيون جتي نقشبندي طريقي موجب ذڪر اذڪار ۽ تلقين جو سلسلو جاري رکيو ويو. چيو وڃي ٿو، ته باوجود جاگيرن ۽ معتقدن جي نذرانن جي پاڻ فقير ۽ درويشيءَ ۾ گذاريندا هئا، دنيا وغيره ڏانهن ڪو توجه ڪونه هوندو هئن. جاگيرن جي آمدني سموري سندس ننڍي ڀاءُ جي حوالي هوندي هئي ۽ ان کان ڪڏهن به حساب ڪتاب ڪونه پڇيو ويندو هو پر هن صاحب جو به ايڏو مهمان خانو هوندو هو جو زمينات جي آمدنيءَ کانپوءِ، ڪڏهن ڪڏهن گهرج پوندي هئس ته، وڏي ڀاءُ خواجه نظام الدين وٽ ايندو هو ۽ چوندو هو ته خرزين ناڻي جي پري ڏي، ته پوءِ ڪاڏو ڪائيندس، نه ته فاقي ۾ رهندس، آخر جڏهن ايتري دولت پلئي پوندي هئس تڏهن راضي ٿيندو هو.

شڪارپور ۾ هڪ سيٺ نيوند مل رهندو هو، جو خواجه صاحب جو بيحد معتقد ۽ سندس مريد هو، چئن حويلين جو خرچ ۽ مهمان خاني جو پورائو ۽ ٻي سموري ڏيتي ليتي هن جي ذمي هوندي هئي. نيوند مل جيترو به قرض ڪٽي ڪم هلائيندو هو، سو سال

جي چوٿيءَ (آخر ۾) تي سيني لهڻيدارن کي ادا ڪري ڏيندو هو. سيٺ نيوندمل جو چوڻ هو ته سال پوري ٿيڻ ۾ حساب چڪتو ڪرڻ واري رات خواجه صاحب پراڻا ڪاغذ گهرائي انهن کي ٿينچيءَ سان ريبن جي گولائيءَ جيڏا ڪترائي حجري ۾ اڇلارائي ڇڏيندو هو. صبح جو چار ماڻهو اتان مُنيون ڪٺي اچي گلم تي سندس خدمت ۾ اُڇلائيندا هئا، پوءِ سيٺ نيوندمل سيني لهڻيدارن کي حڪم ڪندو هو ته جنهن جو جيترو به حق هجي اتان کڻي وٺي وڃ. ڏيک نه کٽي، پوءِ جيڪي ڪجهه باقي بچندو هو، سو سيٺ نيوندمل جي حوالي رهندو هو.

معتبر ذريعي سان بيان ڪيل آهي، ته علوي خاندان جي ٻاهرين ڪوٽ لڳ هڪ تلاءُ هوندو هو. خواجه صاحب رات جو روزانو اتان وضو ڪري پوءِ ياد خدا ۾ مشغول رهندو هو. هڪ رات اتي ڏٺائين ته هڪ ماڻهو سياري جي سرد رات ۾ تلاءُ جي ٿڌي پاڻيءَ ۾ بيٺو ڪجهه پڙهي رهيو آهي. پڇيائينس ته: هي ڇا ڪري رهيو آهين! هن چيو ته: سائين سوره ياسين جو عمل ڪنهن بزرگ ڏسيو آهي، سو ان ريت پڙهي رهيو آهيان! خواجه صاحب فرمايو ته: هٿ جي مُٺ کي ڇو پڪوڙيو اٿني؟ چيائين ته: سائين پڙهندو ان تي دم ڪندو وڃان ٿو! فرمايائينس ته: سوره ياسين جوڙ به يا ٽي آيتون پڙهي هاڻي مُٺ تي دم ڪر ۽ پوءِ مُٺ کولي ڏس! هن ائين ڪيو، ڇا ڏسي ته سموري مُٺ خالص سون سان ڀرپور هئي.

خواجه صاحب جن فرمائيندا هئا، ته عمليات وغيره ڪجهه به نه آهن. اصل مقصد الله تعاليٰ جي بندگي ۽ سندن رضا آهي، بس ۽ اهائي تعليم سندس جدا امجد جي ڪيس ورثي ۾ ملي هئي. سندس مقولو آهي ته:

> "آنچه بر ما فقيران لازم است دوام ذل است و افتقار و انکسار و تضرع و التجا و اداي وظائف عبوديت و محافظت حدود شرعيه و متعابعت سنت سنيه"

اهوئي سندس اصول هو ۽ انهيءَ تي ئي سموري زندگيءَ جو پروگرام يا دستور العمل ناهيائين ۽ ان تي هلندو رهيو. پاڻ خانداني ورثي موجب فارسي شعر به چوندو هو. ڪجهه غزل ۽ مناجاتون هن وقت به موجود آهن، جن مان نموني طور هڪ مناجات جا چند شعر هيٺ ڏجن ٿا:

گناهاتيکه من دارم نمی گنجد به تحريری
اگر عمر ابد باشد نمی آيد به تقريری
درختان جملگی کاغذ، سياهی گر شود دريا

نيستان ڪلک گر گرده کجا آيد به تسطيری
ز احوال درون خود ، بسی شرمندگی دارم
شياطين وش مقيد گشت نفس من به زنجيری
کريم است و رحيم است و غفور و جرم بخش کل
بجز فضلش شکسته دل نيابد هيچ تعميری
شفيعم هست چون احمد ندارم غم ز عصيانها
بود الطاف او ياور به اين مسکين دلگيری
نظامی غم مخور می باش بر لا تقنطوا خرم
برت اين مزده کافی هست از قرآن تفسيری

سندس تصنيفات مان ڪتاب:

1- اسرار رموز نقشبنديه: [1] موجود آهي، جنهن ۾ نقشبندي طريقي جي خوبين ۽ تصوف جي اسرارن جو بيان ٿيل آهي ۽ نقشبندي مشائخ طريقت جا حالات به آهن. ان کانسواءِ پيا به ڪتاب آهن جي نا ياب ٿي چڪا آهن.

خواجه صاحب جي وفات قريب ٿيندي وئي، ته پاڻ سيني دوستن کي ان جو اطلاع ڏنائين ۽ علوي خاندان جي ميرن کي چوائي موڪيائين، ته فقير جو لاڏاڻو آهي. تنهنڪري مقبري لاءِ ڪنهن مناسب هند تي جاءِ جو بندوبست ڪريو. جنهن لاءِ علوي بزرگن لکي دروازي تي پنهنجي ملڪيت مان هڪ جاءِ جو ٽڪر مقرر ڪيو. آخرين ملاقات لاءِ هزارين ماڻهو ايندا رهيا. ان موقعي تي سندس موديءَ سيٺ نيوندمل به اجازت گهري، ته مون کي به حُجري ۾ اچڻ جي اجازت ڏني وڃي، ته پوئين ملاقات ڪريان. نيوندمل اڌ ڪلاڪ اڪيلائيءَ ۾ ملڻ کان پوءِ ٻاهر نڪتو ته سندس منهن تي روشنائي جي چمڪ ڏسڻ ۾ آئي ٿي ۽ بيحد خوش هو. باطن ۾، ته اڳ هو اسلام سان مشرف هو، پر آخرين توجه سان هن کي معرفت جو چسڪو به پياريو ويو. اهو ملاقات جو آخري ڏينهن جمعي جو هو، پاڻ ڇنڇر جي صبح جو 17 رجب 1273هه (1856ع) ۾ الله تعاليٰ جي رحمت ۾ وڃي شامل ٿيو ۽ لکي دروازي تي مقرر ڪيل جاءِ تي سندس جسم مبارڪ کي سپرد خاڪ ڪيو ويو [2].

---

[1] ٻيون ڪتاب- مخمس ڪريما- سندس تصنيف آهي. تڪمله مقالات 599

[2] ڏسو تصوير 25-26 تڪمله مقالات ۽ حالات ساڳئي ڪتاب ۾ ص 599

### قطعه تاريخ وفات

صبح شنبه به هفدهم رجب — گفت خلد آشيان نظام الدين
صالحا سال رحلتش بشمار — بود قطب جهان نظام الدين [1]
1273هہ

خواجہ صاحب کي ڪل 9 فرزند هئا ، جن مان وڏو فرزند خواجہ امام الدين [2] سجادگيءَ جي مسند تي وهاريو ويو ، جنهن جو ذڪر باب الف ۾ گذري آيو آهي.

## 113- خليفو محمد يعقوب همايوني

هن عالم فاضل جو تولد بلوچستان جي ڳوٺ ڇٽ ۾ ٿيو. يتيم هو ۽ انهيءَ حالت ۾ طالب علمي ڪندو رهيو. آخر وقت جي وڏي عالم ۽ فياض مولانا عبدالحليم صاحب ڪنڊي واري جي خدمت ۾ علمن حاصل ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو [3] ، چيو وڃي ٿو ، تہ مولانا

---

[1] هي ڪتبو مقبري جي در مٿان لڳل آهي. محمد صالح وزيرآبادي قطعات تاريخ جو پورو ديوان مرتب ڪيو آهي. جنهن ۾ 79 قطعه آهن جن ۾ 1115 بيت آهن. تڪمله ۾ راقم (حسام الدين) تاريخ وارا بيت سيپيني ڏني چڙيا آهن ، ص 601 کان 615- اهو ديوان مرحوم آغا بدرالدين خان درانيءَ جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

[2] امام الدين جو احوال اڳي چڪو آهي.

[3] هيٺئين روايت قاضي جان محمد روهڙيءَ واري ۽ سائين تراب علي شاه مرحوم قنبر واري جي زبانيءَ منهنجي برادر محترم پير علي محمد راشدي پنهنجي يادداشت ۾ نقل ڪئي آهي:

1- **روايت قاضي جان محمد**: اصل ڪنڊي (نزديڪ بيل پٽ) جو باشندو هو ، وڏو عالم فقير ۽ حافظ هو. طريقو سندس قادري سروري هو. محمد پور پني عاقل جي بزرگن جا شاگرد هو. محمد پور واري بزرگ جو نالو محمد صديق ذات جو سيهڙ هو. بيعت بہ انهن جي هٿ تي ڪيائين ، جن جو سلسلو سلطان باهوءَ سان ملي ٿو. مجرد رهيو. 30-35 ورهيہ قاضي غلام محمد بن قاضي جان محمد ثالث جي اوطاق ۾ رهيو. اتي درس ڪونہ ڪرائيندو هو. سندس باطني شاگرد خليفو محمد يعقوب (مولوي عبدالغفور همايوني جو والد) هوندو هو. پاڻ چوندو هو تہ:

-- اسان وٽ جيڪا امانت هئي سڀ محمديعقوب لٽي ويو! ڏاڏهن ڪڏهن ٻني ٻني مهينا پنهنجي وطن ڪنڊي ڏانهن هليو ويندو هو. ڪنڊي ۾ بہ سندس پاڻ جو اولاد آهي. هينئر مولوي عبدالرحمان آهي.

قاضي ميان عبدالڪريم عرف حسين بخش (راويءَ جو اولاد) ان وقت 7-8 ورهين جو هو. جنهن اوطاق ۾ مولوي صاحب رهندو هو ، اتي آخوند عبدالعليم نالي هڪ صاحب درس ڏيندو هو. ميان حسين بخش مڪتب ۾ وڃڻ وقت روئيندو هو ، مولوي صاحب ڇيچ ڪان وٺي چوندو هئس:

حسن بندهٔ خالق گردگار — که هر روز گریه کند زار و زار

تصنيف ڪانہ ڪيائين پر ڪتاب جي هڪ ورق تي دل جي تصوير پنهنجي هٿ سان ڪڍي هئائين جنهن ۾ تصوف جي اصولن جي مطابق الله ۽ محمد جو نالو لکيو هئائين. اها تصوير قاضي جان محمد ولد قاضي عبدالڪريم (راوي) روهڙي واري وٽ آهي.

عمليات ۾ سخت دخل هوندو هئس. هڪ دفعي مير رستم خان ٽالپر نائچن جي ڳوٺ ۾ (جيڪو هاٿوڪيءَ بيراج واري پل جي پريں ڪناري تي آهي) اچي لٿو. مولوي صاحب قاضي غلام محمد

عبدالحليم کي خواب ۾ حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضہ ارشاد ڪيو، تہ محمد يعقوب جي پارت اٿوَ. خواب ۾ خليفي جي صورت ۾ مولانا کي ڏيکاري وئي. صبح جو مولانا صاحب ڳوٺ کنڊي کان ٻاهر نڪري خليفي صاحب جي استقبال لاءِ وڃي بيٺو، جڏهن هي نوجوان طالب علم پهتو تڏهن مولانا صاحب نهايت عزت ۽ احترام سان ڪيس وٺي مدرسي ۾ داخل ڪيو، پوري محنت ۽ تحقيق سان ڪيس پڙهائيندو رهيو ۽ سيني علمن ۾ يگانہ روزگار بڻايو. پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي مدرسو سندس حوالي ڪري پنهنجو

* ڪي ڇيو، تہ اڄ توکي هڪ ڪرشمو ڏيکاريون ٿا. رستم خان جنهن جو تون ملازم آهين ان کي هٿ گهرايون ٿا. هڪ تعويذ لکي ڪٽ جي پائي هيٺان رکيائين ۽ گلم وڇارائي ڇڏيائين، ٿوري دير ۾ رستم خان هڪ ڪنجڪيءَ سان گهوڙي تي چڙهي اچي لٿو. مولوي صاحب سان خوش خير و عافيت ڪري سڪوت ۾ ويهي رهيو. ڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪانہ ٿي. ڏهن پندرهن منٽن کان پوءِ مولوي صاحب تعويذ ڪٽ جي هيٺان ڪيارائي ڇڏيو. مير صاحب هڪدم بنا موڪلائڻ جي هليو ويو. قاضي غلام محمد سوال ڪيس تہ ڇو اوهان کان مير موڪلائي نہ ويو؟ مولوي صاحب چيس تہ جبراً آيو هو، وقت جا حاڪم آهن، اسان سندن رعيت آهيون، جي نہ موڪلايائين تہ فڪر نہ آهي.

انتقال کان 5-4 مهينا اڳ ميان جنيد روحاني واري مقبري تي ختمي چوڻ لاءِ قاضي غلام محمد سان گڏجي ويو. هاٿوڪيءَ قبر واري جاءِ تي ويهي پاڻ فرمايائين تہ هن جاءِ تي هڪ مسافر دفن ٿيندو. غلام محمد عرض ڪيس، تہ مان بہ ان مسافر جي پرسان دفن ٿيان. پاڻ چيائين: خدا جي اختيار ۾ آهي! سندس وصال بعد ڪيس اتي رکيائون. قاضي غلام محمد ان جي پرسان پنهنجي قبر ٺهرائي پٽن کي وصيت ڪيائين تہ جڏهن مران تہ مون کي ان قبر ۾ دفن ڪجو. مگر قدرت الاهيءَ جو قاضي غلام محمد جو ٻيون نمبر پٽ قاضي پير بخش (متوفي: 21 رجب 1267هہ: 1850ع) پيءُ جي جيئري فوت ٿيو، جنهن کي ان قبر ۾ رکي ڇڏيائون پوءِ قاضي غلام محمد جي قبر ٽئين نمبر ۾ ٿي.

مولوي صاحب جو انتقال 9 محرم 1234هہ (1818ع) ۾ ٿيو.

2- **پير تراب علي شاهہ سائين جي روايت:** حافظ ميان عبدالحليم مولوي ميان محمد ڪامل ڪتبارن(1) واري جي هٿ تي بيعت ڪئي هئي. حافظ ڪامل جي فرزند خواجہ محمد حسن جي هٿ تي، مولوي غلام صديق شهداد ڪوٽيءَ جي والد مولوي نور محمد جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ خواجہ محمد حسن جي فرزند مولوي غلام حيدر صاحب جي هٿ تي مولوي غلام صديق پاڻ بيعت ڪئي.

مولوي نورمحمد مذڪوره حافظ عبدالحليم صاحب جو شاگرد هو. حافظ عبدالحليم جو اولين استاد مولوي حافظ نورمحمد ياڳ جو هو، ان کانپوءِ مولوي نورمحمد (آريجن تعلقي ڏوڪري) واري وٽ آيو، جنهن چيس تہ عاقل شاهہ هالائي وٽ وڃو ۽ پوءِ اتي وڃي پڙهيو.

حافظ عبدالحليم صاحب جو چوڻ هو، تہ توضيح ۽ تلويح (علم اصول) جي عرش تي جيئن مان پڻ تي هلندو آهيان پير صبغت الله بہ ائين هلندو آهي.

حافظ صاحب ذات جو جويو هو ۽ علم دعوت ۾ ايتري مهارت هوندي هوس جو قبر تي ويهي ماڻهن کي چوندو هو تہ پنهنجي پٺيءَ ڏانهن ويهي آريار قبر ڏانهن نظر ڪر تہ توکي مردو ڏسن ۾ ايندو ۽ ساڻس گفتگو ڪري سگهندين. (روايت 1933ع)

---

(1) مولوي محمد ڪامل ڪتباري (1150هہ: 1737ع-1239هہ: 1823ع) ۽ سندن فرزندن مولانا محمد ڪتباري (متوفي 1255هہ: 1839ع) مولانا ميان محمد حسن ڪتباري (1198هہ: 1783ع-1274هہ: 1857ع) لاءِ ڏسو الرحيم مشاهير نمبر ص 99 تڪان 111.

خليفو بنايو جو سيني شاگردن کي درس ڏيندو رهيو.

مولانا عبدالحليم جو تعلق مير حيدر ابڙي سان هو. ان زماني ۾ خان قلات ۽ حيدر خان ابڙي بلوچستاني، جو ڪن ملڪي ڳالهين تي اختلاف ٿي پيو جنهنڪري مير حيدر خان بلوچستان مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيو، ته مولانا صاحب سمورن شاگردن ۽ مدرسي سميت حيدر خان سان سنڌ هليو آيو. جڏهن مولانا همايون کان لانگهائو ٿيو تڏهن همايون جي زميندار رئيس غازي خان سومري جي استدعا تي اتي ئي رهجي پيو. چون ٿا، ته انهيءَ زماني ۾ همايون ۾ اوچتو ماڻهن جي گهرن کي باهيون لڳنديون هيون. مولانا جي تشريف آوريءَ سان اهي بند ٿي ويون، جنهنڪري مولانا جي آمد کي ماڻهن غنيمت سمجهيو. مولانا مرحوم همايون ۾ تورو وقت رهي پوءِ روهڙيءَ ۾ وڃي رهيو، پوئتان درس تدريس جو سمورو ڪم خليفي محمد يعقوب جي حوالي رهيو. سندس علمي شهرت دور دور پهچڻ لڳي، جنهنڪري ڪيترا شاگرد خليفي صاحب جي حلقہ درس ۾ اچي شريڪ ٿيا ۽ ڪيترا فيضياب ٿي ويا. سندس مشهور شاگردن مان هيٺيان علماء ڪرام آهن:

1- مولانا نورمحمد صاحب شهداد ڪوٽي
2- مولانا عبدالله صاحب رستمي
3- مولانا عبدالقادر قاسم پوري (پنهواري)
4- مولانا عبدالرحمان سڪري
5- مولانا سلطان محمود صاحب سيت پوري
6- مولوي قادر بخش صاحب مهاجر مڪي وغيره.

حضرت خليفو محمد يعقوب صاحب شرعيت جو نهايت پابند هو ۽ سندس وقت ۾ همايون شهر ۾ ڪوبہ ماڻهو بي نمازي ڪونہ هوندو هو. بي نمازين لاءِ مسجد جي دروازي تي ڪاٺ پيل هوندا هو، جتي نماز جي تارڪن کي سزائون ڏنيون وينديون هيون. درس تدريس جي شغل ۾ سموري زندگي گذاري هي بزرگ 15 ذي القعد جمعي رات سال 1273هہ (1856ع) ۾ وفات فرمائي ويو. سندس تاريخ وفات سندس هڪ شاگرد مولوي محمد علي نالي هيٺين ريت چئي آهي:

**قطعه تاريخ**

حضرت يعقوب نيڪو نام بود — در تمامي علمها علام بود
در همايون به همايون سايه اش — ظل فيضش فرق خاص و عام بود
صدر تخت عالمان دين بگو — خاتم الخلفاء در اسلام بود
بيست و پنجم از مه ذی قعده بود — نيز ليل سيدالايام بود
چونکه من کردم سوال از پير عقل — رحلت او در کدامين عام بود
او ز عام وصل او تاريخ گفت — وه چه وی در پای فيض عام بود

1273هہ

# 114- پير سيد محمد ياسين راشدي جهنڊي وارو

سيد محمد ياسين بن سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) رحمة الله تعاليٰ عليهم.
هي بزرگ حضرت روضي واري جو ٻيون نمبر فرزند هو. جنهن سان والد بزرگ جو زياده پيار ۽ خصوصي توجهه هو. اوائلي علم ۽ درس پنهنجي والد جي خدمت ۾ رهي حاصل ڪيائين ۽ ان کانپوءِ قادري ۽ راشدي طريقي جي تڪميل به پنهنجي والد وٽ ڪري وقت جي وڏن ڪاملن جي درجي تي پهتو. حضرت پير سائين روضي وارن جي وفات کانپوءِ جڏهن وڏن پائرن ۾ ڪجهه اختلاف ٿيو، ته هيءُ بزرگ پير جو ڳوٺ (ڪنگري) ڇڏي پهريان رحيم ڏني ڪلهوڙي جي ڳوٺ ۾ اچي مقيم ٿيو. مگر اتان وري وڏي ڀاءُ پاڳاري يعني حضرت پير صبغت الله رحه ڪيس موٽائي آندو. ان کانپوءِ وري هجرت ڪيائين ۽ فريدآباد لڳ ڏوڪريءَ ۾ اچي مقيم ٿيو. ان کانپوءِ ٺلاهه ۾ باقرائي جي لڳ سڪونت اختيار ڪيائين. آخر ۾ ڳوٺ پير جهنڊي تعلقي هالا ۾ اچي مقيم ٿيو.

جدا جدا هنڌن تي هجرت ڪري ويهڻ سبب پاڻ "پير سائين جائن وارو" جي لقب سان مشهور ٿيل آهي. ٻئي طرف وري پير سائين روضي ڌڻي رحه ڪيس هڪ جهنڊو عطا ڪيو هو، اسلامي جهاد لاءِ، اهو جهنڊو بلند رهندو اچي. انڪري 'پير سائين جهنڊي' [1] واري جي لقب سان به مشهور ٿيو. اهو جهنڊو اڄ تائين هن خاندان ۾ موجود آهي، جيئن سندس وڏا سوٽاڻ 'پاڳارن' جي خطاب سان مشهور آهن، تيئن هي خاندان 'جهنڊي وارن' جي لقب سان مشهور آهي.

هي صاحب وڏو ترڪ ۽ توڪل جو مالڪ هو، رضا ۽ تسليم جو مجسمو هو، الاهي رضا ۾ فنا جي درجي کي پهتل هو. توڪل جي هيءَ حالت هئي جو فاقن تي فاقا پهچندا رهندا هئا مگر ڪنهن کي به ڪڏهن سوال نه ڪيائين. جماعت کي ياد الـهيءَ جي تربيت ڏيندو ۽ ذڪرن ۾ مشغول رکندو ايندو هو، نماز جي پابندي ۽ قادري طريقي جي ذڪر جو سخت انتظام ۽ اهتمام هوندو هو. سنڌي زبان ۾ ڪڏهن ڪڏهن 'ڪافيون' به چوندو هو جن ۾ تصوف ۽ عشق الـهيءَ جون رمزون بيان ڪيل آهن[2].

هن بزرگ جي اُٿڻي ويهڻي ۽ گفتگو هڪ ڪتاب جي صورت ۾ جمع ڪيل آهي، جنهن کي پير حاجي هدايت الله صاحب ٺلاهي [3] سندس ننڍي فرزند جمع ڪيو هو

---

[1] هي پير سائين صاحب العلم اول آهي.

[2] سندس ملفوظات ۽ ٻيون ڪتاب "صراط الطالبين" پير سائين جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ آهي. اهو ڪتاب فارسيءَ ۾ قادري طريقي جي ذڪر ۽ فڪر ۾ آهي.

[3] ڏسو صفحو 205.

از سنين عمر چون ڪردم صدا — اين فدا آمد ڪه: او ماه همدئ

62

دل بآه و ناله بعدالبعد منه — گفت: آه باالله رضي الله عنه

1275ھ

## 115- مولوي الحاج محمد هالائي

سندس آباء و اجداد اصل بوبڪ ضلعي دادوءَ جا باشندا ۽ 'بوبڪائي آخوند' سڏبا هئا. ڪجھ وقت کان هجرت ڪري اچي هالن ۾ رهيا هئا. مولانا مرحوم جي ولادت هالن پراڻن ۾ تاريخ 27 رمضان المبارڪ شب قدر 1276ھ (1859ع) تي ٿي. ايام طفوليت ۾ ئي ڪيس علم جي طلب جو شوق افراط سان پيدا ٿيو، تنهنڪري پاڻ نون هالن ۾ عربي نصاب جا ابتدائي ڪتاب حضرت خليفه حافظ عبداللطيف صاحب رحمة الله عليه جن وٽ پڙهڻ شروع ڪيائين. ڪيس شب خيزي جي عادت 8-9 سالن جي عمر کان وٺي هئي، تنهنڪري پاڻ رات جو هميشه گهٽي قدر علم جي ياد ڪرڻ تي محنت ڪندو هو. هالن مان سڌو غربت ۽ مسڪيني جي حالت ۾ پاٽ ضلعو دادوءَ جي مدرسي ۾ مولانا مرحوم حسن الله صاحب پاٽائيءَ وٽ تعليم وٺڻ لاءِ روانو ٿيو، جتي ٿورو وقت تعليم وٺي، جڏهن ڪيس معلوم ٿيو، ته هالن جي نزديڪ حيدرآباد سنڌ ۾ مولانا محمد حسن صاحب قبله ڪنڊي واري وڏو مدرسو کوليو، ته هڪدم اچي ان مدرسي ۾ داخل ٿيو. اتي هن روحاني ڪماليت سان سمورا درسي ڪتاب پڙهي نصاب ختم ڪيائين ۽ سندس دستاربندي اتي باقاعدي ٿي چڪي. ان کان بعد پنهنجي شفيق استاد جي اجازت سان حيدرآباد جي نزديڪ ٽنڊي مير نورمحمدخان ۾ جدا مدرسو کولي عربي علم جي تعليم ڏيندا رهيا. 2-3 سال اتي رهي وري سندس والد جي حڪم موجب ڪيس پنهنجي وطن ۾ اچڻو پيو ۽ اتي به نهايت همٿ سان مدرسو کولي عربي علم جي تعليم ڏيڻ لڳا ۽ سنڌ جي مختلف اطرافن مان ڪيترا پرديسي مسافر طالب به سندن درس علم ۾ اچي داخل ٿيا. قضا سان سندس والد ماجد جلدئي وفات ڪئي ۽ ان وقت سڄي ڪٽنب ۾ فقط پاڻئي رهيو هو.

ڪيس پنهنجي والد جي ملڪيت متروڪه ورثي طور ملي، جا فروخت ڪري سڀ پنسا پاڻ سان کڻي حج جي ارادي سان ربيع الاول 1309ھ (1891ع) ۾ حجاز شريف روانو ٿيو. اتي پورو هڪ سال رهي حضرت الله آباديءَ جي خدمت ۾ رهي، علم حديث جو مطالعو ڪيائين ۽ اوليات احاديث جا پڙهي کانئس حديث ۽ اصول حديث ۽ ٻين علمن جي اجازت حاصل ڪيائين. اهي اجازت ناما اڃا تائين سندس ڪتبخاني ۾ موجود آهن.

باقي بچيل پنسن مان عربي ڪتابن جو هڪ وڏو ذخيرو مڪي مڪرمہ مان خريد ڪري پاڻ سان ڪٺي اچي پنهنجي وطن ۾ پهتو. اتي د ستور موجب وري بہ تعليم جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو.

